# س.ا.س سٽي سعرڊات ڪام

# اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا

## سفرنامو

(الطاف شيخ)

## ڊجيٽل پبلشر

## سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽي

## (ڊجيٽل ڪتاب) پبلشر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com




هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# انتساب

هڪ دلير ايڊيٽر ۽ عظيم انسان

مرحوم فقير محمد لاشاريءَ

جي نالي

**الطاف شيخ**

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# فهرست


| | |
|---|---|
| 1 | انتساب |
| 2 | پيش لفظ ................................مخدوم جميل الزمان |
| 3 | گهمندڙ ڦرندڙ انسائيڪلوپيڊيا- الطاف- امير ابڙو |
| 4 | ڪراچيءَ کان ڪوبن هيگن تائين |
| 5 | جهازن جو مالڪ ڪنڊ وٺي روئي |
| 6 | هُور ڪرافٽ خچر وانگر وچ جي شيءِ آهي |
| 7 | PIA جا اجر جا ڪم ۽ اسان کان اڳ آيل پاڪستاني |
| 8 | مالمو ۽ ڪوبن هيگن ڪياماڙيءَ ۽ منهوڙي جيان آهي |
| 9 | عقل وڏو يا پاڏو |
| 10 | سمنڊ ۾ ٻُڏي مرڻ پوءِ جي ڳالهه آهي |
| 11 | فارينر کي کهڙي نانگ کاڌو آهي |
| 12 | ڪوبن هيگن کان مالمو- جهازن جا ڪيئي قسم |
| 13 | ڪاغذ ڪٽل آهن |
| 14 | يورپ جي ٿڌي هوا کان برف ڪوسي |
| 15 | ڪنڊياري کان موري لڏي وڃڻ |
| 16 | کهڙي بچاءُ لاءِ ڪتا آهن؟ |
| 17 | هر ڳالهه ۾ اسان پاڪستاني ليٽ |
| 18 | جانور جي کل جي ٽوپ |
| 19 | ڪئپٽن ڪڏهن به رستو نه پلبو آهي |
| 20 | جهاز رانيءَ لاءِ ڇا ضروري آهي؟ |
| 21 | سئيڊن ۾ پهرين عيد |
| 22 | ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي |
| 23 | هن قسم جي يونيورسٽيءَ جي ضرور |
| 24 | ايتري حفاظت ڇو |


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سمهڻ ڪپي يا صفائي 25
ريڊ انڊين ڪان سبق حاصل ڪريو 26
عربن، ايرانين سان گڏ نماز پڙهي 27
حسين حبشڻ – گهانا جي ايلس 28
اجايو تا ڊپ ڪن 29
مارشل آئلينڊ جو ليري 30
گيانا جو مسٽر انگلش 31
چهرو باعزت پکي! 32
ناروي جو پوٽو 33
ناروي جي پوليس آفيسر لبنيٰ علي 34
يورپ ۾ مسلمانن جو مسئلو 35
آفريڪا جا شيدي 36
هر ڳالهه ۾ اسان جو ڏوهه 37
اسان جي پنهنجن جو ظلم 38
يورپ جي ويڪ اينڊ 39
فقط برف سستي آهي 40
اسين سڀ دل جا مريض آهيون 41
ڊڪار (سينيگال) جي مائي ايمي 42
هڪ پاڪستاني نوجوان 43
لائيف جئڪيٽ ياد رکجو 44
ماڻهو ولايت ۾ چا لاءِ رهي ٿو 45
هتي ڪيئن آئين 46
بس طلاق ئي سمجهو 47
عرب به سستا مارڪيٽ ڳوليندا وتن 48
نيرن مسئلو ناهي 49
چمڙو چو سستو آهي؟ 50
پاڳل آهي 51
لوهه جا نه پر شيشي جا هجن 52
ڪهڙي وڻ تي 53


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جيترو قاعدو اوترو فائدو 54
ٻار پالجي يا ڪتو 55
ماڪوڙين جا ڪٽنب 56
ٺري مرنداسين 57
وچ واريون نوجوان ڇوڪريون 58
بندر روڊ جا خاص وڻ 59
پنهنجو پاڻ کي مشغول رکڻ جو مثال 60
پٽل ماري ويهڻ 61
ولايت ۾ پاڪستاني ڪاڏا 62
روسي اسان جا مائٽ 63
وجن مسلمان ٿيندا 64
ٿي ويءَ کي برقعو پارائڻ اجايو آهي 65
گوشت جي حلال حرام جو مسئلو 66
روزو ۽ شراب 67
حبشي ديو آدم ٻو آدم ٻو ڪندو ايندو 68
عربي ڊريس ۽ سنڌي ٽوپي 69
ٻہ ۽ ٻہ گهٽو ٿيو؟ 70
فنا ٿيندڙ اقليت 71
جوتن جو خيال رک 72
جهاز جا مالڪ فرشتا نہ آهن 73

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پيش لفظ

پُراڻي ۽ نئين تاريخ جي مطالعي مان خبر ٿي پئي ته هن دنيا ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو به پيدا ٿيا آهن، جيڪي نه رڳو پنهنجي ذاتي سڃاڻپ بنيا آهن بلڪ سندن ڳوٺ ۽ خطو سندن قابليت ۽ محنت جي ڪري سڃاتو وڃي ٿو. هالن نون توڙي پراڻن جي ادبي تاريخ تي نظر وجهبي ته ان ۾ ڪئين وڏا عالم، فاضل، حافظ، دانشور شاعر ۽ اديب ڏسڻ ۾ ايندا. جن پنهنجي وقت ۾، پنهنجي علمي و ادبي ڄاڻ موجب ايڏا عظيم ۽ شاهڪار ڪم ڪيا آهن،جن جو مثال ملڻ محال نه ته به مشڪل ضرور آهي. الطاف شيخ جو شمار به انهن ۾ ٿئي ٿو.

الطاف شيخ هالن نون ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم به اتي ئي حاصل ڪيائين. بعد ۾ پنهنجي محنت ۽ شوق ۽ ڪوشش سان اعليٰ تعليم حاصل ڪري بلنديءَ تي پهتو. ساڻس منهنجي پهرين ملاقات 1979ـ1978ع ۾ اسان جي هالا واري رهائشگاهه جي دروازي يعني ”ڪوٺ واري در“ تي ٿي.ان وقت پاڻ حضرت قبله مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جن سان ملي واپس وڃي رهيو هئو. الطاف سان منهنجو تعارف سندس ياءُ اشفاق شيخ ڪرايو پر سچ پچ ته بلڪل ائين نه لڳو ته ڪو اهو پهرئين دفعي مليا هجون! ان جو سبب سندس مقبول سفرنامه آهن جن جي پڙهڻ مان دنيا جي چڱي خاصي معلومات کان علاوه خود سندس ذهني لاڙن سوچن ۽ خيالن سان گڏو گڏ سندس مزاج وغيره جي به واقفيت ٿئي ٿي. ڪنهن به تحرير جو عوام ۾ مقبول ٿيڻ ان جو معراج آهي.

الطاف شيخ جي نالي وٺڻ سان، ذهن ۾ فوراً هالا جو تاريخي شهر، سمنڊ ۽ سمنڊ جا سفر، بحري جهاز دنيا جا ساحلي ملڪ، اتي جون ريتون رسمون وغيره اچي وينديون آهن. اهو سندس

سليس ۽ ساده لکڻيءَ جو ڪمال آهي. منهنجي راءِ موجب ”الطاف شيخ“ جو نالو سنڌ جي انهن اديبن ۾ اچي ٿو جن ادبي ميدان ۾ الڳ الڳ لاڙا آندا ۽ طرزون ڏنائون. ٻين لفظن ۾ تہ اُهي اديب جن کي Trend setters چيو وڃي ٿو.

الطاف جو هي سفرنامو ان ملڪ (سئيڊن) بابت آهي، جيڪو يورپ جو آخري حصو سمجهيو وڃي ٿو. اتر قطب جي ويجهو هجڻ ڪري سئيڊن ۽ ان جا آسپاس وارا ملڪ (ناروي، فنلئنڊ وغيره) ڪيترن لاءِ ڏورانهان ۽ اوپرا آهن. برف باري، شديد سردي ۽ جهڙڦڙ ۽ اونداهہ جو هنن ملڪن تي پارهوئي راڄ آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ دنيا جي سونهن، رهائش جي اعليٰ معيار، بهترين سوشل سيڪيورٽي جي طريقي ۽ Modernization ۾ سئيڊن سيني ملڪن کان اڳرو آهي. Volvo ڪارن ۽ Saab هوائي جهازن جي هن ملڪ (سئيڊن) ۾ الطاف کي ويجهڙائيءَ ۾ ٻہ سال رهڻ جو موقعو مليو جتي هو واندڪائيءَ ۾ هن ملڪ ۽ ان جي ماڻهن بابت دلچسپ ڳالهيون لکندو رهيو ۽ هاڻ اهي ڪتابي صورت ۾ توهان جي آڏو آهن.

ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي دنيا جي اڪيلي ۽ Unique يونيورسٽي آهي جيڪا 1983ع ۾ سئيڊن جي ڏاکڻي شهر ۽ بندرگاهہ مالمو ۾ ٺهي ۽ جنهن ۾ دنيا جي هڪ سؤ ملڪن ۽ ٻيڙن جا جهازي ڪئپٽن، چيف انجنيئر، پورٽ آفيسر ۽ وزارت مواصلات جا سينئر آفيسر .M.sc جي ٻن سالن جي ڪورس لاءِ اچن ٿا. هيءَ يونيورسٽي U.N.O جي خاص برانچ I.M.O طرفان ٺهرائي وئي آهي ۽ هيستائين پاڪستان مان پڻ ڏهاڪو کن آفيسر گريجوئيٽ ٿي چڪا آهن. الطاف انهن مان هڪ آهي. هن يونيورسٽي ۾ تعليم دوران شاگردن کي اوسي پاسي جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ Field Trips ۽ Research work لاءِ وڃڻو پوي ٿو. ان ڪري الطاف جي هن سفرنامي ۾ نہ فقط سئيڊن ۽ يورپ بابت احوال آهي پر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي دلچسپ ماڻهن جون ڳالهيون پڻ آهن، جيڪي الطاف سان گڏ ٻہ سال سئيڊن ۾ هئا. تنزانيا جو دوبيلو مئڊاگاسڪر ٻيٽ جي لالائو يمن جو مبارڪ، فلپين جي ڊيزي، ملائيشيا جو ڪئپٽن لي ۽ سينيگال جي ائمي انهن مان چند دلچسپ شخصيتون آهن.

هن سفرنامي لکڻ تي الطاف ٻن سالن کان متي محنت ڪئي آهي ۽ مونکي سنڌن ٻهرين سفرنامن کان بہ وڌيڪ دلچسپ لڳي ٿو. مونکي خوشي آهي تہ هن سفرنامي تي ڪجھ لکڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکک وٽ محفوظ

لاءِ مونکي موقعو ڏنو ويو آهي.

سرنامو:

مخدوم جميل الزمان

چيئرمين

طالب المولیٰ اڪيڊمي

17 جون 1994ع

**Bunglow No. II A,**
**2nd Sunset street**
**Defence Housing Authority,**
**Karachi. Tel. No. 5895711**

# گهمندڙ ڦرندڙ انسائيڪلوپيڊيا ـ الطاف

اُها سخت شپڪي واري برسات جي رات هئي. مان پنهنجي ننڍي شهر هالا ۾ پنهنجي گهر جي ماڙيءَ تي ورانڊي ۾ ڪرسي تي ويهي الطاف شيخ جو سفرنامو ”منهنجو ساگر، منهنجو ساحل“ پڙهي رهيو هوس. برسات منهنجي پسنديده مُند آهي ۽ مان انهيءَ ۾ اڪثر ڪنهن محبوبہ سان رلندو آهيان يا وري ڪنهن محبوب ليکڪ جو ڪتاب پڙهي، انهيءَ ۾ لکيل ڳالهين کي ذهن ۾ وهاري ڇڏيندو آهيان.

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن مونکي نئون نئون ڪتاب پڙهڻ جو شوق جاڳيو هو ۽ الطاف جي انهيءَ ڪتاب مون ۾ بہ هر سنڌي نوجوان وانگر، دنيا گهمڻ جو شوق پيدا ڪيو ۽ گڏو گڏ، جهازن تي نوڪري ڪرڻ جو شوق پيداڪيو. اُها برساتي رات، جنهن ۾ خوش قسمتيءَ سان بجلي بند نہ ٿي هئي، مان هڪ ئي وهڪ ۾ الطاف جو اهو ڪتاب پڙهي ويوهوس ۽ انهيءَ ڪتاب ۾ موجود ڪيئي پُرڪشش جملا، لطيفا ۽ گهمڻ واريون جايون ذهن تي نقش ٿيل آهن.

سنڌ، هڪ تمام ننڍڙو علائقو آهي. هڪ تمام محدود ڌرتي آهي، جنهن کي پنج هزار سال پراڻي تهذيب ۽ ثقافتي ورثا ضرور آهن پر سنڌ جي ترقيءَ ڪرڻ وارو تناسب ٻي ترقي يافتہ دنيا کان سؤ پيرا پوئتي آهي ۽ انهيءَ جو پوئتي هجڻ جو اهم سبب آهي؛ اسان وٽ معلومات جي کوٽ. معاشي سڌارن ۾، ٻين ترقي يافتہ قومن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۽ ثقافت مان سکڻ اسان ماڻهن سکيو ئي ناهي، الٽو اسان سٺين قومن جي سُٺين عادتن کي رد ڪري پنهنجي جسم جو وڏيرڪو ڪنڌ اوچو رکڻ چاهيو آهي.

الطاف شيخ، انهيءَ وقت سفرناما لکڻ شروع ڪيا جڏهن اندرونِ سنڌ، ماڻهن ۾ ٻاهرين ملڪن ۾ سفر ڪرڻ جو شعور ئي ڪونہ هو ۽ نہ ئي جهازن جي نوڪريءَ جي مڪمل ڄاڻ هئي. اها هڪ انتهائي تعجب جهڙي ڳالهه آهي تہ گذريل 25_30 سالن کان پاڪستان مئرين اڪيڊميءَ جي داخلا لاءِ هر سال نہ ڄاڻ ڪيترائي سنڌي ڇوڪرا ڪوشش ڪن ٿا ۽ ڪيئي ڪامياب پڻ ٿين ٿا.

الطاف، آڳر ڪان وٺي هڪ پڙهندڙ کي مُلڪ گهمائي ٿو. هو ريل، بس کان وٺي گهوڙي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

گاڏين تائين، ڪيئي مزاحيہ، معلوماتي ۽ افسانوي خبرون ٻڌائيندو هلي ٿو. سندس سفرناما پڙهڻ کان پوءِ، ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي انهيءَ ملڪ جو جاري ڪيل ٽوئرسٽن لاءِ ڪتاب پڙهڻ لازمي ناهي. جهڙيءَ طرح سان پاڪستان ۾ ضياءُ مُحي الدين کي ٿيٽر پيدا ڪرڻ لاءِ باني ڪوني سگهجي ٿو اهڙيءَ طرح سان الطاف شيخ کي سنڌ ۾ سفرناما لکڻ جو باني ڪوني سگهجي ٿو.

جيتوڻيڪ سندس پڙهندڙن جو تعداد تمام گهڻو آهي جو ڪيس انهيءَ سلسلي ۾ خط بہ لاتعداد ملندا رهندا آهن پر ڪجھ ڳالهيون، سندس سفرنامن جي حوالي سان تشريح هيٺ اچڻ گهرجن.

1. هيءُ هڪ تمام Optimisic ليکڪ آهي. روزمره جي مسئلن کان علاوه جيڪي زندگيءَ جا ڳوڙها مسئلا ٿين ٿا، انهن کان سندس سفرناما وانجهيل هوندا آهن. منهنجو اشارو ملڪن جي سياسي صورتحال طرف بہ آهي. گڏوگڏ فلسفي، نفسيات ۽ سماجي سائنس جي طرف بہ آهي. سفر هڪ ڀرپور تخليق جو نالو آهي جنهن ۾ ماڻهوءَ کي ڪيئي اهڙا ڪردار ملندا آهن جن جو پسمنظرزندگيءَ جي مختلف فلسفن ڏانهن وٺي ويندو آهي ۽ جن جي ڪري انسان جو ڪائناتي تصور واضح ٿيڻ لڳندو آهي. بيشڪ الطاف، جتي بہ هوندو آهي ڪوشش ڪري، ماڻهن منجھ رهڻ چاهيندو آهي ۽ ڪوشش ڪري سندن زندگيءَ جا راز بہ معلوم ڪري ڪتابن ۾ لکندو آهي. پر هيڏي ساري پرديس جي زندگيءَ ۾ ڪو اهڙو ڪردار سندس ويجهو نہ اچي سگهيو جنهن کي هُو پنهنجي سموري ڪتاب جو موضوع بنائي سگهي. ائين گهرن، بازارن، پارڪن ۽ ميوزم ۾ گهمڻ تمام سٺي ڳالھ آهي، انهن جي معلومات، سنڌي ماڻهن لاءِ هڪ تمام وڏي اهميت پڻ رکي ٿي. پر انهن ملڪن جي سياسي جُلوسن، ماڻهن جي سياسي نفسيات ۽ انهيءَ جو بين الاقوامي سياست سان ڳانڍاپو، اهو پڻ سنڌي ماڻهوءَ جو اهم موضوع آهي. جنهن موضوع کي اميد هئي تہ الطاف پنهنجي پهرين سفرنامن کان پوءِ ڇهندو پر لکڻ جو سندس ساڳيو انداز جاري رهيو. جڏهن تہ مان سمجهان ٿو انهيءَ وچ ۾، سنڌي ماڻهوءَ جي نفسيات تبديل ٿيندي رهي. هُن مارشلالا خلاف ويڙھ ڪاڏي. جمهوريت جي لفظ جي ڪيس ڄاڻ ٿي. هن بنگال، ويتنام، فلسطين، سائوٿ آفريڪا، بوسنيا جي قومن جي صورتحال کي ڏٺو ۽ پرکيو ۽ پنهنجو پاڻ کي تاريخ جي آئيني ۾ ڀڳل ٽٽل شڪلين سان ڏسندو رهيو. ڪيس اڄ تائين

اهو سمجهه ۾ نه آيو آهي ته قومپرستي، آخر ڪهڙي حد تي نسل پرستي بنجي ٿي ۽ روسُ جي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ جا سبب ڇا آهن؟

2. اخبارن ۽ رسالن کان وٺي ٽي وي ۽ ڊش اينٽينا جي پيدا ڪيل تصور کان سواءِ هڪ اهڙو به تصور آهي، جيڪو ڪنهن به علائقي جو ليکڪ ڏيئي سگهي ٿو. منهنجو خيال آهي ته هر اهو ماڻهو جيڪو پنهنجي ڌرتيءَ کان سواءِ ٻي دنيا ڏسي ٿو انهيءَ کي ڌرتيءَ جي رنگن جي وڏيڪ ڄاڻ ٿئي ٿي ۽ قومن جي تقدير ڦيرائي سگهي ٿو. الطاف شيخ، سنڌي ادب ۾ هڪ علحده شخصيت طور سڃاتو وڃي ٿو. سندس اسٽائل هر مصنوعيت کان نرالو آهي. هو گهمندڙ ڦرندڙ انسائيڪلوپيڊيا بنجي ويو آهي.هو پيار جو پانڌيئڙو آهي. تمام تکو ۽ محنت ڪندڙ انسان آهي. هن کي سندس مَن ۾، معصوم ۽ مظلوم ماڻهن لاءِ درد آهي. گڏو گڏ تمام شعوري طور تي هُن سنڌي عام پڙهندڙ ۾ هڪ معاشرتي شعور پيدا ڪيو آهي. سندس شرميلي طبيعت مان هميشه ائين لڳندو آهي ڄڻ ڪنهن ڪنواري ڇوڪريءَ سان ملاقات ٿي هجي، جنهن جو تازو مڱڻو ٿيو آهي. اها طبيعت سندس لکڻين ۾ پڻ ظاهر ٿيندي آهي. سنڌي سماج ۾ جهڙيءَ طرح ڪو نوجوان، يونيورسٽيءَ جي پڙهائيءَ دوران هاسٽل مان گهر ايندو آهي ۽ سياري جي راتين ۾ سگري ٻاري گهر وارن کي هاسٽل جون ڳالهيون، مرچ مصالحه ملائي ٻڌائيندو آهي، بلڪل اهڙي طرح الطاف ملڪن کان ٻاهر رهي، ڪچهريءَ جو ميلو مچايو ويٺو هوندو آهي.

3. هن وقت الطاف شيخ ايتري دنيا گهمي چڪو آهي ۽ دنيا ۾ هر هنڌ تي مختلف ماڻهن سان ايترا تعلقات پکيڙي چڪو آهي جو جيڪڏهن ڪٿي وڃبو ۽ اهو ٻڌائبو ته اسين سنڌ مان آيا آهيون ته هُو چوندا ته جتان جو الطاف آهي. جيئن ته مون پهرين عرض ڪيو ته سنڌ هڪ تمام محدود علائقو آهي تنهن ڪري انهيءَ جي پڙهندڙن جو تعداد (پاڪستان جي تعليمي شرح نظر ۾ رکندي) به تمام معمولي آهي. تمام گهڻا ماڻهو اخبار پڙهندا آهن ۽ ادبي ڪتابن کي هٿ به لاهڻ نه چاهيندا آهن. پر اهو ضرور محسوس ڪيو ويو آهي ته هر گهر ۾ دوشيزه، اخبار خواتين، سب رنگ، عمران سيريز جي ڪتابن سان گڏ سنڌيءَ جو اهو واحد ليکڪ ڏسڻ ۾ ايندو ۽ سندس سفرناما. هر عُمر جا ماڻهو ڏاڍي شوق سان پڙهن ٿا جن ۾ ڪيئي ماڻهو ريل جي ڊگهي سفر کي موت ڏيڻ لاءِ، هيرالڊرابنس، سڊني شيلڊن جهڙن بيسٽ سيلرز سان الطاف شيخ کي به پڙهن ٿا. جو سندس ڪتابن ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

اسان جي معاشري جو ڇهاءُ تمام گهڻي پرڪشش انداز ۾ ڏنل هوندو آهي.

4. فطرت جي گهري ويڄهڙائپ. جيڪا ماڻهوءَ کي هڪ خيالي شخص بنائي ڇڏيندي آهي. جنهن ۾ دريائن، پهاڙن، سمنڊن، تارن، پکين، برف ۽ برف سان سلهاڙيل برفاني پيچرن جو ذڪر هوندو آهي جيڪا انسان کي ڪائناتي تصور ۾ امر ڪري ڇڏيندي آهي ۽ انسان غير شعوري طور تي هميشه فطرت جي ويجهو رهڻ چاهيو آهي. جنهن ۾ سائنس ۽ نين سائنسي تخليقات جو ذڪر پڻ اچي ٿو ۽ فطرت کي جتي آئنسٽائين اچي بيهاريو هو، اتان کان انسان جي اندر ۾ ڪهڙي ولوڙ پيدا ٿيندي آهي. انهن ساڳين ملڪن ۾ علم طب، ٽيڪنيڪل دنيا، نيوڪليئر انرجي، ماحول جي آلودگي بابت ۽ ڪوڙ سارن اهڙن دنيا جي مسئلن بابت ڪوجنا ٿي رهي آهي. جيڪا مختلف اخبارن ۽ رسالن مان معلوم ٿيندي رهندي آهي، جتي الطاف گهمندو رهي ٿو. سندس ڪتابن ۾ اهڙي ڪابه تحقيق واضح نموني ظاهر نه ٿي آهي. هُن انساني روين ۾ نڌيڙين شين کي پنهنجي قلم جو موضوع بنايو. جيڪي هُن لاءِ تمام آسان هيون ۽ سندس زندگيءَ جو حصو پڻ هيون.مونکي ياد پوي ٿو. پارسين جي لاشن بابت هُن جيڪو مضمون لکيو هو جنهن ۾ هُن فوٽوگرافي به ڪئي ته ڪيئين پارسين جي لاشن تي ڳجهون گهر ڪري اچي وهنديون آهن. ته اهڙي قسم جا چند مضمون تمام لاپاڻتا هو لکي چڪو آهي. سندس چوڻ موجب ته هُن انهيءَ مضمون تي به سال محنت ڪئي تڏهن ڪيس مڪمل معلومات ملي سگهي. ليکڪ کي ڪهڙي شعبن ۾ ورهائي سگهجي ٿو انهيءَ جو فيصلو انهيءَ ٻوليءَ جو پڙهندڙ ئي ڪري سگهي ٿو پر جيڪڏهن هيمنگوي کي هڪ ناول لکڻ ۾ 10 سال لڳي سگهن ٿا ته پوءِ اسان جو ليکڪ هڪ مهيني ۾ هڪ ڪتاب ڪيئن ٿو لکي وٺي. اهڙيءَ طرح الطاف جا اهي موضوع جن تي هُن تمام گهڻي محنت ڪئي آهي يا اُهي ملڪ جن سان ڪيس ڏاڍو چاهه رهيو آهي، اُهي پڙهندڙ لاءِ تمام وڏو پليٽ فارم کولي سگهن ٿا. جيئن جپان سان گهڻي دل هجڻ ڪري سندس ڪتاب "جپان جن جي جيءُ سان" گهڻي وقت کان پوءِ هڪ پرپور ڪتاب هيو جنهن ۾ هُن هڪ تشبيهه ڏني هئي ته "تڪل ٿڪل ماڻهو رات جو گهر پهچي ڪمري ۾ ماچيس جي تيلين وانگر سمهي ٿا رهن." پر سندس ڪيئي ڪتاب هڪ ٽوئر گائيڊ طور استعمال ڪري سگهجن ٿا جو سندس ذهن ۾ شايد هميشه اها وابستگي رهي آهي ته ماڻهن کي ڪجهه نه ڪجهه ڏيڻ گهرجي ته جيئن سندن علم ۾ اضافو ٿئي. پوين

30 سالن ۾ جڏهن ڪان الطاف شيخ لکي رهيو آهي، اهو ڏاڍي شدت سان محسوس به ڪيو ويو آهي ته سنڌي پڙهندڙ جي معلومات وارو خانو تمام معمولي تناسب سان پر جندو رهيو آهي، جنهن ۾ الطاف شيخ جي سفرنامن جو هڪ اهم ڪردار آهي.

ڪجھ هن ڪتاب جي باري ۾

مان قطعي ان لائق نه آهيان جو الطاف شيخ جي ڪنهن ڪتاب تي پيش لفظ لکي سگهان. چو ته پهرين مان سندس مداحن مان آهيان. ٻيو ته زندگيءَ جي ڪيترن ئي هنڌن تي هُو منهنجي محسن جيان مون سان گڏ رهيو آهي ۽ همت افزائي ڪئي آهي. ننڍي هوندي سندس ڏنل ڪتابن جي ڪوڪي مان اجا تائين ڪتاب پڙهي رهيو آهيان. ائين ڪٽي چئجي ته هُن مون کي پنهنجن ٻارن جيان سمجھيو آهي. پر هُن کي سندس ئي ڪتاب تي پيش لفظ لکڻ لاءِ چئي انگريزيءَ جي شايد هن جملي کي ذهن ۾ رکيو آهي:

Child is the father of man.

سندس اِها ڳالھ ساراهڻ جوڳي آهي ته هُو هميشه ننڍن کان به سکڻ چاهيندو آهي. بهرحال هن ڪتاب جي باري ۾ جيڪي ڪجھ به لکندس اُها منهنجي راءِ هوندي ۽ نه ڪي پڙهندڙن لاءِ پيش لفظ.

هن ڪتاب جو رُوح يامرڪزي خيال هن طرح آهي ته يورپ ۾ ايشيا ۽ آفريڪا جي ماڻهن لاءِ ڏاڍا تنگ نظر رويا محسوس ٿين ٿا ۽ پوري ڪتاب ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي انهيءَ ڳالھ جو ذڪر ٿيندو رهي ٿو. خاص طور تي آفريڪن شيدين سان هاسٽل جي ڪمري ۾ جيڪو بحث، الطاف، پنهنجي حساس طبيعت جي ڪري نوٽ ڪيو آهي ۽ آفريڪي ماڻهن جي احساس کي چڱيءَ طرح محسوس ڪيو آهي، اُهو ڏاڍو نرالو آهي. ان قسم جي مشابهت مان محسوس ٿيندو آهي ته ليکڪ جي اندر ۾ عزت، احترام ۽ اخلاق جا رويا ڪيئن جڙن ٿا. سئيڊن ۾ اتي جي مقامي ماڻهن کي آفريڪي شيدن لاءِ حقارت جي نظر سان ڏسندي، جيڪو درد محسوس ڪري ٿو انهيءَ مان سندس ڪائنات جي باري ۾ هڪ دردمندانه سوچ جي پرورش ٿئي ٿي. هُو اِها ڳالھ شروع ڪندي ئي لکي ٿو:

”آئون دل ۾ سوچيندو آهيان ته هتي جي يورپي ماڻهن کي ڪهڙي خبر ته هي جيڪي ڪارا آفريڪي شيدي سنڌن شهر مالمو ۾ ڦري رهيا آهن، ڪو تعليم بالغان لاءِ نه آيا آهن پر انهن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ اهم پوسٽ تي آفيسر ۽ پنهنجي پنهنجي ڪم

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو ماهر آهي.“

الطاف هڪ اهڙي يونيورسٽيءَ ۾ تعليم پرائي آيو آهي جتي ساڻس، دنيا جي هر ملڪ جا بهترين ماڻهو گڏ پڙهيا ٿي. انهيءَ پوري ماحول ۾ الطاف کي آفريڪا جي ذهين، معصوم ۽ ڏکويل شيدين جي ويجهو رهڻ پسند آيو. جن کي رنگ ۽ نسل جي بنياد آمريڪا ۽ يورپ ۾ نظر انداز ڪيو ويو آهي. هيءُ بحث شايد انهن ڏينهن ۾ ٿيو هوندو جڏهن اجا نيلسن منڊيلا جي چوندڻ واري ڪئمپ هلي پئي جيڪو هن وقت سائوٿ آفريڪا جو صدر منتخب ٿي چڪو آهي. جيڪا ڳالهه هڪ خوش آئنده جي نشاني آهي ۽ اونده ۾ ڏيئو ٻرڻ جي برابر آهي. بهرحال انهيءَ حقيقت کان به مُنهن نٿو موڙي سگهجي ته محروميءَ ۾ هميشه تخليق پيدا ٿيندي آهي تنهن ڪري ئي ڪارن ماڻهن جا ڪارناما، پوري دنيا ۾ ڳايا ويندا آهن. اتر آمريڪا جي هڪ ليکڪ ”بُڪر واشنگٽن“ جي انوکي مثال دنيا جي تاريخ کي ڏڪائي وڌو هو جنهن جي ناول ”Up from Slavery“ جو تقريباً 30 _35 زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. سنڌيءَ ۾ پڻ مرزا قليچ بيگ، ”غلاميءَ مان چاڙهو“ جي عنوان سان اهو ناول ترجمو ڪيو هو. ويسٽ انڊيز جي ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪري اهو بي نام بيٺ هاڻ شيدين جي شناخت بڻيل آهي. پر اخبارن ۽ ٽي وي وغيره تي تڏهن به سندن مختلف عادتن کي نشانو بنائي، ڪين هڪ گهٽ قوم ظاهر ڪيو ويندو آهي. جيئن الطاف واري انهيءَ بحث ۾ Aids (ايڊز) جي حوالي سان پڻ ڪيئي مثال ڏنا ويا آهن. مون کي لڳي ٿو ته شايد اهوئي سبب آهي جو هن ڪتاب جو عنوان: ”اڇن جي ملڪن ۾ اسين ڪارا“ رکيو ويو آهي.

الطاف شيخ جي سيني ڪتابن جيان هن ڪتاب ۾ به ڪجهه مخصوص خوبيون واضح آهن، جيڪي هاڻ سندس شخصيت جو حصو بنجي چڪيون آهن. اُهي آهن ننڍڙا ننڍڙا پوڳ، سنڌ جي جاگرافي ۽ ثقافت جي مڪمل ڄاڻ، سنڌ سان وابستگي هجڻ جي ڪري ڪيترائي حوالا ۽ تشبيهون ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه هر نئين شيءِ جي معلومات.

هن ڪتاب جو هڪ انتهائي مختصر مضمون، ”نيرن مسئلو ناهي“ ۾ الطاف شيخ جو فطرت ۽ سنڌ سان پيار واضح ٿي وڃي ٿو. جڏهن ته هن وقت، هو ڪافي دنيا لتاڙي چڪو آهي ۽ عمر ۽ تجربي جي اهڙي حصي ۾ آهي جتي ماڻهو پنهنجي ديس ۽ انهيءَ جي اوٽاين کان ڪڪ اچي ويندو آهي.

هُو صبح ساڻ الوپ ننڊ مان جاڳي ٿو ۽ سندس ڪنن، اکين، ذهن ۽ روح جي چٽنگين

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪي، ٻاهر جا پڪي چيڙين ٿا ۽ هُو پنهنجي مڪمل معلومات ڪي استعمال ڪندي لکي ٿو:

”بهرحال هتي جي ٿلهن ڳيرن، ڪبوترن ڪي اونهاري ۾ شاهه پنجو باڌهه. ٻوبڪ هلي چڏجي ته ان ئي وقت گذاري وڃن. ساڳي طرح سوپو ديرو ۽ سانڌاڻ جا پکي سياري ۾ سئيڊن سان جيڪر سرڳواسي ٿي وڃن.“

فطرت جو حُسن سندس اندر ۾ سمايل آهي تنهن ڪري ئي هو پکين جي رنگن، ٻولين ۽ سندن جيئاپي جو ذڪر ڪري ٿو پر هي اهڙا موضوع آهن جن جو ڪائنات جي سڀ ڪان وڏي مخلوق، انسان سان گهرو تعلق آهي ۽ هي موضُوع سندس الڳ الڳ ڪتابن جا موضوع بنجي سگهن ٿا.

الطاف، انهن سينئر ليکڪن مان آهي جن سنڌي ادب جي انهن ماڻهن سان گڏ سفر شروع ڪيو جڏهن اجا سنڌي ادب جي ڪا تاريخ ئي نه جُڙي هئي يا جيڪڏهن هُئي ته نالي ماتر. مثلاً حميد سنڌي، امر جليل، آغا سليم، علي بابا، نسيم ڪرل وغيره. پر اهڙن ليکڪن جي ڪيپ ۾ هيءُ واحد ليکڪ آهي جنهن مسلسل لکيو آهي ۽ پنهنجي قلم کي جيئندان ڏيندو آيو آهي. هن وقت نئين نسل جي نوجوانن جو سينئر ليکڪن تي اهوئي الزام يا شڪايت آهي ته هنن هڪ ٻه ڪتاب لکي، پوءِ انهن ئي ڪتابن جو ڪتيو کائڻ چاهيو آهي ۽ سندن چند ڪهاڻين ئي  کين امرتا بخشي آهي. اهو بحث تمام ڊگهو آهي. الطاف شيخ، شايد، سنڌ ۾ ٿيندڙ ادبي سرگرمين کان چڱيءَ طرح واقف نه هوندو پر هڪ ڳالهه جيڪا ڪنهن انگريزي يا ڪنهن امير ٻوليءَ جي ليکڪ سان سنڌيءَ ٻوليءَ جي ليکڪ کي پيٽڻ تي محسوس ٿئي ٿي، اها آهي، سندس نان پروفيشنل هجڻ. ايترن ڪتابن جو ليکڪ جيڪڏهن، انگريزي، جرمن، فرينچ يا وري پلي عربي ۽ روسيءَ جو ٻه ليکڪ هوندو جيترن ڪتابن جو الطاف شيخ آهي ته شايد هڪ وڏي صوبي جيتري جائداد هجيس ها. اسان جا ليکڪ، عظمت جي شوق ۾ ٻه نان پروفيشنل آهن ته وري حالتن پٽاندر پڻ. اها ڳالهه مونکي تڏهن محسوس ٿي جڏهن الطاف شيخ جا هي لفظ، سندس هن سفرنامي ۾ پڙهيم جڏهن کيس ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪو همراهه چانهه پيئاري جهاز تائين وٺي اچي ٿو صرف ان ڪري جو هو سنڌيءَ ۾ مشهور ليکڪ آهي.

”لکڻ تان مون جهڙن جي دل ضرور ڪٽي ٿيندي هوندي ته سنڌي اخبارن جا نه ايڊيٽر ٿا پڇن نه سرڪار سڳوري. پر پوءِ رکي رکي جتوئي ۽ سندس ساٿي پوليس / FIA آفيسرن جا

هن قسم جا قرب ڏسي هڪ دفعو وري همت وڌندي آهي.“

هن ڪتاب ۾ سئيڊن جي سردي ۽ مهنگائي ڏسي ائين ٿو لڳي جڻ ڪو پوڙهو ڪشتو ڪٽي پئسا ٻـ گهري رهيو آهي ۽ هينان ڪنهن ڇپيءَ ۾ گرم ڪپڙا پڻ گڏ ڪندو وڃي. سندس ايشيائي هجڻ جو احساس، سندس اکين جي ڪارن گهڻن مان محسوس ڪري سگهجي ٿو. الطاف، چمڙي جي جئڪيٽ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ سندس قيمت جو پڻ جيڪا پاڪستان ۾ هزار رپيا ۽ سئيڊن ۾ ڏهه هزار رپيہ ملي ٿي. انهيءَ تي مون کي صوفيہ لارين جي انگريزي فلم ”سن فلاور“ (Sun Flower) ياد آئي جنهن ۾ هيرو جڏهن جنگ تي وڃي ٿو تہ سندس زال محبوبہ ڪيس چمڙي جي جئڪيٽ آڻڻ لاءِ چوي ٿي. بدقسمتي سان اهو هيرو جنگ ۾ وڃائجي وڃي ٿو ۽ شايد برف ۾ سندس بيمار جسم اٽليءَ جي هڪ ڇوڪري ڪٽي ٿي جنهن سان هو زندگي بچائڻ جي ڪري شادي ڪري ٿو ڇڏي. ڪيئي سالن بعد جڏهن سندس پهرين زال ۽ محبوبہ ڪيس ڳولهيندي پهچي ٿي ۽ سندس ٻي زال ڏسي واپس موٽي ٿي تڏهن هيرو ڪيس چمڙي جي جئڪيٽ ڏيئي ٻڌائي ٿو تہ هيءَ جئڪيٽ، مون تولاءِ جنگ جي دوران ورتي هئي.

ان وقت مون کي سمجهه ۾ نہ آيو هو تہ چمڙي جي معمولي جئڪيٽ، ان فلم جي هيروئن لاءِ ڪهڙي اهميت رکي سگهي ٿي. پر الطاف جو هيءُ سفرنامو پڙهي ۽ سئيڊن ۾ جئڪيٽ جي اهميت ڏسي محسوس ٿيو تہ ان فلم جو هيرو، پنهنجي محبوبہ کي هڪ نرالو تحفو ڏنو هو.

تڏ جو ذڪر ڪندي الطاف ڪيئي سهڻيون تشبيهون ڏنيون آهن، جن مان هيءَ تشبيهہ ذڪر جوڳي آهي:

”۽ هي سئيڊن جهڙا ملڪ اتر قطبي ۽ سائبيريا واري ويڪرائي ڦاڪن جا ملڪ سڄڻ ٿا جتي مارچ، اپريل مهينن ۾ بہ برف باري ۽ ٿڌيون هوائون پيون لڳن ۽ اندران لانگ جان (ڪاٽن يا اون جي ڊگهي گنجي ۽ پجامو)، قميص، پتلون، سئيٽر، ڪوٽ، جئڪيٽ ۽ مفلر ٽوپ پائڻ سان بہ گهٽي تڏ ۾ ائين لڳندو آهي جڻ ماٺهو وهنجي ايئرڪنڊيشنر اڳيان اگهاڙو بيٺو آهي.“

ان ڪان علاوه سئيڊن توڙي اسڪينڊينيون ملڪن ناروي، فن لئنڊ ۽ ڊينمارڪ ۾ روز شادي روز طلاق جو ڪافي ذڪر آڏو آيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪيئي فلسفا سامهون اچن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿا. عورت آزاد تحريڪن کان وٺي انسان جي بنيادي آزادين واريون تحريڪون ماڻهو سوچي سگهي ٿو. ساڳئي وقت مذهبي ارتقا کان وٺي ڪميونسٽ سماج جي ٺٺڻ تائين جيڪا نظرياتي ويڙهه دنيا جي انسانذات آڏو گهمي آئي آهي، تنهن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته هڪ عورت لاءِ هڪ مرد کانسواءِ ۽ هڪ مرد لاءِ هڪ عورت کانسوءِ وڏيڪ جنس پرستي ائبنارمل آهي _ ايبڊز قدرت جي پيدا ڪيل تمام وڏي ۽ خطرناڪ بيماري، انسانذات کي ڏڪائي ڇڏيو آهي. جنهن ڪري هاڻ ٿائيليند ۾ به چڪلن تي آهستي آهستي بندش پئجي رهي آهي.

ائين جلدي ۾ شاديون ڪرڻ ۽ طلاقون ڏيڻ، واقعي پاڪستان يا ايشيا جي غريب ملڪن وارن ماڻهن لاءِ ڪنهن مطلب جي تحت آهي جو ٽين دنيا جي ماڻهوءَ کي هڪ منظم زندگي نه ملي سگهي آهي. هُن ٺڳيءَ کانسواءِ ڪجهه ڪمائڻ ۽ ناهڻ سکيو ئي ناهي. باقي هڪ آزاد زندگيءَ جي تصور ۾ پنهنجي مرضيءَ کان بغير زندگي گذارڻ لاءِ اهو قانون ٽي سگهي ٿو. هنن جي آبهوا کي ٿهڪي ايندو هجي. انهيءَ باري ۾ ڪا راءِ تڏهن قائم ڪري سگهجي ها جڏهن الطاف ڪو سنجيده ڪردار سامهون ڪڍي اچي ها.

هن سئيڊن ۾ رهڻ دوران تيرهن سؤ صفحا لکيا آهن ۽ هي ڪتاب شايد سندس اوائلي ڇهن مهينن دوران لکيل آهي. ڪيئي ڳالهيون جيڪي پڙهندڙ کي ڪوٽ محسوس ڪرائينديون هونديون، يقيناً سندس ايندڙ ڪتابن: ملير کان مالمو جت برف پوي ٿي جام، يورپ جا ڏينهن ۽ راتيون وغيره ۾ پورائو ڪري وينديون.

امير ابڙو

Address:
A_ 16, Shareef Square
Hussainabad,
Hyderabad,Sindh.
Tel. No. (92 221) 654050
(92_ 21) _ 5853003

# ڪراچيءَ کان ڪوپن هيگن تائين

جتي ٻارهن ڪلاڪن جو سفر اتي ڪلاڪ اڌ دير سان نڪرڻ ڪا وڏي ڳالهه ناهي. PIA جي هن هوائي جهاز نائين بدران ساڍي نائين ڪراچيءَ جو هوائي اڏو ڇڏيو. ان جهاز جي پائليٽ يا هوائي ڪمپنيءَ جو ڪو ڏوهه نه هوندو. اڄڪلهه مسافرن ۽ جهاز جي حفاظت خاطر ڪيترائي سخت اُپاءَ ورتا وڃن ٿا جن ۾ دير ٿيو وڃي. نه ته هاڻ جئڪنگ جي فئشن کان اڳ هوائي اڏي تي مسافر اڌ ڪلاڪ کن مس پهرين پهچندا هئا. فقط سامان تورائي اچي جهاز ۾ ويهندا هئا. تڏهن هوائي جهاز جو مسافر عزت لائق سمجهيو ويندو هو. پر هاڻ خبرئي نٿي پوي ته ڪهڙي معصوم منهن واري مسافر جي ميڄالي ۾ جهاز اغوا ڪرڻ جي ماليخوليا هجي. ان ڪري هر مسافر کي شڪ جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو ته ڪٿي هو جهاز ۾ چڙهيل باقي مسافرن ۽ جهاز لاءِ مٽي جو سور ته نه بڻيو. ۽ پوءِ نه فقط مسافر ۽ جهاز جي ڪمپني پر اهو ملڪ پڻ مونجهاري ۾ اچيو وڃي جتي ان اغوا ڪيل جهاز کي لاٿو وڃي ٿو.

انهن مڙني پريشانين کان بچڻ لاءِ بهتر آهي ته اڏام کان اڳ هر هڪ مسافر جي چڱيءَ طرح چڪاس ورتي وڃي. اليڪٽرانڪ ۽ ايڪسري ذريعي سامان ۽ مسافرن جي چيڪنگ، پاسپورٽ ويزا جي جانچ جونچ ۽ ماهر نفسيات ذريعي هر مسافر جي منهن جي پني جي تپاس، ته خوف، اميد، خوشي، بيخيالي ۽ سوچ جا جذبا ڪنهن ڳجهي راز ڏي ته اشارو نٿا ڪن. هونءَ ته رڳو اليڪٽرانڪ Scanner (جانچ واري در مان لنگهڻ) ئي ڪافي سمجهيو ويو ٿي. جو ان مان پستول، خنجريا ڪالوهه واري شيءِ جي موجودگيءَ جي خبر پيئي ٿي. پر اغوا جا ڪيترائي اهڙا ڪيس ٿيا آهن جن ۾ دهشت پکيڙيندڙن ڪاٺ جا ڪاري رنگ جا پستول ۽ بم ڏيکاري جهاز کي اغوا ڪيو آهي. ان ڪري هاڻ مسافرن جي جسم کي هٿن سان پڻ چڱيءَ طرح ڦولهيو وڃي ٿو. مردن جي مرد چڪاس ڪن ٿا ۽ بند ڪمري يا تنبو نما ڪونيءَ ۾ ”پوليس عورتون“ مسافر عورتن جي چڪاس ڪن ٿيون.

۽ اها چڪاس فقط اسان وٽ ڪراچيءَ ۾ نه آهي. جتي ڪٿي آهي.ڪوپن هيگن ايئرپورٽ تي لهڻ وقت به سيني مسافرن جي ڪلاڪ کن هٿن سان چيڪنگ هلندي رهي. مون سمجهيو ته شايد اسان پاڪستاني، بنگلاديشي، انڊين ۽ غريب ايشيائي آفريڪي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ملڪن جي مسافرن جي چيڪنگ هلي رهي آهي جيڪي هر وقت اهڙي مصيبت جو نشانو هوندا آهن پر يورپين جي بہ ايتري ئي سختيءَ سان چڪاس هلي رهي هئي. ٿلهي ڪپڙي جا ٿي چار پارٽيشن ٺهيل هئا جن ۾ بيٺل پوليس جي عملي هڪ هڪ مرد توڙي عورت کي اندر سڏي مٿي کان وٺي پيرن تائين هٿ گهمائي ڏٺو ٿي تہ ڪو هٿيار يا اوزار لڪل تہ نہ آهي. چرس يا گانجي جي ڪا پڙي ڪٿي لڪل تہ نہ آهي. تيسين بيا ٻاهر قطار ۾ بيٺا رهيا. پارٽيشن وارو ڪپڙو زمين کان ڏيڍ فوٽ مٿي هو. ان ڪري اندر بيٺل مسافرن جون مرين تائين ٽنگون نظر اچي رهيون هيون. ڪيترن مردن توڙي عورتن جا ڪپڙا پڻ لهرايائون ٿي. منهنجي بہ اڳيان پويان، ڪڇن هيٺان، ٽنگن جي وچ ۾ ٽنگن جي چوڌاري هٿ گهمائي چڪاس وٺي اوڪي (O.K) چوڻ بدران ڊئنمارڪ جي ڊئنش پوليس واري پتلون لاهڻ لاءِ چيو. بيلٽ کولي پتلون لاهڻ وقت سوچڻ لڳس تہ هن کي خبر ناهي ڪهڙي ڳالهہ شڪ ۾ وڌو آهي. ظاهر تہ هن سان منهنجي نہ تہ ڪا پراڻي دشمني آهي ۽ نہ وري ڪنهن پاڙي جي ڏاڍي مڙس بدلو وٺڻ لاءِ هن پوليس واري کي رشوت ڏئي مونکي ذليل ڪرائڻ جو پروگرام رٿيو آهي. پر پوءِ پتلون لاهڻ تي چيلهہ جي چوڌاري ٻڌل ويڪري پٽي تي نظر پئي جيڪو پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ ڏک لڳڻ ڪري سرجن علي محمد انصاريءَ ڪجهہ ڏينهن اڳ ٻڌڻ لاءِ ڏنو هو _ جيئن اهو ويڪرو پٽو پٺيءَ جي ڪنڊي جي هڏين (Vertebrate) کي مهيني کن لاءِ گهٽي چرپر کان بچائي. ان ربڙ جي ڇهہ انچ کن ويڪري پٽي جي وچ واري حصي تي ڪنهن ڌاتوءَ جون چار کن ڊگهيون پٽيون پڻ لڳل هيون. منهنجي چڪاس ڪندي انهن لوهي پٽين تي هٿ لڳڻ سان هي پوليس وارو همراهہ شڪيو هو.

”بيلٽ آهي“ مون پتلون لاهي، ان پٽي ڏي اشارو ڪري پوليس واري کي ٻڌايو. ڊئنش پوليس واري ساعت کن لاءِ مون کي غور سان ڏسي شايد منهنجي شڪل پڙهي اندازو لڳائڻ چاهيو ٿي تہ شريف ماڻهو آهيان يا ڦڏي باز. پر لڳو تہ هو ڪا راءِ قائم ڪري نہ سگهيو ۽ مونکي ان پٽي لاهڻ لاءِ چيو.

”آئون ڏسڻ ٿو چاهيان“ _ پوليس واري چيو.

”اوڪي پلي.“ هائو ڪار سان گڏ بيلٽ لاهي سندس حوالي ڪيم.

هن ان قسم جا ڪيترائي بيلٽ ڏٺا هوندا. يورپ ۾ تہ اها هڪ عام ڳالهہ آهي. مون پنهنجن ڪيترن ئي جهازي ساٿين کي ڏٺا آهن جيڪي جهاز جي انجڻ روم ۾ يا لوهي ڊيڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تي هاربل تيل مٿان يا وري سرد ملڪن ۾ رستي تي جميل برف مٿان ترڪي پيا هوندا ۽ ڪرنگهي ۾ ٽڪ لڳڻ ڪري ڊاڪٽرن کين اهڙو ويڪرو پٽو ڪجهه عرصي لاءِ ٻڌڻ جي صلاح ڏني هوندي. پر اهي سڀ پٽا ٿلهي بافتي جهڙي ٽاٽ جي ڪپڙي جا هوندا آهن. جن جي چوڌاري ڪنڍا (Hooks) هوندا آهن جن کي ٻڌڻ، کولڻ يا ماني کائڻ وقت ڍرو ڪرڻ وڏي گهل جو ڪم هوندو آهي. پر مونکي ٻڌل هي بيلٽ انهن مڙني يورپين، برٽش، آمريڪن ۽ جپاني ميڊ پٽن کان نرالو هو ان ڪري هي پوليس وارن کي غور سان ڏسڻ لڳو.

اسان واري آرٿروپيڊڪ سرجن علي محمد انصاريءَ جي هيءَ پنهنجي ايجاد ۽ هوم ميڊ شيءِ آهي جنهن ۾ هن ڪڙن ڪنڍن بدران پلاسٽڪ جي Stickers جو استعمال ڪيو آهي. جيڪي ربڙ جي بوٽن تي ڪهين بدران پڻ لڳل هوندا آهن ۽ ورائڻ سان ٻئي پاسي چهٽي ويندا آهن. ڊئنمارڪ جو هي پوليس وارو ڪجهه دير پٽي جي وچ ۾ لڳل ڪپ جهڙين سخت سنهين لوهي پٽين کي هٿ سان چهي ڏسندو رهيو. پر پوءِ جڏهن پڪ ٿيس ته اهي بي خطر آهن ته مونکي روانو ٿيڻ لاءِ اوڪي چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# جهازن جو مالڪ ڪنڌ وٺي روئي

پي آءِ اي جو هي هوائي جهاز ڪراچيءَ مان صبح جو نائين بدران ساڍي نائين بجي Take Off ضرور ڪئي پر پائليٽ اها اڌ ڪلاڪ جي ليٽ رستي تي ڪيڏي ورتي ۽ ڊئنمارڪ جي هوائي اڏي (ڪوپن هيگن) تي مقرر وقت موجب ڏيڍ بجي اچي لاٿو. ڪوپن هيگن ۽ ڪراچيءَ جي وقت ۾ چئن ڪلاڪن جو فرق آهي. يعني ان وقت ڪراچيءَ ۾ شام جا ساڍا پنج ٿيا هوندا. مونکي ۽ مون سان گڏ ويٺل ڪئپٽن سليم قاسم کي ڊئنمارڪ جي پر واري ملڪ سئيڊن وڃڻو هو. سئيڊن جو شهر مالمو دنيا ۾ جهازي ساموندي دنيا کان مشهور آهي. دنيا ۾ پنهنجي نوعيت جي اڪيلي يونيورسٽي _ ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي مالمو ۾ ئي آهي. مالمو جي هن يونيورسٽيءَ ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ۽ ٻيٽن کان جهازن، بندرگاهن، شپنگ ڪمپنين ۽ انهن سان واسطيدار وزارتن ۾ڪم ڪندڙ آفيسر M.Sc: ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. پڙهائي مارچ کان شروع ٿئي ۽ ٻه سال هلي، سيمسٽر سسٽم آهي ۽ چار سيمسٽر پوراڪرڻ تي ڊگري ملي ٿي.

هر اهو ملڪ / ٻيٽ جيڪو يو اين او جو ميمبر آهي، هر سال هڪ کان چار ڄڻا هن يونيورسٽيءَ لاءِ موڪلي ٿو. بنگلاديش برما کان مصر ملائيشيا تائين. مالٽا ۽ مارشل ٻيٽ کان گئمبيا گهانا تائين. سريلنڪا ۽ سيراليون کان سعودي عرب ۽ سينٽ و نيسنٽ ٻيٽ تائين جا جهازن سان تعلق رکندڙ ڄاڻو هن يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد جي حيثيت ۾ اچن ٿا. دنيا جو شايد ئي ڪو اهڙو ڪاليج يونيورسٽي هجي جنهن ۾ انهن قسمن جي رنگن، ويس وڳن، قدبتن ۽ زبانن جا هڪ ئي وقت ماڻهو هجن. جئميڪا ۽ ٽرينڊاڊ جي چاڪليٽي رنگ ۽ منجهيل ڪوندن جهڙن وارن وارن مٽن کان ملاوي ۽ تنزانيا جا ڪارا ڪنٺ ۽ ماڪوڙن جي ٽنگن جهڙن وارن وارا شيدي ۽ شيدياڻيون نظر اينديون. روس (ازبڪستان ۽ آرمينا) ۽ رومانيا جي سنگترن ۽ کوري ۾ پڪل سرن جهڙي ڳاڙهي رنگ جي شاگردن کان وٺي چلي ۽ وينزوئلا جا ”ڪير ۾ ڪريل هيڊ“ جهڙا ۽ برازيل ۽ اڪيدار جا قلهير ۽ اٽي جي رنگ جهڙا شاگرد ۽ شاگردياڻيون ملنديون. سعوري عرب، اردن، مصر ۽ موراڪو جهڙن عرب ملڪن جا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اڇي رنگ جا بہ آهن تہ گهنديءِ وارن وارا ڪارسرا پڻ. وچ وچ ۾ اسان جهڙا ڪڻڪ رنگا ۽ مشڪي پاڪستاني، بنگلاديشي، هندستاني، ۽ پيلا ڦڪا چيريل ڪاٺ جي رنگ جهڙا چيني، برمي، ٿائي ۽ انڊونيشي پڻ آهن.

جهازي دنيا ۾ رڳو مرد ماڻهو نہ آهن. ڪيترن ملڪن جي بندرگاهن يا وزارتن ۾ عورتون پڻ وڏن وڏن عهدن تي آهن. هڪ آمريڪا جي ۽ هڪ گهانا (آفريڪا) جي عورت _ شاگردياڻي جهازن جون ڪئپٽن آهن. تعجب جي ڳالھ اها آهي تہ ايشيا جي ملڪن ۾ ساموندي دنيا سان واسطو رکندڙ ايتريون عورتون نہ آهن جيترو آفريڪا ۽ ڏکڻ آفريڪا جي ملڪن ۾ آهن. آفريڪا جا شيدي جن لاءِ ڪنهن زماني تائين دنيا کي اهوئي وهم هو تہ هو جاهل ۽ گهٽ ڄاڻو آهن اهو خيال هتي رهي غلط ثابت ٿئي ٿو.

ڪراچيءَ ۾ موڪلائڻ وقت ڪئپٽن بشيرو سطڙي (جيڪو هن يونيورسٽيءَ جو پهريون پاڪستاني گريجوئيٽ آهي) ان طرف ڌيان ڇڪائيندي ٻڌايو هو:

”شيدي عورتون توڙي مرد بيحد محنتي، سلجهيل ۽ هوشيار آهن. سڀ کان وڏي ڳالھ اسان وانگر ڇمڇاگيري، رک رکاءُ ۽ جي حضوري نٿا ڪن. هو سنئين سڌي ڳالھ ڪن ٿا ۽ ٻي ڊپا آهن.“

۽ هاڻ هتي يونيورسٽيءَ ۾ آفريڪا جي انيڪ ملڪن ۾ اوسي پاسي جي ٻيٽن کان آيل شيدي شاگردن ۽ شاگرديائين کي ميس ۾، هاسٽل ۾، ليڪچر هال ۾ ڏسي، بشير جي ڳالھ جو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو.

جنهن نموني سان اسان جا هي ڪلاس ميٽ شيدي پروفيسرن کان عقل وارا ۽ ذهين سوال ڪن ٿا يا پاڻ ۾ بحث مباحثو ڪن ٿا اهو ڏسي اسان جون اکيون پٽجن ٿيون تہ ويندي آفريڪا جهڙن ملڪن ۾ تعليم جو معيار ڪيڏو مٿانهون آهي، جيڪو اسان وٽ هوندي سوندي بہ تباھ ٿي ويو آهي.اهوئي حال اخلاق جو آهي. ڪلاس روم ۾ توڙي ڪلاس کان ٻاهر، بس ۾، ميس ۾، ٽي وي روم ۾ مختلف ملڪن جا شيدي مرد ۽ عورتون پنهنجو پاڻ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهيون ٻولهيون چرچا گهٻا ڪندا پر مجال آهي جو ڪو گفتو اخلاق کان ڪريل ڳالهائين. ان معاملي ۾ اسان پاڪستاني هندستاني يا بنگلاديشي ڪمزور ثابت ٿيا آهيون. اسان جي ملڪ مان اڃا ڪا بہ ليڊي آفيسر هتي شاگردياڻي ٿي نہ آئي آهي ۽ چڱو جو نہ آئي آهي نہ تہ اسان جهازي تہ ڇا اسان جي جاءِ تي عام شهري هجن ها _ پلي ملان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مولوي ته به انهن شاگردياڻين تي اهي اهي الزام ۽ عشق جا افسانا ناهين ها جو هو پاڻ نه ته سندن مڙس ڪين واپس گهرائين ها. اسين پنجابي فلمن وارا هيرو ٿي هنن جي حفاظت جو هرو پرو نيڪو ڪٽي بيِن جا مٿا ڦاڙيون ها. پر هي آفريڪن ظاهري ظهور ڪٽي چا به سڌجن پر ائين نٿو چئي سگهجي ته هو اخلاق ۾ ڪريل آهن. آئون ته ڪوشش ڪري هر وقت آفريڪي دنيا جي هنن شاگردن جي ويجهو ويهي سندن وارن جا اسٽائيل، ڪپڙن جا تڪارنگ ۽ ڳالهيون نوٽ ڪندو آهيان. ڳوٺ ۾ ڪنهن زماني ۾، ماسي ملوڪان نالي هڪ شيدياڻي اسان جي گهرجي ماني پچائيندي هئي. اسان جي ڪلاس ۾ ڪيترن آفريڪن شيدياڻين جي شڪل ان سان ملي ٿي. آئون انهن کي غور سان ڏسي ماسي ملوڪان کي ياد ڪندو آهيان ته هوءَ جيڪڏهن پڙهي ها ته هن ۾ ۽ هنن ۾ ڪو فرق نه هجي ها. پر هاڻ هنن مان ڪي بندرگاهن جون ڊائريڪٽرياڻيون آهن ته ڪي شپ مئنيجمينٽ ۾ آفيسر. ۽ هتان ڊگري حاصل ڪرڻ بعد اجا به وڏيون آفيسرياڻيون ٿينديون. هنن شيدياڻين جون پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۽ ڊپارٽمينٽ جي ترقيءَ جون ڳالهيون ٻڌي تعجب لڳي ٿو ته هو ڪيڏيون هوشيار ۽ ايماندار پورهيت آهن. سندن ملڪن کي آزادي ڏيڻ وقت انگريزن يا پورچوگالين ۽ فرينچن اهوئي سوچيو هوندو ته گورن (يورپين) جي وڃڻ بعد آفريڪا وڏيڪ اونداهو ڪنڊ ٿي پوندو. پر ائين نه ٿيو.اڄ آفريڪا جي بندرگاهن ۾ جديد ٽيڪنالاجي، وقت جي پابندي، ڪم جو اچت اڪلاءُ ڏسي سيني کي حيرت لڳي ٿي ته ڏات ذات تي نه آهي. شيدين ۾ قومي جذبو آهي. هنن ۾ جيئڻ ۽ جياپي جو اتساهه آهي. هو محدود وسيلن هوندي به پنهنجي ملڪ کي مٿاهين ڪان مٿانهون ڏسڻ چاهين ٿا. تڏهن ته ڊڪار، ميوتو لئاندا، ممباسا جهڙا بندرگاهه ڏينهون ڏينهن وڃن ترقي ڪندا. ان جي ڀيٽ ۾ اسان ڪٿي آهيون. ان جو چا تجزيو ڪجي. هٿ ڪنگڻ کي آرسيءَ جي ڪهڙي ضرورت. ڪراچيءَ جو بندرگاهه جيڪو دنيا جي سهڻن ۽ صاف سٿرن بندرگاهن مان هڪ هو اڄ ان جي سونهن ۽ ڪارڪردگي ڪٿي وڃي پهتي آهي _ جهازن جا مالڪ جن جا جهاز سامان ڪڻڻ يا لاهڻ لاءِ ڪراچيءَ بندرگاهه اچن ٿا، ضرور ڪنڊ وٺي روئندا هوندا. ان ڪان وڏيڪ سامان گهرائڻ يا موڪلڻ وارا واپاري پنهنجو منهن مٿو پٽيندا هوندا جن کي سامان جي لهڻ چڙهڻ جي ڊرائيءَ ڪري وڏيڪ پئسو ڀرڻو پوي ٿو. پر واپاري ڪڏهن به نقصان پاڻ تي نه ڪٽندو آهي. هو هميشه جهاز جي Delay ۽ بندرگاهه ۾ سامان لهڻ چڙهڻ جي اينگهه ۽ چوري چڪاريءَ جو نقصان، شين جي قيمت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

وڏائي غريب عوام مان پورائو ڪندو آهي. اسان جي ملڪ ۾ جي ترقي ٿي رهي آهي تہ فقط نعرن ۽ سلوگن جي. سياسي ۽ سماجي تحريڪن ۾ تہ نعرا عام جام آهن پر اسان جي جهازراني ڪمپنين ۽ بندرگاهن ۾ بہ ڪوڪلي نعري بازي ڪاهي پئي آهي. پورٽ قاسم لاءِ چيو وڃي ٿو:

Sails into the 21st Century.

تہ وري ڪراچي پورٽ ٽورسٽ لاءِ:

Shaping for the 21st Century.

بندرگاهن سان واسطو رکندڙ مقامي توڙي غير ملڪي KPT ۽ پورٽ قاسم جا حال ڏسي پوءِ مٿيان نعرا پڙهي ٺهڪ ڏيندا هوندا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هوور ڪرافٽ خچر وانگر وچ جي شيءِ آهي

”ڪيترا ملڪ IMO (بين الاقوامي مئريٽائيم آرگنائيزيشن) جا ميمبر آهن؟“ يونيورسٽي جي ليڪچر هال ۾ منهنجي اڳيان ويٺل هڪ حبشي شاگرد عورت، انگلينڊ کان آيل پروفيسر موريسن کان سوال ڪيو جيڪو IMO جو ڊائريڪٽر آهي ۽ حبشي عورت گهانا جي هڪ پورٽ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر آهي.

”اٽڪل 136.“ پروفيسر جواب ڏنو.

”انهن جو Under Developed (ترقي پذير) ڪيترا ملڪ آهن؟“ هن وري ٻيو سوال ڪيو ۽ اسان سوچڻ لڳا سين ته هوءَ ڇا ٿي معلوم ڪرڻ چاهي.

”اٽڪل ٻه ڀاڱي ٽيو حصو_ يعني اسي کن ملڪ ترقي پذير آهن.“ پروفيسر وراڻيو.

”ته پوءِ ڀلا ائين ڇو آهي ته IMO جي لنڊن واري آفيس ۾ نوي سيڪڙو ڪم ڪندڙ ترقي يافته ملڪن جا آهن ۽ اسان جهڙن ترقي پذير ملڪن کي اهڙن هنڌن تي ٻه رکيو ويو آهي. جيتوڻيڪ خرچ جي ڦوڙي ته اسان کان ٻه ورتي وڃي ٿي.“ هن وارڪيو.

پروفيسر ان وقت مڙيئي لولو لنگڙو جواب ڏيئي پنهنجي جان ڇڏائي پر پوءِ هڪ نجي محفل ۾ ان واقعي ڏي اشارو ڪندي چيو: ”آفريڪن کي ڏاڍو قومي جذبو آهي. هو پنهنجي ملڪ ۽ قوم سان بيحد ايماندار نظر اچن ٿا.“

آئون پڻ پروفيسر جي ان جملي سان سهمت آهيان. شيدن کي سندن ڪاري رنگ ۽ ماضيءَ جي غلاميءَ ڪري گهٽ نه سمجهڻ کپي. ”محنت“ ۽ ”ايمانداريءَ سان پورهيو ڪرڻ“ جيڪڏهن ڪا حيثيت رکي ٿو ته هي سڀ شيدي سڀ ۾ اُتم آهن پوءِ چاهي گهانا جي بندرگاهه جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ائلس هجي يا اسان جي گهر جي ماني پچائڻ واري ماسي ملوڪان.

ڊئنمارڪ جو هوائي اڏو ڪوپن هيگن نه فقط يورپ جو مشهور ۽ مشغول هوائي اڏو ۽ ساموندي بندرگاهه آهي پر ان کي سڄي دنيا ۾ اهم بنائڻ لاءِ هن ملڪ جي حڪومت جاکوڙ ڪري رهي آهي. جيئن دنيا جي مسافر جهازن ۽ ڪارگو (مال برادر) جهازن لاءِ ڪوپن هيگن

جو بندرگاھ ائين هجي جيئن ريل گاڏين لاءِ ڪوٽڙي، روهڙي يا ڪا ٻي جنڪشن اسٽيشن. جتان پوءِ مال توڙي ماڻهو ويجهڙائي وارن ملڪن ڏي ٻين ننڍن جهازن يا ريل بس ذريعي وڃي سگهن. اها ساڳي حيثيت حاصل ڪرڻ لاءِ ايشيا جو سنگاپور جاکوڙ ڪري رهيو آهي. ان جدوجهد ۾ ٻئي: ڪوبن هيگن ۽ سنگاپور گهڻي حد تائين اڳيان نڪرندا وڃن. ايتريقدر جو هيڏانهن ڊئنمارڪ جا ٻيا پاڙ يا پينر ملڪ: سئيڊن، ناروي، فنلئنڊ وغيره ڊئنمارڪ کي چالاڪ سڏين ٿا ۽ هوڏانهن سنگاپور جا سوٽ ماسات ملڪ : انڊونيشيا، ملائيشيا، ٿائليند ۽ فلپين وغيره سنگاپور کي تيز ۽ واپاري نوعيت جو سڏين ٿا جو هو مستقبل جو اڳوات سوچيو ٻين کان گوءِ کڻيو وڃي ٻئي ملڪ: سنگاپور ۽ ڊئنمارڪ جيتوڻيڪ سائيز ۾ ننڍا آهن، معدني ملڪيت ۾ غريب آهن پر عقل ۾ اڳيرا هجڻ ڪري دنيا جي واپار تي قبضو ڪندا وڃن.

ايندڙ وقت مطابق جيڪي آفت جيڏا پاڻيءَ جا جهاز Mega Super Ships ٺهڻ جو پروگرام آهي اهي هر بندرگاھ ۾ اچي نہ سگهندا. ان لاءِ بندرگاھ بہ ان حساب جا کپن ۽ موجوده حالت مطابق اهي آمريڪا کان ڪوبن هيگن ۽ سنگاپور هلندا. جتان پوءِ ننڍا جهاز ٽپالين وانگر يورپ ۽ ايشيا جي ننڍن بندرگاهن ۾ سامان ورهائيندا.

اهوئي حال هوائي جهازن جو ٿيندو وڃي.يورپ جي ڪيترن اوسي پاسي وارن ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ هوائي جهاز ڀرين ڪوبن هيگن اچن ٿا. PIA جي بہ هر هفتي هڪ اڏام سڌي ڪوبن هيگن اچي ٿي. پوءِ چاهي ان ۾ ڪوبن هيگن جو ڪو رهاڪو هجي يا نہ پر جهاز اوسي پاسي جي مسافرن سان ڀريل رهي ٿو. ڇو جو انهن کي خبر آهي تہ ڪوبن هيگن ۾ اهڙو بندوبست ٿيل آهي جو ڪين ان ئي وقت سئيڊن، جرمني، پولينڊ ويندي بيلجم فرانس تائين Connecting Flights ملي ويندين. ان کان علاوه ائيرپورٽ وٽان ئي بس، ٽرين ۽ پاڻيءَ جي جهازن جو بندوبست آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان بہ ڪا ٻي واٽ وٺڻ بدران هي رُخ اختيار ڪيواٿئون. ان ۾ اسان جو سفر بہ ننڍو ٿي پيو. ڪئپٽن سليم قاسم لاءِ بہ اها بهترين اڏام هئي جو فقط مهينو ڏيڍ اڳ سندس دل جي وڏي آپريشن ٿي هئي ۽ ڊاڪٽر اجا هارٽ ڪيس هلڻ چلڻ جي موڪل ڏني هئي. ڪئپٽن سليم ڪيترائي سال پاڪستان ۽ يونان جا جهاز هلائڻ بعد هاڻ ڪراچيءَ ۾ پاڪستان مئرين اڪيڊميءَ ۾ پڙهائڻ جو ڪم ڪري ٿو.

ائن نون ڪلاڪن اندر ڪراچيءَ کان ڪوبن هيگن پهتاسين. ڪوبن هيگن کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سئيڊن جي شهر مالمو ۾ هوائي جهاز رستي به اچي سگهجي ٿو ته بس ۽ بوٽ ذريعي به. اسان کي هوور ڪرافت (Hoover Craft) ذريعي بالٽڪ سمنڊ جي ڳچي اڪري ڊئنمارڪ کان سئيڊن اچڻو هو. جيئن خچر، گڏهه ۽ گهوڙي جي وچ واري شيءِ آهي تيئن هوور ڪرافٽ پاڻيءَ جي جهاز ۽ هوائي جهاز جي وچ واري شيءِ آهي.هوور ڪرافٽ ٻاهران ته پاڻيءَ جي جهاز جهڙو آهي پر اندران هوائي جهاز وانگر. مسافرن جي سيٽن ۽ ايئر هوسٽس تائين هوائي جهاز لڳي ٿو. سندس جيٽ انجڻ هوائي جهاز وانگر آهي ۽ هلڻ مهل پاڻيءَ کان فٽ به کن مٿي هلي ٿو. پر بيهڻ وقت پاڻيءَ ۾ تري ٿو يا مٿي خشڪيءَ تي چڙهيو اچي. هينان ڦيٿا نه اٿس پر جهاز وانگر تروا اٿس. ان قسم جا جهاز سعودي عرب جي ريتيءَ مٿان به هلن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# PIA جا اجرا ڪم ۽ اسان سان اڳ آيل پاڪستاني

ڪراچي ڪان ڪوپن هيگن ايندي PIA جي هوائي جهاز ۾ نيرن ۽ منجهند جي ماني ڪارايائون. خدا شل کين جنت نصيب ڪري. ان کان علاوه وچ ۾ جهاز ۾ چڙهيل سئيڊش، ڊئنش ۽ ٻيا يورپي مسافر پئنٽري (رڌڻي) مان ايئر هوسٽس کان ڪوڪا ڪولا، فانٽا يا ڪنهن ٻئي شربت / جوس جي گُهر گُهر ڪندا رهيا. اسان ٻه هڪ ٻه دفعو سيون اپ جهڙو اڇو شربت (شايد اسپرائيٽ يا ببل اپ هجي) وني پيتو _ ڪجهه اُج ڪري ڪجهه وقت گذارڻ خاطر. اٺ نَو ڪلاڪ پلا چا ڪجي. ويتر جهاز ڏينهن جي روشنيءَ ۾ هلي رهيو هو. رات هجي ها ته ٻين کي ننڊ ڪندو ڏسي اسان به ڪٽي اکيون بند ڪري ننڊ جو مکر يا ننڊ لاءِ ڪوشش ڪريون ها. پر روشنيءَ ڪري سيني جو سک ڦٽل هو. ايئرهوسٽس گهٽوئي چاهيو ته درين جا فلئپر هيٺ ڪيا وڃن ته اونده ٿئي ۽ هرڪو جيڪو جت اهو تت ٿي وڃي. پر رکي رکي ڪنهن نه ڪنهن پنهنجي دريءَ جو پڙدو ريڙهي ٻاهر ڏٺو ٿي ۽ سڄي جهاز ۾ تکي روشني چانئجي وئي ٿي. جن جي اک لڳل هئي. اهي به اکيون مهٽي سجاڳ ٿي ويا ٿي ۽ پوءِ ٽنگ ڊگهي ڪرڻ لاءِ مسافرن جي ڪاڪوس ڏي، پئنٽريءَ ڏي يا ٿلهي هيڏانهن هوڏانهن. اچ وڃ، اٺ ويهه لڳي رهي ٿي. شربت پيئڻ بعد مون هڪ دفعو ڪافيءَ لاءِ پڻ ايئرهوسٽس کي چيو. مون سمجهيو ته PIA جو ڪئبن عملو ايترو نخرو نه ڪٽندو. پر تعجب جي ڳالهه آهي ته استيورڊ منهن ۾ بنا ڪنهن گهنج وجهڻ جي چيو:

"توهان هلي ويهو ته ائيرهوسٽس هٿان موڪليان ٿو."

ٿوري دير بعد ايئر هوسٽس ڪئپٽن سليم ۽ مون لاءِ پلاسٽڪ جي شربت وارن گلاسن ۾ ڪافي ڪٽي آئي. شايد اهو ان ڪري جيئن ٻين مسافرن کي خبر نه پوي ته هاڻ ڪافيءَ جو دور به شروع ٿي ويو آهي. جو پوءِ ضرورت نه هوندي به هرڪو وري ڪافيءَ لاءِ گهر گهر ڪري ها. اهو بلڪل ائين آهي جيئن ڪنهن محفل ۾ ڪو ڄٽو پاٽيءَ جي گهر ڪندو آهي ته ان بعد سڀ شروع ٿي ويندا آهن ۽ پيارڻ وارو به رڪعتون نفل ثواب تان به هٿ ڪٽي ڇڏيندو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اڄڪلھ مڙيئي هوائي ڪمپنيون ايڏيون تہ ڪنجوس ٿي ويون آهن جو جهاز ۾ ويهڻ بعد فقط پھريون گلاس شربت يا چانھ ڪافيءَ جو مفت ۾ پيارين ٿيون. ان بعد ڪو وسڪي پئي يا ڪوڪاڪولا، بيئر پيئي يا نلڪو نل جو پاڻي، پھرين ميدان تي پئسا رکي پوءِ ڳالھ ڪري وارو حساب آهي. ان خيالن کان ٻي آءَ اي جو اهو پڻ اجر جو ڪم سمجھڻ کپي. سندس هڪ ٻي نيڪي پڻ ياد رکڻ ضروري آهي ۽ ڏينھن قيامت تي ان جو پڻ ٻي آءِ اي کي اجورو ملڻ کپي. اها تہ ڪوپن هيگن ۾ لهڻ وقت ايئرهوسٽس وڏو لفافو کڻنين ۽ چونٽرن جو لڪائي هڪ مونکي ڏنو ۽ هڪ ڪئپٽن سليم کي ۽ هڪ وڏي پلاسٽڪ واري ڪوڪا ڪولا جي بوتل ۽ هڪ آب حيات نالي پاڻيءَ جي بوتل پڻ اسان کي ڏني. ان وقت اسان کي انھن شين جي قدر نہ ٿيو پر پوءِ ڪوپن هيگن ايئرپورٽ تي جڏهن مالمو هلڻ لاءِ هوور ڪرافٽ جو ٽي ڪلاڪ انتظار ڪيوسين ۽ يورپ جي سيءَ چتي بک جو احساس ڏياريو ۽ پيٽ ۾ ڪوئا ڊوڙڻ لڳا ۽ ساڳي وقت سامھون ڪئنٽين ۾ وڪامندڙ چانھ بسڪٽن جا آسمان سان ڳالھيون ڪندڙ اگھ پڙهياسين تہ لفافا کولي اهي گانئيا بسڪيٽ خوب مزي سان ڪاڌاسين ۽ ڪوڪا ڪولا پيتيسين. باقي بچيل مال مالمو پھچي پنھنجن پراڻن پاڪستاني ساٿين: حميد قاضي، احمد ڪمال علوي ۽ ڪئپٽن عاشق خان کي تبرڪ طور ڏنوسين. اهي ٽئي ڄڻا گذريل سال هتي سئيڊن آيا هئا ۽ اجا هڪ سال مالمو (سئيڊن) ۾ رهڻو اٿن.

عبدالحميد قاضي مون وانگر شروع کان PNSC ۾ جهازن جو چيف انجنيئر آهي. پاڻ جائو ۽ پليو نپنو ڪراچيءَ ۾، سندس اصل ڳوٺ سجاول آهي. پاڻ مرحوم قاضي عبدالڪريم جو وڏو فرزند آهي. سندس ڏاڏو قاضي فقير محمد انگريزن جي ڏينھن ۾ بولٽن مارڪيٽ ۾ هيلٿ انسپيڪٽر هو. سندس چاچو قاضي عبدالعزيز پڻ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ آخر تائين هيلٿ انسپيڪٽر ٿي رهيو. سندس پڦيون حيدرآباد ۾ رهيون، ۽ هڪ، مرحوم ڊاڪٽر عبدالعزيز جي گھر واري هئي ۽ ٻي، مرحوم آخوند فتح محمد جي، حميد قاضيءَ جا ناناڻا بروهي آهن ۽ سندس والده ۽ مشھور وڪيل اي ڪي. بروهيءَ جي زال سوٽ ٿين.

قاضي حميد سان ڪڏهن بہ هڪ جهاز تي سفر ڪرڻ جو موقعو نہ مليو. البت چيف انجنيئر جو امتحان ڏيڻ وقت هڪ ئي گھر مسواڙ تي وٺي پڙهائي ڪئي هئيسين.ان بعد

اسان هميشه مختلف جهازن ۽ بندرگاهن ۾ رهيا سين.

احمد ڪمال علوي پورٽ قاسم ۾ ڪم ڪري ٿو. جامعه ڪاليج ملير مان 1963ع ۾ انٽر ڪرڻ بعد هو پڻ مون وانگر مئرين اڪيڊمي چٽگانگ ۾ آيو هو ۽ اسان ٻئي ڪلاس ميٽ هئاسين. مئرين انجنيئرنگ جو پنجن سالن جوڪورس پورو ڪرڻ بعد آئون PNSC جهازران ڪمپنيءَ ۾ آيس جيڪا انهن ڏينهن ۾ NSC جي نالي سان سڏبي هئي. ڪمال علوي ڪواسجي سيٺ جي خانگي جهازران ڪمپني ”پاڪستان شپنگ لائين“ ۾ ويو. انهن کي ”باغ ڍاڪا“ ۽ ”باغ ڪراچي“ نالي به جهاز هئا. بعد ۾ سيئي جهاز هڪ ئي قومي ڪمپني ۾ ملايا ويا. جيڪا اڄ ڏينهن تائين پاڪستان نئشنل شپنگ ڪارپوريشن جي نالي سان سڏجي ٿي.

اسان ڪڏهن ڪنهن جهاز تي ته ڪڏهن ڪنهن جهاز تي نوڪري ڪري، Sea – Time پورو ڪيوسين. مقرر مدي تي M.O.T جا امتحان ڏيئي جهاز جي آخري انجنيئري رئنڪ چيف انجنيئري تائين پهتاسين. ڪجهه سال ان آخري رئنڪ تي Sail ڪرڻ بعد ڪناري جي نوڪري (Shore – job) لاءِ هٿ پير هنيوسين. علوي استعيفي ڏيئي هڪ ٻن ٻين ڪلاس ميٽن سان گڏ جهازن جي مرمت لاءِ پنهنجو پرائيويٽ ورڪشاپ کوليو. هونه فقط پڙهائيءَ جي ڏينهن ۾ هوشيار ۽ محنتي هو پر جهاز تي پڻ سندس چاهه ۽ پيار مشينري ۽ پڙهائيءَ سان پختو رهيو. ڪنهن سنئين سبتي ملڪ ۾ هجي ها ته محنت، ايمانداري ۽ ذهانت ڪري اڄ هو هڪ وڏي شپ يارڊ يا جهازن جي مرمت ڪندڙ ورڪشاپ جو باس هجي ها ۽ نه فقط سوين هزارين ملڪ جا ماڻهو هن جي ورڪشاپ ۾ ڪم ڪري روزگار کي لڳا رهن ها پر ساڳئي وقت غير ملڪي جهازن جي مرمت ڪري ملڪ لاءِ غير ملڪي ناڻو ڪمائي ڏئي ها. پر افسوس جو هونه اٽڪل بازين کان واقف آهي ۽ نه رشوت ۽ حصا پتيون ڏيئي ڪم اڪلائڻ جو هنر ڄاڻي ٿو. سندس فقط ۽ فقط ٽيڪنيڪل ڄاڻ ڪسٽم، بندرگاهه جي استادن، پوليس ۽ غنڊن جي اجائي گُهر گهر اڳيان ساهه پٽي نه سگهي. ابتا سبتا قاعدا قانون ڪيس ڪم ۾ رنڊڪون وجهڻ لڳا. هو جهاز جي ته هر مشين ناهي ان کي Grease _ Up ڪري سگهي ٿي پر واسطيدار عملدارن جي هٿن کي گريز نه لڳائي سگهيو. ٻين لفظن ۾ هو ڏنو پٽ چٽي جو ذات جو آسودو ٿي نه سگهيو. هن کي پنهنجو خانگي دڪان سگهوئي بند ڪرڻو پيو. ويتر چڙهي ويل قرض کي موٽائڻ لاءِ سرڪار يا ڪنهن سيٺ جي نوڪريءَ لاءِ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هٿ پير هٽڪو پيو. پار وڏا ٿيڻ ڪري انهن جي تعليم جو مسئلو پڻ سامهون هوس، نيٺ پورٽ قاسم ۾ نوڪريءَ ملي ويس. ۽ اها عام ڳالهه آهي تہ اسان وٽ سرڪاري ۽ ان قسم جي نوڪريءَ ۾ مر گوڏا چٽي ويندي آهي. قابليت ۽ ذات چنجهي ٿي ويندي آهي. سيٺ يا اعليٰ عملدار جي مقرر ڪيل هڪ دائري ۾ ڪم ڪرڻ ڪري ماٺهو گهٽ، چاڪيءَ جو ڍڳو وڏيڪ ٿي ويندو آهي. ڪابہ Creative شيءِ پيدا نہ ڪري سگهبي آهي. هتان سئيڊن مان M.sc ڪرڻ بعد هڪ دفعو وري هن کي ساڳي ئي گهاٽي ۾ وجي جنٽو آهي.

چٽگانگ مان مئرين انجنيئرنگ جي بنيادي تعليم گڏ حاصل ڪرڻ بعد، هاڻ پنجويهہ سالن بعد علويءَ سان گڏ رهڻ جو موقعو مليو آهي. وچ ۾ بہ چار دفعا ڪڏهن ڪنهن ملڪ جي بندرگاهہ ۾ يا ڏيهي بندرگاهہ ڪراچيءَ ۾ ڪنهن دعوت يا ميٽنگ ۾ ملاقات ضرور ٿي هوندي پر هينئن نہ جيئن هاڻ هڪ ئي هاسٽل ۾ رهيل آهيون. هڪ ئي يونيورسٽيءَ ۾ روز ملاقات ٿئي ٿي. ساڳي ميس ۾ گڏ ماني کائون ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ساڳي بس ۾ يونيورسٽي اچڻ وڃڻ ٿئي ٿو.

اهڙي طرح هن يونيورسٽيءَ ۾ اسان کان هڪ سال اڳ آيل، ٽيون همراهہ ڪئپٽن عاشق خان آهي. ڪئپٽن عاشق اسان واري ساڳي جهازران ڪمپنيPNSC ۾ ملازم آهي. اسان کان ڪجهہ ننڍو آهي ۽ آفيس ۾ ڪم ڪرڻ بدران اجا تائين هو جهازن تي Sail ڪري ٿو. هن يونيورسٽيءَ مان ايم ايس سي ڪرڻ بعد ضرور هن کي ڪو آفيس جوڪم ڏنو ويندو. خاص ڪري چارٽرنگ جو ان ئي موضوع تي هو ٿيسز پڻ لکي رهيو آهي.

# مالمو ۽ ڪوپن هيگن ڪياماڙي ۽ منهوڙي جيان آهي

سئيڊن جي شهر مالمو ۾ اچڻ لاءِ هئڻ تہ ائين ڪپي تہ اسٽاڪ هوم اچي پوءِ مالمو روانو ٿجي. جو اسٽاڪ هوم سئيڊن جي گاديءَ جو هنڌ ۽ بين الاقوامي هوائي اڏو آهي. پر جيڪي بہ مالمو ويا آهن اهي اهوئي ٻڌائيندا تہ هو اسٽاڪ هوم وڃڻ بدران ڊئنمارڪ جي گاديءَ واري شهر ڪوپن هيگن وڃي اتان پوءِ مالمو (سئيڊن) ويا. نقشي ڏسڻ بنا آئون پڻ اهوئي سوچيندو هوس تہ هڪ ملڪ ڊئنمارڪ جي گاديءَ جي هنڌ ڪوپن هيگن جو ٻئي ملڪ سئيڊن جي ننڍڙي شهر مالمو سان ڪهڙو واسطو آهي.

۽ هاڻ مالمو اچڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ نقشي تي غور سان ڏٺم تہ معلوم ٿيو تہ سئيڊن جي گاديءَ واري شهر اسٽاڪ هوم ۽ مالمو جي جاگرافيائي بيهڪ پاڪستان وانگر آهي. اسٽاڪ هوم پاڪستان جي گادي واري شهر اسلام آباد وانگر آهي تہ مالمو ۾ ڪراچي وانگر ڏکڻ ڪنڊ ۾ آهي. ڊئنمارڪ ملڪ جو هڪ ننڍڙو ٻيٽ جنهن تي ڪوپن هيگن آهي، اهو ٻيٽ مالمو جي بلڪل ويجهو ائين آهي جيئن منهوڙو ٻيٽ ڪياماڙي جي ويجهو آهي، جيڪڏهن منهوڙي تي هوائي اڏو هجي ها تہ ڪياماڙي وڃڻ لاءِ ڪهڙو فارينر اسلام آباد جي هوائي اڏي تي لهي پوءِ اتان ريل، ڪار يا ڪنهن ٻئي جهاز ذريعي ڪراچي پهچي پوءِ ٽانگي ۾ ڪياماڙيءَ اچي ها؟ هو منهوڙي لهي پوءِ ٻيڙيءَ رستي ڪياماڙيءَ وڃڻ پسند ڪري ها. پوءِ چاهي منهوڙو ساڳي ملڪ جو حصو هجي يا ڌارئين جو. ساڳيو حال مالمو جو آهي جتي وڃڻ لاءِ ڌاريان ماڻهو ڪوپن هيگن جي هوائي اڏي تي لهي پوءِ اتان هلندڙ ٻيڙيءَ ذريعي مالمو پهچن ٿا.

مالمو سئيڊن جو ٽيون نمبر وڏو شهر آهي. دنيا جون وڏيون سب مئرين ٺاهيندڙ ڪوڪم نالي شپ يارڊ کان وٺي باغن، تواريخي جاين ۽ عجائب گهرن کان مشهور آهي. ڪوپن هيگن ايندڙ ڌاريون ماڻهو سئيڊن جو هي شهر مالمو پڻ ڏسڻ لاءِ اچي ٿو. هو اهوئي سوچي ٿو تہ اڌ ڪلاڪ جو ٻيو سفر ڪري مالمو جو بہ چڪر ڏيندو وڃجي جيئن قسم ڪٽڻ جهڙو ٿجي تہ

سئيڊن ۾ ڏنوسين. ۽ ان ڪم ۾ ڊئنمارڪ جي حڪومت به مدد ڪري ٿي.اڄ وچ لاءِ ڊئنمارڪ ۽ سئيڊن وارن جو ن ڪيترين ئي موٽر لانچون، فيريون ۽ هوور ڪرافٽ اڌ اڌ ڪلاڪ بعد ڪوپن هيگن ۽ مالمو جي وچ ۾ هلن ٿا. ۽ انهن تي نه فقط ماڻهو پر موٽر لاريون پڻ هڪ کان ٻئي شهر تائين وڃن ٿيون. اونهاري جي موسم ۾ جڏهن سيءُ گهٽ ٿئي ٿو ۽ هرڪو ماڻهو گهر کان ٻاهر نڪري گهمڻ ڦرڻ چاهي ٿو ته اهي ساموندي ٻيڙا پورا نه پوندا آهن ۽ پوءِ پولينڊ جا پولش مهاڻا به پنهنجون ٻيڙيون ڪٽي اچي مسافر ڍوئيندا آهن. مٿيون ٻيڙيون: لانچون، فيرون، هوور ڪرافٽ وغيره هڪ قسم جا ننڍا ۽ آرام ده جهاز سمجهڻ کپن جن ۾ سؤ سوا سؤ مسافرن جو ويهي سگهي ٿو ۽ ڪنهن ڪنهن فيريءَ تي ته هڪ ئي وقت پنجاهه کان سؤ کن ڪارون به ويهي سگهن ٿيون. ڪن وڏين فيرن تي سڄي ريل گاڏي سمنڊ اڪري ٻئي طرف پهچي ٿي.

اسان جو ڪوپن هيگن کان مالمو تائين هوور ڪرافٽ جو سفر ان پي آءِ اي جي ٽڪيٽ ۾ شامل هو جيڪا ڪراچيءَ مان ورتي هئيسين. هوور ڪرافٽ جي ٽڪيٽ عام جهاز يا فيريءَ کان هميشه مٿي ٿئي ٿي. پر ڪراچيءَ کان مالمو تائين پي آءِ اي وارا ذري گهٽ ايترو ئي ڀاڙو وٺن ٿا جيترو ڪراچيءَ کان ڪوپن هيگن تائين. خبر ناهي SAS هوائي ڪمپني جنهن جا هي هوور ڪرافٽ هلن ٿا، ڪي پي آءِ اي جا مسافر ڍوئڻ لاءِ پي آءِ اي هوائي ڪمپني ڇا حصو ڏئي ٿي. سندن مٿي جو سور.

هونءَ هن پاسي جا ماڻهو ڪوپن هيگن ۽ مالمو جي وچ وارو بالٽڪ سمنڊ هوور ڪرافٽ کان وڌيڪ عام فيرين ۾ اُڪرن ٿا جو هوور ڪرافٽ جو ان ننڍڙي سفر لاءِ ڀاڙو تمام ڳرو رکيل آهي. چار سؤ کن ڪرونا ــ يعني ڏيڍ هزار رپيه کن. ان جي مقابلي ۾ عام فيري چاليهه ڪرونا وٺي ٿي ۽ پولش بادشاهه ان سمنڊ ٽپائڻ جا فقط ڏهه ڪرونا وٺن. اها ٻي ڳالهه آهي ته هوور ڪرافٽ سڀ ۾ تکو آهي ۽ اڌ ڪلاڪ وٺي ٿو. پر ٻاڙ ڪي ٽائيم جو ڪهڙو فڪر آهي، اسان ايشيائي رهاڪن وٽ اهائي ته شيءِ گهڻي مقدار ۾ آهي. يلي اڌ ڪلاڪ بدران ڪلاڪ ڏيڍ سمنڊ تي جهاز ۾ چڪر لڳي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# عقل وڏو يا پاڏو؟

هڪ جهاز ڪمپنيءَ جي ايڪانامسٽ ڪان پڇيم تہ ”اهي پولش درويش جيڪي پڳ پڏي، پنهنجا جهاز پولينڊ ڪان ڪاهي هتي پراين ملڪن ۾ اچيو ٿا هلائين، اهي تہ ان ايتري گهٽ پاڙي مان تيل جا پئسا بہ نہ ڪيڏي سگهندا هوندا؟“

هن ڪلندي وراڻيو:

”پوليش همراهن ڪي اهڙو بيوقوف بہ نہ سمجهجهانءِ. هو ٽڪيٽ مان سو ننا ڪمائين. باقي جهاز تي شراب، سگريٽ، عطر ۽ چاڪليٽن جهڙيون شيون وڪڻي پئسو ڪيڍيو وٺن.“

سئيڊن، ڊئنمارڪ ۽ ٻين اسڪينڊينيوين ملڪن پاسي کاڌي پيتي جي هر شيءِ بيحد مهنگي آهي. سو پولش جهازن جا مالڪ ڳري اگهہ تي شيون وڪڻن تہ بہ سئيڊن وارن کي اهي شيون سستيون لڳن ۽ خوب خريداري ڪن.

هنن ملڪن جي مهنگائيءَ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. هتي هر شيءِ جو اگهہ چوٽ تي آهي. ويندي ڊئنمارڪ جا ٿهيل بسڪيٽ، مکڻ، پائوڊر وارو کير، جيڪو اسان وٽ پاڪستان، بنگلاديش، ملائيشيا، ٿائليند ۾ تہ سستو ملي ٿو پر هتي اهو ٽيڻ چوڻ تي آهي. ڪمال علوي تہ پائوڊر مِلڪ ۽ بسڪيٽ بہ پاڪستان ڪان وٺي آيو آهي. جيتوڻيڪ جپان بہ مهنگو ملڪ آهي پر هنن ملڪن ۾ تہ باهہ پئي پري. ڊبل روٽي جيڪا اسان وٽ هاڻ ٻارهن رپئي تي آهي اها هتي 80 رپئي آهي. چانهہ جي پتيءَ جون پنجاهہ ٿيلهيون ٽي سؤ رپيہ. پارڪر مس جيڪا اسان وٽ ڏهين پنڌرهين رپئي هوندي اها هتي 30 ڪرونا آهي يعني ڏيڍ سؤ رپئي. اسد عابد قاضي ۽ فقير محمد لاشاري نوٽ فرمائين جن جي اخبارن ۾ شايد هي مضمون ڇپجن. ڪنهن سچ چيو تہ اخبار جا پبلشر، اسان سنڌي اديبن کي گهٽ ۾ گهٽ مس پني ۽ ٽپال جو خرچ تہ ڏين.

ٻيو تہ ٺهيو پر ٻوهي مڱن، ٻيضن، ڪنڊ، صابڻ جا اگهہ بہ آسمان سان پيا ڳالهيون ڪن. ويندي بصر، گجر ۽ پٽاٽا بہ ائين وڪامن ٿا جيئن پاڻ وٽ ڪابل قنڌار ڪان آيل پستا، بادام ۽ نيزا. هتي جا ماڻهو جن جا وڏا پگهار آهن اهي بہ مهنگائيءَ جون دانهون ڪن ٿا. اسان تہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٽياسين پرائي خيرات (اسڪالر) تي پڙهڻ وارا ختابي شاگرد. پر گهٽ ۾ گهٽ اسان کي اهو ته آسرو آهي ته هڪ ڏينهن پنهنجي ملڪ موٽنداسين. جتي اجا به ايڏي مهنگائي نه ٿي آهي ۽ رپئي ۾ نان مليو وڃي.

سچ پچ ته ڪاڏي جي معاملي ۾ ڪڏهن ڪڏهن هتي جي ماڻهن جي غربت جو احساس ٿئي ٿو جن وٽ جهاز ۾ Volvo ڪارون ته ضرور نهن ٿيون پر سخت سيءُ ۾ جابلو علائقو هجڻ ڪري اناج نٿو ٿئي ۽ اسان جهڙن ملڪن تي ياڙين ٿا. پر هو چا چوندا آهن ته عقل وڏو يا پاڏو. اهو حساب آهي. هنن ملڪن جا ماڻهو مشينري، ٽيڪنالاجي ۽ هنر ۾ اسان کان زور آهن. ٻين لفظن ۾ اسان کان عقل ۾ مٿاهان آهن. تڏهن ته اسان کان ئي ڪٽڪ وٺي ان مان اعليٰ کان اعليٰ بسڪيٽ ٺاهي اسان کي ئي وڪڻي پئسو ٺاهين ٿا. ڌاڳو ۽ سُٽ وٺي ڪپڙو ٺاهي اسان کي مختلف برانڊن ۽ نالن ۾ وڪڻن ٿا. يعني اسان جي شيءِ اسان کي وڪڻي پاڻ ڪمائين ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سمنڊ ۾ ٻڏي مرڻ پوءِ جي ڳالهه آهي

وڏي سفر تي پي آءِ اي وارايا ٻيون هوائي ڪمپنيون هڪ يا ٻه فلمون ضرور ڏيکارين ٿيون. ڪراچيءَ کان ڪوپن هيگن ايندي وقت اسان کي ٻه هڪ انگريزي فلم ڏيکاريائون. هنن جهازن ۾ پنج ڇهه قطارن بعد هڪ ٽي وي لڳل ٿئي ٿي. ائين سڄي جهاز ۾ ست اٺ ڪن ٽي وي ٿيون ٿيون ۽ هر هڪ کي پنهنجي سيٽ تي ويٺي ويٺي ڪانهه ڪا ٽي وي چٽيءَ طرح نظر اچي ٿي. منجهس آواز نه هوندو. آواز لاءِ هرڪو پنهنجا Ear Phone استعمال ڪري سگهي ٿو جيڪي جهاز هلڻ سان ايئرهوسٽس سيني کي ورهائي ڏئي ٿي ۽ سيٽ جي هٿي ۾ لڳل آواز جي سئچ کي ڦيرائي آواز گهٽائي وڌائي سگهجي ٿو. فلم کان علاوه ڪيترا ڪارٽون به رکي رکي ڏيکاريندا رهيا جيڪي ٻار توڙي وڏا ڏسي مرڪندا رهيا ٿي. هڪ اڌ ڪلاڪ ڪن ڳانن جي ڪئسيٽ پڻ هلائي وئي. هي ڳانن يا راڳن جي ڪئسيٽ پي آءِ اي وارن پاڪستان ٽي وي وارن جي مدد ۽ صلاح سان ٺاهرائي آهي ۽ پي آءِ اي جي هر جهاز ۾ گذريل ٽن سالن کان ڏيکاريندا اچن. اها ڪئسيٽ جيئن ئي ٺهي هئي ته مون ڪوالالمپور ۾ هڪ پاڪستانيءَ جي گهر ڏٺي هئي. مون سان گڏ ٻيا به پاڪستاني هئا. هونءَ ملڪ کان گهڻو وقت پري رهڻ بعد ملڪ جي خراب شيءِ به وڻندي پئي آهي. پر اها ڪئسيٽ ان وقت به ڪنهن کي پسند نه آئي هئي. ان وقت مونکي اهوئي گمان هو ته اها ڪئسيٽ ڊوميسٽڪ فلائيٽ ۾ ڏيکاري ويندي ۽ سکر کان ڪراچي يا نوابشاهه کان حيدرآباد ايندي ويندي اسان جا يار اقبال جماٽي، عاشق حسين شاهه ۽ نول راءِ اوڏ جهڙائي ٻڌاندا ۽ ڏسندا.

عابدا پروين سني ڳائٽي آهي. تمام سني اڙدو، سنڌي، سرائڪي ۽ شايد پنجابيءَ جا به ڳانا، راڳ، گيت، ڪافيون، ڏوهيڙا تمام سني نموني ڳايا اٿس. پر ضروري ناهي ته ڪنهن ڳائٽي جو هرهڪ ڳانو Hit هجي. هن پي آءِ اي واري ڪئسيٽ ۾ ٻين ڳائڻن سان گڏ سنڌس چونديل ڏکهو راڳ به اهڙو ئي مٿي جو سور آهي ۽ بقول اسان جي چرچائي دوست اقبال ترڪ جي، عابده پروين جهڙي راڳ جي راڻيءَ کان بهتر آهي ته ڪنهن راڳ جي ٻنگياٽيءَ جو ڳانو ڏجي پر ڪو سريلو ته ڏجي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بهرحال اهي تہ ٿيا زبان جي ڄاڻن ۽ نيم ڪلاسيڪي ۽ ميوزڪ کي پسند ڪرڻ وارن جا حال خيال. هاڻ جڏهن وري هن ڪراچي کان ڪوپن هيگن فلائيٽ ۾ پي آءِ اي وارن اها ڪئسيٽ هلائي تہ مون کان رهيو نہ ٿيو. ۽ اتي ويٺي چوڌاري نهارڪيم تہ عابده پروين پٽل ماري جيڪو انءِ انءِ انءِ ڪري پلٽي هٽي رهي آهي اهي ڪنهن لاءِ. سڄي جهاز ۾ ڪئپٽن سليم قاسم ۽ منهنجي علاوه ڪو ٻيو پاڪستاني ئي ڪونہ هو. اسان کان سواءِ باقي ويٺل ٻہ سؤ کن مسافر وچ يورپ جا هئا. يا نارڊڪ ملڪن: ناروي، ڊئنمارڪ، سئيڊن وغيره جا هئا. ”۽ جڏهن اسان ئي بور ٿي رهيا آهيون تہ هنن يورپي مسافرن جو ڇا حشر هوند.“ مون دل ئي دل ۾ سوچيو.

دراصل اهي ئي ڳالهيون آهن جن ۾ انڊيا پاڪستان کان زور ٿيو وڃي. ان جاءِ تي انڊيا وارن جو هوائي جهاز هجي ها ۽ هو پنهنجي ملڪ جا ڳائڻا آڻين ها تہ ڪي اهڙا راڳ چونڊين ها جن جا ساز ۽ آواز مغربي طرز جا هجن ها ۽ ڳائڻا / ڳائڻيون پٽل ماري اجرڪ ويڙهي ڳائڻ بدران انهن جون نوجوان ۽ سهڻيون ڇوڪريون اڌ اوگهڙ ۾ يا جهرڪندڙ وڳن ۾ ڊانس ڪندي ڳائين ها. جهاز ۾ ويٺل سڀ مسافر مرد توڙي عورتون، ايشيائي توڙي يورپي ويندي ملان مولوي سڀ ڪجهہ ڇڏي پنهنجيون اکيون ۽ ڪن تي ويءَ حوالي ڪن ها. پر هاڻ رڳو منهنجي اڳيان ويٺل هڪ پوڙهو نارويجين همراهہ عابده پروين کي تعجب سان ڏسندو رهيو.

تعجب جي اها ڳالهہ آهي تہ هونءَ اسان وٽ ويندي ڇمپڙ تلهار ٻيرلوءِ، ڇاڇري، مٺي، ڏيپلي جهڙن ڳوٺن ۾ بہ انڊين ۽ انگريزي اڌ اگهاڙين فلمن جا ڪئسيٽ عام جام پيا هلن پر هتي پي آءِ اي وارن کي هرويرو مسافرن جي هئي دل ڪٽي ڪرڻي يا شايد اهو ٿيو ڏيک ڏيڻو تہ اسان جو ملڪ مسلمانن جو ملڪ آهي جنهن ۾ ناچ نچڪي ۽ جهمر جهمڪي تي بندش آهي. يا تہ شايد يورپين کي مسلمان بنائڻ جي نيت سان عابده پروين کي مولوي بنائي ويهاري ويو هو. اسين پاڪستاني خبر ناهي ڪڏهن حقيقت پسند ٿينداسين.

سلميٰ آغا جڏهن اڃا جهازن جي مالڪ سپيرا صاحب جي مڱيندي هئي تہ هڪ دفعو ڪراچي جي ٽي وي بابت شڪايت ڪندي چيائين:

”جنهن نموني سان هو چاهين ٿا، ائين ڳائڻ سان ماڻهو نہ اسان فنڪارن کي ڏسڻ پسند ڪندا ۽ نہ ٻڌڻ.“

ظاهر آهي تہ اها ٽي وي جنهن تان ويندي اکين جا اشارا ڪري ڳائڻ تي بہ اعتراض ورتو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وجي تہ پوءِ اهڙي پابند نموني ڳائڻ سان هڪ چڱي خاصي سهٽي ڳاٽي بہ مٿي جو سور بنجيو پوي ۽ تي وي ڏسندڙ ان جي سئچ ايجاد ڪندڙ کي دعائون ڏين تا جنهن کي دٻائڻ سان ٽي ويءَ کان نجات مليو وڃي.

راڳن جي انهيءَ سڄي ڪئسٽ ۾ بهرحال ڪا سٺي شيءِ هئي تہ اها مسرت نذير هئي ـ سندس ڳانو توڙي ڳائڻ جو اسٽائيل! پيريءَ ۾ هيءَ چڱا رنگ ڪڍي رهي آهي. سندس ڳانو خبر ناهي ٻين کي وڻيو يا نہ. پر مون کي وڻيو ۽ تمام گهڻو وڻيو. سندس ڳاني جا ٻول اڃا تائين دماغ ۾ ٻُري رهيا آهن:

چلي تو ڪٽ هي جائي گا سفر__ آهستہ آهستہ.

هم اسڪي پاس جاتي تهي مگر__ آهستہ آهستہ.

ابهي تارون سي کهيلو چاند کي ڪرنون سي اتلاؤ

ملي گي اسڪي چهري کي سحر__ آهستہ آهستہ

ان ڳاني جي چونڊ ۽ پيش ڪرڻ لاءِ PIA کي Credit ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو. پي آءِ اي وارا مڙيئي ڪو هڪ اڌ اهڙو ثواب جو ڪم ڪريو ڇڏين. جو ان ۾ سندن باقي ڏوهہ گناهہ ڌوپجو وڃن. PIA وارن جي هڪ ٻي بہ سٺي ڳالهہ جيڪا شايد ٻي ڪا ايئر لائين نہ بہ ڪندي هجي. اها هيءَ تہ مسافرن جي دلچسپيءَ لاءِ رکي رکي ٽي ويءَ جي اسڪرين تي جهاز جي پوزيشن (تہ ڪهڙي ملڪ مٿان اڏامي رهيو آهي) رفتار، بلندي ۽ ٻاهر جي ٽيمپريچر جا انگ اکر پڻ ڏنائون ٿي. هوائي جهاز کان ٻاهر جي ٽيمپريچر (ٿڌ) جو سوچي عجيب لڳو ٿي. ڪاٽو چاليهہ پنجيتاليهہ ڊگريون سردي! ڇا تہ ٿڌ هوندي ٻاهر. ڪاٽو چار (4O0C_) تائين تہ پاڻي بہ برف ٿي وڃي ۽ ايڏي گهٽي ٿڌ ۾ تہ هوا ۾ موجود ڪاربن گئس بہ پاٽيٽ يا برف جي شڪل ۾ هوندي. ايڏي اتاهينءَ تي جهاز ڦاٽڻ تي مسافر ٿڌ وگهي ئي مري وڃي. زمين تي اچي ڦهڪو ڪرڻ يا سمنڊ ۾ ڪري ٻڏي مرڻ تہ ٿيون پوءِ جون ڳالهيون. هوائي جهاز ۾ سفر ڪرڻ وقت اهوئي سوچيندو آهيان تہ هيڏي وڏي آفت کي هيڏو مٿي وني وڃي اندر جو ٽيمپريچر ۽ پريشر اهوئي برقرار رکڻ (جنهن ۾ ماڻهو جڙ تہ زمين تي گهر ۾ پيو هلي)، ايئرو ڊائنامڪس ۽ Aviation جو ڪمال آهي. ۽ ان بلنديءَ تي بور ٿيندڙ مسافرن کي وڏيڪ بور ڪرڻ لاءِ عابده پروين کان ويهي پلتا هٽائڻ اهو PTV ۽ PIA جو ڪمال آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# فارينر جي کهڙي نانگ کاڌو آهي

ڪارٽونن، گانن ۽ فلم جي وچ وچ ۾، ذري ذري پيي آءِ اي وارن هڪ ٻيو نيڪ ڪم پڻ ڪيو ٿي.جتان جتان جهاز لنگهيو ٿي ته نقشي ۾ اهو هنڌ لڳاتار ڏيکاريائون ٿي ته آيا جهاز ماکيءَ جو مک وانگر سڌو وڃي پيو يا شطرنج جي گهوڙي وانگر منڍڪ منڍڪ ڪندو وڃي. ڪٿي موڙو ٿي ڪاڏائين ته اتي سڌي ليڪ پاسيري ٿي ٿي ويئي. مون سمجهيو ته جهاز ڪراچيءَ کان ڪوبن هيگن تائين هڪ سڌي ليڪ ۾ ويندو. پاڻيءَ جو جهاز هيڏانهن هوڏانهن تئي ٿوجو سامهون ٻيٽ يا ملڪ اچڻ ڪري هن کي رُخ بدلائڻو پوي ٿو. هوائي جهاز گهڻو وقت سڌو هلندو رهيو پر ڪٿي ڪٿي شايد هوا جي خراب رُخ کان بچڻ لاءِ يا ڪٿي ڪن ملڪن جي خاص هنڌن تان لنگهڻ جي موڪل نه هجڻ ڪري (جتي جنگي حالتون آهن) هن کي مڙڻو پيو ٿي ۽ سڌي ليڪ ڦڏي ٿي ويئي ٿي، ويندي ڪراچيءَ مٿان چڙهڻ بعد پهريون اڌ ڪلاڪ ڪن مڪران جي ڪناري جي سنوت ۾ ڏکڻ طرف هلندو رهيو. پوءِ مٿي اتر طرف رُخ رکي هڪ خاص هنڌ تان بارڊر ٽپي ايران جي ڌرتيءَ مٿان اڏامڻ لڳو. بهرحال اها شيءِ سيني کي معلومات توڙي وندر لاءِ وڻندي هوندي ته جهاز ڪهڙي ملڪ يا سمنڊ مٿان هلي رهيو آهي.

هڪ هنڌ موسم تمام صاف هجڻ ڪري هيٺ ڌرتي بلڪل چٽيءَ طرح نظر اچي رهي هئي ۽ اتي زمين جا چلا چلا نظر اچي رهيا هئا. وچ ۾ ننڍو چلو ان بعد ان جي چوڌاري وڏو چلو ۽ ان بعد اجا به وڏو. اهڙا انيڪ چلا نظر آيا ٿي. منهنجي پويان سئيڊش عورت اٿي بيهي، دريءَ مان ڪادير غور سان هيٺ نهاريو پوءِ مون کان پڇيو:

”اهي چلا چلا جا ٿي سگهن ٿا؟“

آئون ان وقت ڪو جواب ڏيئي نه سگهيس. پر پوءِ هڪدم ياد آيو ته اهي پڪ جبل هوندا. مئٽرڪ ۾ اسان جو هڪ سبجيڪٽ هوندو هو مئپ ريڊنگ. ان ۾ اسان جو ٽيچر _ ڪئپٽن عالم جان مسعود (هاڻ رٽائرڊ ليفٽيننٽ جنرل) جبلن لاءِ اهو نشان ياد ڪرائيندو هو. يعني مٿان ڏسڻ سان جبل ائين نظر ا يندا آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پنيان ويٺل عورت کي مون پنهنجو اندازو ٻڌايو.

”هائو“ هن واڻيو ”آئون بہ اهوئي سمجهان ٿي. جهاز پڪ ترڪيءَ مٿان آهي. طبريز (ايران) کان انقره (ترڪيءَ) تائين اهو سلسلو آهي.“

ايتري ۾ جهاز جي ٽي وي تي هلندڙ فلم جو هڪ حصو ختم ٿيو ۽ ٻيو شروع ٿيڻ کان اڳ وري نقشو ۽ ان مٿان اسان جي جهاز جي پوزيشن ڏيکاري ويئي تہ واقعي جهاز ترڪيءَ مٿان هو ۽ هاڻ اڳيان ڪاري سمنڊ ۽ رومانيا مٿان لنگهڻو هوس. مون هن اتر يورپ جي رهاڪو عورت جي جاگرافيائيءَ ڄاڻ کي داد ڏنو.

”ٽيچر آهيو؟“ مون پڇيومانس.

”نہ. هائوس وائيف آهيان ۽ پنهنجين ساهيڙين سان گڏ گهمڻ لاءِ نڪتي هيس.“

پاڻ ڪراچيءَ کان هن جهاز ۾ چڙهي هئي.

”پاڪستان ڪيئن لڳو؟“ مون پڇيو مانس.

”اسين هندستان ويون هيونسين. هتي رڳو جهاز بدلائڻ لاءِ ٻن ٽن ڪلاڪن لاءِ ائيرپورٽ تي لٿيون هيونسين. چو جو اسان جو سنگاپورايئرلائين جو جهاز جنهن ۾ بمبئيءَ کان چڙهيونسين اهو ڪراچيءَ بعد دبئي ۽ ان بعد جرمني وڃڻو هو. انڪري ڪراچيءَ ۾ لهي هن پي آءِ اي جي جهاز ذريعي سڌو ڪوپن هيگن وڃي رهيون آهيون.“

”اها ڳالهہ آهي.“ مون دل ۾ سوچيو. ڪراچيءَ جي رستن تي اڄڪلهہ ڪو فارينر نظر ئي نٿو اچي.

”آئي سارو پاڪستان بہ گهمي وڃو ها. ٻيو نہ تہ ڪراچي يا موهن جو دڙو. توهين هڪ ڏينهن ۾ گهمي سگهيون ٿي.“

مون ڪيس ائين چيو جڻ سندس معلومات ۾ اضافو ڪري رهيو هجان ۽ منهنجي ان سهٽي صلاح تي هوءَ افسوس ڪري چوندي تہ هن کان غلطي ٿي وئي. واقعي آئي سارو روشنين جو شهر ڪراچي ۽ انسان جي پنج هزار پراڻي تهذيب جو جيئرو ثبوت موهن جو دڙو جنهن تي اسان سنڌين کي ناز آهي، ڏسون ها. پر هن افسوس ڪرڻ بدران هڪدم چيو:

”رستي جو امن ۽ رهائش جي سلامتي ڪٿي آهي جو اهڙي پٽ تي وڃجي.“سندس آواز ۾ سخت ڪهراڻ هئي. هاڻ هن کي ڇا ويهي چوانس تہ سنڌ سلامتيءَ جو هندورو آهي. هن کي ڇا ويهي سنڌ جي صوفين ۽ موهن جي دڙي جي تهذيب بابت ٻڌايان. ڇا ويهي سبق ڏيانس تہ

سنڌي مهمان نواز آهن. سنڌي سٻاجها ۽ سدورا آهن.

منهنجي گهٽي Convince ڪرڻ تي وڏ ۾ وڏ هوءَ اهي خوبيون ماضي سان وابسته هجڻ جي ميجتا ڪري ها. انڌي ۽ ٻوڙي ته ڪانه هئي. دنيا جي ماڻهن وانگر هوءَ به اخبارون، ريڊيو، ٽي وي پڙهندي ۽ ڏسندي ٻڌندي هوندي. گذريل ڏهاڪو سالن ۾ دنيا جي ماڻهن جو جيڪو سنڌين لاءِ رويو ۽ رايو ٿيندو وڃي اهوئي هن جو به هوندو. سنڌي جيڪي وتن ڌاڙا ۽ ڪات هڻندا. سنڌي جيڪي وتن ڏورن وانگر ماڻهن کي اغوا ڪندا. نه ٿا ڇڏين ٻار نه عورتون. مسجدن مان ٻانگن ۽ تراويحون پڙهندڙ پوڙهن کي به ڪٽيو وڃن. سنڌ جي ڳوٺاڻن جو نصيب اڳهين ڇا هو؟ بيروزگاري، بيماري ۽ بيوسي. ان تي به سندن پنهنجا ئي سنڌ ي راڪيٽن ۽ ڪلاشنڪوفن سان حملا ڪري گهر ٻار ۽ ڳوٺ تباهه ڪيو وينا آهن. اتي هڪ فارينر کي کهڙي نانگ ڪاڏو آهي جو سيوهڻ ۾ اچي قلندر شهباز جي سلامي ڀري، سکر ۽ خيرپور اچي الور ۽ ڪوٽ ڏيجي جا قلعا ڏسي، موهن جو دڙو ۽ ڀنڀور ڏسي، دربيلو ۽ بکر ڏسي. سوچڻ جي ڳالهه آهي.

آئون ڪوپن هيگن تائين باقي سفر ماٺ ۾ ئي ويٺو رهيس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪوپن هيگن کان مالمو _ تائين جهازن جا ڪيئي قسم

جهازن جا ڪيترائي قسم آهن. ڪي هڪ ملڪ کان ٻئي تائين مسافر کڻي هلن ٿا جن کي پئسينجر جهاز سڏجي ٿو. مال برادر (ڪارگو) جهاز اهي آهن. جيڪي سامان ڍوئين ٿا. مختلف قسمن جي سامان مطابق مال برادر جهازن جا ڪيئي قسم آهن. جيڪي چانور، ڪڻڪ جهڙو اناج بنا ڳوٽين جي کڻن ٿا اهي Bulk Carrier سڏجن ٿا ۽ جيڪي پٿر لوهه وغيره کڻن ٿا اهي Ore Carrier سڏجن ٿا. تيل کڻندڙ جهازن کي Tanker سڏجي ٿو. جيئن اسان وٽ رڌ پچاءُ لاءِ گئس جا سلينڊر ٿين اهڙين ڪن جهاز تي تمام وڏا سلينڊر گئس ڍوئڻ لاءِ هوندا آهن. اهي جهاز Gas Carrier آهن ۽ Chemical Tanker ڪيميائي مال ڍوئن ٿا. ڪارون کڻڻ لاءِ وري مختلف جهاز ٿين ٿا جن جي پچ وٽ وڏو دروازو ٿئي جنهن ذريعي ڪارون جهاز تي چڙهن. ان ڪري اڄ جي شپ اونر کي جهاز خريد ڪرڻ کان اڳ اهو چڱي طرح سوچڻو پوي ٿو ته هن کي ڪڻڻ لاءِ ڪهڙو مال ملندو ۽ سندس جهاز کي ڪهڙن بندرگاهن ۾ وڃڻو پوندو.

مسافر جهازن ۾ ڪي وڏا ٿين ٿا، ڏورانهن ملڪن ڏي وڃن ٿا، ظاهر آهي گهڻن ڏينهن جي سفر ڪري انهن ۾ مسافرن جي سهوليت لاءِ ڪمرا، هوٽلون، دڪان، سئمنگ پول ۽ ٻيو سڀ آهي. جيئن راڻي ايلزبيٿ نالي جهاز جيڪو يورپ ۽ آمريڪا جي وچ ۾ هلي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ڏي به هلي ٿو. يا جيئن اسان جا پاڪستاني جهاز سفينہ عرب ۽ شمس آهن جيڪي حج جي سفر لاءِ مسافر کڻن ٿا.

انهن جهازن کان علاوه ٻيا مسافر جهاز ننڍي پنڌ تي هلن ٿا ۽ مسافرن سان گڏ سندن ڪارون موٽرون ۽ موٽر سائيڪلون پڻ کڻن ٿا. اهي جهاز فيريون سڏجن ٿيون ۽ هڪ ئي ملڪ جي ٻن بندرگاهن وچ ۾ هلن ٿيون جيئن ملائيشيا ۾ پينانگ ۽ ٻئروٽ جي وچ ۾ هلن ٿيون يا هانگ ڪانگ جي ٻيٽ وڪٽوريا ۽ ڪولون جي جي وچ ۾ هلن ٿيون. ۽ ٻيون فيريون ويجهن ويجهن ملڪن جي وچ ۾ هلن ٿيون. جيئن انگلينڊ ۽ فرانس جي وچ ۾. سئيڊن ۽

پولينڊ جي وچ ۾، جرمني ۽ هالينڊ جي وچ ۾ يا سئيڊن ۽ ڊئنمارڪ جي وچ ۾.

ان ڏينهن ڪارن جي چوريءَ جي اچي ڳالهه نڪتي. اسان پاڪستاني، ان چوريءَ جا ستايل، سئيڊن جي رهاڪو جوهر زمان کان پڇيو تہ آيا سئيڊن ۾ بہ ڪارن جي چوري ٿئي ٿي يا نہ.

”ابوهہ ڳالهہ نہ پڇو. اهو ڏينهن خالي ناهي جو سئيڊن ۾ ڪارن جي چوري نٿي ٿئي. پر اهو بہ شڪر آهي جو هتي جي پوليس ايڏي وٽ ونان ٿي ڪري جو اڌ کان وڌيڪ ڪارون جهليو وڃي.“

”ان معاملي ۾ اسان جي پوليس بيحد سڌي ۽ شريف آهي.“ مون چيومانس.

”ها. اهڙي سڌي جو ڪٽائي پاڻ ٿي.“ جوهر ڪلندي چيو. ”گذريل مهيني پاڪستان مائٽن سان ملڻ ويو هوس تہ سندن ڪار چوري ٿي وئي هئي.“

”پلا اهو تہ ٻڌاءِ“ مون پڇيومانس، ”سئيڊن جهڙي سڪئي ستابي ملڪ ۾، اهي ڪير آهن جيڪي چوري ڪن ٿا؟“

”ڪي تہ هتي جا نوجوان ڇوڪرا آهن جيڪي مستيءَ خاطر ڪارون ڪڻن ٿا ۽ چڪر هڻي پوءِ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڦٽو ڪريو وڃن ۽ ٻيا وڏا چور پولينڊ جا ماڻهو آهن. جيڪي هتان سئيڊن مان چوري ڪري فيريءَ ذريعي ان ئي وقت پنهنجي ملڪ پڄيو وڃن ۽ پوءِ هڪ دفعو ڪار پولينڊ پهتي تہ معنيٰ ڪراچيءَ جي شيرشاهہ ۾ پهتي. ڪلاڪ ٻن ۾ ئي سندس انجرپنجر ڌرا ڪري اسپيئر پارٽن جي مارڪيٽن ۾ هلايو ويندو اٿس.“

سو فيريءَ ذريعي نہ فقط مسافر پر ڪارون بہ ـ ويندي چوريءَ جون، هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين پيون پهچن.

فيريءَ کان علاوه پنجاهہ سٺ ماڻهو کڻي هلندڙ موٽر ٻوٽون ۽ لانچون آهن ۽ ڪافي سالن کان هن پاسي هوور ڪرافٽ پڻ مشهور ٿيندو وڃي. جيڪو پاڻيءَ جي جهاز ۽ هوائي جهاز جي وچ جي شيءِ سمجهيو وڃي ٿو. هوور ڪرافٽ پاڻيءَ جي ننڍي جهاز وانگر ٿئي ٿو ڪيس پاڻيءَ ۾ هلندڙ پنکي (Propeller) بدران هوائي جهاز وانگرجيٽ ٽربائين انجڻ ٿئي ٿي. اهي جيٽ هوا جي زور تي نہ فقط جهاز کي اڳيان ڌڪين پر هوا جو دٻاءُ جهاز هيٺان پڻ پيدا ڪن. جنهن ڪري جهاز فٽ ڏيڍ ڪن پاڻي يا زمين جي سطح کان مٿي ڪڇي ويندو آهي ۽ هي نہ فقط سمنڊ جي مٿان هلي ٿو پر سڌي پٽ تي پڻ هلي سگهي ٿو. سعودي عرب جي وارياسين

پٽن تي پڻ هلن ٿا ۽ ٻي ڳالهه ته هوور ڪرافٽ سمنڊ تي هلڻ بعد متي خشڪي تي چڙهي، ڪار لاريءَ وانگر پارڪ ٿي سگهي ٿو.

سمنڊ جي سطح کان مٿيرو هلڻ ڪري هن ۾ ساموندي جهاز وارا لوڏا به نٿا ٿين ۽ ٻين پاڻيءَ وارن جهازن کان تکو به هلي ٿو. ڇو جو پاڻيءَ ۾ هلندڙ جهاز هڪ رفتار کان متي تکو هلي نٿا سگهن. چاهي ڪيترو به پيٽرول ساڙي پروپيلر جي رفتار وڌائجي. پاڻيءَ جي جهاز ۾ انجڻ جي ڪٽي ڪهڙي به ڊزائين رکجي پر سندس رفتار پنجويهه ٽيهه ميلن کان متي نٿي وڌي. ان بعد پروپيلر وٽ ايتري ته خلا پيدا ٿيو پوي (جنهن کي Caviation سڏجي ٿو) جو پروپيلر جو اثر نٿو ٿئي. ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ هن قسم جو جهاز جواب آهي. جيڪو اهو خچر آهي جيڪو هوائي جهاز (گهوڙي) ۽ پاڻيءَ جي جهاز (گڏهه) جي وچ واري شيءِ آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڪاغذ تي ٽِل آهن

ان قسم جا هوور ڪرافٽ بہ فيرين وانگر سڄي يورپ توڙي جپان هانگ ڪانگ ۾ مشهور آهن. مالموءَ ڪوپن هيگن بندرگاهن جي وچ ۾ جيڪو بالٽڪ سمنڊ (Baltic Sea) جو حصو آهي اهو ٽپڻ ۾ عام فيريون يا لانچون ڪلاڪ سوا وٺن ٿيون. پر هوور ڪرافٽ ويهہ منٽ وٺي ٿو ۽ اتان هوائي اڏي تان ئي هوور ڪرافٽ جي سواري مليو وڃي. ڪوپن هيگن ايئرپورٽ کان مالمو پهچڻ لاءِ اسان هوور ڪرافٽ ۾ چڙهياسين. سندس اندر جو نمونو هوائي جهاز وانگر ٿئي ٿو. جهاز جي هلڻ سان سئيڊش هوسٽس ڇوڪرين هوائي جهاز وانگر اڳيان ٽيبل کولي ان تي چانهہ بسڪٽ Serve ڪرڻ شروع ڪيا. اهو سفر ايترو ننڍو ٿئي ٿو جو چانهہ پي بس ڪئيسين ۽ ڇوڪرين ٿانو کنيا تہ جهاز اچي مالمو بندرگاهہ ۾ لنگر انداز ٿيو. بلڪ لئنڊ ڪيو. بلڪ حقيقت اها آهي تہ سمنڊ ختم ٿيڻ بعد خشڪي مٿان اڏامي ڪسٽم هاؤس پرسان اچي پارڪ ٿيو ۽ اسان سامان جي چڪاس ۽ پاسپورٽ جي جانچ لاءِ قطار ۾ اچي ٻاهر بيناسين.

مون وٽ سئيڊن جي ويزا نہ هئي سو ڪوپن هيگن ۾ ئي مونکي اڳتي وڌڻ کان روڪي رهيا هئا. يعني سئيڊن وڃڻ بدران ٻي فلائيٽ ۾ واپس پاڪستان هليو وڃ. ڪراچيءَ ۾ وقت ٿورو هو ۽ اسلام آباد وڃي سئيڊن جي ايمرجنسي (سفارتخاني) مان پاسپورٽ تي ويزا جو ٺپو هڻائڻ بدران سڌو سئيڊن اچڻ لاءِ مونکي يونيورسٽي وارن لکيو هو. ڪئپٽن سليم جي چوڻ تہ گهٽ ۾ گهٽ اڳ تي چڪي هئي ۽ جيئن تہ هن پاڪستان مان ئي ويزا هٽائي ڇڏي هئي ان ڪري ان لاءِ اهو مسئلو نہ هو. پر چڱو جو مون وٽ ان Telex جي ڪاپي هئي جنهن ۾ يونيورسٽيءَ وارن مونکي اهو لکيو هو تہ جلدي هليو اچ ويزا جو سئيڊن ۾ بندوبست ڪرڻ لاءِ هو جوابدار آهن. بهرحال اها Telex ڏسي پوءِ مونکي اڳتي جي سفر جي موڪل ڏنائون. نہ تہ ٻي صورت ۾ يورپ جي ڪيترن هوائي اڏن تان اسان جهڙن ملڪن جي ماڻهن کي موٽايو ڇڏين.

ڪڏهن ڪڏهن تہ پنهنجي ملڪي هوائي اڏن تي بہ هرويرو تنگ ڪيو وڃي ٿو. آئون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ته احتياط خاطر ٽنڊو قيصر جي شوڪت نظاماڻيءَ کي پاڻ سان وٺي آيس جيڪو انٽيليجنس ۾ شايد ڪم ڪري ٿو. جيئن اهو اجايو ٽنگ ڪنڊڙن کي سمجهائي سگهي ته آئون يونائيٽيڊ نئشن طرفان ٻاهر وڃان پيو ۽ مون وٽ سرڪار طرفان NOC آهي. پر اجائي رنڊڪ وجهڻ يا اينگهه ڪرڻ لاءِ ڪوبه ترڙي قسم جو آفيسر نه مليو ۽ آرام سان سڀ منزلون اُڪري اچي آخري Stage ۾ جهاز جي انتظار لاءِ ڪرسيءَ تي ويٺس.

گهٽو اڳ جپان ۾ بيٺل هڪ جهاز جو چيف انجنيئر بيمار ٿي پيو ۽ ڪيس موڪل ڪرائڻ لاءِ آفيس وارن جلديءَ ۾ هوائي جهاز رستي مونکي اوڏانهن موڪلڻ چاهيو ٿي. ٽڪيٽ، سي ڊي سي (پاسپورٽ)، Joining Letter سڀ تيارڪري ڏنائون. رات جو ٽين بجي اڏام هئي. هڪ بجي ايئرپورٽ تي پهتس. بئگ تورائي هاڻ اندر وڃڻ وارو هوس ته شايد اميگريشن واري همراهه ضد ڪيو ته آئون وڃي نٿو سگهان.

”هڪ ته تو وٽ NOC ڪونهي، ٻيو ته تو وٽ واپسيءَ جي ٽڪيٽ ناهي.“ هن چيو.

ڪيس گهٽو ئي سمجهايم ته واپسيءَ تي ته هوائي جهاز بدران ڪارپوريشن جو جهاز هلائي اچڻو اٿم. پر هن کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.

”صبح جو نائين بجي منهنجو باس ايندو اهو چڏي ته ان جي مرضي.“ هن پنهنجو آخري فيصلو ٻڌايو.

سڄي ڏينهن جو ٿڪل هوس. باس جي اچڻ تائين مون وارو هوائي جهاز ته نه ترسندو. بئگ واپس وٺي اچي گهران نڪتس. ٽن ڏينهن بعد وري ٽوڪيو ڏي اڏام هئي. پاڻ سان گڏ آفيس جو پبلڪ رليشن آفيسر به وٺي آيس. ان سان گڏ NOC پڻ. پر ان ڏينهن ڊيوٽي تي بيٺل آفيسرن مان ڪنهن به نه NOC جو پڇيو نه واپسيءَ جي ٽڪيٽ لاءِ. اسان جي ملڪ ۾ لڳي ٿو ته نه فقط غريب امير لاءِ، ڏاڍي ڪمزور لاءِ جدا جدا قانون آهي پر عوام جي ٽئڪس تي پلندڙ هر آفيسر پنهنجو پنهنجو قانون نافذڪري ٿو.

بهرحال هن ڀيري تڪليف نه ٿي. ويتر ائير پورٽ سيڪيورٽي آفيسرن مان هڪ ٻه منهنجن ڪتابن جا پڙهندڙ نڪري آيا ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ ٽي وي تي ڪتٿهار پروگرام ۾ مون کي ڏٺو هئائون. سو سڃاڻي نه فقط خوش خير عافيت پڇيائون پر چانهه جو ڪوپ پڻ پياريائون ۽ جهاز تائين ڇڏڻ آيا. هن وقت سندن نالا ڏيان تي نه پيا اچن پر هڪ جي قميص تي Jatoi لکيل هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لکڻ تان ڪڏهن ڪڏهن مون جهڙن جي دل ڪٽي ضرو رٿيندي هوندي ته سنڌي اخبارن جا نه ايڊيٽر ٽا پڇن نه سرڪار سڳوري. پر پوءِ رکي رکي جتوئي ۽ سندس ساٿي پوليس / FIA آفيسرن جا هن قسم جا قرب ڏسي هڪ دفعو وري همٿ وڌندي آهي.

ڪوپن هيگن ڪان مالمو پهچي ٽيليڪس جي ڪاپي ڪڍي هٿ ۾ جهليم. سئيڊن جي اميگريشن آفيسروٽ منهنجو فوٽو اڳوات پهچي چڪو هو. ان ڪي ڏسي مونکي غور سان ڏسڻ لڳي. منهنجو مٿو سيءَ ڪان ٽوپ ساڻ ڍڪيل هو. سمجهي ويس ته هن ڪي سڃاڻپ ۾ تڪليف ٿي رهي آهي جيئن اسان لاءِ چيني يا سک هڪجهڙا تيئن هنن لاءِ اسين پاڪستاني يا هندستاني هڪجهڙا. مٿي تان ٽوپي لاٿم منهنجي ٺوڙهه ڏسي هن مرڪيو ۽ پاسپورٽ تي Enter جو ٺپو هڻي چيو:

"ويلڪم ٽو مالمو. Visa بابت تنهنجي يونيورسٽيءَ سان ڳالهه ٻولهه ٿي چڪي آهي. ڏينهن ٻن بعد توهان ڪي سئيڊن ۽ ڊئنمارڪ جي ٻن سالن لاءِ Visa ملي ويندي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# يورپ جي ٿڌي هوا ۽ان برف ڪوسي

منهنجو هيڏانهن سئيڊن ڏانهن اچڻ جو فيصلو بلڪل آخري وقت تي ٿيو. آخري ڏينهن تائين "ها _ نه" پئي ٿي. اهڙي ٻڏتر واري حالت ۾ ڪنهن مائٽ مٽ يا دوست کي ٻڌائڻ به صحيح نٿي لڳو. ماڻهو اچي موڪلائي وڃن ۽ پوءِ نه ٽڪيٽ اچي ۽ نه وڃڻ جو پروگرام پهچي ته اها خواريءَ جي ڳالهه ٿي. ان کان بهتر آهي ته جيڪو پڇي ان کي آخر تائين اهوئي چئجي ته پڪ ناهي. ۽ هونءَ به چوندا آهن ته:

There is always a Slip
Between cup and Lip

آخري وقت تي به ڪو اهڙو مسئلو پيدا ٿي سگهي ٿو. جنهن ڪري انسان جي سوڀ هار ۾ بدلجي سگهي ٿي.

اسان جي يار غلام سرور ڪيڙي _ جيڪو اسلام آباد ۾ لاهور پاسي ڪافي رهي چڪو آهي، تنهن کي هفتي ٻن کان ضرور پئي چيم ته اسلام آباد مان واقفڪار کان معلوم ڪرائي ڏي ته منهنجي سئيڊن وڃڻ جي پڪ آهي يا نه. جيئن ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ اتي جي سخت سيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪراچيءَ جي لنڊا بازار مان اوور ڪوٽ وٺي وڃان.

سئيڊن دنيا جو اهو مهنگو ملڪ آهي جنهن جون دانهون انگلينڊ، اسپين، فرانس ۽ اٽلي جهڙا يورپي ملڪ به ڪن ٿا. چمڙي جي جئڪيٽ جيڪا صدر يا طارق روڊ تي هزار سوا ۾ ملي ٿي. اها انگلينڊ جرمني ۾ پنج ڇهه هزار ڪائي تي ۽ سئيڊن ۾ ڏهه هزار رپين کان گهٽ کان گهٽ نٿي ملي.

ڪراچي ڇڏڻ کان ٻه چار ڏينهن اڳ پارٽي ۾ رهندڙ ڪئپٽن بشير وسطڙي خوشخبري ٻڌائي:

"گرم ڪپڙا متان ورتا اٿئي."

"ڇو سئيڊن بدران سوڊان پيا موڪلين ڇا؟" مون پڇيومانس. پاڻ نه فقط ساڳي آفيس ۾ ڪم ڪري ٿو پر ڪجهه سال اڳ سئيڊن ۾ ساڳي ڪورس لاءِ به سال رهي آيو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”رات پراٽيون پيتيون پئي ناهيم تہ هڪ مان سپ گرم ڪپڙا نڪري آيا. جيڪي آئون جڏهن سئيڊن ۾ هوس تہ استعمال ڪندو هوس.“ هن ٻڌايو ۽ شام جو اوور ڪوٽ, هٿن جا دستانا, مفلر, ڪنهن جانور جي کل جو ٽوپ (جنهن کي ورائڻ سان ڪن بہ ڍڪجي وڃن) ۽ بہ جوڙا, ٿلهي ان وارا جوراب آڻي اڳيان رکيا.

ڪوٽ پائي ڏٺم. ٻانهن ۾ ٿورو ننڍو ۽ عجيب چاشنيءَ جهڙي هيڊي رنگ جو هو پر مفت ۾ سنو هو. دل ۾ آيو تہ پڇانس تہ چاشنيءَ جي ديڳ ۾ رڳو ڪوٽ ڪِري پيو هو يا ان سان گڏ تون بہ. بهرحال جيسين ڪو بيو سريلو ملي تيسين هي صحيح هو. باقي رڇ جي کل جهڙي ٽوپي ۽ هٿن جا هھڙا ٿلها جوراب ڪڍڻ کان ڪيپٽن ڪيبائي واپس ڪيامانس ٿي تہ چتاءُ ڏنائين:

”متان اهڙو ڪجهو ڪم ڪيو اٿئي. اتر يورپ جي اهڙي سردي اٿئي جو رب ڏئي پناهہ. منهنجو چوڻ مڃ ۽ ڪٺي وڃ.“

مون کي بہ ٿوري ٿوري دل سان ڳالهہ لڳي. سياري ۾ سئيڊن پهريون تہ آيو هوس پر ڊينمارڪ ۽ ناروي جا ڏينهن ياد هيم. جيتوڻيڪ ان وقت اسان سيني جي جواني هئي. پر گلگت ۽ ڪوئيٽا پاسي جا پناڻ ۽ بلوچ بہ اتر يورپ جي ٿڌين هوائن کان ڏڪندا هئا.

۽ هاڻ جڏهن ڪوپن هيگن (ڊينمارڪ جي ايئرپورٽ) جو دروازو کولي هوور ڪرافٽ ۾ چڙهڻ لاءِ بس ڏي روانا ٿياسين تہ ٿڌي هوا جڻ جسم کي چيري ڇڏيو.

مون سان گڏ آيل ڪئپٽن سليم قاسم رڙ ڪري چيو:

”ابا يورپ جي هاڻ دري کلي آهي. هيستائين جهاز اندر يا ايئرپورٽ اندر Heating System ۾ ويٺي ٿڌ جو احساس ئي نہ پئي ٿيو.“

مون يڪدم بئگ کولي منجهانئس ڪئپٽن بشير جا ڏنل رڇ جي کل جا (يا ڪنهن ٻئي جانور ــ ٻگهڙ, لومڙ يا پاڏي جي کل جا) دستانا هٿن تي چاڙهيا ۽ اهڙو لومڙ جو ٻچو ــ يعني ٽوپي مٿي تي رکي. في الحال خير ٿي ويو.

۽ هاڻ صبح جو گهران نڪرندي ۽ منجهند جو ٻين ٽين بجي ڏاري يونيورسٽي کان موٽندي بشير جي انهن گرم شين کي ڏسي رب جا شڪر ڪندو آهيان تہ چڱو جو هُن زوريءَ اهي شيون ڏنيون. جي آئون هتي جي سرديءَ جو پنهنجي گرم ملڪ ۾ خيال نہ ڪري تڪڙ ۾ ائين اچان ها تہ اڄ مالمو جي رستن تي قلفي ٿي پيو هلان ها ۽ هيءَ اتر يورپ جي ٿڌ, جسم کي اهڙو ڪيپي ها جو سگهوئي بستر جي حوالي ٿي وڃان ها. مزي جي ڳالهہ تہ اسان مارچ ۾

سئيڊن آيا هئاسين ۽ مارچ وري به هتي جي موسم جي لحاظ کان ماٺيپي وارا مهينا سمجهيا وڃن ٿا. بهرحال پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهن ٿا ته آڪٽوبر نومبر, ڊسمبر ۽ جنوري فيبروري وارن مهينن ۾ هنن ملڪن: سئيڊن, ناروي, فنلئنڊ, ڊئنمارڪ وغيره ۾ ڇا ٿڌ ٿيندي هوندي.

۽ ائين به نه آهي ته اها ٿڌ رڳو اسان ايشيا ۽ آفريڪا جا رهاڪو محسوس ڪريون ٿا.ساڳيو حال هتي جي ماڻهن جو به آهي جيڪي ڄاوا نپنا هتي آهن. پاڻ کي ڍڪي هلڻ ۾ هو اسان کان به وڌيڪ خبردار آهن. اسان ته شروع شروع ۾ ڪڏهن گهٽ سيءُ هوندو هو ته انڊريون سئيٽر يا اوني گنجي نه پائيندا هئاسين. پر هتي جا ماڻهو هر وقت سڄي حفاظت سان هلن ٿا. اسان جيتوڻيڪ دل ئي دل ۾ پنهنجي بهادري کي داد ڏيئي سوچيندا هئا سين ته اهڙو سيءُ ناهي پر پوءِ جهٽ خبر پيئي ته يورپ جي سرديءَ جو ڪو پروسو ڪونهي. اتي جو اتي سج نظر ايندو موسم سٺي ٿي ويندي. وري اتي جو اتي ڏس ته آسمان ڪڪرن سان ڇانئجي ويندو. بوندا بوندي ۽ تکي هوا اهڙي شروع ٿي ويندي جو ماڻهن توڙي مرن جا ڏند پيا ڪڙڪندا. هي اهي سرد هوائون آهن جيڪي اسان وٽ آخري ڏاکڻي _ يعني سائيبيريا يا اتر قطب جون سڏيون وڃن ٿيون. مديجي مني يا چلگريون چاچڙي ۾ سيءَ جي لهر ايندي آهي ته چوندا آهيون ڪوئيٽا ۾ برف ڪِري آهي ۽ ڪوئيٽا وارا چوندا آهن ته روس افغانستان ۾ پارو وتو آهي ۽ روس جي شهرن (ماسڪو باڪو يروان وغيره) جا رهاڪو ڏکندي چوندا آهن ته سائبيريا ۽ اتر قطب ۾ لڳندڙ ٿڌين هوائن جو اثر آهي.۽ هي سئيڊن جهڙا ملڪ اتر قطبي ۽ سائيبيريا واري ويڪرائي ڦاڪن جا ملڪ سڏجن ٿا جتي مارچ اپريل مهينن ۾ به برف باري ۽ ٿڌيون هوائون پيون لڳن ۽ اندران لانگ جان (ڪاڇن يا اُن جي ڊگهي گنجي ۽ پجامو), قميص, پتلون, سئيٽر, ڪوٽ, جئڪيٽ ۽ مفلر ٽوپ پائڻ سان به گهٽي ٿڌ ۾ ائين لڳندو آهي ڄڻ ماڻهو وهنجي ايئرڪنڊيشنر اڳيان اگهاڙو بيٺو آهي.

هڪ ڏينهن, هتي رهندڙ هڪ پاڪستاني واقفڪار مسعود ضيغم جي گهران موٽڻ واقت, اوور ڪوٽ هٿ ۾ جهلي ٻاهر نڪتس جو در وٽ ئي سندس ڪار بيٺل هئي ۽ سندس گهر ۾ ته سخت هيٽر هلي رهيا هئا پر ڪار پڻ گرم ٿيل هئي. پاڻ ڪار ۾ ويهڻ سان چيائين:

”برادر هڪ نصيحت ڪريان ٿو دل ۾ نه ڪجو. گهر مان ڪٽي ٻن منٽن لاءِ نڪرو پر پنهنجي بدن کي گرم ڪپڙن سان چڱيءَ طرح ويڙهي نڪرو. گهرن اندر Heating System هجڻ ڪري ٻاهر جي سخت سيءَ جو احساس ئي نٿو ٿئي پر ٻاهر جي ٿڌي هوا


www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

خطرناڪ آهي ۽ نمونيا جهڙين بيمارين ۾ ماڻهو مبتلا ٿي سگهي ٿو.“

”بلڪل صحيح ٿو چئين،“ مون مسعود جو ٿورو مڃيندي چيو. ”جيئن اسان جي ملڪن ۾ ٿڌي ايئرڪنڊيشن ڪمري مان يڪدم ٻاهر اُس ۾ اچڻ سان ماڻهو بيمار ٿين ٿا.“

۽ مسعود وانگر منهنجي پڻ پڙهندڙ کي اهائي نصيحت آهي خاص ڪري انهن کي جيڪي تعليم، نوڪري يا واپار وڙي جي خيال کان يورپ پاسي جو ارادو رکن ٿا ته گرم ڪپڙن بنان ڪڏهن به پنهنجو ملڪ نه ڇڏجو. خاص ڪري آڪٽوبر کان اپريل تائين اتر يورپ جا ملڪ ايڏا ٿڌا رهن ٿا جو ان ٿڌ جي مقابلي ۾ برف به گرم آهي ۽ انگريز، فرينچ، اطالوي ۽ اسپين جا رهاڪو پڻ دانهون ڪن ٿا. سياري ۾ مهينو اڌ ڪوئيٽا ۽ ڪوه مريءَ ۾ به سخت سيءُ ٿين ٿا پر اتي اهي ٿڌيون ڪپيندڙ هوائون نٿيون لڳن، جيڪي يورپ ۾ عام آهن. (برف جي گرم هجڻ جو اهو حساب آهي جو برف جو ٽيمپريچر زيرو ڊگري ٿئي ٿو يا اجا به گهٽ ته ڪاٿو چار ڊگريون. ۽ هتي جي هوا سياري جي موسم ۾ ڪاٿو ڏهه يا پندرهن تائين ٿڌي رهي ٿي. سو ان ٿڌي هوا جي مقابلي ۾ برف هٿ ۾ جهلڻ سان گرم لڳي ٿي.)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪنڊياري جهان موري لڏي وڃڻ

هونءَ ائين به ناهي ته سستي ڪپڙن جي لنڊا بازار فقط ڪراچي ۾ پاڪستان جي ٻين شهرن ۾ آهي، پر جتي ڪٿي آهي. هتي سئيڊن ۾ جتي هر شيءِ جي قيمت ايڏي خوفناڪ حد تائين هيٺئين ڦاڙ آهي جو دڪانن جي درين مان ڏسندي (ونڊو شاپنگ ڪندي) به ڀؤ ٿو لڳي. هتي جي مڪاني ماڻهن توڙي ڌارئين رهندڙن يا ڪجهه ڏينهن لاءِ آيل گهمڻ جي شوقينن کي هروقت ان قسم جا ڏڀ سوار هوندا آهن ته ڪٿي سندن بوٽ نه ڇڄي، جو هتي چنل بوٽ کي ڳنڊائڻ لاءِ هڪ ته موچيءَ کان وقت وٺڻو پوي ٿو جيئن ڪنهن وڏي سرجن ڊاڪٽر کان Appointment ونجي ۽ پوءِ بوٽ جي مرمت تي ايترو ئي خرچ اچيو وڃي جيترو پاڻ وٽ هرنيا، D & C ۽ اک جي موتيو پاٽي جهڙي ڪنهن آپريشن ڪرائڻ تي.

اهڙي طرح يورپ جي هن ملڪ سئيڊن ۾ ڪپڙا گنديون ۽ ٻيو سامان وڏي اگهه ۾ ملي ٿو ۽ ان جي مرمت يا ڳنڍ ٽوپو ان کان به مهنگو آهي. پر ٻين ملڪن وانگر سئيڊن ۾ به ڪي ڪي اهڙا هنڌ آهن جن کي پاڪستان جو لنڊا بازار چئي سگهجي ٿو. جتي ٿورو گهڻو استعمال شده شيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن نيون نڪوريون ڦلن مٺ تي وڪامن ٿيون.

چنچر ۽ آچر هتي موڪل جا ڏينهن آهن. انهن ٻن ڏينهن تي شهر ۾ ٻن ٽن هنڌن تي ڪيترائي ننڍا ننڍا اسٽال هٽي ماڻهو پنهنجي گهر جو سامان وڪڻن ٿا. جيئن پاڻ وٽ پاڪستان ۾ جمعي بازار لڳي ٿي. پر جمعي بازار ۾ پاڇيون ڪپڙو ۽ ٻيو نئون سامان وڪامي ٿو هتي گهر جو سامان جهڙوڪ: ٿانو ٿپن، هنڌن بسترن، چادرن توالن کان چمچا ڇريون، ڪپڙا گنديون، رانديڪا شوپيس ۽ اليڪٽرڪ جي سامان ۾ به ٽيبل لئيپ ۽ ٽوسٽر، استري کان ريڊيو ٽيپ رڪارڊر ٿرماس، گهڙيال هر شيءِ اوٽي پوٽي اگهه تي وڪامي ٿي.

سئيڊن جي هن شهر مالمو ۾ جنهن جي آدمشماري هالا يا ٽنڊو آدم جيتري ٿيندي، ان قسم جا چار پنج هنڌ آهن. به ڪن ته Bast سپر مارڪيٽ جي پرسان آهن. هڪ Marknads Borsen نالي موليوانگي ۾ آهي ۽ هڪ اسان جي يونيورسٽي ڏي ويندڙ رستي تي سينٽرل اسٽيشن وٽ پڙ آهي. هر هنڌ اٽڪل پنجاهه سٺ اسٽال لڳن ٿا جن ۾ زالون مرد

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

گھڻو ڪري سڄي گھر جو سامان نيڪال ڪندي نظر ايندا. پوءِ ڪي ته دڪاندار به آهن جيڪي هر هفتي نظر اچن ٿا. اهي شايد گھر گھر وڃي فالتو سامان وٺي هتي اچي فائدي تي وڪڻن ٿا. ان هوندي به اسان جهڙن لاءِ سستو پوي ٿي. ڪي بارين ٻچين هوندا. ڪي اهڙيون فئمليون آهن جن ڪي سئيڊن جي هڪ شهر کان ٻئي شهر ڏي لڏڻو پوندو آهي. هو سڄو سامان وڪڻي پوءِ وڃن ۽ نئين شهر پهچي نئون سامان وٺن. ڪي ته هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ نوڪري، تعليم يا واپار لاءِ ويڃا هوندا آهن. هن پاسي جي ماڻهن جو سئيڊن کان ناروي، يا ڊئنمارڪ کان فنلئنڊ جرمني لڏي وڃڻ ائين آهي جيئن اسان جي ماڻهن لاءِ ڪنڊياري کان موري لڏي وڃڻ يا ڪپري کان سانگھڙ، شهدادپور. سڀ ملڪ هڪ ٻئي جي ويجهو آهن. ڪين اسان وانگر ڌارئين ملڪ ۾ وڃڻ لاءِ ويزا جهڙا ڏھ مسئلا مٿي تي سوار نه هوندا آهن.

شيون وڪڻندڙن ۾ ڪجھ بيحد پوڙهيون هونديون آهن جيڪي سڀ ۾ سستو سامان ڏين ۽ اگھ تي به گھٽي گھوڻي نه ڪن. سنگاپور، ملائيشيا ۽ هانگ ڪانگ جي مارڪيٽن وانگر Bargaining پڻ جام هلي ٿي. استريءَ جا پوڙهي چوندي ويھ ڪرونا (يعني اسي رپيا). چئبس: مهنگي آهي گھٽ ڪر.

چوندي: ”يلا ڏھ.“

”اچا گھٽ تي سگھن ٿا؟“

”تون يلا ٻڌاءِ.“ هوءِ پڇندي.

”پنج ڏيانءِ؟“ چئبس.

”چڱو ست ڏي“ ۽ سودو ستن ۾ ٿي ويندو. اهڙي هڪ استري اڄ ڪئپٽن سليم قاسم ورتي آهي. ڪراچيءَ هئاسين ته به سال اڳ هتي رهي ويل چيف انجنيئر بدرمنير ٻڌايو: ”مون ان قسم جي مارڪيٽ مان 15 ڪرونا (60 رپيا کن) جي استري ورتي. ٻه سال سئيڊن ۾ استعمال ڪئي ۽ هاڻ پاڪستان ۾ به ڪري رهيو آهيان.“

منهنجي خيال ۾ ان جو رڪارڊ اڄ ڪئپٽن سليم ٽيڙو. مون کي سيڪ (تاڪوڙ) _Infra Red لمپ جي ضرورت هئي. ڪراچيءَ ۾ ٽن چئين سؤ ۾ ورتو هوم. هتي ڪٽي اچڻ وسري ويو. جيتوڻيڪ اهو هن پاسي جي ملڪ نيدرلئنڊ جو ٺهيل آهي پر ڪراچيءَ ۾ سستو آهي پر هتي ايترو مهنگو جو روز سوچيندو هوس ته وٺان يا نه. اڄ اوچتو اها شيءِ هن مارڪيٽ ۾ نظر

اچي ويئي. وڪڻڻ وارو ويهه ڪرونا چيو ۽ پوءِ نيٺ ڏهن (چاليهه ربيه ڪن) ۾ وڪيائين. اهڙيءَ طرح ڏهن جو ٽيبل لئمپ ورتم ۽ پنجن ڪرونائن (ويهين ربئي) ۾ باهه تي سئنڊوچ ٺاهڻ جو پڙ (Sandwhich Maker) ورتم. گهر پهچي اهي شيون چيڪ ڪيم بلڪل اي ون حالت ۾ هيون.

پوڙهين ماين جي اسٽالن کان علاوه ٻيا اسٽال اهڙن نوجوان جوڙن جا هوندا آهن جن جو جهٽ مڱڻو ڦٽ شاديءَ بدران جهٽ شادي ڦٽاڦٽ طلاق ٿيندي آهي ۽ طلاق بعد ٻئي ڄڻا ــ گهوٽ ڪنوار ڏاڍي آرام سان سڄي گهر جو سامان وڪڻي شام تائين ڪمايل پئسن جو اڌو اڌ ڪري، ڇوڪرو پنهنجي نئين گس ڏي ۽ ڇوڪري پنهنجي نئين واٽ وٺي هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويندا آهن. اهڙن طلاق شده نوجوان جوڙن وٽ پڻ سامان نئون ۽ سستو هوندو آهي. هنن کي جلدي هوندي آهي ۽ اگهه تي به يڪراءِ نه هوندا آهن.مڙس هڪڙو ٻڌائيندو ته زال ٻيو. اهڙي جوڙي کان اڄ مون هڪ ڪرسٽل گلاسن جو سيٽ ورتو. اگهه پڇڻ تي هڪ ئي وقت مڙس جي وات مان ويهه ڪرونا نڪتو ته زال جي وات مان ٽيهه ڪرونا. مون ويهه ڪرونا ڪڍيا ته زال چيو: ”اهي گلاس ٽيهن جا آهن.“

سندس مڙس ڏي اشارو ڪري چيم: ”هن ته ويهه چيا.“ ان تي زال پنهنجي ان سابق مڙس کي گهٽ اگهه ٻڌائڻ تي ٺوري دٻ ڪڍي، پر مڙس سندس ڳالهه کي ليکي ۾ نه آڻي مونکان ويهه ڪرونا وٺي پنج پاڻ وٽ رکيا ۽ پندرهن ڪيس اڇلائي ڏنا ته ”ڪڻ پنهنجو ففٽي ففٽي حصو ٽيهن جي حساب سان.“

ڪئپٽن سليم جيڪو دير سان آيو هو تنهن ان جوڙيءَ لاءِ ٻڌايو ته بعد ۾ هو بنهه سستي اگهه ۾ شيون ڏئي منجهند کان اڳ ئي موٽي ويا.

انهن کان علاوه ڪجهه ٻين به وڪڻڻ وارن سان ڳالهه ٻولهه ٿي. هڪ ٽيونيشيا جو ڪرد ڇوڪرو جيڪو هتي رهي ٿو ۽ هاڻ سئيڊن جي قوميت اٿس، سو مختلف شيون: رانديڪا، ٿانوَ ڪپڙا، Sovenior ڪتاب وغيره وڪڻي رهيو هو. ڪانئس پڇيم: ”هي ڇو پيو وڪڻين؟“

”آئون شاگرد آهيان. اسان جي پرواري فليٽ جي مالڪ پنهنجو فليٽ وڪيو ۽ جنهن فليٽ ورتس تنهن کي چيائين ته فرنيچر ۽ سامان ان سان گڏ مفت ۾ آئيئي. جيڪا هتي هڪ عام ڳالهه آهي جو فليٽ وڪڻڻ وارو اڪثر فقط پنهنجو ضروري ڪم جو سامان ڪڍي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

نڪري ٿو. پر هن فليٽ وٺڻ واري چيو ته مونکي اهي ڪن سن مفت ۾ به نه کپن. مون کي خالي فليٽ کپي جيئن ان جي مرمت ڪري پوءِ ان ۾ پنهنجي پسند جو اوچو سامان رکان. هاڻ فليٽ جي پهرين مالڪ ڪچرو کڻڻ واري ٽرڪ کي فون ڪيو ته اچي هي پراڻو فرنيچر ۽ سامان کڻي وڃ ته ان ٻڌايس ته ان جو پاڙو پنج سؤ ڪرونا ٿيندو. ان تي مون چيومانس ته مونکي ڏي، ۽ پوءِ پنهنجي دوست جي ويگن ۾ ڪٽائي هن شهر مالمو ۾ وڪڻڻ آيو آهيان. هاڻ جيڪي به چار سؤ ڪرونا مليا اهي جڻ مفت جي ڪمائي ٿي."

اهڙيءَ طرح هڪ ٻي ڇوڪري سئيٽر، ڪوٽ، بوٽ، چئمپل، لپ اسٽڪون ۽ ميڪ اپ جو ٻيو سامان ۽ ڪاپيون، پينسلون وغيره وڪڻي رهي هئي."

"هي ڪنهن جو سامان وڪڻي رهي آهين؟" مون پڇيومانس.

"پنهنجو ائم." هن وراڻيو.

ڇو پيلا وڪڻي رهي آهين؟" مون پڇيو.

"بس هي مون وٽ فالتو سامان آهي. "I Want to get rid it" هن وراڻيو.

"اسٽوڊنٽ آهين يا نوڪري ٿي ڪرين؟"

"اسٽوڊنٽ به آهيان ته نوڪري به ڪريان ٿي."

"هن مان جيڪي پئسا ملندءِ ان کي ڇا ڪندينءِ؟" مون پڇيومانس.

"آئون فرانس گهمڻ جو ارادو رکان ٿي. ان لاءِ پئسو گڏ ڪري رهي آهيان." هن ٻڌايو.

"فرانس بدران ملائيشيا، سنگاپور، پاڪستان، انڊيا جهڙا ملڪ ڇو نٿي گهمڻ وڃين. جتي تنهنجو گهٽ خرچ ايندو ۽ هڪ Change به محسوس ڪندينءِ. سئيڊن ۽ فرانس ۾ ته ڪو خاص فرق ئي ناهي."

"آئون Skiing (برف تي رانڊ) لاءِ وڃي رهي آهيان."

"مهرباني. مون توکان ائين معلومات لاءِ اهي سوال پڇيا. ٿي سگهي ٿو ڪنهن اخبار ۾ تو بابت اهي ڳالهيون به لکي ڇڏيان."

سو اهڙيون مارڪيٽون نه رڳو اسان جهڙن پرديسين لاءِ ڪم جون آهن پر ڪيترا هتي جا ۽ يورپ جي ٻين ملڪن جا ماڻهو گهٽي پگهار هوندي به ضرورت جون شيون اهڙين مارڪيٽن مان حاصل ڪن ٿا.

هن قسم جون مارڪيٽون نه فقط ضرورت جي شين جي خريداريءَ لاءِ سٺيون آهن پر

وندر ۾ وقت پاس ڪرڻ لاءِ بہ سنا اڏا آهن جتي ڪيترن ئي ڄاڻ سڃاڻ وارن سان ملاقات ٿئي ٿي. اڄ ملائيشيا جي ڪئپٽن زينل اڪبر جي ٻارن سان ٿي. پاڻ ملائيشيا کان مون وانگر ٻن سالن جي ڪورس لاءِ گذريل سال آيو آهي. ملائيشيا ۾ اسان جي گهر کان هڪ گهر ڇڏي پيو هن جو هو. ڪيس اولاد نہ هو سو هڪ دوست جو پٽ نپايو هئائين. اسان جڏهن ملائيشيا ڇڏي تہ ان وقت ذوالفقار ڇئن سالن کن جو هو. هاڻ هو سٺن سالن جو آهي.

اهڙي طرح بنگالي، اردني، ايراني ۽ سعودي عرب جي ڪلاس ميٽ ۽ سڃاڻن سان بہ هن مارڪيٽ ۾ ملاقات ٿيو وڃي. سعودي عرب جي صالح پاڪستان نيول اڪيڊمي مان ئي ٽريننگ ورتي آهي ۽ N.E.D ڪاليج مان انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪئي اٿس. ڪراچيءَ ۾ چار سال کن رهڻ ڪري اڙدو سٺي ڳالهائي ٿو. ڪيس اهڙن هنڌن تي اسان سان پنهنجي اڙدو تکي ڪرڻ جو موقعو مليو وڃي ۽ ساڳي طرح اسان کي ملئي ۽ بنگالي ڳالهائڻ جو سٺو وجهہ مليو وڃي.

گهر جي سامان جي هنن سستين مارڪيٽن کان علاوه هتي ڀاڄي ۽ فروٽ جي پڻ ڇنڇر آچر تي ڪلئي ميدان تي مارڪيٽ لڳي ٿي جيڪا پاڪستان جي جمعي بازار يا آچر بازار وانگر ٿئي ٿو. ان ۾ پڻ شهر جي دڪانن کان سستي اگهہ تي ميوا ۽ ڀاڄيون وڪامن. جيتوڻيڪ ڪا گهٽي سستائي نہ هوندي آهي تہ بہ غنيمت آهي ۽ ههڙن مهنگن پٽن تي هن قسم جون مارڪيٽون هتي جي غريب عوام (جيڪڏهن ڪو آهي تہ) ۽ اسان جهڙن ايشيائي آفريڪي، سينٽرل آمريڪائي ۽ ڏکڻ آمريڪائي ملڪن جي ماڻهن جي لاءِ جياپي جو آسرو آهن.

هن پاسي ٽورن ڏينهن لاءِ اينڊز ٽوئرسٽ لاءِ هڪ دفعو اهو ڇتاءُ وري لکڻ ضروري سمجهان ٿو تہ ڪڏهن بہ هنن مارڪيٽن مان گرم ڪپڙا وٺڻ جي آسري تي پنهنجي وطن کان بنا ڪوٽ يا اوور ڪوٽ جي نہ نڪرن. ڇو جو هي مارڪيٽون اهڙي ڪنڊ پاسي تي ٿين ٿيون جو ڪيترن هتي جي ماڻهن کي بہ خبر ناهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ ضروري ناهي تہ گهربل شيءِ يڪدم ملي وڃي. شين جي مقدار جو طلاقن جي تعداد سان بہ واسطو رهي ٿو. يا ڪنهن پوڙهيءَ جو مڙس مري وڃي، جيڪا هن جا سڄي ڄمار جا گڏ ڪيل سِڪا، ٽڪليون ۽ ٻيا Souveniors اچي وڪڻي.

# ڪهڙي بچاءُ لاءِ ڪتا آهن؟

گهٽا ڏينهن اڳ هتي جي ماڻهن سان خبرون ڪندي ڳالهه اها نڪتي تہ پاڪستانين کي گهٽا ٻار ٿين ٿا. سئيڊن ۾ جنهن کي سڀ کان گهٽا ٻار آهن اهو پاڪستاني همراهہ جوهر زمان خان آهي. جنهن جو اخبار ۾ فوٽو پڻ ڇپيو هو.

جوهر تہ اسان جي واقفڪارن مان هو سو ٻئي دفعي جيئن ئي جوهر سان ملاقات ٿي تہ ڪائنس ٻارن جو پڇيومانس. اسان سمجهيو تہ ڏهہ نہ تہ ست اٺ ضرور هوندس. پاڻ کلندي چيائين: ”شادي کان پوءِ ڪيترا سال مونکي اولاد نہ پئي ٿيو. حڪيم ڊاڪٽرن وٽ وڃڻ ۾ منهنجو يقين نہ آهي. آئون اهوئي چوندو آهيان تہ اها ڳالهہ قدرت جي هٿ ۾ آهي. جڏهن لکيو هوندو تڏهن ٿي ويندو ۽ ٿيو بہ ائين. پورن سٺن سالن کانپوءِ مونکي هڪ ٻئي پويان چار ٻار ٿيا. جيڪي هتي جي حساب سان تمام گهٽا سمجهيا وڃن ٿا.“

”واقعي چار ٻار تہ ڪجهہ بہ نہ آهن.“ اسان چيو ۽ پوءِ ڪائنس سئيڊن جي رهاڪن بابت پڇيو تہ اهي گهٽا ٻار چاهين ٿا.

”هتي ڪجهہ موسم جي ڪري ڪجهہ رسم وهنوار ڪري هڪ يا ٻہ ٻار جو رواج آهي. ڪيترن کي تہ اهي بہ نہ آهن. بلڪ شاديءَ بعد جلدي طلاق تائين معاملو وڃي پهچيو وڃي. زال مڙس جو اهو ٻنڌڻ, لاڳاپو ۽ اها ويجهڙائي ۽ پيار گهڻو عرصو نٿو رهي. پوءِ ڪجهہ ان Attitude کان تہ هڪ ٻئي جي پرواهہ چو ڪجي. ڪجهہ هتي جي سخت سرديءَ واري موسم جو بہ اثر ٿي سگهي ٿو. جنهن ۾ هرڪو سڪو پارو ٿيو پيو آهي.اها گرمائش ۽ جوش ناهي, شايد. جيڪو گرم ملڪن جي ماڻهن ۾ لڳي ٿو....“

بهرحال اهو هڪ ذاتي خيال هو جيڪو هتي پنڌرهن سالن کان رهندڙ جوهر صاحب ٻڌايو.

هڪ ڏينهن يونيورسٽيءَ کان موٽي رهيا هئاسين. يونيورسٽيءَ کان هاسٽل تائين بہ بسون بدلائڻيون پون ٿيون. وچ واري وڏي اسٽاپ گستاو اڊولف (Gustav Adolf Trog) وٽ هتي جي مڪاني ماڻهن جي وچ ۾ آئون ۽ يونيورسٽيءَ جو هڪ ٻيو شاگرد مسٽر مبارڪ پڻ هو. هو

يمن کان آيو آهي. سخت سيءُ ۾ ٿڌي هوا کان بچاءُ لاءِ اسان جو سڄو جسم سئيٽر ڪوٽ ۽ اوور ڪوٽ مفلر سان ڍڪيل هو. مٿو ۽ هٿ به گرم ٽوپي ۽ جورابن ۾ ڍڪيل هئا، ان هوندي به سيءَ ۾ ٺٺڙڪي رهيا هئاسين. ظاهر آهي هي ملڪ سئيڊن انهن اتر قطبي ملڪن مان آهي، جنهن جي مقابلي ۾ انگلينڊ، فرانس، اسپين به گرم ملڪ سمجهيا وڃن ٿا. وقت گذارڻ لاءِ رڪي رڪي ڪا ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا هئاسين. ايتري ۾ هڪ سئيڊن همراهه وڏي ٿلهي ڪتي کي رسيءَ کان ونئي اچي اسان جي پرسان بس جو انتظار ڪرڻ لڳو. پري کان ئي ڪتي جو منهن خطرناڪ لڳو ٿي. اهڙو خوفناڪ منهن وارو ڪتو مون پهرين نه ڏٺو هوندو. جهڙو جهنگلي سوئر ٿي لڳو. سندس جسم به ائين سڄيل ۽ ڦوڪيل هو. آئون سندس منهن کان پري ٿي بيهي پاسي پڇ وٽ ٿي بيٺس. بس آئي پر آئون نه وڏيس جيئن پلي پهرين ڪتي وارو همراهه اڳيان هلي. مبارڪ چيو: ”ڇو هلين نٿو؟“

”يار پلي هي همراهه پهرين هلي.“ وراڻيومانس.

”ڪهڙو نه خطرناڪ منهن وارو ڪتو آهي.“ مبارڪ به ساڳي ڳالهه نوٽ ڪري ان جو ظهار ڪيو.

بس ۾ ويهندي چيومانس: ”يار مونکي نه لڳو ٿي نه چاڙ نه چڪ هنيائين.“

مبارڪ کلندي چيو: ”ڪڏهن به نه. ڏسين نٿو هرڪو همراهه هتي هڪ عدد ڪتو پاڻ سان ونيو پيو هلي. پر ڪنهن کي ڪڏهن پوڪندي، چڪ هڻندي يا ٻاهوڙ ڪندي ڏٺو اٿئي؟“

”هائو ڳالهه نه واهه جي ڪئي اٿئي. شايد هنن پنهنجن ڪتن کي ائين تربيت ڏني آهي.“ مون چيومانس.

”ٿي سگهي ٿو. پر سيءَ جي ڪري به ٿي سگهي ٿو. Infact cold climate quietens everything“

”ٿڌ هر شيءِ کي خاموش ڪريو ڇڏي“ هن ساڳيو جملو وري دهرايو ۽ هن دفعي هر شيءِ (Everything) تي زور ڏيئي چيو ۽ سندس Everything جو مطلب سمجهي مون کان ٽهڪ نڪري ويو.

”سچ ٿو چوين مبارڪ.“ مون چيومانس.

”هائو بلڪل. ٻيو نه ته وري“ هن پنهنجي خاص ادا ۾ چيو. پاڻ مون سان گڏ ساڳي

انجنيئرنگ سبجيڪٽ ۾ ايم.ايس سي ڪري رهيو آهي سو ڪلاس روم ۾ به روز گڏ هوندا آهيون ۽ سندس چرچن مان محظوظ ٿيندا آهيون.

”خبر اٿئي الطاف، ڪجهه سال اڳ آئون صنعا شهر ۾ هوس. يمن جو هي شهر منهنجي ڳوٺ عدن وانگر سمنڊ جي ڪناري تي ناهي پر اتاهين ٽڪريءَ تي آهي ۽ سياري ۾ چڱو خاصو سيءُ ٿئي ٿو. هڪ رات آئون دير سان آفيس کان گهرڏي اچي رهيو هوس ته پنهنجي گهٽيءَ ۾ هڪ نه به يڪا سارا ڏهه پندرهن ڪتا نظر آيا. مون دل ۾ چيو: ”مُبارڪ اڄ مري ويندين.“ پر چا ٿي ڪري سگهيس. سيءَ ۽ ڪتن جي ڊپ کان سڄي گهٽي ڏڪندي لنگهيس. پر ڪمال ٿي ويو. ڪنهن هڪ ڪتي به اٿي جلهه نه ڪئي. ٺلهي ڀؤنڪار به نه ڪئي. اتي جي عدن جا ڪتا هجن ها ته چِلي وجن ها. البرڊ يهديءَ ڪل شيءِ.“ هن آخري جملو عربيءَ ۾ چئي پوءِ انگريزي ۾ مونکي ترجمو ڪري ٻڌايو ته ٿڌ هر شيءِ کي خاموش ڪريو ڇڏي.

هونءَ ههڙن ملڪن ۾ ڪتي پالڻ جو شوق ڪرڻ سولي ڳالهه ناهي. ڪيس وقت بوقت ڊاڪٽر کان تپاس ڪرائي سرٽيفڪيٽ وٺڻو پوي ٿو ته هن کي ڪابه بيماري ناهي. جيئن ننڍي ٻار کي پوليو ڳيڙي، وڏي کنگهه ۽ سلهه جهڙين بيمارين کان بچائڻ لاءِ مقرر مدي ۾ ڦڙا، سيون ۽ ٽڪا ڏيارڻا پون ٿا. تيئن ڪتن کي صحتمند رکڻ لاءِ ڪيترن ئي قسمن جون سُيون هڻائڻيون پون ٿيون. ڪين صاف سٿرو رکڻ لاءِ اهڙن اهڙن خاص صابڻن ۽ شئمپوئن سان وهنجارڻو پوي ٿو. جيڪي پڪ اسان جي فلمي دنيا جون ڏهن مان پنج فلم ائڪٽريسون به استعمال نه ڪنديون هونديون. ڪين ڳچيءَ ۾ (يعني ڪتن کي ۽ نه فلمي ائڪٽريسن کي) خاص ويڪر ۽ نرمائيءَ وارو پٽو ٻڌو وڃي ٿو ۽ صحتمند رکڻ لاءِ خاص گوشت ۽ وٽامن ۽ پروٽين سان ڀرپور اهي اهي کاڌا کارايا وڃن ٿا جيڪي ڪيترن ملڪن جي ماڻهن کي خاص ڏينهن تي به نصيب نه ٿيندا هوندا.

ههڙن ملڪن ۾ ڪتن پالڻ وارو سڀ کان وڏو مسئلو ڪين هنگائڻ متائڻ جو هوندو آهي. جتي ڪٿي گهر يا رستن تي، جنهن تنهن وقت، ان ڳالهه جي نه ڪتن کي نه مالڪن کي اجازت هوندي آهي. ان لاءِ وقت ۽ جاءِ مقرر ڪئي ويندي آهي. منهنجي ڪمري جي ڪاٻي دريءَ مان مين روڊ نظر ايندو آهي ۽ ساڄيءَ مان اسڪول جي عمارت ۽ ان جو گرائونڊ. گرائونڊ جي ڪنڊ تي هڪ ويهه ميٽر ڊگهو ۽ چار پنج ميٽر ڪن ويڪرو پٽو گهاٽي گاهه ۽ وڻن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٽڻ جو آهي. وچ ۾ هڪ بئنچ بہ رکيل آهي. صبح جي وقت هڪ ٻئي پوبان ڊير گرم ڪپڙن ۾ ڍڪيل پوڙهيون مائيون ۽ مرد پنهنجا ڪتا وٺي ايندا آهن ۽ ان جهنگ جي ٽڪري ۾ پنهنجن ڪتن کي ڦيرائيندا آهن جيسين ڪتو هنگي مُتي فارغ ٿئي. انهن ماڻهن لاءِ تہ ويل ٿيو.ڪنهن رات دير سان سمهندا هوندا تہ بہ پنهنجي پاليل ڪتي لاءِ صبح ساڻ منهن اونداهيءَ ۾ اٿندا هوندا. ڪتا نہ ٿيا آزار ٿيو. ڪنهن چيو تہ ڪتو انسان جو دوست آهي. هوندو دوست انسان جو. پر سئيڊن جي همراهن لاءِ تہ ڪتو وڏو رئيس ٿيو. هو سڄو ڏينهن سندس خدمت ڪن ٿا ۽ ڪانئن (يعني ڪتن کان) اهو نٿو پڇي تہ اسان جهڙن ڏارين کي ڏسي ڪٽي ڪا پؤنڪار ڪن.

سئيڊن جي ماڻهن جا پئسا بئنڪ ۾ ڳهه ڳنو پائين ڪونہ. عصمت بچائڻ جهڙا جملا فلمن ۾ بہ نہ ٻڌا هونداوُن جو هتي جي سوسائٽي Sex _ Free سوسائٽي سڏجي ٿي. باقي ڪتا چا جي حفاظت لاءِ رکيا ويا آهن. سمجهہ ۾ نٿو اچي.

اسان جي ساٿي ڪئپٽن سليم قاسم کان اهڙو سوال ڪبو آهي تہ ٺهہ پهہ ساڳي ورندي ڏيندو آهي:

”شوق ازاي شوق.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هر ڳالهه ۾ اسان پاڪستاني ليٽ

اسان کي پندرهن مارچ کان اڳ سئيڊن پهچڻو هو. 16 تاريخ يونيورسٽي کلي رهي هئي ۽ IMO (انٽرنيشنل مئريٽايئم آرگنائيزيشن) جي سيڪريٽري جنرل ڊبليو.اي . اونيل کي سيمسٽر شروع ٿيڻ جي پهرين پيرڊ ۾ دنيا جي ستانوي ملڪن کان آيل شاگردن کي خطاب ڪرڻو هو. پاڻ هن يونيورسٽي World Maritime University جو چانسلر پڻ آهي. ان بعد ريڪٽر ۽ وائيس ريڪٽر (Recter)، اڪيڊمڪ ڊين (Dean) ۽ پروفيسرن جون تقريرون ۽ تعارف هئا. پر پاڪستان مان هن سال (1992ع) جي ٽن چونڊيل اميدوارن مان ڪئپٽن سليم قاسم ۽ آئون يونيورسٽي کلڻ بعد به ڏينهن دير سان _ يعني ارڙهين تاريخ شام جو پهتاسين ۽ ٽيون درويش چيف انجنيئر راحت عزيز روزانو اڄ نه سڀان جون Telexes موڪليندو رهيو آخر 28 تاريخ هتي پهتو. دستور موجب ان ۾ اسان مان ڪنهن جو به ڏوهه نه هو. اسان پاڻ ته چاهيو ٿي ته هڪ به ڏينهن اڳ پهچون. جيئن يونيورسٽي شروع ٿيڻ کان اڳ رهائش جو هنڌ، ڪا ڪٽل ڦٽل شيءِ، يونيورسٽي ڏي ويندڙ رستو ۽ ٻيو ڪجهه اڳواٽ ڏسي پورائو ڪري ڇڏيون ۽ پوءِ پهرين ڏينهن کان ئي اسان کي پڙهائيندڙ پروفيسرن ۽ ليڪچرارن جا چهرا سڃاڻي سگهون. پر اهڙيون سڪائون ڪنهن پاڪستانيءَ جون ورلي پوريون ٿينديون آهن. ڪجهه سال اڳ تائين بنگلاديشين جو به ساڳيو حال هو. ولايت ۾ ڪو سيمينار، ڪورس يا بين الاقوامي ليول جي ميٽنگ ۾ گهٽو ٿڻو اسان سان گڏ بندگلاديشي به دير سان پهچڻ ۾ ساٿ ڏيندا هئا. پوءِ ٻيا وهنجي سنهجي ٽپ ٽاپ ٿيو ميٽنگ پيا اٽينڊ ڪندا هئا ۽ ان وقت اسين ٻئگون هٿن ۾، نٽ ڳوراهي، واره يا ميرپور ماٿيلي جي مٽي ۾ ڏوڙ مٽي ۾ ٻارهن ٻارهن يا ڪڏهن ويهن ويهن ڪلاڪن جا ڊگها هوائي سفر طئي ڪري علاؤالدين جي جن وانگر اچي حاضر ٿيندا هئاسين. ميزبان ۽ ٻيا ڏسڻ وارا وات سان ڪجهه نه چوندا هئا پر سنڌن اکين مان ائين لڳندو هو جيئن ڪو ٻار سڄو ڏينهن مٽيءَ ۾ کيڏي گهر ۾ گهڙڻ سان ٻک آهي ٻک ڪري ماڻيءَ تي وڃي ۽ سندس ماءُ پيءُ دب پٽينس: ”چوا! هٿ منهن ته ڌوئي اچ. جڏهن ماڻيءَ جي وقت جي خبر اٿئي ته اڳواٽ ڇو نٿو اچين!“

بهرحال بنگلاديش وارا، ٻين ڪيترن شين سان گڏ اها ڳالهه به اسان کان اڳواٽ سکي ويا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

۽ هاڻي هوسيني ڪان اڳ نہ تہ ٻين سان گڏ وقت تي اچن ٿا.

اجا ڪراچي هئاسين تہ يونيورسٽيءَ جي داخلا ڊينڊڙ آفسرياڻي سنٿيا مرائگيٽ (Cynthi Mrigate) سئيبن ڪان فون ڪندي رهي:

”مسٽر الطاف اچو پيا نہ؟“

”بلڪل.“

”پوءِ پلا چاجي دير آهي؟“

”ٽڪيٽ اجا نہ ملي آهي.“ وراڻيو مانس.

”O,My God خبر ناهي چو اسلام آباد ڪان UNDP وارن اجا توهان کي نہ موڪلي آهي. پلا تيار وينا آهيو يا نہ؟“ سنٿيا وري پڇيو.

”بلڪل تيار وينو آهيون. سامهون بئگ رکي آهي.“ مون کيس ٻڌايو هو.

”پلا راحت عزيز ۽ ڪئپٽن سليم قاسم؟“

”اهي بہ تيار هئڻ کپن. اڄ صبح جون مونکي مليا هئا. هنن بہ اهوئي ٻڌايو تہ کين ٽڪيٽ جو انتظار آهي.“

”منهنجو ڊائريڪٽ ساڻن Contact نہ پيو ٿئي. تنهنجو بہ مس مس فون لڳو آهي. پلا هڪ ڪم ڪر. ڪائن پڇي پڪ ڪر تہ جيڪڏهن آئون ٻي ٽڪيٽ هتان موڪليان تہ هو بہ تو وانگر اڄ رات KLM جي اڏام ۾ هليا ايندا؟ آئون ڪلاڪ ڪان پوءِ وري فون ٿي ڪريان. ۽ جي ها ٿيو تہ ايئرپورٽ تي هليا اچجو. ٽڪيٽ اتي توهان کي ملي ويندي.“

”چڱو پلا“ چئي مون فون رکيو. رات جو غلط سلط فون نمبرن سمهڻ نہ ڏنو سو فون جو پلگ ڪڍي ڇڏيو هوم. ظاهر آهي ڪنهن جو فون ڪيئن لڳندو. شڪر جو ان ئي گهڙيءَ پلگ وڌم تہ سنٿيا جو سئيبن ڪان فون اچي ويو.

واچ ۾ وقت ڏٺم منجهند جو ڏيڍ ٿيو هو. ڪلاڪ بعد وري سنٿيا فون ڪندي ۽ رات جو يارهين وڳي اڏم هئي. مون جلدي جلدي راحت عزيز کي نارٿ ناظم ۽ ڪئپٽن سليم قاسم کي ڊفينس سوسائٽي فون ڪيو. ٻنهي رات جو هلڻ لاءِ هائوڪار ڪئي. راحت عزيز هائوڪار ڪري چيو:

”پر ڪجهہ وقت نہ ملي سگهندو. اڄ رات ٻدران سپان ڪري هلجي.“

”ڏوڙ اٿئي پئي.“ راحت عزيز مونکان چار پنج سال جونيئر آهي سو هن سان فري ٿيندي

چيم. ”اڄ رات ۽ سڀاڻ ۾ فرق ئي ڪهڙو. ائين چوڻ سان اجائي بدنامي ٿيندي. وڏيڪ جيئن چئين تنهنجي پاران اهو نياپو ڪريان.“

”توهان جو ڇا خيال آهي؟“ راحت عزيز پڇيو.

”حد ٿي ويئي. اهڙين ڳالهين لاءِ خيال وري ڪهڙا. هو ڇا سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته هڪ بي دعوتو بيو وري ڪراٽتو. ’Beggers can not be choosers‘. هڪ ته خيرات جي پئسن تي ٿا هلي رهون ڪريون ۽ پڙهون ۽ بي وري اينگهه ۽ نخرو. ماڳهين اسان جي خيال ڪان WMU وارو اهو خيال نه پيش ڪن ته انهن پاڪستانين کي نه گهرايو.“

”اها ڳالهه به صحيح آهي. بس آئون سمجهه ته تيار آهيان.“

پوري اڍائي بجي سنٿيا فون ڪيو. ٻڌايومانس ته اسان تيار آهيون. پرهن اداس لهجي ۾ چيو:

”الطاف ويري ساري! مون گهڻو ئي چاهيو ٿي ته اڄ رات ئي اڇي وڃو جيئن چنچر ۽ آچر جو ڏينهن آرام ڪري سومر ڏينهن چانسلر جو Inaugural Address ٻڌي سگهو. جو سيني ملڪن جا پهچي ويا آهن سواءِ پاڪستان جي. پر مسئلو هي ٿي پيو آهي ته توهان جي هڪ طرف جي ٽڪيٽ جيڪا سورهن هزار رپيا آهي، هتان وٺي موڪلڻ تي اڍائيٽو مهنگي ملي ٿي. يعني هڪ هڪ ماڻهوءَ جا چاليهه چاليهه هزار رپيا ٿين ٿا. هاڻ هينئن ٿي ڪريان ته اڄ ته جمعو آهي. آفيسون بند آهن. سڀاڻي صبح جو جيئن ئي نائين بجي اسلام آباد واري UNDP جي آفيس کلندي ته کين Instruction ڏيندس ته ڪراچيءَ ۾ آمريڪن ايڪسپريس وارن کي توهان لاءِ ٽڪيٽ موڪلڻ جو بندوبست ڪن. بس رات جو الارم لڳائي ٿي سمهان جيئن پوري نائين بجي فون ڪري سگهان.“

شام جو ڪئپٽن قاسم سان ڳالهه ڪيم: سڀاڻي ڇنڇر ڏينهن انشاءَ الله پنهنجي پڪ آهي، جو صبح سان سنٿيا UNDP آفيس ۾ ٽڪيٽ لاءِ فون ڪندي.“

”وڃائي ڇڏيئه. انهن جي ڇنڇر ڏينهن آفيس بند هوندي.“ ڪئپٽن قاسم ٻڌايو. ”هو جمع ۽ ڇنڇر موڪل ڪندا آهن.“

”هاڻ ته جڏهن به ڏاڏو پاڻي لڪيل هوندو ته هلي سئيڊن ڪان نڪربو. في الحال بي فڪر ٿي هاڻ ننڊون ڪندا وتون.“

”۽ سنٿيا اڄ رات جي سا ننڊ ڦٽائي. پاڪستان ۽ سئيڊن جي وچ ۾ ڇئن ڪلاڪن جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

فرق آهي. هوءَ پاڪستان جي وقت مطابق نائين بجي صبح جو فون ڪرڻ لاءِ اُٿي، معنيٰ هن وٽ تہ رات جا چار ٿيا هوندا.“ ڪئپٽن قاسم چيو.

”حق تي هن پئي چيو تہ الارم لڳائي ٿي سمهان.“

ٻئي ڏينهن _ يعني ڇنڇر ڏينهن اسلام آباد فون ڪيو پر موڪل ڪري سنڌس Contact نہ ٿي سگهيو.

”هاڻ سياڻي آچر ڏينهن فون ڪري ٻڌائيندس.“ هن مونکي اطلاع ڪيو.

آچر ڏينهن ٻين بجي ڌاري سئيڊن ڪان سنتيا جو فون آيو تہ ٽڪيٽ جو بندوبست ڪري ڇڏيو اٿم ۽ آمريڪن ايڪسپريس ڪان وجي وٺو.

ڳالهہ ٿي ڪتائٽي. آچر ڏينهن بہ نہ ملي سومر ڏينهن پڪ ٿي پر دير سان. ان بعد ويجهي اڏام پي آءِ اي جي اربع ڏينهن هئي. صبح جو ستين بجي ڪراچي ايئرپورٽ تي پهچي وياسين ۽ رات جو ستين بجي ڌاري مالمو بندرگاهہ ۾ هئاسين. يونيورسٽي جي همراهن سامان سوڌو اسان کي کڻي اچي هاسٽل لاٿو.

”هي توهان جي ڪمرن جا نمبر آهن. هي چابيون آهن. هي هاسٽل جي مين گيٽ کولڻ جو ڳجهو نمبر آهي ۽ موڪل وارن ڏينهن ۾ رات جو ڏهين ڪان پوءِ ڳجهي نمبر سان گڏ هي پلاسٽڪ ڪارڊ وجهڻ بعد ئي دروازو کلندو. ڪارڊ ۾ نمبر ياد رکجو نہ تہ ٻاهر سيءَ ۾ ڪلفي ٿي ويندوءَ. هي بس ۾ چڙهڻ جو ڪارڊ اٿوَ. هي يونيورسٽي ۾ فوٽو اسٽيٽ مشين استعمال ڪرڻ جو ڪارڊ اٿوَ. هي بئنڪ مان پئسا ڪڍائڻ جو ڪارڊ اٿوَ. (يورپ، آمريڪا ۽ جپان ۾ اڄڪلهہ ڪنجين ۽ ڪئش بدران پلاسٽڪ ڪارڊ ئي هلن ٿا) ۽ هاڻ يارهن ڪلاڪن جي سفر بعد اسان ڪارڊ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئاسين. يونيورسٽي وڃڻ لاءِ هي نمبر جون بسون آهن. وچ تہ گستاوو جو بس اسٽاپ ايندو ان تان ٻي بس وٺجو. (اهو اسٽاپ جڻ ايمپريس مارڪيٽ ٿيو.)“

هاسٽل پهچي معلوم ٿيو تہ گذريل سال وارا ٽي پاڪستاني: ڪئپٽن عاشق خان، قاضي عبدالحميد ۽ احمد ڪمال علوي مهيني ڪن لاءِ فيلڊ ٽرپ تي ناروي، جرمني ۽ انگلينڊ ويا آهن جو ٻئي سال جي پهرين سيمسٽر ۾ پڙهائي گهٽ فيلڊ ٽرپ گهڻي آهي ۽ مختلف سبجيڪٽن جا شاگرد جپان ۽ آمريڪا، ڪئناڊا تائين، اتي جا شپ يارڊ، سروي ڊپارٽمينٽ، بندرگاهہ ۽ جهاز ران آفيسون ڏسڻ لاءِ وڃن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

جلدي ڪمري ۾ سامان ڇڏي رات جي ماني ميس ۾ ڪائي (جنهن جو وقت پنجين ڪان اٺين بجي تائين آهي). ٿوري دير خبرون ڪندارهياسين ته ڪٿان ڪان اڇي نڪتا آهيون. ڄڻ خواب هجي. ڄڻ اجا ڪراچيءَ ويٺا آهيون ۽ سئيڊن هلڻ لاءِ ها نه ها نه پيو ٿئي. ۽ هاڻ دريءَ مان رستي تي پرندڙ مرڪري ۽ سوڊيم بلين جي روشنيءَ ۾ برف کي ڪِرندو ڏسي رهيا هئاسين. سنڌ جي ڳوٺ منجهند وانگر رستا سنسان ۽ خاموش هئا. رکي رکي ڪا لاري يا موٽر ڪار گذري ٿي. يا ڪڏهن ڪڏهن ڪو ماڻهو سوڙ جهڙن ٿلهن ڪوٽن ۽ مفلر ٽوپ ۾ ويڙهجي تڪو تڪو لنگهي ويو ٿي، جن کي ڏسي پنهنجا گرم آٽر ڪيڏي سامهون رکياسين.

”الله مالڪ آهي. في الحال ننڊ تا ڪريون. صبح جو جيئن ئي يونيورسٽي ويندا تيئن پاڻ به انهن جي پنيان پهچي ويندا سين.“ مون سليم قاسم کي چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# جانورن جي کل جي ٽوپي

صبح جو ستين بجي ئي تيار ٿي اچي هيٺ ويٺاسين. ڪئين رنگن، قدبتن ۽ شڪلين جا همراهه هاسٽل ۾ ڦري رهيا هئا. پهريون ٽولو جيڪو نڪتو اسان به انهن سان گڏ نڪتاسين. جيئن ڪنهن ڪوريءَ يا بنيءَ جو دروازو کلندو آهي ته گرمائش منهن سان ڦيندي آهي تيئن هاسٽل جو ٻاهر نڪرڻ وارو گيٽ کولڻ سان پاري جهڙي ٿڌي هوا باقي اڻ ڍڪيل منهن جي حصي کي ايڏو ٺاري رکيو جو نرڙ ۽ سنڙ ۾ فرق نه پئي محسوس ٿيو. ڪجهه وقت ڪٽڻ بعد ٿڌين هوائن ڪوٽ سئيٽرن کي ٽڏو ڪري جسم تائين پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو. چڻ ڪپڙن بنا اگهاڙا وڃي رهيا هجون. رکي رکي هوا جو تکو جهوٽو لڳو ٿي ته چڻ بدن کي ڪپ وانگر ڪپي ويو ٿي.

”اهو اٿئي لالا، اتر يورپ ۾ ان جون ٿڌيون هوائون.“ منهنجي ٽڙڪندڙ وات مان نڪتو.

”مارچ جو مهينو ختم پيو ٿئي، ته به ههڙو سيءُ.“ ڪئپٽن سليم قاسم چيو ۽ مون بشير وسطڙو کان ورتل گرم ٽوپي هيٺ چڪي ڪن ڍڪيا. تکا تکا هلندا رستا پار ڪري اچي بس اسٽاپ تي، بس جي انتظار ۾ بيهاسين. بس اسٽاپ وٽ هڪ ڳڙڪو هو جيڪو دراصل دڪان ۾ گهڙڻ لاءِ دروازي کان اڳ جي آڏ هئي. هوا کان بچڻ لاءِ ڊوڙي اچي ان ۾ لڪياسين. به ڄڻا اڳهين ٿڌي هوا کان پاڻ بچائڻ لاءِ بيٺا هئا. هڪ ته ڪو آمريڪن هو ۽ ٻيو همراهه منهنجو سڃاڻو نڪتو.

”هاءِ! ڪئپٽن لي تون به آيو آهين ڇا؟“

ڪئپٽن لي زي خيانگ ملائيشيا جو آهي ۽ ملائيشيا جي جنهن اڪيڊميءَ ۾ آئون پڙهائيندو هوس. هو به اتي ليڪچرار هو. هو اهڙن جهازن تي رهيو هو جن تي پاڪستاني هندستاني خلاصي هئا. جن کان هو ڪجهه اڙدوءَ جا لفظ _ خاص ڪري گاريون سکيو هو ۽ ملائيشيا ۾ اڪثر چانهه جي رسيس ۾ هو اسان پاڪستاني هندستاني ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئرن سان اچي چرچا پوگ ڪندو هو ۽ هاڻ ڪيس هتي اوچتو سيءَ ۾ ڏڪندو ڏسي مون کي سندس اچڻ جي خوشي ٿي.

”بس اچي ته ويو آهيان.“ ڪئپٽن لي پنهنجي چرچائي انداز ۾ چيو ”پر ماءُ پيءُ کي لکيو

اٿم ته جي جيئرو موٽي آيس ته نئون پٽ ڄميانوَ.“

ڪئپٽن سليم قاسم سان سندس تعارف ڪرائي ٻڌايومانس ته ملائيشيا انهن ملڪن مان آهي جتي ٻارهوئي مينهوڳيءَ جي موسم رهي ٿي ۽ سيءُ ته ڪڏهن به ڪونه پوي. ايتري قدر جو ڪيترن ملئي ماڻهن مرڻ گهڙيءَ تائين ڪڏهن ڪوٽ نه پاتو هوندو.

ڪئپٽن لي منهنجي ڳالهه کي ٽيڪو ڏيندي، ڪئپٽن سليم قاسم کي چيو: ”برابر الطاف سچ ٿو چوي. اهو ائين آهي جيئن هتي سئيڊن جي ڪيترن ماڻهن ڇت وارو پنکو يا ٽيبل فئن نه ڏٺو هوندو. انهن فقط فوٽن يا فلمن ۾ ڏٺو هوندو. ڇو جو ٻارهوئي هتي ايڏو سيءُ ٿو پوي جو ماڻهو چلهه ۽ سگريءَ اڳيان ويٺو آهي. اهو ته پلو ڪري مالمو شهر جي ميونسپالٽيءَ جو جنهن گهر گهر ۾ Heating System مهيا ڪري ڏنو آهي.“

”اسان جا سينئر جيڪي هتي رهي ويا آهن، اهي ٻڌائين ٿا ته اونهاري ۾ ڪڏهن ڪجهه ڏينهن اهڙا به اچن ٿا جو ڪافي گرمي ٿئي ٿي ۽ دري کولي گنجيءَ ۾ سمهڻو پوي ٿو.“ مون ٻڌايومانس.

”خبر ناهي اهي ڏينهن ڪڏهن اچن ٿا ۽ الائي اهي ڏينهن فقط به ٽين ٿا يا ٿي. مون ته اڄ تائين سئيڊن ملڪ جي ڪنهن شهر جو اهڙو فوٽو نه ڏٺو آهي جنهن ۾ ماڻهو دري کولي بالڪنيءَ ۾ ويٺا هجن. بهرحال هڪ ڳالهه ڪان هتي گرمي ٿئي به نه.“ ڪئپٽن سليم قاسم چيو.

”ڇو ڀلا؟“ ڪئپٽن لي چيو.

”انڪري جو گرميءَ ۾ ته هنن بند عمارتن ۾ ساهه گهٽجي ويندو ۽ ڪٿي به ڪو پنکي ٽنگڻ جو ڪنڊو يا سئچ ناهي.“ سليم ٻڌايو.

”مڙيئي خير آهي. آئون ته اهڙي گرميءَ ۾ به هن سياري جو سوچي ڏڪندو رهندس.“ ڪئپٽن لي چيو.

ايتري ۾ بس نمبر 18 اچي ويئي جنهن ۾ اسان کي گستاوو ادولف (هتي جو صدر ۽ ايمپريس مارڪيٽ) وڃڻو هو. بس جو ڪارڊ ڏيکاري چڙهياسين. بس ۾ گهڙڻ سان فرحت اچي ويئي جو بس اندران سخت گرم هئي. مون هٿن تان جوراب ۽ مٿي تان ٽوپي لاٿي. ڪئپٽن لي ڪجهه دير منهنجي گهاٽن ٻجن واري ڪل جي سخت گرم ٽوپي غور سان ڏسندو رهيو. شايد هو اهوئي سوچيندو رهيو ته ههڙي سيءَ لاءِ ان قسم جي ٽوپي ضروري آهي. آخر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رهيو نه ٿيس ۽ پڇيائين:

“A man! From where you got this cap?”

۽ پوءِ ان وارن واري ڪل جي ٽوپيءَ کي هٿ لاهي پاڻ ئي وارٽيائين:

“You killed a fox?”

(يعني ڪو لومڙ گدڙ ماري، ان جي کل مان ٺهرائي اٿئي؟)

”مونکي به ائين ئي لڳي ٿو. يا جنهن مونکي اها ٽوپي ڏني آهي اهو اتر قطب جي ڪنهن ايسڪيم کان وٺي آيو هوندو. يا ڪو Eskimo مڇيون مارڻ لاءِ ٻاهر نڪتو هوندو ته پٺيان سندس گهر اگلوءَ (Igloo) مان چورائي آيو هوندو.

بس ٿورو اڳيان هلي ته مون ڪئپٽن لي کان سوال ڪيو: ”ڪئپٽن لي توکي هيڏانهن ڪيئن موڪليئون؟ ملائيشيا جي حڪومت گهٽو ڪري ڀهڙا موقعا ملئي ماڻهن کي ڏئي ٿي ۽ چينين کي گهٽ. تون چيني ٿي ڪري هيءَ اسڪالر ڪيئن حاصل ڪئي.“

ڪئپٽن لي اک ڀڃي، وات تي آڱر رکي ماٺ جو اشارو ڪيو ۽ پوءِ چيو: ”ان لاءِ چمچن جو به چمچو ٿيڻو پوي ٿو.“

مون زور سان ٺهڪ ڏيئي ساڻس هٿ ملايو.

”ياد اٿئي الطاف! چمچن جو به چمچو ٿيڻ واري ڳالهه؟“

”بلڪل چڱي طرح.“ وراڻيومانس. ۽ پوءِ ڪئپٽن سليم کي ٻڌايم ته هڪ دفعي ڪوالالمپور ۾ ڪو فنڪشن هو جنهن ۾ پنج ڇٽن کي وڃڻو هو. ٽي ملئي موڪليا ويا. هڪ هي چيني لي ڪئپٽن ۽ هڪ مونکي وڃڻ جو موقعو مليو. ڪوالالمپور ۾ هفتو ڪن هوٽل ۾ رهائش ۽ کاڌي پيتي جو مفت بندوبست هو ۽ سيمينار به اٽينڊ ڪيوسين. جنهن جو سرٽيفڪيٽ پڻ مليو. هاڻ جيڪي ٻيا فارينر هئا، پاڪستاني، هندستانين سميت انهن کي خار لڳا ته هيترن ڇٽن ۾ ملئي ته ٺهيو پر ڪئپٽن لي ۽ آئون ڪيئن ورياسين. ضرور اتي جي ڊائريڪٽر جنرل جي چمچي گيري ڪئي اٿئون. جيتوڻيڪ اسان جي ڊائريڪٽر جنرل سان ڪا واقفيت نه هئي. هن پنهنجي سيڪريٽري ڇوڪريءَ کي موڪيلو ته ڪجهه آفيسرن جا نالا اسان وٽي اچ ۽ هوءَ مونکي ۽ ڪئپٽن لي کي ڪئنٽين ۾ ملي ويئي. سو اخلاق طور اسان سو چانهه ضرور پياريس پر نالا پنهنجي مرضيءَ تي لکندي رهي. تي نالا لکڻ بعد اسان کي چيائين، توهان به ڪوالالمپور هلندائو. اسان چيس: It will realy be a great

pleasure. ۽ هن اسان جا نالا به هٽي ڇڏيا ۽ ان راز جي رکو مونکي ۽ لي کي خبر هئي ۽ پوءِ جڏهن ٽوئر تان آياسين ته سڀ متو ڪائي ويا. ڪئپٽن لي پڇيو: ”اڙدوءَ ۾ چا پيا چون.“

ڪلي سيني اڳيان پڌايومانس: ”هي پاڪستان هندستان جا ڪئپٽن پيا چون ته پاڻ ڊائريڪٽر جنرل جا ”چمچا“ آهيون. جيتوڻيڪ پاڻ ان جا نه، پر چمچن جا به چمچا آهيون.“

۽ پوءِ ڪيترا مهينا گذرڻ بعد اسان پنهنجين ساٿين کي اهو راز ٻڌايو ته اسان ان سيمينار لاءِ ڪيئن اوچتو چونڊجي ويا هئاسين. شايد اسان جو انهن ڏينهن جو داٽو پاٽي ڪوالالمپور ۾ هو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪئپٽن ڪڏهن به رستو نه ڀلبو آهي

بس ڪنگسگاٽن اسٽاپ تي ترسي ته ڪئپٽن ليءَ ٻڌايو ته هاڻ باقي ٽي اسٽاپ آهن. پرهڪ اسٽاپ گذري ٻي تي بس ترسي ته اسان سان گڏ چڙهيل آفريڪي ۽ ميڪسيڪن شاگرد لهي پيا. ليءَ اسان کي به پاڻهن کان ڇڪي چيو:

”ان کان اڳ جو بس جو در بند ٿي وڃي لهو.“ تڪڙا تڪڙا هيٺ لٿاسين ۽ اڳيان ويندڙ همراهن پٺيان رستو ٽپندا وڃندا وياسين. لي کي چيم:

”هي ڀلا ڇا آهي؟ ڪاٿي رستو نه ڀلجي وڃون.“

لي وارٽيو. ”Here in Sweden you never get lost.“

”چو ڀلا؟ لهڻو ته ڪنهن ٻئي هنڌ تي هو.“ مون چيو. ليءَ وري وات تي آڱر رکي ماٺ جو اشارو ڪري ملئيءَ ۾ چيو:

”جالان مچام اتيڪ. تاڪ مچام ايام.“ (بدڪ وانگر پٺ وٺي هلندو اچ. ڪڪڙ وانگر نه) پوءِ سليم قاسم کي لي چيو: ”ملائيشيا جي بدڪن ۽ ڪڪڙن جي ڳالهه الطاف کان پڇجانءِ ته ڪيئن رستو ٽپنديون آهن.“

”ڪئپٽن لي تون ئي ٻڌائينس.“ مون ڪلندي چيو.

”چو؟ ياد نه اٿئي ته وهندڙ رستي تان، ڪيئن آرام سان ٻچن سميت بدڪون هڪ پاسي کان ٻئي پاسي پيون وينديون آهن.“ ڪئپٽن لي مونکي چيو ۽ پوءِ ڪئپٽن قاسم کي مخاطب ٿي چيو: ”پارٽنر! بدڪ هميشه پڪي عزم سان اڳتي وڌندي آهي. پر ڪڪڙ سخت بيوقوف آهي. وچ رستي تي پهچي وري سوچيندي آهي ته وڃان يا موٽي اچان. ان ٻڌتر ۾ اڳيان پويان ٽيڻ ۾ رستي تان لنگهندڙ لاري موٽر هيٺان چلجي ويندي آهي.“ ڪئپٽن سليم قاسم کلڻ لڳو.

”ها بلڪل سچ ٿو چوان. پڇ الطاف کان، ملائيشيا جي رستن تي ڪڏهن مئل بدڪ ڏٺائين. ڪڏهن به نه، رڳو ڪڪڙن جا لاش نظر ايندا.“

اسان کان اڳيان ويندڙ آفريڪن، جن کي اسان اهو سوچي فالو ڪري رهيا هئاسين ته شايد هو وڌيڪ سياڻا آهن ۽ هنن کا شارٽ ڪٽ ڳولي آهي. پر هو ته رستو ٽپي ساڄي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پاسي عمارتن ۾ دڪانن ڏي هلڻ لڳا. آخر ڪئپٽن لي رڙ ڪري پڇين: “Friend! Where are you going?”

هو ڪجھ ڳالهائڻ لاءِ چپاڙا ڏيڻ لڳو. تيسين ڪئپٽن لي چيو: ”هتي مصيبت اها آهي جو سڀ انگريزي ڳالهائيندڙ ملڪن جا نہ آهن. آفريڪا جي ڪن ملڪن ۾ فرينچن، اٽلين، پورچوگالين جو بہ راڄ هو. هاڻ هي جيسين آفريڪي زبان مان پورچو گالي ۾ ترجمو ڪن ۽ پورچوگاليءَ مان انگريزي ۾ ترجمو ڪري اسان کي ٻڌائين تيسين اسان جو سِر ويو.“

ڪئپٽن لي جواب ۾ سندن مدد ڪرڻ لاءِ هاڻ Objective نموني جو سوال ڪيو. جيئن ڪين فقط ها يا نہ چوڻو پوي:

“Going for Bus?”

اسان جي ويجھو جيڪو هو تنهن هٿ جي اشاري سان نہ نہ ڪندي چيو:

“Going to Post Office.”

ڪئپٽن لي مٿي تي هٿ هڻي اسان کي چيو: ”ماري ڇڏيائين. پهرين پيرڊ پڪ مِس ٿي ويندو. موٽ تہ موٽون.“

”هائو. هونءَ بہ سمنڊ تي ۽ نئين ملڪ ۾ شارٽ ڪٽ رانگ ڪٽ ٿيندي آهي.“ مون چيو.

”تنهنجي معنيٰ ڪئپٽن جي بي عزتي ٿي.“ ڪئپٽن لي افسوس ڪندي ائڪٽنگ سان چيو.

”جلدي ڪر يار موٽ. وري ساڳي بس اسٽاپ تي جتان لٿا هئاسين. سيءَ ۾ حالت خراب پئي ٿئي، ڪو سياٽي بدڪ سمجھي يا بيوقوف ڪڪڙ سمجھڻ ڏي.“

”Sir, Very Sorry ڪئپٽن هميشہ صحيح رستو ڏيکاريندو آهي. پر اڄ ذرا مسٽيڪ ٿي ويئي. پر اها ڳالھ ٿي اتي. ملائيشيا ڪنهن ساٿي دوست کي نہ لڪجانءِ.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# جهازراني لاءِ ڇا ضروري آهي؟

ايڪانامڪس جي پروفيسر الڊرٽن جهازن جي دنيا جو مختصر تعارف ڪرائيندي اسان ڪان وچ ۾ سوال ڪيو:

”شپنگ شروع ڪرڻ ڪان اڳ ۾ توهان ڇا حاصل ڪندؤ؟“

”جهاز.“ ڪنهن چيو.

”غلط.“ پروفيسر سندس جواب رد ڪندي چيو.

”جهاز جو نقشو.“ ٻئي چيو.

”غلط“

”سامان موڪلڻ ۽ گهرائڻ وارا واپاري.“

”غلط“

”اخبار ۾ اشتهار.“

”غلط“

”ڪا سهڻي سيڪريٽري.“ آذربجان جي چنگيز تيمورلو چيو. اهڙن بحثن ڪي چٽپٽو ڪرڻ لاءِ ضرور ڳالهائيندو آهي.

”غلط“

”بس سائين هاڻ توهان ئي ٻڌايو. منهنجي پر ۾ ويٺل ترڪيءَ جي چيف انجنيئر حسن ٻڪال چيو:

”ٻڌايانوَ؟“ پروفيسر چيو: ”ٽيليفون، ٽيليڪس ۽ فئڪس جهڙي شيءِ. جنهن سان رابطو رکي سگهجي.“

سڀني قبوليو ته بزنس، واپار، جهازرانيءَ لاءِ اڄڪلهه جي دور ۾ ڪميونيڪيشن ضروري شيءِ آهي ۽ جيسين جهاز جي مالڪ، سامان موڪليندڙ گهرائيندڙ جهاز هلائيندڙ هڪ ٻئي سان رابطي ۾ نه آهن تيسين پئسي ۽ وقت جي بربادي آهي. اڳين زماني ۾ جهاز جو مالڪ جهاز جو ڪئپٽن هوندو هو. پنهنجو ئي سامان ڍوئيندو هو. جڏهن لنگر ۽ رسا ڪٽي بندرگاهه ڇڏيندو هو ته پوءِ وري ان جي سلامتي جي خبر تڏهن پوندي هئي جڏهن سٽاٿو واءُ لڳي ۽

موتي بندر سان لڳي. تيسين جهازين جون ونيون پلي اپيون بيهي تڙ پوجين. پر هاڻ ائين نه آهي.

ڪيمونيڪيشن _ فون، تار، ٽيليڪس، ريڊئي، فئڪس مشين. جهازي دنيا ۾ بنا ڪنهن شڪ شبهي جو وڏو انقلاب آندو آهي ۽ رابطن بنا جهازراني Shipping جو ڪم هلائڻ پنهنجو پاڻ کي اوڙاهه ۾ اڇلائڻو آهي.

اسان جي ان پروفيسر کي وچ وچ ۾ سوال پڇڻ جي ڏاڍي عادت آهي جيڪا پڙهڻ جي خيال کان سٺي ڳالهه آهي. شاگردن کي سجاڳ رکڻ لاءِ هڪ ماستر لاءِ ضروري آهي ته وچ وچ ۾ سوال پڇي. اسان جي هن پروفيسر الڊرٽن (Prof: Alderton) خبر ناهي ان نڪتي هيٺ اسان کي سوال ڏئي ٿو يا شايد چرچي پوڳ ڪارڻ پڇي ٿو. بهرحال اسين بئي ڏريون ان قسم جي سوال مان Enjoy ڪندا آهيون.

هڪ بيو سوال ڪيائين: ”واپاري سامان موڪلڻ وقت ڇا ٿو چاهي؟“

”جهاز ٿو ڏسي ته نئون آهي يا پراڻو.“ اسان وراڻيس.

”غلط.“

”جهاز ران ڪمپنيءَ جي وڏي عمارت ٿو ڏسي.“ اسان ڏڪو هنيو.

”غلط. گراهڪ منزل تائين سامان جي باحفاظت پهچ (Safe Arrival) ٿو چاهي. هن جو اُن سان ڪو غرض ناهي ته هن جو سامان ڪنهن پهچايو ۽ ڪيئن پهچايو ويو.“

واپار جي بنيادي ٿيوري تي ليڪچر ڏيندي هڪ ڏينهن چيائين:

“Trade must be the oldest human Activity.”

پنيان ويٺل ڪجهه شاگردن _ خاص ڪري ڏکڻ آفريڪا وارن وٺي ”نو. نو“ ڪيو. Prostitution پهرين آهي.“

پروفيسر الڊرٽن يڪدم آڻ مڃي چيو:

”چڱو ڀلا At least the second oldest“

ان بعد هو واپار بابت ڪجهه دلچسپ نقطا ٻڌائيندو رهيو:

اهي ملڪ جن وٽ قدرتي مال آهي جهڙوڪ: تيل، لوهه، سون، يورينيم وغيره. اهي ٻين جي مقابلي ۾ خوش نصيب آهن ۽ ٻين ملڪن سان واپار ڪرڻ ۾ کين فائدو آهي. پران کي هميشه جي طاقت نه سمجهڻ کپي. ٿي سگهي ٿو هنن وٽ ان مال جي موجودگي محدود هجي.

ڪجھ عرصي ڪانپوءِ تيل لوھ، ٽامو ڪٿي بہ سگھي ٿو يا ٿي سگھي ٿو بيو ملڪ جنھن وٽ اهو مال نہ هجي اهو جياپي لاءِ هٿ پير هڻي ان جو ڪم نعم البدل يا Synthetic Substitute ڳولي وٺي جيڪو ايترو ئي بهتر هجي يا سستو هجي جيترو اصل مال. مثال طور بنگلاديش وٽ سٽي آهي. ملائيشيا وٽ ربڙ آهي، جنهن جو روزانو اگهہ وڌي رهيو آهي. پر ٿي سگھي ٿو (۽ ڪوشش جاري آهي) تہ اهي شيون ڪيميائي طرح ٺاهيون وڃن. ربڙ تہ Synthetically ٺهي بہ ويو آهي. اهڙيءَ طرح تيل جي ڪري عربن جيڪو پنهنجو معيار بلند ڪيو آهي ٿي سگھي ٿو سيان ان تيل جون نديون ڪٿي وڃن يا سڪي وڃن تي ڪين افسوس ڪرڻو پوي. بهرحال جن ملڪن وٽ اهڙو مال ناهي انهن کي اسان بدنصيب چئي نٿا سگھون. بلڪ اهڙا ماڻهو وڌيڪ محنت ڪري ڪا نئين شيءِ ڳولين ٿا جيئڻ جيان ڪري رهيو آهي.

1973ع تائين تيل تمام سستو ملڻو ٿي. انڪري ڪنهن ان جي بدلي ۾ ڪا نئين شيءِ ايجاد ڪرڻ جو سوچيو ئي نٿي. جيئن ئي تيل جا اگھ چڙهيا آهن تہ هر ملڪ Alternative جي ڳولا ۾ لڳي ويو آهي.

آبهوا ۽ پلي زمين بہ قدرتي نعمت سمجهي وڃي ٿي جنهن جا مالڪ ملڪ اهي شيون پوکي سگھن ٿا جيڪي بيا نٿا پوکي سگھن. مثال طور: ناروي، گدرا ۽ سنگترا پوکي نٿو سگھي. ڇوجو انهن وٽ اها زمين ۽ موسم ناهي.

هونءَ اڄڪلھ جي ماڊرن سائنسي طريقن جو فائدو وٺي ناروي چاهي تہ هڪ حد تائين گدرا ۽ سنگترا پوکي سگھي ٿو پر ان لاءِ ان قسم جي ڌرتي ۽ گرم هوا پيدا ڪرڻ سان اهي ميوا تمام مهنگا پوندا. ان بابت اسرائيل دنيا کي اهو ڏيکاريو آهي تہ وارياسين ۽ پنجوءَ جهڙين زمينن تي خرچ ڪري انهن کي پوک لائق بنائي سگھجي ٿو.

هونءَ سڀ ۾ وڏو پئسو آهي جنهن جو هجڻ اهم ڳالھ آهي. بنا پئسي جي، باقي بيون شيون: ڌرتي، آبهوا وغيره ڪنهن خاص ڪم جون ٿي نٿيون سگھن.

پئسي جي ڪري ٽرانسپورٽ جي ضرورت وڌيو وڃي ٿي. 1973ع ۾ تيل جا اگھ وڌيا ۽ عربن وٽ ناڻو اچڻ شروع ٿي ويو ۽ 1976ع ۾ عرب ملڪن ڏي واپار جي اها ڌم شروع ٿي ويئي جو سامان ڪڻڻ لاءِ جهاز نہ پيا ملن. جهازن جي بيهڻ لاءِ بندرگاهہ ۾ جاءِ نہ پئي ملي. جهاز کي هلائڻ لاءِ آفيسرن جي پورائي نہ پئي ٿئي. هر هڪ جي پچ پچان عرب ملڪن ڏي شروع

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿي ويئي جتي پئسو پئسو ۽ پئسو اڇي ويو هو.

پر اهو هميشه ياد رکڻ گهرجي ته واپار Trade به طرفي متاستا آهي ۽ نه هڪ طرفي. جيڪڏهن ڪو خريدار ئي نه هوندو ته توهان جي لکها ڪروڙها ڊالرن جي سيڙپ برباد ٿي ويندي. ان ڪري اها امير ماڻهن ۽ ملڪن جي فائدي جي ڳالهه آهي ته هو غريب کي صفا غريب ٿيڻ کان بچائين. کين ڪجهه مفت ۾ نتا ڏيو سگهن ته اڌارو به ڏين جيئن ان مان غريب ملڪن جا ماڻهو گذر سفر ڪري ڪجهه پوکي سگهن. ڪجهه ٺاهي سگهن. جنهن ذريعي هو وري امير ملڪن سان واپار ڪري سگهن.

آذربيجانيءَ شاگرد چيو: ”جيئن آمريڪا ٿو ڪري.“

اڳيان ويٺل رومانيا جي شاگرد (ڪئپٽن ڪانستروت) ٺهه پهه چيس:

”۽ توهان روسي وري ڪهڙا چڱا مڙس هئائو. هاڻ الڳ الڳ رياستن ۾ ورهائجي ويا آهيو ته پاڻ کي پيا شريف سمجهو.“

”هيءَ ايڪانامڪس آهي، مسترا! وينزوئلا جي هڪ شاگرد رومانيا واري همراهه کي ماٺ ڪرڻ جو چيو:

”آئون به ايڪانامڪس تي پيو ڳالهايان. پاليٽڪس کي ڪونه ٿو ڇهان.“

# سئيڊن ۾ پهرين عيد

ملائيشيا کان آيل چيف انجنيئر زينورين رمضان جي عيد بابت پڇيو ته ڪڏهن ايندي، چيومانس: ”ماٺ ڪري روزا رکندو وڃ. جڏهن مختلف عرب ملڪن کان آيل همراهن جو پاڻ ۾ بحث مباحثو وڌي ويجي ته سمجهجانءِ ته هاڻ عيد اچي وئي آهي.“

ٻ پوءِ هڪ ڏينهن زينورين مون وٽ ڊوڙندو آيو:

”ٿوري دير لاءِ لئبرري هل.“

”چو خير ۾؟“ پڇيومانس.

”سعودي عرب، اردن، تيونيشيا جي عربن جو گرما گرم بحث پيو هلي. شايد عيد بابت.“

پهتاسين ته عربيءَ ۾ سڀ هڪ ئي وقت زور زور سان ڳالهائي رهيا هئا. رڳو اهي ٻه لفظ سمجهه ۾ آيا Latitude واحد، Longitude واحد......

زينورين کي چيم: ”بلڪل سؤ سيڪڙو عيد بابت آهي.هاڻ دعا ڪر ته هڪ ڏينهن تي ٿئي.“

ٿوري دير بعد اردني ان بحث مان نڪري اسان وٽ آيو. انگريزيءَ ۾ پڇيومانس ته خير ته آهي.

”عيد تي ڦڏو آهي. اسين سڀان عيد ڪنداسين پر تيونيشا وارا پرينءَ ڪرڻ ٿا چاهين. گهٽ ۾ گهٽ ساڳي ويڪرائي ڦاڪ ۽ ڊگهائي ڦاڪ وارا ملڪ ته هڪ ڏينهن تي عيد ڪن.“

”ڀلا هي شهر مالمو وارا ڪڏهن ٿا ڪن؟“ زينورين پڇيس.

”اهي پرينءَ ٿا ڪن. پر اسين اردن ۽ مصر وارا سڀاڻي صبح ساڍ فيريءَ ۾ڊئنمارڪ جي مسجد ۾ عيد نماز پڙهڻ پيا وڃون، جو ڊئنمارڪ ۾ سڀاڻي عيد آهي. سئيڊن، سعودي عرب ۽ تيونيشيا وارا ڀلي پرينءَ عيد ڪن ۽ نماز پڙهن“

اتي بنگلاديش جو ڪئپٽن امين اچي ويو جيڪو بنگلاديش شپنگ ڪارپوريشن جومئنيجر آهي ۽ هتي فائينل ييئر ۾ آهي. تنهن چيو:

”هيئن چو نٿا ڪريو ته سڀان ڪٽي روزو رکو ۽ سڀ گڏجي پرينءَ عيد ڪريون.“

”ائين ڪيئن ٿيندو.“ جاربن جي عايد خلف چيو ”تيهه روزا رکڻ ته حرام آهن. مون

توهان ڪان هڪ ڏينهن اڳ روزا رکڻ شروع ڪيا هئا.“

”ته پوءِ اهو هڪ ڏينهن اڳ وارو رمضان جو روزو ته نه ٿيو نه. اهو تو پنهنجي طرفان رکيو.“ ڪئپٽن امين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”پر مون اهو روزو رمضان جي نيت سان رکيو.“

”ته پوءِ هيئن ڪر سيان روزو نه رک. پلي ماني کاءُ. باقي صبح ساڻ سيءَ ۾ فيريءَ ۾ چڙهي بئي ملڪ ڊئنمارڪ ۾ وڃي نماز پڙهڻ بدران پرينءَ اسان سيني سان گڏ هتي مالمو (سئيڊن) ۾ ئي عيد نماز پڙهجانءِ.“

پر فيصلو ٿي نه سگهيو بحث هلندو رهيو. اتي آفريڪا جي ڪجهه ملڪن جا مسلمان به اچي نڪتا. منهنجي پر ۾ بينل شيدي شاگرد کان پڇيم ته هو ڪٿي جو آهي.

”آئون بينن (Benin) جو آهيان. اتي جي پورٽ جو ڪئپٽن آهيان.“

”بينن ڪٿي آهي. نائيجيريا پرسان؟“ مون پڪ ڪئي.

”ها، جنهن کي پهرين ”ڏومي“ سڏبو هو.“

”يلا ڪئپٽن صاحب عيد جو چاڪجي؟“

”مونکي ته سمجهه ۾ نٿو اچي. ناٽيڪل المناڪ ڪتاب ذريعي چنڊ جي ٻيهڪ پوري ڏينهن ته چا سيڪنڊن تائين ڪڍي سگهجي ٿي. پوءِ باقي بحث چا جو. ان حساب سان سئيڊن ۾ عيد سڀاڻي آهي.“

”نه يار. اها ڳالهه ناهي. چنڊ جو ڏسڻ (Sighting) ضروري آهي.“ اتي آيل اسان جي ڪئپٽن سليم قاسم چيو.

”پر حد ٿي ويئي. ههڙي موسم ۾ چنڊ ته چا سج به نظر نه اچي ٿو؟ گذريل ڇهن ڇهن ڏينهن کان برفباري هلي رهي آهي. مونکي ٻڌاءِ اهو چئي سگهندين سج ڪٿان اڀري ڪٿي لهي ٿو.“ ڪئپٽن امين چيو.

السڪندريه (مصر) اڪيڊمي جي ليڪچرار ڪئپٽن حنفيءَ فتويٰ ڏني: ”نه. چنڊ جو ڏسڻ ضروري آهي. هيليڪاپٽر ذريعي ڪڪرن کان مٿي چڙهي وڃي ڏسي سگهجي ٿو.“

ڪئپٽن امين مون کي چڪي چيو: ”هل ته هلون. شام تائين فيصلو ٿي ويندو. اجايو بحث ڪرڻ مان سيني کي مزو اچي ٿو. ائين ته پوءِ پيلا سال ۾ هڪ رات اهڙي نه اچي ٿي جنهن ۾ به دفعا چنڊ نظر اچي ٿو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”واقعي؟“ مون انجنيئر لاءِ اها ڳالهه نئين هئي.

”ها. واقعي. مون کي امتحان ۾ اهو سوال آيو هو دراصل چنڊ وارو سال سج واري سال کان ننڍو آهي. ۽ سال ۾ هڪ ڏينهن تي مثال طور: 0004 Hours تي چنڊ اڀري ٿو ته ان ئي ڏينهن 2330 ڪلاڪن ڌاري ٻيو دفعو چنڊ اڀري ٿو.“

زينورين موڪلائڻ مهل عيد جي دعوت ڏني: ”عيد واري ڏينهن شام جو اسان جي گهر ماني اچي کائجو.“

”انشاءَ الله.“ مون وراڻيو مانس.

”تنهن جي معنيٰ تون نه ايندين.“ زينورين چيو ۽ اتي بيٺل سعودي عرب جي شاگرد ڪئپٽن جباريءَ چيو: ”نه. انشاءَ الله جي معنيٰ اها ناهي. انشاءَ الله جو مطلب آهي ته جيڪڏهن الله چاهيو ته.“

”اسين سمجهون ٿا. پر اسان توهان سعودي عرب جي پورٽ اٿارٽي وارن جو نقل پيا ڪريون. جن کي جڏهن ويزا لاءِ چئبو آهي ته نه نه پيا ڪندا آهن. پوءِ زور پرڻ تي چوندا: اوڪي انشاءَ الله سڀاڻي ڏينداسين. سندن ان انشاءَ الله مان مطلب ٿئي ڏينهن ويزا ڏيڻ جو نه. پر اهو هوندو آهي ته هينئر ٽرو. مٿو نه کائو. سڀاڻي ڏنو ويندو.“

جباري کلڻ لڳو ”چوڻيلا سعودي عرب جي پوليس ۾ آفيسر اهڙا آهن ڇا؟“

”اهڙا تهڙا!“ ڪئپٽن سليم قاسم چيو ”انگريزن ۽ گورن سان سو سڌا آهيو باقي اسان جهڙن پاڪستاني، بنگلاديشي، هندستاني مسلمانن کي ته اهي ڏاڍا ٿا ڏيو جو ماٺ پلي آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي

دنيا جي هن واحد يونيورسٽي ۾ دنيا جي انهن ملڪن جا شاگرد اچن ٿا. جيڪي ملڪ يونائيٽيڊ نئشن U.N.O جا ميمبر آهن. ڪوبہ شاگرد پنهنجي مرضي يا پنهنجي خرچ تي پڙهڻ لاءِ هتي اچي نٿو سگهي. هن ڪي سندس ملڪ جي حڪومت هيڏانهن موڪلڻ لاءِ چونڊي (Nominate) ڪري، نالو سئيڊن جي هن يونيورسٽي (ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي) ڏي آخري چونڊ لاءِ موڪلي ٿي. دراصل هن ڪي سئيڊن جي يونيورسٽي نٿو چئي سگهجي. اها پي ڳالهہ آهي تہ هن جي عمارت سئيڊن ۾ آهي. هيءَ يونيورسٽي بين الاقوامي ( Global Maritime Org:) آهي. جيئن يونائيٽيڊ نئشن جي بلڊنگ جيتوڻيڪ نيويارڪ ۾ آهي پر ان کي آمريڪن چئي نٿو سگهجي. آمريڪا (U.S.A) پٽ ڏنو ۽ U.N.O جي بلڊنگ ۽ ادارو اتي ٺاهيو ويو. اهڙيءَ طرح جڏهن W.M.U ٺهڻ جو پڪو پهہ ٿيو تہ دنيا جي مختلف ملڪن ۽ ادارن ان کي هلائڻ لاءِ خرچ پرڻ جو ذمو کنيو. چاليهہ پنجاهہ جهازن جي وڏن مالڪن ۽ ادارن کي شاگردن جي ٻن سالن جي خرچ لاءِ پئسا (اسڪالرون) ڏنيون. ڪن ڪن جهازران ادارن ۽ ڪارخانن (جيڪي جهازن لاءِ مشينون ۽ ٻيو سامان ٺاهين ٿا) تن فيلڊ ٽرپ لاءِ شاگردن کي پاڻ وٽ گهرائي پنهنجا ادارا ۽ ڪارخانا ڏيکارڻ جو جملي خرچ، پاڙن ۽ رهائش سميت پرڻ جو ذمو کنيو. سئيڊن حڪومت هن يونيورسٽيءَ جي بلڊنگ مدد طور ڏني. اهڙي طرح شاگردن جي رهائش لاءِ هن شهر مالمو جي ميونسپالٽيءَ هينرڪ سمٿ هاسٽل نالي بلڊنگ ڏني. جنهن جي فرنيچر، پاڻي، بجلي ۽ مرمت جو خرچ انهن مٿان آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هن قسم جي يونيورسٽيءَ جي ضرورت

ڪو زمانو هو جو رڳو چند ملڪن جو جهازرانيءَ تي قبضو هو. انگلينڊ، آمريڪا، يونان، ناروي، اسپين، پورچوگال ۽ ڪجهه عرب ملڪ وغيره. تن ڏينهن ۾ جهاز ڪاٺ جا هوندا هئا. يعني هوا ۽ سڙهن جي طاقت ۽ چپن جي زور تي هليا ٿي. ان بعد ٻاڦ جون انجڻيون ۽ ڊيزل انجڻيون ايجاد ٿيون. سئيز ڪئنال بند ٿيڻ بعد جهازن کي آفريڪا جو وڏو ڦيرو ڪرڻو پيو ٿي، ان ڪري جهازن جي مالڪن جي اهائي ڪوشش رهي ته وڏي کان وڏا جهاز ٺاهيا وڃن. سَون ٽنن وارن جهازن مان هزار ٻين هزار ٽنن وارا جهاز ٿيا ۽ پوءِ ڏهن پندرهن هزار ٽنن وارا جهاز ٿيا. 1964ع ڌاري چٽگانگ جي مئرين اڪيڊمي ۾ پڙهڻ دوران ڪو ويهين هزارين ٽنن وارو جهاز ڏسنداهئاسين ته وات ڦاٽي ويندو هو ۽ پوءِ ته پنجاهه سٺ هزار ۽ لک ٽن جا VLCC ۽ سپر ٽئنڪر ٺهي پيا ۽ هاڻ ته معاملو لک کان به مٿي ٿي ويو آهي.

جهازن جي سائيز ۽ نمبر وڌڻ سان گڏ جهازران ڪمپنيون به وڌي ويون آهن ۽هر ملڪ ننڍو وڏو پنهنجي ملڪ جي عزت خاطر هڪ عدد نئشنل ڪمپني به ٺاهڻ لڳو آهي. جيئن پاڪستان 1964ع ڌاري نئشنل شپنگ ڪارپوريشن ٺاهي. ان بعد سريلنڪا وارن سلون شپنگ ڪارپوريشن ٺاهيو ۽ پوءِ سنگاپور ملائيشيا وارن ۽ اهڙي طرح اچ ڪيترن آفريڪي ۽ ڏکڻ آمريڪي ننڍن ملڪن کي پنهنجون قومي جهازران ڪمپنيون آهن ۽ ان کان علاوه ڪئين خانگي ڪمپنيون آهن.

انهن سيني ڳالهين مان نتيجو اهو نڪتو ته هر هڪ پنهنجو پنهنجو قاعدو قانون ٺاهي ان موجب هلڻ لڳو. جهازن جي ٺهڻ، لوهه جي ٿولهه کان وٺي هلائڻ وارن جي چونڊ تائين ڪيترين ڳالهيون هڪ ٻئي کان مختلف ٿينديون پئي ويون. هونءَ ننڍا جهاز هئا.ٻڏندا هئا ته ڪو گهڻو نقصان نه ٿيندو هو. پر هاڻ جڏهن تيل جا سپر ٽئنڪر ٻڏن ٿا ته انهن مان لکين ٽن نڪتل تيل، سمنڊ ۽ ڪناري (Beaches) جا سوين ميل خراب ڪريو ڇڏي ۽ ان ايراضيءَ ۾ رهندڙ مڇيون ۽ سامونڊي پکي، جانور تباهه ٿيو وڃن.

اڳ ۾ ڪو جهازي ڏنڊي تي مٿي چڙهي سڙهه ٺاهيندي ڪِري پوندو هو ته سندس لاش کي ٽنگ ۾ هٿ وجهي سمنڊ ۾ اڇلي ڇڏيندا هئا. ٻن ٽئن يا ڇهن مهينن بعد جهاز واپس

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

بندرگاهه ۾ ايندو هو ته جيٽيءَ تي سندس انتظار ۾ بيٺل زال کي جهاز جو ڪئپٽن ڪلها لوڏي چوندو هو ”مئڊم! مڙسين پير ترڪڻ ڪري مري ويو. ويري ساري.“ ۽ زال روئي پٽي گهر هلي ويندي هئي. پر هاڻ انشورنس ڪمپني چاهي ٿي ته ڪنهن جو حادثو ٿئي. بهرحال هن صديءَ جي جهازي توڙي هر ملڪ جي حڪومت جو اهو نعرو آهي: Safety at sea & Cleaner Oceans. ساموندي زندگيءَ کي گهٽي کان گهٽو سلامتيءَ وارو بڻايو وڃي ۽ سمنڊن کي گند ڪچري (تيل ۽ ٻين نقصانڪار شين) کان بچايو وڃي.

۽ ان ڳالهه کي منهن ڏيڻ لاءِ سڀني ملڪن جي واسطيدار ماڻهن کي هڪ هنڌ ويهي سخت کان سخت قاعدا قانون ناهڻ کپن. جنهن ۾ جهاز جي لاءِ ڪوڪي ڪليءَ کان جهاز جي لوهي جسم لاءِ لوهه جي ٿولهه ۽ Compostion جو فيصلو ڪرڻ کپي. جهاز هلائيندڙ آفيسر لاءِ ضروري سبجيڪٽ وڌايا وڃن ۽ امتحان ڏکيو ڪيو وڃي. جيئن هن فيلڊ ۾ فقط اهي اچي سگهن جيڪي دماغي ۽ جسماني طرح چست، ذهين ۽ بهتر کان بهتر هجن. جيئن ڏکئي حالت کي سمجهي، جهٽ پٽ سوچي ۽ منهن ڏيئي سگهن ۽ خطري ۽ حادثي جو Chance بنهه Zero Percent رهي. ان کان علاوه جهازي ڪمپنين کي بهتر کان بهتر نموني سان ڪيئن هلائجي، جيئن جهازن جي مالڪن يا ملڪ کي نقصان نه ٿئي يا بندرگاهن کي صحيح ڪيئن رکجي وغيره وغيره. انهن مڙني شين کي يونائيٽيڊ نئشن جو ادارو ڏسي ٿو ۽ هيءَ يونيورسٽي آءِ. ايم. او ( I.M.O International Maritime Organization) وارن طرفان ناهي ويئي آهي. جتي مختلف ملڪن جي جهازن (ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر) ۽ بندرگاهن سان واسطو رکندڙ آفيسرن ۽ شپنگ منسٽري جي واسطيدارن ٽيڪنيڪل آفيسرن کي ٻن سالن لاءِ تعليم سان گڏ مختلف هنڌن تي فيلڊ ٽرپ لاءِ گهمايو وڃي ٿو. شاگردن جي آخري چونڊ ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي (W.M.U) جو داخلا بورڊ ۽ انٽرنئيشنل مئريٽائيم آرگنائيزيشن (I.M.O) جو ادارو ڪري ٿو. پوءِ ڪنهن ملڪ مان هر سال ٻه يا ٽي گهرايا وڃن ٿا. ڪنهن ملڪ (خاص ڪري فجي، هانگ ڪانگ، سنگاپور، سموئا، ٽونگا جهڙن ٻيٽن) مان هڪ يا ٻه گهرائين ٿا. ڪڏهن نه به. جيئن اسان جي هن سال جي بئچ ۾ ڪيپ وردي ٻيٽ، مارشل ٻيٽ، ٽرنيڊاڊ ۽ ٽباگو ٻيٽ جا شاگرد آهن. پر گذريل سال انهن هنڌن ڪوبه نه هو ۽ گذريل سال (يعني فائينل سال) جي شاگردن ۾ مئڊاگاسڪر (ملاگاسي)، موريشش جهڙن هنڌن جا آهن. ڪيپ وردي ٻيٽ ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ آهي. يورپ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

انگلينڊ ڪان نيوبارڪ ويندي رستي تي پوي ٿو. مارشل بيٽ پئسفڪ سمنڊ ۾ فجيءَ جي اتر ۾ آهي. ٽرنيڊاڊ ۽ ٽباگو ويسٽ انڊيز ٻيٽن مان آهن جتي جا ڪرڪيٽ رانديگر دنيا ۾ مشهور آهن. مونکي به اچا سيني جي خبر نه پئي آهي ته ڪير ڪٿان جو آهي. پر ڪرڪيٽ جي ورلڊ ڪپ ۾ پاڪستان جو چئمپين ٽيم ٿي پهرين هنن همراهن اڇي مبارڪ ڏني.

”جيتوڻيڪ اسان (ويسٽ انڊيز) وارن نه ڪٽيو. ان جو ايترو افسوس نه اٿئون جيترو توهان جي ڪٽڻ جي خوشي ٿي آهي. توهان انگلينڊ جهڙي ملڪ کي پادر هنيا آهن.“ ٽرنيڊاڊ جي شيدي چيف انجنيئر ڊئوڊسن ۽ ڪئپٽن فلپ چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ايتري حفاظت ڇو

مختلف ملڪن کان آيل شاگردن جي هاسٽل لاءِ شهر ۾ ڊسپوننٽ گاٽن (ڊسپوننٽ روڊ) تي هينرڪ سمٽ نالي هاسٽل آهي. سئيڊش زبان ۾ رستي کي گاٽن سڏجي ٿو. جيئن امير الگاٽن، جبرالٽر گاٽن، ڊراٽنگ گاٽن هن شهر مالمو جا ڪجهه رستا آهن. وڏي رستي کي Vagen سڏجي ٿو. جيئن فورصور ويگن، بوبل ويگن يا سٽيڊلس ويگن (Citadellsvagen) جنهن رستي تي اسان جي يونيورسٽي آهي ۽ اهو رستو سينٽرل اسٽيشن کان شروع ٿئي ٿو ۽ اسان جي يونيورسٽي وٽ ختم ٿئي ٿو. ان کان علاوه هتي جي ڪيترن رستن جي نالي اڳيان نورا، سوڊار، اوسٽر جا لفظ نظر ايندا جن جو مطلب آهي اتر ڏکڻ اوڀر ۽ اولهه. جيئن نيپچون هوٽل وٽ ٻه رستا لنگهن ٿا. اتر پاسي جيڪو آهي ان جو نالو نورا (Norra) نيپچون گاٽن آهي ۽ ڏکڻ پاسي واري جو نالو سوڊار (Sodra) نيپچون گاٽن آهي. هتي جي زبان ۾ اتر کي نورا کان علاوه نور يا نارڊ (Nord) پڻ سڏين. جيئن Nord Banken يعني انگريزيءَ ۾ ٿيو نارٿ بئنڪ.

هيءَ هاسٽل ڇهه ماڙ آهي. پنهنجي حساب سان پنج ماڙ جو هيٺين پٽ کي گرائونڊ فلور سڏين ٿا. پر چين، جپان، هانگ ڪانگ وانگر هتي پهرين ماڙ گرائونڊ فلور کان شروع ٿئي ٿي. سيءَ جي ڪري هتي جون سڀ عمارتون بند بند ٿين.در دريون سڀ بند نظر ايندين. ڏسڻ ۾ روشنيءَ لاءِ پڙدو هٽائي شيشي مان ڏسي سگهجي ٿو. هاسٽل ۾ گهڙڻ سان هاسٽل جي مئنيجر جي آفيس آهي. جيڪا رسيپشن سڏجي ٿي. در کي کولڻ لاءِ در جي ٻاهر ڪئلڪيوليٽر جهڙي نمبرن واري شيءِ لڳل آهي ۽ مقرر نمبر دٻائڻ سان الارم سان گڏ دروازو کلي ٿو. اڄڪلهه دروازو کولڻ جو نمبر 1190 آهي جيڪو وقت بوقت حفاظت جي خيال کان تبديل ڪيو وڃي ٿو. ان کان علاوه موڪل وارن ڏينهن تي ۽ رات جو ڏهين بجي کان پوءِ، جڏهن گيٽ وٽ رسيپشن آفيس ۾ مئنيجر ۽ سندس سيڪريٽري ڇوڪري موجود نه هوندي آهي ته اهو دروازو فقط ڪوڊ نمبر دٻائڻ سان به کلندو آهي ۽ وڌيڪ حفاظت خاطر هر هڪ کي هڪ پلاسٽڪ جو ڪارڊ مليل آهي جيڪو دروازي ۾ نهيل سير ۾ اندر وجهڻ سان اليڪٽرڪ سرڪٽ ۾ چرپر اچيو وڃي ۽ دروازو کليو وڃي. ساڳي طرح يونيورسٽي جي هر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ماڙ تي در ڪولڻ لاءِ ڪوڊ نمبر آهي، جيڪو اڄڪلهه 3570 آهي. دروازو ڪولڻ جو هي نمبر سسٽم هتي جي ٻين عمارتن ۾ به آهي. پر اسان جي هاسٽل ۽ يونيورسٽيءَ ۾ تمام گهٽ آهي.

”هتي سئيڊن ۾ ته ايترا ڏوهه نٿا ٿين پوءِ ايتري حفاظت ڇو؟“ مون ٻهرين ڏينهن ئي هتي جي هڪ سڪيورٽي آفيسر کان پڇيو.

”تڏهن به اسان کي خبردار رهڻ کپي ۽ ڪنهن کي نه موقعو ڏجي ۽ نه پنهنجي طرفان ايڏي ڍر ڏجي جو ٻئي جو من وڌي ۽ ڏوهه ڪرڻ لاءِ Risk کڻي.“ هن ٻڌايو.

”پر اسان ته شاگرد ۽ ڌارين ملڪن جا آهيون ۽ پئسي ڏوڪڙ ۾ سيئي مسڪين ئي آهيون.“ مون چيو.

”رڳو پئسي ڏوڪڙ جي ڳالهه ناهي. ڌارين ۽ مختلف ملڪن جا هجڻ ڪري اسان کي ويتر وڌيڪ خبردار رهڻو پوي ٿو. هتي توهان پاڪستان جا آهيو ته هندستان ۽ بنگلاديش، برما جا به، عراق جا آهن ته ايران، سعودي عرب، مصر، شام جا به، لبيا جا آهن ته چاڊ، موراڪو الجيريا ۽ ٽيونشيا جا به آهن. انگولا جا آهن ته مورزمبيق، ڪينيا، نائيجيريا جا به آهن. اهڙيءَ طرح رومانيا، بلغاريا جا آهن ته ترڪي البانيا جابه ۽ روس جي لٿونيا، آرمينيا، آذربيجان ۽ جارجيا تائين جا شاگرد آهن. پاڻ ۾ ته ڪٺي توهان نه وڙهندؤ. پر متان ڪو ڌاريو اسان جي ئي ملڪ جو ڪنهن عرب، آفريڪي يا روسيءَ تي بگڙي پنهنجو بدلو وٺڻ لاءِ هيڏانهن هليو اچي ته سڄي ڳالهه جو مزو خراب ٿي پوندو. ۽ هر هڪ کي خبر آهي ته هن هاسٽل ۽ يونيورسٽيءَ ۾ دنيا جي هر ملڪ جا ماڻهو رهن ٿا. انڪري توهانکي Diplomats واري حفاظت ڏيڻ چاهيون ٿا.“

ٻهرين، ٻين، ٽين ۽ پنجين ماڙ تي ٽي وي روم ٺهيل آهي جنهن ۾ انگريزي ترجمي لاءِ Decoder پڻ آهي. يورپ ۽ انگلينڊ جا ڪيترائي چينل نظر اچن ٿا. گهڻا مشهور بي.بي.سي BBC، سي.اين.اين، سپرچينل، Discovery, Eurosport ۽ هڪ عربن جو چينل آهي جيڪو شايد قبرص کان ٽيليڪاسٽ ٿئي ٿو. ناروي، ڊئنمارڪ، فنلئنڊ ۽ سئيڊن جون ٽي وي اسٽيشنون به اينديون آهن پر جيئن ته انهن جا گهڻا پروگرام انگريزيءَ ۾ نه آهن، انڪري اهو ڪو ورلي ڏسي. البت ڇنڇر ۽ اربع ڏينهن شام جو (دير سان) انهن مان هڪ يا ٻن تي اڌ اگهاڙيون يا ٽپ اگهاڙيون فلمون اچڻ مهل ٽي وي روم ڏسندڙن سان ڀريل هوندو آهي.

هاسٽل جي ٻي ماڙ تي لئبرري آهي، جنهن ۾ يا آئون هوندو آهيان يا هڪ بنگالي. آڇر

ڏينهن ڪجهه آفريڪي شيدي (۽ شايد وچ آمريڪا جي ملڪن جا پڻ ڪجه شاگرد) گڏ ويهي ڪجهه دير بائيبل پڙهندا آهن. نه ته گهٽا ٽٽا لئبرريءَ ۾ ويهي ڪتاب يا رسالا پڙهڻ بدران پنهنجي ملڪ کان آيل رسالا ڪتاب چڏڻ ايندا آهن. هر هڪ جو اهو زور هوندو آهي ته سندس ملڪ بابت سڀ کان گهٽو لٽريچر ۾ معلومات هجي. سو پنهنجن پئسن سان يا پنهنجن سفارتخانن، هوائي ڪمپنين ۽ ٽورسٽ آفيسن کان ڪافي مواد گهرائي هتي رکندا آهن جيئن سندن ملڪ بابت باقي ملڪن جا شاگرد پڙهي، گهٽي کان گهٽو متاثر ٿين. بهرحال ان مقابلي ۾ ڏٺو وڃي ته ايران ۽ ٻئي نمبر تي ذڪرڻ آمريڪا جا ڪجهه ملڪ: وينزوئلا، چلي ۽ پيرو سڀ کان اڳ اڳ آهن.

هاسٽل جي چوٿين ماڙ تي ريڊيو ۽ اسٽيريو جو بندوبست آهي، جيئن ڪنهن کي فقط ميوزڪ ٻڌڻ جو شوق هجي ته اتي ويهي رڪارڊ يا ڪئسٽ ٻڌي. ڇهين جيڪا آخري ماڙ آهي ان تي ڪمپيوٽر روم آهي جتي هر هڪ پنهنجو خط پٽ درخواست يا پنهنجي چونڊيل عنوان جي ٿيسز پوري ڪرڻ لاءِ لکندو يا پرنٽ ڪندو آهي.

هاسٽل کي هيٺ بهرو (Basement) پڻ آهي جنهن ۾ هڪ وڏي ميس ۽ ڪيفيٽيريا آهي جتي اسان نيرن ۽ رات جي ماني کائيندا آهيون. منجهند جي ٻارن ٻچايون يا يونيورسٽيءَ جي ڪئنٽينن مان وٺي کائون. ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن به ٻارن ٻچايون يا هوٽل ۾ کائون. روز جي ان لنچ ۽ موڪل وارن ڏينهن جي مانيءَ جا پئسا يونيورسٽيءَ طرفان ملن، جيڪي ٻارن ٿي ٻچائي کائڻ لاءِ چڱا خاصا ٿين ٿا. پر جيڪڏهن هڪ ويلو به هتي جي هوٽل ۾ کاڌو سين ته باقي ڏينهن چڻن (Peanuts)، ڊبل روٽي ۽ چانهه تي گذارو ڪرڻو پوي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سمهڻ ڪپي يا صفائي

هاسٽل جي ٻهري ۾ ميس کان علاوه ٻه ڪمرا ڪپڙا ڌوئڻ جا آهن جن ۾ هاسٽل طرفان اٺ کن واشنگ مشينون ۽ سڪائڻ جا ڪٻٽ آهن.ڪپڙن ڌوئڻ جو صابڻ پنهنجو ڪٽي ايندا آهيون.ڪپڙا مشين ۾ وجهي، ڪلاڪ کن بعد ڪيندا آهيون اهو ڪلاڪ کن هيڏانهن هوڏانهن چڪر هڻڻ يا ٽي وي ڏسڻ لاءِ هليا ويندا آهيون (يا جيئن هن وقت آئون هي مضمون پورو ڪرڻ لاءِ اچي ويٺو آهيان) ڪپڙن ڌوئڻ وارن ڪمرن کان پوءِ ٻيا ڪمرا سانا (ٻاڦ ۾ وهنجڻ)، ورزش ۽ جمناسٽڪ ڪرڻ جا آهن.

هاسٽل جي هر ماڙ تي ٽيهه کن ڪمرا آهن. يعني ڪل پوڻا ٻه سؤ کن ڪمرا آهن.هن هاسٽل جا ڪمرا اهو سوچي ٺهرايا ويا هئا تہ هنن ۾ شاگرد نہ فقط اڪيلو آرام سان رهي سگهن پر هو چاهين تہ زال سان گڏ ٻہ رهي سگهن.”جو جو W.M.U يونيورسٽيءَ لاءِ اسان ويهہ ٻاويهہ سالن جا چوڪرا تہ نہ گهرائي رهيا آهيون.“ هاسٽل جي مئنيجر ٻڌايو ”اسان جا اهي شاگرد آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ اهم پوسٽ تي پهتل آهن ۽ سپ ٽيهہ پنجٽيهہ سالن کان مٿي آهن.“

هاسٽل جي ڪمري ۾ گهڙڻ سان پهرين هڪ ننڍڙو ڪمرو اچي ٿو جنهن ۾ ڊريسنگ ٽيبل، ڪپڙا سامان ۽ ٻئگون رکڻ لاءِ ٽي ڊگها ڪٻٽ ۽ ٽي انهن جي مٿان ننڍا ڪٻٽ رکيل آهن جيڪي ڇت سان وڃيو ملن. ان ئي ڪمري ۾ ڇٽي Umbrella، ٽوپي، رين ڪوٽ، اوور ڪوٽ، مفلر وغيره ٽنگڻ لاءِ ٻہ لوهي تختاءِ چار کن ٽنگٽيون آهن. جو جو هنن ملڪن ۾ جتي هر وقت برفباري ۽ مينهن پوي ٿو اتي هر هڪ مهمان اهي شيون پاڻ سان کٽي اچي ٿو ۽ هر هڪ گهر ۾ پيل ڇٽي ۽ رين ڪوٽ رکڻ لاءِ در وٽ ئي بندوبست هوندو آهي. جيئن نڪرڻ وقت آيل مهمان يا گهر جو مالڪ چاٻيون ۽ بارش ۽ سيءَ کان بچڻ لاءِ مفلر ڪوٽ ڇٽي ياد ڪري کٽي نڪري.ان بعد ان ڪمري کي ٻہ در آهن، هڪ باٿ روم ڏي کلي ٿو ۽ باٿ روم ۾ هر وقت گرم ۽ ٿڌي پاڻيءَ جا نلڪا، ٽب، ڪٻٽ هر شيءِ بين الاقوامي معيار جي اوچي ۽ مضبوط ٺاهي اٿن. جن ۾ 1983ع کان اسان جي ملڪ جا بشير وسطڙو نذر سجاد، بدرمنير جهڙا ڳراڳرا همراهہ تہ ڇا پر ڇهہ ست آمريڪن رهي ويا آهن پر اجا تائين ڪا شيءَ ڀڳي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿيٺي يا خراب نه ٿي آهي.

ٻيو دروازو بيڊ روم ڏي کلي ٿو جنهن ۾ سمهڻ لاءِ پلنگ، بستر، لکڻ پڙهڻ لاءِ Oak Wood جهڙي ڪاٺ جي ٽيبل ۽ ڪرسيون، هڪ پنهنجي ۽ مهمانن جي ويهڻ لاءِ صوفا سيٽ ۽ ڪتاب ۽ ٻيو سامان رکڻ لاءِ به ڪٻٽ، هڪ ٽيبل لئمپ ۽ هڪ اسٽئنڊ لئمپ ۽ ڇت ۾ شئنڊليئر جهڙو بلبي ڇٽ آهي. گرمي ته هنن ملڪن ۾ ٿئي ڪانه سو ڇت ۾ نه پکو ٿئي نه پکي لڳائڻ جو ڪُنڍو.

رڌ پچاءَ لاءِ هڪ ڪٻٽ وانگر رڌڻو آهي جنهن جا چار طاق ڪولڻ سان قطار ۾ سامهون ٿانون ڌوئڻ جي ڪونڊي، چلهو، ريفريجريٽر ۽ ٿانون رکڻ لاءِ هڪ ڪٻٽ آهي. اهڙيءَ طرح انهن جي مٿان وڏيڪ ٿانوَ ۽ سيڌو رکڻ لاءِ به ڪٻٽ آهن. ڪمري جون چادرون، ٽوال، وهاڻي جون ڇهون ۽ اگهڻ جا ڪپڙا وغيره هر سومر ڏينهن تي ۽ ڪمري جي صفائي هر اربع ڏينهن تي ٿئي.هاسٽل جي ڪمرن توڙي يونيورسٽي جي صفائيءَ جوڪم هتي جون مڪاني (سئيڊن) عورتون ڪن. جن وٽ Master_Key هر تالي کي لڳندڙ چابي آهي ۽ اسان يونيورسٽي هوندا آهيون ته پٺيان در کولي صفائي ڪري وڃن. سندن غلط سلط انگريزيءَ جا ڪيترائي چرچا مشهور آهن. ان ڏينهن نڪراگئا (وچ آمريڪا جي ملڪ) جو هاربر ماسٽر گونزالي چاق نه هو سو يونيورسٽي نه آيو. پاڻ ٻڌاياٿين ته ڪمرو صاف ڪرڻ واري عورت بالٽي ٻهارو کڻي اچي اڳيان بيهي رهي. سئيڊش زبان ۾ ڪجهه چوندي رهي. سندس مطلب هو ته اٿ ته بسترو ۽ ڪمرو صحيح ڪريان.

انگريزيءَ ۾ وراٽيومانس" "هاڻ ٻئي هفتي اچي صفائي ڪجانءِ. بخار ڪري جسم ٿو ڀڃي پري. اٿي ٻنهه نٿو سگهان."

پر هن کي شايد سمجهه ۾ نه آيو. ۽ پڪ ڪرڻ لاءِ هن اهو معلوم ڪرڻ ٿي چاهيو ته آيا آئون سمهڻ ٿو چاهيان ته هوءَ صفائي نه ڪري ۽ موٽي وڃي. اهو هوءَ پنهنجي زبان ۾ چوندي رهي (جيڪو بعد ۾ هاسٽل جي مئنيجر ٻڌايو) پر جيئن ته مونکي سندس زبان سمجهه ۾ نه پئي آئي، سو مونکي سمجهائڻ لاءِ هن پنهنجي طرفان ڪوشش ڪري انگريزيءَ ۾ ڪجهه هن ريت چيو:

"Should we sleep or should we clean."

پاڻ کي سمهڻ کپي يا صفائي ڪرڻ کپي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مٿيون لطيفو پوءِ هاسٽل جي مئنيجر کي ٻڌايوسين. صفائي واري مارگريٽ به اتي بيٺي هئي ۽ سيني چڱو تنگ ڪيس ته اهڙا انگريزي ڊائلاگ ڳالهائيندينءَ ته اسان کي روز بيمار ڏسندينءَ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ريڊ انڊين کان سبق حاصل ڪريو

سڀ ڪمرا هڪ جيڏا نه آهن پر هڪ ڇڏي ٻيو ڊيڍ وٽو وڏو آهي ۽ ان ۾ بورچيخانو ڪِٽ الڳ ڪمري ۾ آهي. انهن وڏن ڪمرن ۾ هڪ سال پراڻا شاگرد رهن ٿا. يا اهي جيڪي زالن سان آهن. يونيورسٽيءَ جا مڙيئي شاگرد مرد به نه آهن ڪيترين عورتون آهن جيڪي بندرگاهه يا جهازران ڪمپنيءَ ۾ وڏي پوسٽ تي پهتيون آهن يا گورنمينٽ جي اداري، خاص ڪري منسٽري آف شپنگ جي سيڪريٽريٽ ۾ آهن يا مئرين اڪيڊمين ۾ Law، انشورنس ۽ مئنجمينٽ جهڙن سبجيڪٽن ۾ ليڪچرار آهن. فلپين کان آيل شاگردن ۾ به عورتون آهن. هڪ ڊيزي جبولي شپ بلڊنگ جي اسپيشلسٽ آهي ۽ منيلا (فلپين) ۾ ڊپارٽمينٽ آف ٽرانسپورٽ ۽ ڪميونيڪيشن ۾ ڪم ڪري ٿي. آفريڪا جي ڪيترن ملڪن جون حبشي عورتون آهن. جهڙوڪ: نائيجيريا جي جوليانا ۽ عارت، گهانا جي ائلس وغيره. اهڙيءَ طرح ڪيترن ٻيٽن ۽ ڏکڻ آمريڪا ۽ وچ آمريڪا جي شاگردن ۾ڪيترين ئي عورتون آهن. هڪ ته ڪولمبيا جي عورت اسان جي قطار ۾ رهي ٿي. پوءِ عورتن ۾ به ڪي اڪيليون رهن ٿيون ڪي مڙسن سان گڏ _ ڪي ٻارن جي تعليم ڪري انهن ڪي ۽ مڙس ڪي پنهنجي ملڪ ڇڏي آيون آهن.

ڪالهه هڪ اهڙي حبشي عورت ميس ۾ مانيءَ تي اهي ئي سور پٽي رنا ته هن عمر ۾ پرديس ۾ رهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ اهو به ڪجهه ڏينهن لاءِ گهمڻ هجي ته سولو. پر ٻن سالن لاءِ سئيڊن جهڙي هڪ اوپري ملڪ جي ٿڌ ۽ ماحول ۾ رهي Maths ۽ Law جهڙا سبجيڪٽ پڙهڻ پويان مغز ماري ڪرڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، استري ڪرڻ، ماني پچائڻ، ٻه ٻه بسون بدلائي يونيورسٽي وڃڻ سيڌو سامان پاڻهي وني اچڻ، اگهائي سگهائي ڪي منهن ڏيڻ ڪٺين مرحلا ٿين ٿا. مڙس پنهنجي آفيس کان چئن مهينن جي موڪل به ورتي پر نه اچي سگهيو.

”چو يلا؟“ مون پڇيومانس.

”بس، سس صاحبا ڪي ڳالهه نه وٽي، ۽ هنن جو به ڏوهه ناهي. پيريءَ ۾ ٻنا پٽ جي پنهنجو پاڻ ڪي ڏسن يا اسان جي ٻارن ڪي.“ ”گهڻا ٻار اٿئي؟“

”هڪ يا ٻه هجن ته انهن ڪي گهرايان به ڪٽي. يڪا سارا ڇهه ٻار اٿم.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”ڏاڍي پڏائي.“ اسان ڪلي چيس.

”پڙهيل ڳڙهيل تي ڪري ايترا ٻارا!“

”پڙهيل ڳڙهيل آهيان تڏهن ته ايترا ٻار اٿم.“ وراڻيائين.

”ڇا مطلب!“ اسان ويٽر واڱڙو تي پڇيس.

”ٻين ڪي ڏهه ڏهه ٻارهن ٻارهن ٻار آهن.“

پاڻ گهانا جي آهي ۽ سيڪنڊ ٻيئر جي شاگرد آهي. گهانا ۽ اوس پاس ۾ هلندڙ Fishing vessels مڇين مارڻ وارين ٻيڙين جي Architect ۽ سلامتي Sefety Factor تي ريسرچ ورڪ ڪري ٿيسز لکي رهي آهي ۽ سندس اهو ڪتاب گهانا جهڙي ملڪ لاءِ هڪ ڪارآمد شيءِ ثابت ٿيندو. ان ئي قسم جي عنوان تي اسان جي هڪ پاڪستاني چيف انجنيئر مسٽر قربان پڻ ريسرچ ورڪ ڪيو آهي. پاڻ چار پنج سال اڳ هتي هو. سندس ريسرچ جو دائرو ڪراچيءَ کان گوادر تائين جو هو.

هر ماڙ ريل وانگر ڊگهي آهي. وچ تي هلڻ جو رستو آهي. آمهون سامهون ڪمرا آهن. ٻڏي نمبر وارا ڪمرا هڪ پاسي ته اڪيءَ وارا ٻئي پاسي. اسان جي فلور تي شروعاتي ڪمرو ترڪيءَ جي شاگرد عدنان جو آهي، جيڪو زال سان رهي ٿو. ان جي سامهون شنگهائي چين کان آيل چوڪري رهي ٿي. سندس ڪپڙن گندين مان مائوءَ جو چين، ڳاڙهو هجي يا نه پر ڪافي ماڊرن ٿيندو وڃي جو اهڃاڻ ضرور ملي ٿو. ڪيس خبر آهي ته آئون لکندو آهيان. ”آئون چين تي پنهنجن سفرن ۽ تجربن جو ڪتاب ”چين _ جنهن ڪيو ٻي چين“ نالي لکي رهيو آهيان. پر گذريل ويهه ٻاويهه سالن ۾ جيڪي چين ۾ تبديليون آيون آهن انهن ڪي ڏيان ۾ آڻي سوچيان پيو ته ڪتاب جو نالو: چين! تنهنجا ڪئين روپ“ نالو رکان. پاڻ ۽ ترڪيءَ جو عدنان پڻ ٻئي سال جا شاگرد آهن. ترڪيءَ جي عدنان جي پر واري ڪمري ۾ ڪولمبيا جي مٿين چوڪري رهي ٿي ۽ هن سال آئي آهي. ان بعد پاڪستان نئشنل شپنگ ڪارپوريشن جي قاضي حميد جو ڪمرو نمبر 318 آهي ۽ 320 ڪئپٽن عاشق جو آهي ۽ 322 منهنجو آهي. حميد قاضي جي سامهون وارو 319راحت جو آهي ۽ 321 احمد ڪمال علويءَ جو آهي ۽ ڪجهه ڪمرا ڇڏي 329 ۾ اسان جي ملڪ جو ڇهون همراهه ڪئپٽن سليم قاسم رهي ٿو. اسان جي فلور ڪي پاڪستاني فلور به سڏين ٿا. احمد ڪمال علويءَ جي پر واري يعني منهنجي سامهون واري ڪمري نمبر 323 ۾ گهانا جي مسز

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ايلس رهي ٿي. ان بعد باقي ڪمرن ۾ بنگلاديش جو ڪئپٽن امين آهي جيڪو اسان شاگردن جي ڪائونسل جو صدر آهي. پاڻ بنگلاديش شپنگ ڪارپوريشن ڪنهن اهم عهدي تي آهي. چٽگانگ جي ساڳي اڪيڊمي مان پڙهيو آهي جنهن مان مون مئرين انجنيئرنگ جي بنيادي تعليم حاصل ڪئي هئي. سڀ ڪيس ليڊر مڃيندا آهن. پاڻ آهي سو بنگلاديش جو پر رنگ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو ڍنگ، ڪپڙن جو اسٽائيل، هلڻ چلڻ ۽ عادتن ۾ پڪو انگريز آهي. بس رڳو رستي تي شل نہ ڪنهن کي مڃيون وڪڻندو ڏسي. سڀ ڪم ڇڏي مڇين تي بيهي رهندو. احمد ڪمال علويءَ جو چوڻ آهي تہ سٺي مڇيءَ جي چونڊ ۽ ان کي چلڻ ڪٽڻ ۽ رڌڻ ۾ سندس جواب ناهي. جڏهن ڪان اسين آيا آهيون هن اچا مڇي رڌي ڪانهي.

ڪئپٽن امين ڪان علاوه عبدالهاديءَ نالي همراهہ انڊونيشيا جو آهي ۽ روم نمبر 325 ۾ رهي ٿو جنهن ڪمري ۾ ٽي سال کن اڳ دادوءَ جو چيف انجنيئر ظهير بابر قريشي رهي ويو آهي. پاڻ فقط ڪجهہ مهينا هاسٽل ۾رهيو. ان بعد هن ۽ ان وقت رهندڙ ٻين پاڪستانين ٻار ٻچا گهرائي ورتا ۽ هاسٽل ڇڏي ٽن ٽن ڪمرن وارا فليٽ وٺي وڃي رهيا.

هن هاسٽل ۾ فقط ڏهہ زال سان (۽ جي شاگرد عورت آهي تہ پنهنجي مڙس سان) رهي سگهي ٿو پر ٻار گهرائڻ سان هاسٽل ڇڏي ٻاهر پنهنجي رهائش جو بندوبست ڪرڻو پوي ٿو. پهرين هڪ ٻن ٻارن وارا هاسٽل ۾ رهندا هئا پر پوءِ ٻارن جي ڊوڙن ڊڪن ۽ گوڙ گهمسان ڪري باقي رهندڙن کي پڙهائيءَ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. ان ڪري، يونيورسٽيءَ وارن اهوئي فيصلو ڪيو تہ ٻارن وارو شاگرد هاسٽل ۾ رهڻ بدران ٻاهر فليٽ ڳولي وڃي رهي. ان لاءِ ڪيس ڪجهہ پئسا ڏنا وڃن ٿا، جيڪي ٻاهر جي فليٽ جي مسواڙ جو ڪو چوٿون حصو مس ٿين. هونءَ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اهي شاگرد جن کي ٻار نہ آهن. انهن لاءِ فقط زال سان هتي رهڻ آئيڊيل آهي. زال لاءِ بہ تہ مڙس لاءِ بہ. خرچ جي بہ بچت ڪان علاوه زال کي بہ سال گهمڻ ڦرڻ ۽ آرام لاءِ وقت مليو وڃي ۽ مڙس کي پڙهائيءَ لاءِ پڻ ڪافي وقت مليو وڃي جو رڌ پچاءُ، ڪپڙا ڌوئڻ، استري ڪرڻ جهڙن ڪمن ڪان هو بچيو وڃي.

چيني ماڻهو ڪافي وڏي عمر ۾ پهچي شادي ڪن ٿا. ملائيشيا ۾ هوس تہ اتي جي مئرين اڪيڊميءَ جو هڪ ليڪچرار چيف انجنيئر لائو سينگ هو. هو فقط زال سان گڏ آيو جو هڪ تہ هن شادي دير سان ڪئي ۽ ٻيو اچا ٻار ٿي نہ پئي ٿيس. هو ٻئي سال هتي هاسٽل ۾ رهيو سواءِ آخري ڇهن مهينن جي، جڏهن ڪيس هتي ٻار ٿيو. سندس زال کي ٽائيپنگ ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪمپيوٽر تي به ڪم ڪرڻ آيو ٿي. ان ڪري لائونه فقط رڊ پڇاءُ جهڙين شين ڪان پر پنهنجا Notes ۽ ٿيسز ٽائيپ ڪرڻ ڪان به ڇتو پيو هو. هن دفعي ملائيشيامان تي ڄڻا آيا آهن. جن ۾ به ته ساڳي اڪيڊمي جاآهن. هڪ زينورين جنهن ڪي تي پٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهي ۽ ٻيو ڪئپٽن لي زي خيانگ. ڪئپٽن لي جيتوڻيڪ زينورين ڪان وڏو آهي پر شادي دير سان ڪئي اٿس ۽ اجا ڪيس ڪو ٻار ڪونهي. ان ڪري زال سان گڏ هتي هاسٽل ۾ رئي، ٻي ماڻ تي رهي ٿو.

گذريل سال هتي آيل ٽنهي پاڪستانين مان ڪنهن به فئملي نه گهرائي. پر هن سال اسان ٽئي ڄڻا هاسٽل بدران ٻاهر فئمليءَ سان گڏ رهڻ چاهيون ٿا. زال ۽ ٻارن جي ويزا ٻن ٽن سالن ڪان سئيڊن حڪومت ڪجهه ڏکي ڪري ڇڏي آهي ۽ جهٽ پٽ ڏيڻ بدران درخواست ڏيڻ تي مهيني بعد اسلام آباد انٽرويو لاءِ گهرائين ٿا. ان بعد ڇهن ڪان اٺن هفتن تائين ترسائي پوءِ فئمليءَ جي ويزا ڏين ٿا. نه ته اڳ ۾ بولٽن مارڪيٽ ڪراچيءَ ۾ سئيڊش قونصل خاني ۾ درخواست ۽ پاسپورٽ جمع ڪرائي اچبو هو ۽ هفتي ٻن بعد پوسٽ رستي اسلام آباد ڪان ويزا جو ٺپو لڳي ايندو هو. پر هاڻ ڏينهون ڏينهن پاڪستاني، هندستاني، الباني، فلسطيني، يوگوسلاوين ۽ ترڪ ايترا ته سئيڊن ۾ رهڻ لڳا آهن جو هتي جي ماڻهن کي اڇي ڊپ لڳو آهي ڪٿي عرب جي اٺ وارو حال نه ٿئي. يعني سيءَ ڪان بچڻ لاءِ عرب جي تنبوءَ ۾ اٺ پنهنجي فقط ڪِچيءَ وجهڻ جي اجازت ورتي. ان بعد عرب کي ڌڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين ۽ پاڻ سجو سارو تنبوءَ منجهه. حالت اها آهي جو بقول هتي رهندڙ پراڻن پاڪستانين جي ته هن شهر مالمو جي مسجد ۾ جماعين جون تي چار صفون مس ٿينديون هيون. هاڻ سڄي مسجد جو هال ته پرجيو وڃي پر ورانڊي ۽ اڱڻ تائين نمازي وڃيو نڪرن ۽ ساڳيو حال ناروي ۽ فنلئنڊ جو آهي. احمد ڪمال علوي رمضان جي مهيني ۾ فيلڊ ٽرپ لاءِ اوسلو (ناروي) ويو هو. ٻڌائين ته اوسلو اهو ٿڌو شهر آهي جنهن ۾ ايشيا ۽ عرب ملڪن جا تمام گهٽ نظر ايندا هئا ۽ هاڻ اها حالت آهي جو اوسلو ۾ ڪيترن هنڌن تي مسجد نظر اچي ٿي ۽ رمضان ۾ باقاعدي تراويح نماز هلي رهي هئي.

يوگوسلاويه ۾ گوڙ فساد ۽ مسلمانن سان سختيون، روس ۾ سيني رياستن جو ٽڙو پڙ ٿي وڃڻ بعد ڪيترن هنڌن تي، مسلمانن، عيسائين ۽ يهودين سان سختيون، ساڳي وقت عراق، ايران، ترڪيءَ ۾ ڪردن سان ڏاڍيون ۽ البانيا ۽ رومانيا پاسي معاشي حالتون ڏکيون ٿيڻ

ڪري جا ماڻهو هنن ڏهاڪو سالن ۾ پاڪستان، هندستان ۽ بنگلاديش جي رهاڪن کان به وڌيڪ هيڏانهن هوڏانهن يورپ جي سڪين ملڪن ۾ تڙي پکڙجي ويا آهن ۽ جن جن کي سئيڊن جهڙن ملڪن ۾ رهڻ جي اجازت ملي پئي ته هو گهٽي کان گهٽ ٻار ڄڻي رهيو آهي جيئن هتي جي قاعدي موجب سرڪار طرفان ٻارن جي گهڻائي موجب گهڻو الائونس ملي. اهي سڀ ڳالهيون هتي جي ماڻهن کي خوفزده ڪري رهيون آهن. ايتريقدر جو سئيڊن ۾ هلندڙ ڪيترن ڪارن جي پوٺيان لڳل Stickers تي اهو لکيل نظر اچي ٿو: "ريڊ انڊين کان سبق حاصل ڪريو. ريڊ انڊين کي پاڻ وٽ رهڻ ڏيئي پاڻ کي ڪمزور ۽ تباهه ڪيو." يعني سئيڊن جا ماڻهو ڌارين کي پاڻ وٽ رهائي پنهنجو پاڻ کي مصيبت ۾ وجهي رهيا آهن.

# عربن، ايرانين سان گڏ نماز پڙهي

آخر عيد جو ڏينهن بلڪل ويجهو اچي پهتو. شام جو سعودي عرب، مصر، تيونيشيا ۽ موراڪو جي عربن ۽ سوڊان، مالاوي، نائجيريا جي شيدي مسلمانن جو آخري دفعو بحث هليو ته هاڻ چا ڪجي.

”سعودي عرب ۾ ته سڀاڻي جمع جي عيد آهي. اسين ته سڀاڻي صبح جو عيد نماز پڙهڻ لاءِ مسجد مان ٿي پوءِ يونيورسٽي ايندا سين. جنهن کي سڀاڻي عيد ڪرڻي هجي اهو اسان کان اڳ پهچي وڃي. ارڙهون نمبر بس مسجد ڏي وڃي ٿي.“ هنن چيو.

آئون ان بحث مان کسڪي پنهنجي ڪمري ڏي آيس ته رستي تي اردن جي عبدالڪريم ۽ عابد پڇيو ته آئون عيد ڪڏهن ڪندس.

کلي وراڻيو مانس: ”هونءَ ته جيترو جهٽ ڪجي اوترو سٺو. جيئن روزا بند ٿين. باقي عيد نماز لاءِ جيڏانهن بيا پاڪستاني هلن.“

اردني عربن کان موڪلائي احمد ڪمال علوي وٽ آيس. مالمو ۾ رهندڙ پاڪستاني چون ٿا ته: ”مالمو (سئيڊن) ۾ سڀان عيد ناهي. باقي ڀڄي پيو ته ڊئنمارڪ، انگلينڊ، فرانس پاسي سڀان ٿي رهي آهي.“

رات جا ڏهه ٿي رهيا هئا. عيد، يا نه عيد. هتي عيد جي موڪل ته ملندي ڪانه. يونيورسٽي ته وڃڻو پوندو. موٽي ڪمري ۾ آيس. ڪجهه دير ٻئي ڏينهن تي ڏيڪارڻ وارو هوم ورڪ ڪري سمهي رهيس. ننڊ نه ٿي ايندي هجي ته ٻه هن عمر ۾ نئپيرين لاگرٿم، ڪئلڪيولس جي Integration ۽ بولين (Boolean) الجبرا ٿوري دير ڪرڻ سان ننڊ اچيو وڃي.

ٻئي ڏينهن پهريون پيرڊ سيني جو پنجين ماڙ تي سري واستا هال ۾ هو. آئون پوبان پنهنجي فئوريٽ ڪنڊ واري سيٽ تي ويٺس. ڪاٻي پاسي کان ملائيشيا جو زينورين هو. ان بعد هڪ شيدي هو ۽ پوءِ ڏکڻ آمريڪا جا همراهه. ليڪچر شروع ٿيڻ کان اڳ سعودي عرب جا چار ۽ جارڊن جا ٻه عرب شاگرد ڪمپليٽ سوٽ ٽاءِ ۾، چڱيءَ طرح شيو ٽيل منهن سان هال ۾ گهڙيا ۽ اچي منهنجي اڳيان ويٺا. ان بعد ايراني ۽ مصري داخل ٿيا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”خير ته آهي اڄ هي سوٽن ٽائين ۾ ٽولن جا ٽولا ٽي آيا آهن؟“ مون تعجب مان زينورين کان پڇيو. سڀئي اهڙو ملڪ آهي جتي جپان، سنگاپور، ملائيشيا يا پاڪستان وانگر لٽي ڪپڙي جي گهٽي ناهه جوڙ ناهي. سڀ مست ٿيو پيا هلن. ويندي ايتري قدر جون عورتون مردن جهڙيون قميصون ۽ پتلونون پايو هلن ته مرد عورتن جهڙا ڪوٽ ۽ ٽوپ. سيءَ ۽ برف باريءَ ۾ هرڪو پنهنجي ساهه جي ڪري يا سوٽن شلوارن جي.

زينورين چيو: ”عرب سڳورا عيد نماز پڙهي آيا اٿئي.“

”واقعي.“ مون وري تعجب ڪاڏو.

”پيو نه ته وري عيد ٿي ويئي.“ زينورين چيو.

”پوءِ تون عيد نماز تي وئين؟“

”منهنجي اڪ ڪانه ڪلي. بهرحال مالمو جي شهر ۾ سڄي سئيڊن جا مسلمان سيان عيد ڪن ٿا.“

”اهو ته تمام سٺو. سيان موڪل به آهي.“ مون زينورين کي چيو.

سئيڊن ۽ يورپ جي هنن ملڪن ۾ هفتي ۾ به ڏينهن موڪل ٿئي. ڇنڇر ۽ آچر. پر اهو آهي ته باقي ڏينهن سڀ خوب ڊورن وانگر پورهيو ڪن. آفيسون ويندي پوسٽ آفيس ۽ بئنڪون باقي ڏنيهن شام جو پنجين ٽائين ڪليون رهن ۽ صبح جو به پوري سادي اٺين بجي ڪم شروع ٿيو وڃي.

سعود ي عرب جي جباريءَ پوبان مڙي مون ڏي ڏٺو ۽ مون کيس عيد مبارڪ چيو. اٿي بيهي هٿ ملائي عربن واري ڪيڪار واريون ٻنهي پاسي چميون ڏنيون. اوسي پاسي ۾ ويٺل سپ آفريڪي، ڏکڻ آمريڪي ۽ بيا واٽڙن وانگر ڏسڻ لڳا. ڪابي پاسي ٿورو اڳيان ويٺل ترڪيءَ جي حسن بڪال نماز جو اشارو ڪري پڇيو ته اهي عيد نماز پڙهي آيا آهن ڇا؟

”ها ۽ تون؟“ مون پڇيومانس.

”سياٽي.“ هن مختصر جواب ڏنو.

زينورين چيو: ”ترڪ سڀ سياٽي عيد ڪندا. ڇو جو مالمو شهر جي مسجد جو امام ترڪيءَ جو آهي. ان سيان عيد ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي.“

”پوءِ هنن کي ڪنهن عيد نماز پڙهائي.“ مون پڇيو.

”اهي پنهنجو ڪو عربي مولوي وٺي ويا هئا.“ زينورين ٻڌايو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”پلا هنن ايران وارن بہ عيد اڄ ڪئي يا نہ؟“

”اهي بہ اڄ عربن سان گڏ عيد نماز پڙهي آيا آهن.“

مون ڪلندي زينورين کي چيو: ”اڄ هڪ ڪم واهہ جو ٿيو آهي. هونءَ هر ڳالهہ ۾ سعودي عرب ۽ ايران وارا هڪ ٻئي جي مخالفت ڪن ٿا. اڄ اهو نيڪيءَ جو ڪم ٻنهي گڏ ڪيو آهي. يعني عيد نماز گڏ پڙهي اٿن.“

ايتري ۾ SOLAS (سيفٽي آف لائيف ائٽ سي) سبجيڪٽ پڙهائڻ لاءِ پروفيسر ڪئپٽن وانچيسور اچي ويو ۽ اسان سندس ليڪچر ٻڌڻ لاءِ پنهنجو ڳالهائڻ بند ڪيو.

ڪئپٽن وانچيسور ايشيا جو واحد شخص آهي جيڪو هن يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهي. پاڻ اٺن سالن کان هن يونيورسٽيءَ ۾ ”مئريٽائيم سيفٽي ائڊمنسٽريشن“ جو پروفيسر آهي ۽ سندس تعلق انڊيا سان آهي. پنجهٺ سال جي ڄمارجو ٿيندو. عمر جي لحاظ کان بيحد چست ۽ ڪڙو تڙو لڳي ٿو. (فقط يونيورسٽيءَ جي ڪمرن جا دروازا کولڻ ۾ منجهندو آهي جيڪو ڪوڊ نمبرن سان کلن ٿا.) پاڻ خوش مزاج ۽ چرچائي پڻ آهي.

”پروفيسر وانچيسور! توهان جي ڪاميابيءَ جو ڇا راز آهي؟“ هڪ ڏينهن مون پڇيو مانس.

”بابا هر مرد جي ڪاميابيءَ پٺيان ڪنهن واڻڙي عورت جو هٿ رهي ٿو.“ پاڻ کلي وراڻيائين.

پروفيسر وانچيسور جهازي دنيا جي بنيادي تعليم بمبئي جي ڊفرن اڪيڊمي مان ورتي. ڪيترن ئي ڪارگو ۽ پئسينجر جهازن تي ڪئڊٽ کان وٺي ڪئپٽن تائين Sail ڪيو. پاڻ ڪئپٽن ٿيڻ جي آخري امتحان بعد ايڪسٽرا ماسٽر مئرينر جو امتحان بہ پاس ڪيو. جيڪو اسان وٽ وڏي ڳالهہ سمجهيو ويجي ٿو ۽ اڄ جي دور ۾ بہ ورلي ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا پاڪستان يا هندستان ۾ ڪئپٽن هوندا جن اهو امتحان پاس ڪيو هوندو. سندس ايم ايس سي ۽ پي ايچ ڊي ”مئرين ائڊ منسٽريشن“ سبجيڪٽ ۾ ٿيل آهي. جهاز جي نوڪريءَ بعد چويهہ سال انڊيا گورنمينٽ ۾ ناٽيڪل سرويئر ۽ ناٽيڪل ائڊوائيزر ٿي رهيو. ان بعد I.M.O جهڙن بين الاقوامي ادارن ۾ ڪيترائي سال ڪم ڪرڻ بعد هاڻ 1984ع کان هتي يونيورسٽي (W.M.U) ۾ آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# حسين حبشڻ _ گهانا جي ايلس

پروفيسر وانچيسور جي ليڪچر کان پوءِ ڏهن منٽن جي ٽي بريڪ ۾ هيٺ ٽين ماڙ تي احمد ڪمال علوي سان ملڻ ويس. هن جو ءِ بين سيڪنڊ بييئر جي شاگردن جو ڪلاس ٽرڊ فلور تي هلي رهيو هو جتي لئبرري پڻ آهي. پاڻ لئبرري جي ٻاهران ورانڊي ۾ رکيل ڪوچن تي اخبار پڙهي رهيو هو. منهنجي پڇڻ کان اڳ ئي ٻڌايائين: ”پاڻ ۽ هتي سئيڊن جا باقي مسلمان سڀان عيد ڪنداسين. مسعود فون ڪيو آهي ته صبح جو پوري ساڍي ستين تيار ٿيو وينا هججو ته هو ۽ ممنون پنهنجين ڪارن ۾ نماز لاءِ پاڻ کي وٺي هلندا.“

صبح جو منهنجي سوير ئي اک کلي. سڄڻ ۾ اڳٺ وجهي پوءِ دريءَ جي ٿوري سير کولي ٻاهر جي موسم جو اندازو لڳايم ته اهڙي سيءَ ۾ سڄڻ هلي نه سگهندي. سوسات ڪندي ٿڌي هوا جسم کي هڪدم ائين ٺاري ڇڏيو جڻ ايئر ڪنڊيشن سسٽم جي Freon گئس جو سلينڊر ليڪ ٿي ويو هجي. يڪدم دري بند ڪري هيٺان لانگ جان گرم گنجي ۽ پاجامو پائي مٿان قميص ۽ پتلون پاتم. تنهن مٿان ڏکهين ٻانهن وارو گرم سئيٽر پائي پوءِ ڪوٽ چاڙهيم. اوور ڪوٽ، هٿ جا جوراب، ڪنن سوڌو مٿي ڍڪڻ جي ٽوپي ۽ مفلر ڪيڏي ڪرسيءَ تي رکيم ته ڪمري مان نڪرڻ مهل اهي چاڙهي نڪرندس. واچ ۾ وقت ڏٺم. اجا ڇهه ٿيا هئا. صبح اجا نه ٿيو هو. جيتوڻيڪ راتيون ننڍيون ۽ ڏينهن وڏا شروع ٿي ويا هئا ۽ سج ڪافي جلد ابرڻ لڳو هو ۽ شام جو ستين بجي لٿو ٿي. جون جولاءِ ڌاري هيڪاندو وڏو ڏينهن ٿيو وڃي. اٽڪل سورهن سترهن ڪلاڪن جو ۽ اجا مٿي استاڪهوم ۽ Isundsval شهر ۾ ته اونهاري ۾ ڏينهن ويهه ٻاويهه ڪلاڪن جو ٿيو وڃي ۽ رات ٻن ڪلاڪن جي ۽ بلڪل اتر سئيڊن ۾ جيڪو حصو Lappland ۽ Norr Botten سڏجي ٿو اتي ڪجهه ڏينهن لاءِ ته رات ٿئي ئي ڪانه. ڏينهن ئي ڏينهن هوندو آهي.اهڙي طرح وري سياري ۾ اتي راتيون ايڏيون وڏيون ٿين جو چوويهه ئي ڪلاڪ رات هوندي آهي. ڪنهن گهڙي ڪن لاءِ سج جي هلڪي روشني نظر اچي گم ٿي ويندي آهي.يعني سج نڪري ان ئي وقت غروب به ٿي ويندو آهي.اهڙن پٽن جو احوال هڪ پراڻي ڪتاب ”ارائونڊ دي ورلڊ“ ۾ به لکي چڪو آهيان.

جڏهن اسين رمضان جي مهيني ۾ ناروي جي اتراهين شهر ٽرنڊام ۾ هئاسين جتي ٻاويهه

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪلاڪن جو روزو ٿيو ٿي ۽ رات ٻن ڪلاڪن جي.

مسعود ۽ ممنون کي پوري ساڍي ستين اسان کي وٺڻ لاءِ اچڻو هو. ساڍين ستين ۾ اجا چڱو وقت هو. هيٽر آن ڪري چانهه ٺاهڻ لاءِ پاڻي ۽ کير ملائي گرم ڪرڻ لاءِ رکيم. رستي تي لڳل بلبن جي روشني ۽ صبح ٿيڻ جي هلڪي سوجهري ۾ چوڌاري رستا، ميدان، ڪارن جون ڇتيون ۽ وڻن جي ٽارين جا مٿيان حصا سنهي ڀوري جهڙي برف سان ڍڪيا اچا ٿيا پيا هئا، ڄڻ ڪنهن اتي يا پائوڊر جي ڇٽڪار ڪئي هجي. رات سمهڻ بعد ڪا برف باري شروع ٿي هئي ۽ اجا تائين هلڪي هلڪي هلي رهي هئي. ڪپهه جي ذرڙن جهڙا اڇا ۽ ڪنڊ مان ٺهيل پشم جهڙا هلڪا برف جا ذرڙا هوا تي ترندا هيٺ ڪِري رهيا هئا ۽ برف جي اڳهين وڇيل چادر مٿان نئون تهه ٺاهي رهيا هئا. برف جي نه ڳرڻ جو اهو ئي مطلب ٿيو ته ٽيمپريچر ڪاٽو (Minus) ڇئين ڊگرين کان گهٽ آهي. پر هنن ملڪن ۾ رهندڙن کي اهو تجربو هوندو ته ڪاٽو چار ٽيمپريچر جنهن ۾ پاڻي برف ٿيو وڃي، يا ان کان به گهٽي ٿڌ ايتري ڏکوئيندڙ ناهي جيتري ٿڌي هوا. اهوئي سبب آهي جو ڪيترا جيت جڙا ۽ ويندي بدڪون ڏيڏر ٿڌي هوا لڳڻ وقت ڍنڍن ۽ تلائن ۾ جميل برف پويان يا ان هيٺان وڃي لڪندا آهن. سائنس هنن جي پڙهيل ڪانهي. پر ايترو سمجهن ٿا ته ڪيتري به ٿڌ وڌي وڃي پر برف اوتري ئي ٿڌي رهندي (يعني زيرو ڊگريءَ کان وڌ ۾ وڌ ڪاٽو ڇئن ڊگرين تائين.) ان ڪري ڪاٽو ڏهه يا ڪاٽو پندرهن ڊگريون ٿڌي هوا ۾ پارو ٿيڻ بدران برف ۾ بچاءَ وٺجي جيڪا ان هوا کان تمام گهٽو گهٽو گرم ٿي. اهڙيءَ طرح گهٽي سيءَ ۾ هٿ ۾ برف جو ڀورو کڻڻ ۾ هٿ ايترا ٿڌا نٿا ٿين جيترو ٿڌي هوا لڳڻ سان. ان ڪري ٿڌن ملڪن ۾ اڪثر ٻاران ڀوري جهڙي برف جا گولا ٺاهي راند کيڏندي نظر اچن ٿا.

چانهه ٺاهي ٽيبل تي ڪٽي آيس ۽ پيئڻ سان گڏ يونيورسٽيءَ طرفان موڪل ڪرڻ لاءِ Assignment: ”ايڪنامڪس آف چارٽرنگ“ ڏسڻ لڳس. اجا ڏهه پندرهن منٽ مس گذريا ته در تي ٺڪ ٺڪ ٿي.

”ابا ڪير؟“

”ڪئپٽن سليم قاسم آهيان. اٺوانٺو ساڍي ستين بجي پوري هلڻو آهي.“

”اجا ته ڪافي دير آهي.“ مون دروازو کولي کيس چيو.

”تون تيار به ٿي وئين. هي علوي ۽ ڪئپٽن عاشق وارا اجا ستا پيا هئا. کين مون اٿي

اٿاريو آهي. نه ته اتي ٿي رهجي وڃن ها.“

سامهون گهانا جي مائي ايلس جاگر جوتن ۾ سامهون اچي رهي هئي.

”آفريڪا جي هيءَ حسينا جاگنگ ڪرڻ وئي هئي ڇا؟“ مون ڪئپٽن سليم کي چيو ۽ پوءِ ڪيس مخاطب ٿي پڇيو: ”From where are you coming?“ ۽ ان ئي وقت پاڻ به اسان کان ساڳيو سوال ڪيائين:

“And where are you going?”

”اسان مسلمانن جو روزن جو مهينو ختم ٿيو آهي سو اڄ Celeberations اٿئون. صبح ساڻ مسجد ۾ گڏجاڻي ڪندا آهيون ۽ عبادت پڙ.“ مون ڪيس ٻڌايو ۽ پاڻ ٻڌائين ته هوءَ روز صبح جو اڌ ڪلاڪ لاءِ جاگنگ ڪندي آهي. چاهي عام ڏينهن هجن يا موڪل جا.

”سٺي ڳالهه آهي.“ احمد ڪمال علويءَ ڪيس چيو ۽ پوءِ اسان کي مخاطب ٿي چيو: ”يورپ آمريڪا توڙي آفريڪا جا، مرد توڙي عورتون سڀ سڌرندا وڃن. ٿتا سڌرون ته پاڻ. رڳو ڪائڻ تي ۽ ٿلهو ٿيڻ تي زور اٿئون. سڄو ڏينهن ستا پيا هونداسين يا ٽي وي اڳيان ويهي ڦيڦا پيا ٽيڻداسين ۽ پاڪستاني زالون ته مردن کان به وڌيڪ ڳريون متاريون ٽيڻديون وڃن. هر هڪ کي ملڪ ترنم نورجهان ٿيڻ جو شوق آهي.“

”نه. هاڻ اهي به انڊين فلمون ڏسي سڌرنديون وڃن. پهرين رڳو صبيحا، نيلو سنگيتا، انجمن آرا جهڙين کي ڏٺو هئائون.“ مون درستي ڪئي مانس.

اسان کي وراڻدي ۾ اچا ڳالهائيندو ٻڌي ايلس در ڪوليو:

”يلا سومر ڏينهن Economics of Chartering جو ٽيسٽ ته نه آهي.“ هن پڇيو.

”ٽيسٽ آهي پر تنهنجي پرسان ويهڻ کان توبهه ڪئيسين.“ ڪئپٽن سليم قاسم چيو ۽ اسان ٽئي ايلس سميت ٽهڪ ڏيڻ لڳاسين. احمد ڪمال علويءَ پڇيو: ”خير ته آهي؟“

”يار ڪالهه هن حبشي حسينه ۽ الطاف اسان کي ماڳهين مارايو ٿي. پر بچي وياسين. نه ته انگريزيءَ جي امتحان ۾ سڀ فيل ٿيون ها.“ ڪئپٽن سليم ٻڌايو.

”ڪيئن ڪيئن؟“ ڪمال علويءَ تجسس مان پڇيو.

”ٽيون ڏينهن ڪمبائنڊ ليڪچر ۾ هيءَ اسان جي اڳيان ويٺي هئي ته هڪ انگولا جو شاگرد ڏري هن وٽ انگريزي سکڻ پئي آيو (انگولا، موزمبق ۽ ڪيپ وردي ٻيٽ تي پورچوگالين جو قبضو هو ان ڪري اتي جا ماڻهو پنهنجي آفريڪي ۽ قبيلي جي ٻوليءَ کان

علاوه پورچوگال ڳالهائين ٿا.) انهن کي انگريزي صفا گهٽ اچي ٿي ۽ جيتوڻيڪ اهڙن شاگردن لاءِ يونيورسٽيءَ ٽن مهينن جو اڳواٽ انگريزي سکڻ جو ڪورس شروع ڪيو آهي پر اچا به ڪيترن کي انگريزي سٺي طرح نٿي اچي. ان ڪري ريڪٽر سيني لاءِ انگريزيءَ جو ڪالهه ٽيسٽ رکيو هو ته جيئن ڪمزور شاگرد سيمسٽر جي موڪل ۾ ڪيڏانهن وڃڻ بدران انگريزي سکن.

”سو بهرحال منجهند کان پوءِ پيرڊ ۾ هن سال جي سيني شاگردن کي ٽيسٽ لاءِ ويهاريو ويو. حسن بڪال چيو ته انگريزيءَ جهڙي ٽيسٽ ۾ ڪنهن سياڻي سان وهجي. باقي هنن عربن سڳورن ۽ ويتنامي ۽ مائوزي تنگ جي چيني همراهن کان بلڪل پاسو ڪجي. پر سوال آهي ته ڪهڙي قابل انگريزدان پرسان وهجي. پوءِ پاڻ ئي چيو ”تو واري پاڙيسري حسين حبشڻ ان ڳالهه لاءِ بهتر رهندي“ مون به سهڻي صلاح سمجهي. جو هڪ ڏينهن اڳ ڪيس انگريزي پڙهائيندي ڏٺو هو. سو يڪدم ڪيس سڏ ڪري چيومانس، ”تون انگريزيءَ ۾ هوشيار آهين. هيڏانهن خالي ڪرسين تي اچي ويهه ته تنهنجي پرسان اسان ويهون.“ پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ويتر ڊاڙون هڻڻ لڳي ته هن قسم جا بي بي سي جا ٽيسٽ هن ڪيترائي ڏنا آهن. ۽ پوءِ جڏهن ٽيسٽ شروع ٿيو ته اهو ماڳهين نئين قسم جو هو. برٽش ماسترياڻين پهرين وڊيو ذريعي هڪ ننڍڙو مزاحيه ڊرامو ڏيکاريو پوءِ ان تي Objective سوالن جا ڏهه ڪن صفحا ڏنا ته ان ۾ لکيل سؤ سوالن جا ها يا نه ۾ اڌ ڪلاڪ اندر جواب لکي ڏيو. ڏهاڪو کن جا سوال جواب بنا سوچڻ پڙهڻ جي ايلس کي ڏسي لکندا وياسين. پوءِ ڪئپٽن سليم رڙ ڪئي (جنهن تي پڻ اسان قرب ڪري پنهنجي پرسان ويهاريو هو) ته ڪجهه سوچيو ته صحيح اها حسين حبشڻ سڀن جون موڪلون بند ڪرائيندي ۽ پوءِ غور ڪيوسين ته سليم واقعي صحيح هو ۽ باقي جواب پنهنجي عقل جي ڊوڙ ڪري لکياسين. پوءِ آخر ۾ ماڳهين هن به اسان تان ڪاپي ڪري ڪم ٽپايو.“

”پر مسٽر الطاف!“ آفريڪن شاگردياڻي ايلس چيو ”پهرين ته تون ۽ حسن بڪال نهي نڪي پاڻ ئي مون وٽ آيائو.“

”تڏهن ته چئون پيا ته هاڻ تنهنجي پرسان نه ويهنداسين.“ مون جواب ڏنو.

سندس اهو سهڻو نالو ”حسين حبشڻ“ سندس ڇهري ڪري نه پر وارن جي ناهه جوڙ ڪري رکيو اٿئون. ٻيون زالون هڪ يا ٻه يا ٽي چوٽيون ناهينديون آهن پر هن ڏهه ٻارهن کن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وارن جي هڪ هڪ چوٽي ناهي آهي يعني سڄو مٿو سؤ کن سنهين سنهين چوٽين سان ڀريل اٿس. اسان جي ڳوٺ ۾ ڳنڍيٽي، آر پرت يا پيو پورهيو ڪندڙ عورتون گهڻو ڪري هفتي ۾ فقط هڪ دفعو جمعي ڏينهن چوٽي ناهين. پر گهڻو تيل وجهي اهڙي ته چڪي چڪي ناهين جو مجال آهي وري سڄو هفتو هڪ وارُ به ان چوٽيءَ مان ٻاهر نڪري. سو ايلس به اهو ٻڌايو ته هيڏانهن سئيڊن ۾ اڇڙ مهل سندس ماءُ، ڀينرن ۽ سوٽين، ماساتين ٽي ڏينهن گڏجي ويهي اهي سنهيون چوٽيون ناهيون. جيئن پرديس ۾ ڪيس هر هر چوٽي ناهڻي نه پوي. ڪائنس پڇيو هوم: ”اڃا ڪيترا ڏينهن چنل ڪٽ جي هيئان لڙڪيل واڻ جهڙيون اهي تنهنجيون چوٽيون قائم رهنديون.“

”چار پنج مهينا ته گهٽ ۾ گهٽ هلنديون.“ هن ٻڌايو هو.

”بس تيسين ڪئميرا هٿ ڪريان ته تنهنجي مٿي جي ان آرٽ ورڪ جو فوٽو ڪڍي پاڪستان جي ڪنهن اخبار ۾ موڪليان.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# اجايو ڊپ ٿا ڪن

علوي، قاضي حميد ۽ ٻيا اسان جا پاڪستاني عيد نماز جا ڪپڙا پائي تيار ٿين تيسين جهٽ جهٽ ڪري سيني لاءِ چانهه ٺاهيم ۽ چانهه پي بس ڪئيسين ته اسان کي هن شهر مالمو جي مسجد ڏي وٺي هلڻ وارا همراهه اچي پهتا. يڪدم اوور ڪوٽ، ٽوپ ۽ مفلر چاڙهي ڪار ۾ ويهڻ لاءِ ٻاهر نڪتاسين. رستي تي هڪ بلڊنگ تي ننڍين بلبن ذريعي وقت ۽ ٽيمپريچر لکجي رهيو هو. ٽيمپريچر ڏنم ته ڪافي گهٽجي ويو هو ۽ هاڻ فقط چار ڊگريون هو. پر اپريل جي مهيني ۾ چار ڊگرين واري ٿڌ به اسان جهڙن سنڌ جي رهاڪن جي لاءِ تمام گهٽي ٿي. ڪار ۾ اندر ويٺي، وٺن جون ٽاريون لڏنديون ڏسي، محسوس ڪيم ته اندران ڪار گرم آهي سو خبر نٿي پوي باقي ٻاهر سخت ٿڌي هوا لڳي رهي آهي. اهو لکڻ به هتي ضروري ٿو سمجهان ته هتي مئي کان بهار شروع ٿيندي آهي. هن وقت جيڪي سڀ وڻ ننڍڙا ٿيا پيا آهن ۽ منجهن هڪ پن به نظر نٿو اچي، انهن ۾ ڪجهه ڏينهن بعد نوان گونچ ۽ گل ڦٽندا ۽ پوءِ مهيني کن کان پوءِ بهار شروع ٿي ويندي ۽ يورپ جي هن پاسي جي ملڪن جو بهار معنيٰ سنڌ جو سيارو. ڏينهن جو گرم ۽ گرا ڪپڙا پائڻ بدران سنهي سوئيٽر ۽ ڪوٽ ۾ هلي سگهبو.

مسجد ۾ نمازين جي گهڻائيءَ جو اندازو ٻاهر بيٺل ڪارن مان ئي لڳائي ورتوسين جو مسجد جي چوڌاري ٻن ٽن فرلانگن ۾ رڳو ڪارون ئي ڪارون هيون. هونءَ هن پاسي جا ماڻهو بس ۾ سفر ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا. پر عيد جي خوشيءَ ۾ هر ڪو پنهنجي ڪار ڪڍي آيو هو. بهرحال ان هوندي به ڪيترائي بس مان به لٿا پئي.

”هن ڀيري ته تمام گهڻي خلق آهي. هن کان اڳ ڪڏهن به ايتري نه ٿي.“ مسعود ڪار پارڪنگ ۾ ريل ڏسي چيو.

”چڱو جو عربن هڪ ڏينهن اڳ عيد ڪئي نه ته هيءَ مسجد پوري نه ٿئي ها.“ ممنون چيو.

”هونءَ سئيڊن ۾ مسلمانن جو تعداد وڌندو به وڃي.“ مسعود چيو.

”ٻاهران پيا اچن يا هتي جي سئيڊش ماڻهو مسلمان پيا ٿين؟“ ڪئپٽن عاشق پڇيو.

”ٻاهران به ڪافي ايندا رهن ٿا. پوءِ ڪي لڪ چوريءَ اچن، ڪي سياسي پناهه جي ڪاتي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

۾. پر هنن جا پنهنجا ماڻهو به مسلمان ٿي رهيا آهن. هفتي ۾ ٻه ٽي سراسري طرح مسلمان ٿين ٿا. ان ڏينهن ٽي ويءَ تان به ٻڌايو هئائون.“ ممنون ٻڌايو.

”ها سئيڊن ۾ ٻن ڪان ٽن تائين ۽ فرانس ۾ هفتي ۾ ڏهه ڪن ماڻهو مسلمان ٿين ٿا.“ مون چيو.

”آئون هينئر فيلڊ ٽرپ تي فرانس ۾ هوس.“ قاضي حميد ٻڌايو ”اتي جي هڪ اخبار ۾ آيو ته فرانس ۾ هڪ هزار کان مٿي مسجدون آهن ۽ يورپ توڙي آمريڪا کي سڀ کان گهڻو ڊپ اسلام کان لڳو رهي ٿو.“

”اها ڳالهه صحيح آهي. هيءَ مالمو جي مسجد به وڏن مشڪلن کان پوءِ مس مس هتي جي حڪومت ٺهرائڻ جي موڪل ڏني. پر پاسي جي ٻي شهر گوتابرگ (Gotaberg) ۾ ته مسجد لاءِ ڪيترن ماڻهن مخالفت ڪئي ۽ اخبارن ۾ ڏنو. ويندي ان ڪائونٽي يا ايراضيءَ جي چڱي مڙس جو ٽي ويءَ تي انٽرويو به آيو هو. ڪائنس جڏهن پڇيو ويو ته ”تون مسجد ٺهڻ جي مخالفت ڇو ٿو ڪرين.“ ته وراڻيائين، ”مون کي ڊپ آهي ته اسان جو ڪلچر، رسم رواج وغيره تباهه ٿي ويندو.“ ڪائنس پڇيو ويو ته، ”ڪنهن کان ڊپ اٿئي، جيڪي ٻاهران مسلمان هتي اچي رهيا آهن انهن کان؟“ وراڻيائين، ”انهن کان نه، پر مسجد ٺهڻ ڪري ي جيڪي روز اسان جا پنهنجا مسلمان ٿيندا.“ مسعود ٻڌايو.

”هنن کان ڊپ آهي ته دنيا ۾ مسلمانن جو تعداد وڌي ويندو.“ احمد ڪمال علويءَ چيو.

مون ڪلندي چيو مانس: ”اجايو ڊپ ٿا ڪن. يورپ ۾ جيترا روزانو نوان مسلمان ٿي رهيا آهن تن کان وڌيڪ مسلمان، پاڪستان، هندستان، برما ۽ عرب ملڪن ۾ سندن وطني ڏاڍيل، پوليس ۽ فوجون پيون مارين. اخبار کڻي ڏس ته سنڌ ۾ روزانو ڪيترا ماڻهو ڏاڍيلن هٿان، ۽ بسن ۽ ڪارن جي حادثن ۾ مرن ٿا. هندستان ۽ ڪشمير ۾ مسجد مندر جي چڪر ۾ ڪيترا خون ٿين ٿا. برما جي بارڊر تي جيڪي مسلمان برمي حڪومت جي ظلم کان ڀڄيو اچن ٿا انهن کان پُڇ ته سندن ڪيترا مائٽ ساڙيا ۽ ٻاريا وڃن پيا. بنگلاديش جي طوفانن ۾ هر سال ڪيترا ٻڏيو وڃن صدام ۽ بين عربن ۾ ڪيترا پنهنجا ماڻهو لڙائين ۾ مارائي ڇڏيا ۽ باقي بيا ڪردن ۽ فلسطينين کي تباهه پيا ڪن. سو اهڙي ڪا ڳالهه ناهي. جنهن وقت آمريڪا ۽ يورپ کي ٿورو به ڊپ لڳو ته مسلمانن مان خطرو آهي ته پاڪستان هندستان وانگر يا عراق، ڪويت ۽ سعودي عرب وانگر هڪ ٻئي کي ويڙهائي حساب برابر ڪري ڇڏيندا.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مالمو جي هن مسجد جي هيٺين هال ۾ مردن لاءِ عيد نماز پڙهڻ جو بندوبست رکيل آهي ۽ مٿي عورتن لاءِ، جيڪي پاسي کان ٺهيل ڏاڪڻ ذريعي مٿي وڃي رهيون آهن. اسان جي اچڻ کان اڳ سڄو هال ڀرجي ويو هو پر اسان کي جيئن تيئن ڪري دروازي وٽ آخري صفن ۾ جاءِ ملي. اجا اٺ نه ٿيا هئا ۽ ماڻهو ايندا رهيا. وڏي هال ۾ تقريباً ٻه هزار کن ماڻهو ٿيندا. هال ڀرجڻ بعد ان کان پهرين وارو ڪمرو (جنهن ۾ ويهڻ لاءِ ڪرسيون ۽ بوٽ رکڻ لاءِ ڪاٺ جا خانا ٺهيل آهن) کي خالي ڪري نمازين کي ويهاريو ويو. ان بعد ته اهو به ڀرجي ويو ۽ نماز جي وقت ويهارو کن ماڻهو ٻاهر کليل آسمان هيٺان غاليچا وڇائي نماز لاءِ بيٺا. پٽ تي ڪٺي غاليچو وڇايو ويو هو پر بوٽن بنا اهڙي ولهه ۾ بيهڻ جيڪب آباد ۾ سخت گرمي وارن ڏينهن ۾ پڪي رستي تي بيهي جمعي نماز پڙهڻ برابر آهي.

اسان جنهن وقت مسجد ۾ آياسين ته مسجد جو امام ترڪي زبان ۾ واعظ ڪري رهيو هو. هي ترڪ امام ترڪيءَ کان هن مسجد لاءِ، هتي (سئيڊن) جي مسلمانن پگهار تي گهرائي رهايو آهي. (هڪ ٻيو فيصل آباد پاڪستان کان پڻ ويجهڙائيءَ ۾ گهرايو ويو آهي، جيڪو مالمو شهر جي ٻارن کي قرآن پڙهائيندو.) واعظ بعد نماز پڙهائي ويئي. نماز بعد سڀ ماڻهو ماٺ ڪري خطبو ٻڌڻ لڳا جيڪو ڏهه پندرهن منٽ هليو. خطبي دوران مون چوڌاري ذري ذري ڏٺو پئي ته سڀ پنهنجين پنهنجين جاين تي پٿل ماري ويٺا هئا. جن ٻاهر اڱڻ ۾ نماز پڙهي پئي، اهي به نماز ختم ٿيڻ سان اندر اچي خطبو ٻڌڻ لڳا. ننڍي هوندي کان پنهنجي ڳوٺ جي درگاهه تي عيد نماز بعد امام کي رڙيون ڪندي ٻڌندو اچان ته، بابا عيد نماز بعد خطبو ٻڌڻ به ايترو ئي ضروري آهي. پر هيڏا سال گذري ويا، اڄ به جيئن ئي عيد نماز ختم ٿيندي آهي ته اڌ کان وڌيڪ ماڻهو بوڇڻ چنبڙي اٿي ڪڙا ٿيندا آهن. ڪي ڀاڪرپائي عيد ملڻ ۾ لڳي ويندا آهن، ڪي بازار جو رُخ رکندا آهن. سو ان ڪري مون ڏٺو ٿي ته هتي آيل ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ کنڊ جي مختلف ملڪن، زبانن جا ماڻهو چا ٽا ڪن. پر مون ڏٺو ته آخر تائين ڪو به نه اٿيو. خطبي بعد دعا پڙهي، پوءِ ڀاڪر پائڻ ۾ شروع ٿي ويا. ڪيترائي پاڪستاني هئا جن ۾ گهڻو تعداد پنجاب پاسي جو هو ۽ ٻئي نمبر تي پٺاڻ ۽ افغاني هئا. پر ان هوندي به هن ملڪ ۾ پاڪستاني اٽي ۾ لوڻ برابر نظر اچن ٿا. بوٿ پاتمر ته منهنجي پر ۾ چار پنج ڄڻا اچي کل وارا ڪا يورپي زبان ڳالهائي رهيا هئا. پڇيو مان: "ترڪ آهيو؟"

پر نه سمجهيائون. پڇيو مان: "انگريزي اچنا وتي." تڏهن به نه سمجهيائون. ڪنهن زبان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جو پاڻ نالو وٺي رهيا هئا. جيڪا مونکي سمجهه ۾ نه پئي آئي. آخر منهنجي پڇ پڇ تي هنن مان هڪ ڇٽو پنهنجي ڪنهن مائٽ کي وٺي آيو جنهن ڀڳل انگريزي ڳالهائي ٿي. تنهن ٻڌايو ته هي يوگوسلاويه جا آهن. ٻه سال اڳ لڏي هتي آيا. هاڻ هتي جا شهري آهن. يوگو سلاويه جي پنهنجي ڪنهن صوبي جي زبان ڳالهائين ٿا.

ڪجهه همراهه روس جي مختلف رياستن تاجڪستان، ڪرغزستان، آذربائيجان جا مليا، جن ترڪي ڳالهائي ٿي يا سئيڊش. بنگالي ۽ آفريڪي به چڱا هئا. آفريڪا جي به ڪيترن ئي ملڪن جا هئا. جيڪي ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ آيا هئا سي آخري قطار ۾ ويٺا هئا، جن جا ڪئين رنگ هئا، اڇي کير جهڙي رنگ کان وٺي پاٽيءَ جهڙي اڇي ۽ ڳاڙهي رنگ جا ٻار هئا. ڪارن جا به ڪيترائي Shade هئا. ڪوئلي جهڙي سخت ڪاري ۽ چاڪليٽي رنگ کان وٺي ڪانگ جي ڳچيءَ جهڙي سليٽي رنگ جا. ڪن آفريڪن شايد هتي سئيڊن ڇوڪرين سان شادي ڪئي آهي جو انهن جي وچ وارن رنگن جا پڻ ٻار هئا، جڻ ڪنهن آرٽسٽ ڪاري، اڇي، ناسي، پيلي ۽ ميٽوڙي رنگن سان آرٽ ورڪ ٺاهيو هجي.

ڪجهه چيني همراهه پڻ مليا جن جي ڏاڙهي ڪنپ ڪنپ هئي. پاڻ ٻڌايائون ته هو پاڪستان جي اتر واري حصي ڪاشگر جا رهاڪو آهن. عمري لاءِ سعودي عرب ويا هئا. اتان هتي پنهنجن مائٽن سان ملي هاڻ واپس چين ويندا.

هن مسجد ۾ آيل ڪيترن ئي ماڻهن سان ملي چڱيءَ طرح خبر چار وٺڻ چاهيم ٿي پر سخت سيءَ نه هنن کي ۽ نه مون کي وڌيڪ ويهڻ ڏنو.

علويءَ کان اڳتي جو پروگرام پڇيم.

”في الحال هاسٽل هلڻ جو وساري ڇڏ. هتان ممنون ڀائيءَ جي گهر نيرن ڪرڻ ٿا هلون. ان بعد مسعود جي گهر. تيسين چار ٿي ويندا ۽ ڇئين بجي مالمو شهر جي پاڪستان ايسوسيئيشن Get Together ڪئي آهي، اتي هليا هلنداسين.“ هن ٻڌايو.

ڪار ۾ ويهڻ کان اڳ مسجد جي ترڪ امام سان موڪلايم ۽ در وٽ رکيل مختلف پنن جي هڪ هڪ ڪاپي کنيم. هڪ ته فطري بابت پراڻو سرڪيولر هو ته عيد کان اڳ فطرو پنهنجي ملڪ موڪلي ڇڏجو يا هتي جي مسجد جي انچارج سلامت سلهري جي حوالي ڪجو. هڪ عيد نماز پڙهڻ جي طريقي بابت پنو هو. هڪ افغاني مجاهدن لاءِ افغانين طرفان چندي جي اپيل هئي. ڪنهن چيو افغاني جهاد پيا ڪن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٻي ڄڻي، جنهن کي اسلام جي ڄاڻ آهي، وراڻيو: ”جهاد اهو آهي جنهن ۾ ڪنهن ڪافر سان جنگ جوٽجي. افغاني جيسين روسين سان وڙهي رهيا هئا جهاد هو. هاڻ روس ته واپس هليو ويو آهي. هاڻ افغاني ڪنهن ڪافر سان نه پر پنهنجو پاڻ ۾ مسلمان مسلمانن سان وڙهي رهيا آهن. ان جنگ ۾ سندن ڇو وڏيڪ مدد ڪجي. هو هڪ ٻئي کي تباهه ڪري رهيا آهن. هاڻ هو اسلام جي نالي تي ڪنهن ڪافر سان نه وڙهي رهيا آهن جو اجا تائين چندي جون اپيلون ڪندا رهن ٿا.“

سيني غور سان ٻڌو. ڳالهه عقل جي هئي. گهٽ ۾ گهٽ اسان کي معقول لڳي.

ورلڊ مئريٽائم يونيورسٽيءَ جا اسين ڇهه ڄڻا، مسعود ۽ ڪجهه ٻيا پاڪستاني جيڪي پير واري ڳوٺ کان هتي مالمو ۾ نماز پڙهڻ آيا هئا، ممنون جي دعوت تي سندس گهر پهتاسين. ممنون جي گهر واريءَ رات کان ڪجهه شيون تيار ڪري رکيون هيون. چولا، ڏهي ٻڙا، کيرڻي، پڪوڙا ۽ ڪواب وغيره. هاسٽل جا پاڙيءَ پسيا چانور ۽ اوباريل پاڇيون کائي اسان به ٿڪجي پيا هئاسين سو اسان لاءِ هڪ وڏي تبديلي هئي.

ٿوري دير بعد مالمو جي پير واري ڳوٺ کان آيل همراهه جن ۾ فقط هڪ جو نالو ”رضوان“ هن وقت ياد اٿم، موڪلائڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيا. ان سان گڏ مون به عرض ڪيومان ته مونکي به اجازت ڏيو. ڪئپٽن سليم ۽ قاضي حميد گهڻو ئي زور پريو ته ويهي ڪچهري ڪر هاسٽل اڪيلو وڃي ڇا ڪندين. پر گهڻي دير ويهي ڪچهري ڪرڻ کان اڪيلي سر ويهي ڪو اخبار رسالو پڙهڻ کي وڌيڪ پسند ٿي ڪيم. سو موڪلائي نڪتس. رضوان وارن کي مالمو شهر جي خبر نه هئي.

”توهان مونکي بس ڪنهن به بس اسٽاپ تي لاهي ڇڏيو. پوءِ آئون پاڻهي بسون بدلائي گهران وڃي نڪرندس.“ مون کين چيو.

هنن مونکي گستاوو ائڊولف ٽورگ بس اسٽاپ تي اچي لاٿو جنهن لاءِ لکي آيو آهيان ته هتي جو جڻ صدر، ريگل (يا ائمپريس مارڪيٽ) وارو اسٽاپ آهي. جتان بسون شهر جي سيني علائقن ڏي وڃن ٿيون. آئون ارڙهون نمبر بس ۾ يونيورسٽيءَ طرفان مليل ڪارڊ ڏيکاري وينس. هتي جي شهر ۾ هلندڙ بس جي ٽڪيٽ ننڍي توڙي وڏي سفر لاءِ ٻارهن ڪرونا (يعني پنجاهه رپيه کن) آهي پر يڪي مهيني جي به سؤ ويهه ڪرونا ۾ پاس ملي ٿي. جنهن ۾ روز جيترا دفعا وٺي اوترا دفعا سفر ڪري سگهجي ٿو. بس ۾ چڙهڻ جي هيءَ پاس جيڪا اسان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪي هر مهيني يونيورسٽي ڏينديي آهي دراصل هن مالمو شهر جي ميونسپل طرفان دنيا جي مختلف ملڪن کان آيل اسان شاگردن لاءِ تحفو آهي. اسان لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو هي تحفو. ڇو جو فقط يونيورسٽي ايندي ويندي. روزانو ڇئن بسن ۾ چڙهون ٿا ۽ ان کان علاوه هڪ ٻه دفعو پنهنجي ڪم ڪار لاءِ. ڏينهن ۾ پنج ڇهه دفعا پنجاهه پنجاهه رپئي جي ٽڪيٽ اسان جهڙن غريب ملڪن جو ڪهڙو ماڻهو وٺي سگهندو. بهرحال ٿئنڪ يو ويري مچ دي ميونسپل ڪارپوريشن آف مالموستي!

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# مارشل آئيلينڊ جو ليري

اج بس اسٽال تي ليري (Larry) ۽ آئون يونيورسٽي وڃڻ لاءِ بس جو انتظار ڪري رهيا هئاسين.

”ليري! تون ڪهڙي ٻيٽ تان آيو آهين؟“ هيلو هيلو ڪرڻ ڪان پوءِ مون ڪانئس پڇيو. پاڻ جڏهن آيو هو ته ڪلاس روم ۾ ٻڌايو هئائين. پر ان وقت آئون سندس ٻيٽ ڪي سڃاڻي نه سگهيو هوس. فجي جي پرسان ته نه آهي مون تڏهن پڇيو مانس, ”نه ان جي اتر ۾ آهي.“ پاڻ ٻڌايو هئائين.

”آئون مارشل آئيلينڊ کان آهيان.“ هن ٻڌايو.

”ها برابر تو اهوئي ٻڌايو هو. پر ان بعد مون ڪي نقشي ۾ ڏسڻ ۾ وقت نه مليو. هونءَ مارشل آئيلينڊ ڪيترن ٻيٽن جو جهڳٽو آهي؟“ مون ڪجهه وقت گذارڻ لاءِ ۽ ڪجهه معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ سوال ڪيو. ڪو زمانو هو جهاز تي Sail ڪبو هو ته ننڍي ننڍي ٻيٽ ۽ بندرگاهه جي واقفيت هئي پوءِ چاهي ان هنڌ جهاز وڃي يا نه. پر هاڻ اهي ٻهه ۾ سئيءَ جهڙا پئسفڪ سمنڊ جا ننڍا ٻيٽ ايراضيءَ ۾ ڳوٺ مياناداد چنجٽي ۽ چوهڙ جماليءَ جيڏا ڏيان مان ئي ميسارجي ويا آهن. انهن مان ڪي ته وڏيري جي اوطاق جيڏا آهن ۽ ڪي ته وڏيري جي اوطاق ۾ پيل ڪٽ جيڏا آهن.

”اوڻٽيهه ٻيٽ آهن.“ ليريءَ ٻڌايو.

”سيني تي آدم رهي ٿو؟“ مون پڇيومانس.

”ها سيني تي رهي ٿو. ائين ته ننڍا ننڍا ۽ هزار کن ٻيا به آهن پر ڪي ڪي فرلانگ اڌ مس ٿيندا, ڪي ڪجهه وڏا به آهن پرڪو رهي ڪونه ٿو جو اهي ٻيٽ ٻيڙين رستي وڃڻ ٻيٽن سان ڳنڍيل نه آهن.ڪي ٻيٽ سال جو ڪجهه مهينا نظر اچن ٿا ۽ پوءِ مٿان سمنڊ جو پاڻي چڙهيو وڃين ۽ غائب ٿيو وڃن. ڪي روزانو وڏي وير تي ٻڏيو وڃن ۽ وير لهڻ تي ظاهر ٿيو پون.“

”هونءَ Exact ڪنهن جي پرسان آهي _ آسٽريليا جي نيوزيلينڊ جي, فجيءَ جي يا انڊونيشيا فلپين جي؟“ مون کي اجا تائين دماغ ۾ هي ٻيٽ نه اچي رهيا هئا ته پئسفڪ سمنڊ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

۾ ڪهڙي هنڌ آهن.

”ڪنهن جي بہ ويجهو نہ آهن. سيني کان هڪ جيترو پري آهن.اڃا بہ هوائي ۽ گوام ٻيٽ جي ڪجهہ ويجهو چئي سگهجن ٿا.“ ليريءَ چيو.

”بس هينئر ٿي لئبرري پهچي نقشي تي تنهنجا اهي دلچسپ ٻيٽ ڏسان ٿو.“

”مون وٽ هتي نقشو آهي.“ ائين چئي ليريءَ هٿن جا جوراب لاهي بئگ کولي نقشو ڪڍيو. سامهون ڏٺم اڃا بس پري پري تائين نظر نہ پئي آئي. جلدي جلدي پئسفڪ سمنڊ ۾ هار جي شڪل ۾ موتين جيڏا ننڍا ننڍا مارشل ٻيٽ ڏٺم. نقشو واپس ڪري چيومانس:

”شاباس هجن ٿي! دنيا جي صفا ٻي ڪنڊ کان آيو آهين. ڀلا هتي ڪيئن پهتين؟ پڪ ترسندو آيو هوندين.“

”سڌو پهتس.“ ليريءَ وراڻيو.

”ڪمال آهي! ڪهڙي هوائي ڪمپني توهان جي مارشل ٻيٽن کان هتي مالمو اچي ٿي؟“ مون تعجب مان پڇيو.

”اوهہ! نہ نہ! مون سمجهيو تہ پڇين ٿو تہ ڪٿي ڪٿي گهمڻ لاءِ رهيس. هيڏو پري ڪان ڪهڙو جهاز يڪ ساهيءَ ايندو.“

”اهوئي تہ معلوم ڪرڻ ٿو چاهيان تہ پهرين آسٽريليا وئين، نيوزيلينڊ يا فلپين؟“

”پهرين هوائي ٻيٽ تي ويس.“ ليري ٻڌايو.

”پوءِ؟“

”لاس اينجلس.“

”ڏاڍي ٻڌايئي. اهو تہ وڏو چڪر ٿيو. هن پاسي فلپين يا ٿائليند ڏي هليو اچين ها تہ باقي يورپ ڪيترو پري هو. هوائي ۽ لاس اينجلس ڏي تہ ويتر ڏور هليو وئين؟“

”بس مجبور ي آهي. اسان جي ٻيٽ تي فقط آمريڪا جي هڪ هوائي ڪمپنيءَ جو هوائي جهاز هفتي ۾ هوائي (Hawai) ٻيٽ کان بہ دفعا اچي وڃي ٿو ۽ اتان ٻي ملائيندڙ اڏام لاس اينجلس اچي ڇڏيو.“ ليريءَ ٻڌايو.

”۽ پوءِ.“ مون پڇيومانس.

”۽ پوءِ برٽش ايئر ويز ذريعي لنڊن آيس. اتان ٻي ملائيندڙ اڏام پئرس اچي ڇڏيو ۽ پوءِ SAS جهاز ذريعي ڪوپن هيگن آيس ۽ پوءِ هوور ڪرافٽ ذريعي بالٽڪ سمنڊ ٽپي هتي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مالمو پهتو آهيان.“

”حق تي ٻئي ٻڳون گم ٿي ويون اٿئي؟“ مون ڪلندي چيومانس. سندس سامان ٻن هفتن بعد مليو. تيسين ليري ويچارو ڳاڙهو سئيٽر ۾ پئي هليو. ڪيس هتي جي موسم جي ٻه خبر نه هئي. سندس ٻيٽ جي ٻارهوئي هڪ جهڙي، نه ٿڌي نه گرم موسم ٿئي ۽ اتي جا رهاڪو گهٽو ڪري رڳو چڊي ۽ گلن واري قميص پائين. ليريءَ هتي جي سيءَ جي حملي لاءِ وڌ ۾ وڌ سئيٽر ڪافي سمجهيو. بهرحال ٻيو ڏينهن آچر جو هو ۽ ڪيس هتان جي لنڊا بازار مان پاڻ جهڙا گرم اوور ڪوٽ وٺي ڏناسونس.

”يلا ليري! ايترا جهاز بدلائي هتي پهچڻ ۾ توکي پڪ ڏينهن ٻه لڳي ويو هوندو.“

”بلڪ ٽي ڏينهن ۽ توهان کي؟“

”تنهنجي مقابلي ۾ سئيڊن اسان لاءِ جڻ گهر جي ڳالهه ٿي. ٻارهن ڪلاڪن اندر پهچي وياسين.“

”ڪراچيءَ جا آهيو يا اسلام آباد جا.“ ليريءَ پڇيو.

ڪيس پنهنجو ڪارڊ ڏيندي ٻڌايومانس: ”ڪراچيءَ جو. ڪڏهن اسان جي پاسي واري دنيا جي حصي ۾ اچڻ ٿئي ئي ته ڪراچيءَ ضرور اچجانءِ.“

”۽ تون ٻه مون وٽ اچجانءِ.“ ليريءَ ٻه دعوت ڏني.

مون ڪلي چيومانس. ”اچڻ تي منهنجي دل ڏاڍي چوي ٿي پر ليري اسان جي ملڪ ۾ چيچ وطني، ميانوالي ۽ دورو نارو پهچڻ سولو آهي تو وٽ پهچڻ لاءِ پهرين پئسفڪ سمنڊ ۾ مارشل ٻيٽ ڳولجن. پوءِ انهن اوڻٽيهن ٻيٽن مان اهو ڳولجي جنهن ۾ تون رهين ٿو. يلا اهو ٻڌاءِ آدمشماري ڪيتري اٿوَ؟“

”ڪل پنجاهه هزار.“

”رڳوان ٻيٽ تي جتي تون رهين ٿو يا سيني ٻيٽن تي؟“

ايتري ۾ بس اچي نڪتي ۽ پاس ڏيکاري چڙهياسين. هن کي مون ڪان پري جاءِ ملي سو هٽ سان ڪيس O.K چئي موڪلايم ته هاڻ يونيورسٽي خبر ناهي ملاقات ٿئي يا نه. چو جو آئون جنهن سبجيڪٽ ۾ ايم ايس سي ڪري رهيو آهيان ان جو واسطو مئرين سيفٽي ائڊمنسٽريشن سان آهي، جنهن جا ڪلاس روم ۽ پروفيسر ليريءَ جي ڪلاس روم وغيره کان مختلف آهن. ليري مئرين ايڊيوڪيشن ۽ ٽريننگ ۾ ايم ايس سي ڪري رهيو آهي. البت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مئٽس جو هڪ سبجيڪٽ اهڙو آهي جيڪو گڏ ٿيندو آهي ۽ ان ۾ ملاقات ٿيندي آهي. ليري اسان وانگر جهازي نہ آهي پر گورنمينٽ آفيس مان آهي. هن ايڪانامڪس ۾ هوائي يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪئي آهي. پاڻ سندس بيٽ تي سي مين ٽريننگ سينٽر ۾ پڙهائي رهيو هو. ان بعد سال ڀر آسٽريليا ۾ ٽريننگ وٺي مئرين پوليس آفيسر ٿيو. هاڻ جيئن تہ سندس ملڪ ۾ جهازين جي ٽريننگ لاءِ وڏي پئماني تي مئرين اڪيڊمي کلي رهي آهي ان ڪري اتي جي حڪومت کيس هيڏانهن Education جهڙي سبجيڪٽ ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي، جيئن واپس پهچي ان اڪيڊميءَ کي صحيح طرح هلائي سگهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# گيانا جو مسٽر انگلش

اڄ لنچ بريڪ ۾ مني ڪان ڏيڍ بجي تائين ٽئي ٽي. ڪامن ليڪچر روم ۾ اچي ويٺس. پاڪستان ڪان هن سال آيل ٽيو ڄڻو چيف انجنيئر راحت بہ اتي ويٺو هو شايد لنچ بريڪ بعد واري ڪلاس جو ڪو رهيل هوم ورڪ ڪري رهيو هو. ٻيو سڄو هال خالي هو. ايتري ۾ منهنجو ڪلاس ميٽ چيف انجنيئر ڊئوڊسن هڪيٽ (جيڪو ٽرينداڊ ويسٽ انديز ڪان آيو آهي) هڪ ٻئي شيدي نما ڪاري سان منهنجي پر واري دريءَ وٽ اچي ويٺو. ڪيترن ڏينهن بلڪ هفتن ڪان پوءِ اڄ اُس نڪتي هئي. چوڏاري ماڻهن جي چهل پهل ۽ رونق هئي. سمنڊ جي ڪناري تي چوڪريون، ٻار، پوڙها ڪتن سميت واڪ ڪر ي رهيا هئا. بالڪل سمنڊ جي پرئين پر ڪوپن هيگن جو شهر چٽوئي چٽونظر اچي رهيو هو. نہ تہ مينهن جهڙ برف باري ۽ ڪوهيڙي ڌنڌ ۾ سامهون جو ڏيک گهٽجي ويندو آهي. ڪوپن هيگن جون عمارتون ۽ وچ واري سمنڊ جو ٽڪرو تہ ڇا پر هن پاسي وارو مالمو جو بندرگاهہ ۽ سامونڊي ڪنارو بہ نظر نہ ايندو آهي.

ڊئوڊسن ۽ سندس ڪارو دوست سئيڊن جي مهنگائيءَ جو روئڻ روئي رهيا هئا تہ هن جهڙي مهنگائي تہ جپان ۾ بہ نہ آهي. هيءَ يونيورسٽي لنڊن يا نيوريارڪ ۾ ناهين ها تہ بہ سٺو ٿئي ها، جيڪي پئسا هينئر ملي رهيا آهن. انهن مان پاڻ بچت ٿئي ها.

”توهان ڪٿي جا آهيو؟“ مون نئين همراهہ کان پڇيو. ساڻس جيتوڻيڪ مانيءَ تي ميس ۾ ملاقات ٿيندي رهي ٿي پر ڪلاس ميٽ نہ هجڻ ڪري گهٽي واقفيت نہ ٿي هئي.

”آئون گايانا (Guyana) جو آهيان.“ هن ٻڌايو. سندس نالو برنيٽ انگلش آهي.

”ڏکڻ آمريڪا ۾“ مون پڪ ڪئي.

”هائو. وينزوئلا جي پر ۾ اسان جو ملڪ آهي.“

”۽ ٻئي پاسي سري نام (Surinam) آهي.“

”هائو. توهان اسان جي ملڪ ۾ ڪڏهن آيا آهيو؟“ مسٽر انگلش پڇيو.

”نہ. منهنجو ڪڏهن بہ سري نام وڃڻ نہ ٿيو آهي ۽ نہ توهان جي ملڪ گايانا ۾. پر جڏهن سئيز ڪئنال بند هو ۽ ڪيپ آف گڊ هوپ ڪان ڦري هوسٽن يا نيواورلينس وغيره ويندا

هئاسين ته هميشه توهان جي ملڪن جو ڪنارو ڏئي مٿي چڙهندا هئاسين. جو اهائي شارٽ روٽ ٿيندي هئي. اهو ڪنارو اسان جهازين لاءِ دلپسند ان ڪري هوندو هو جو توهان جي ملڪ ۾ ۽ سرينام ۾ ڪافي انڊين، پاڪستاني رهن ٿا. ايتري قدر جو هڪ ريڊيو اسٽيشن تان هميشه انڊين گانا ٻڌندا هئاسين. تن ڏينهن ۾ هي پيرا بولڪ ۽ ڊش انٽينائون ايجاد ٿيون هيون، جو هر وقت ۽ هر هنڌ تي وي پروگرام ڏسون. تڏهن اسان جو گذارو ريڊيو تان اينڊرگانن تي ئي ٿيندو هو."

"ها اسان جي ملڪ ۾ به ڪافي هندستاني، پاڪستاني، اسماعيلي ۽ بوهري رهن ٿا، جيڪي زياده تر واپاري آهن." هن ٻڌايو.

ايتري ۾ راحت عزيز به پڙهڻ ڇڏي اچي ڪچهريءَ ۾ ويٺو.

"توهان جي پنهنجي ملڪ م ڇا پوزيشن آهي." راحت پڇيس.

"آئون بندرگاهه جي سينئر پوسٽ تي آهيان. بلڪل ٽاپ پوسٽ آهي."

"سئيڊن ڪيئن ٿو لڳو؟" راحت وڌيڪ پڇيس.

"نيڪ آهي پر بيحد مهانگو آهي. هر شيءِ مهانگي آهي." هن چيو.

"اسان جي ملڪ ۾ هيڏي وڏي ڊبل روٽي ٻارهين رپئي يعني اڌ آمريڪن ڊالر ۾ ملي ٿي ۽ هتي ٻن آمريڪن ڊالرن ۾." راحت چيس.

"هائو. بلڪل صحيح ٿو چئين. اسان جي ملڪ گايانا ۾ به هيڏي وڏي روٽي سٺ سينٽن جي آهي. سئي ۾ سئو ڪوٽ هڪ سؤ ڏهه آمريڪن ڊالرن جو پر هتي ته پنج ڇهه سؤ ڊالرن کان گهٽ ڪٿي به نٿو ملي. ۽ ڇانور ڪيترا خراب ۽ مهانگا آهن. توهان جي ملڪ پاڪستان ۾ ته دنيا جا سڀ کان اوچا ڇانور ٿين ٿا. اسان وٽ به چڱا سستا ڇانور ٿين ٿا."

"ڪمال ته هي آهي ته ڊئنمارڪ جو ٿهيل ڪير جو اڍائي سير وارو ڊبو پاڪستان ۾ به اڍائي سؤ ربين ۾ ۽ هتي ان ڪير جي پاءَ پاءَ جو پاڪيٽ سٺ ربيا! بس هاڻ تنهنجي زال اچي ته ڪيس چئجانءِ ته ڇانور ڪير مسالن جهڙيون شيون ڪٺي اچي، اسان به پنهنجين زالن کي چيو آهي ٿورو گهڻو ڪاڻ جو سامان ڪٺي اچن." راحت صلاح ڏنس.

"آئيڊيا ته سٺي آهي پر آئون فيصلو ڪري نه سگهيو آهيان ته زال کي گهرايان يا نه. هوءَ ايڪانامسٽ آهي ۽ گايانا ۾ اهم عهدي تي نوڪري ڪري ٿي. ڪيس جولاءِ ۾ فقط ٽي هفتا موڪل ملندي، سو هاڻ ٽن هفتن لاءِ هيڏو سفر ڪري اچڻ صحيح نه ٿيندو. پر وري اهو به

سوچيان پيو تہ جي آئون ٿو وڃان تہ بہ ساڳيو خرچ ٿيندو ۽ مونکي تہ فقط ٻہ هفتا موڪل ملندي، هن کي تہ وري بہ مونکان وڌيڪ موڪل ٿي، ۽ هن جي اچڻ ڪري هوءَ ٽي هفتا رهي سگهندي.“

”۽ سئيڊن گهمي بہ سگهندي.“ مون چيو.

”سئيڊن گهمڻ ۽ نہ گهمڻ ڳالهہ برابر آهي.“ هن نڪ کي موڙو ڏيندي چيو.

”توهان جي ملڪ کان هيستائين ٽڪيٽ ڪيتري آهي؟“ اسان پڇيس.

”ٻہ هزار آمريڪن ڊالرن کان بہ مٿي آهي.“

”ٻہ هزار کان بہ مٿي. يعني اڌ لک رپين کان بہ مٿي ٿي.“ مون ۽ راحت تعجب کاڌو ۽ وري پڪ ڪئيسين تہ آيا اها هڪ طرفي آهي يا ٻہ طرفي.

”اوهہ! هڪ طرفي. فقط ون وي ٽڪيٽ.“ مسٽر انگلش چيو.

”ڏاڍي ٻڏايئي. اسان پيا چئون تہ اسان جي ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي.“ اسان چيس.

”نہ. اسان جو ملڪ گايانا سئيڊن کان تمام پري آهي ۽ اها ڳري ٽڪيٽ ئي تہ وڏو مسئلو آهي. نہ تہ آئون بہ توهان وانگر زال سان گڏ ٻارن کي بہ گهرائي وٺان ها.“

”پوءِ هاڻ ڇا سوچيو اٿئي؟“

”بس اهو سوچيو اٿم تہ هيڏو خرچ ڪري هوءَ جڏهن هيڏانهن اچي پئي تہ ٽن هفتن بدران ڀڪي سال جي آفيس کان موڪل وٺي اچي.“

”توهان جي ملڪ جي ايڪانامي ڪيئن آهي؟“ راحت پڇيس.

”نيڪ آحي. خراب نہ آهي ۽ سياسي طرح بہ ڪو گوڙ فساد ناهي.“ مسٽر انگلش وارٽيو.

”گايانا ڇا کان مشهور آهي؟“ مون پڇيومانس.

”ڪاٺ تمام گهڻو ٿئي ٿو ڪنڊ. باڪسائيٽ (Bauxite) ويندي سون پڻ آهي.“ هن وراٽيو.

سوال پڇي پڇي هاڻ اسان ماٺ ڪئي تہ پاڻ ڪرڪيٽ جون خبرون پڇڻ لڳو ۽ ڪا دير عمران خان ۽ جاويد ميانداد وغيره جو ذڪر هلندو رهيو.

موڪلائڻ مهل راحت عزيز کي چيم تہ پاڪستان کٽي ملائيشيا. جپان. چين. سنگاپور کان پئسي ڏوڪڙ ۽ جديد پٽي ۾ گهٽ هجي پر اسان جي ڪرڪيٽ ۽ هاڪي رانديگرن ڪري مٿين ملڪن کان بہ وڌيڪ مشهوري اٿس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# چيرو باعزت پکي!

اڄڪلهه يورپ جي ماڻهن کي اها سَڌَ ٿي آهي تہ جيئن آمريڪا (U.S.A) جو نشان عقاب آهي ۽ چين جو اژدها (Dragon) يا گڏيل روس جو نشان رڇ هو اهڙيءَ طرح يورپ جو پڻ ڪو نشان هئڻ کپي. ان بابت هتي جي اخبارن ۾ ماڻهن جا خطن ذريعي رايا ايندا رهن ٿا. گهڻا ان تي متفق راءِ آهن تہ سڄي يورپ (United _ Europe) جو نشان چبرو هئڻ کپي.

چبرو اسان ايشين وٽ، خاص ڪري پاڪستان، هندستان يا عرب ملڪن ۾ باگڙي پيل وانگر گهٽ ذات جو پکي سمجهيو وڃي ٿو. ڪنهن کي گار ڏيڻي هجي تہ هن پکيءَ سان منسوب ڪجيس. اجا بہ وڏي گار جي ضرورت پوي تہ هن پکي جو اولاد سڏجيس. چبرو چپ يا اُلو اسان وٽ اونداهين ۾ نظر ايندڙ ۽ پيڪل ڏارن ۽ ڊٺل عمارتن ۾ رهندڙ پکي آهي، جيڪو مايوسي، برن حالن ۽ ٻيڙنگ (Bankruptcy) جي علامت سمجهيو وڃي ٿو. پر هيڏانهن يورپ ڏي اُلو (چبرو) باعزت پکي _ بلڪ شخصيت سمجهيو وڃي ٿو. اهوئي تہ ڪارڻ آهي جو يورپ وارا هن پکيءَ کي پنهنجي سڃاڻپ جو Symbol سڏائڻ گهران ٿا. جيئن اڄ جي اخبارن ۾ نيدرلئنڊ جي شهر ائمسٽرڊم مان ڪنهن Jeroen Van Blaaderen نالي هڪ همراهہ هن پاسي جي مشهور اخبار "يورپين" ۾ لکيو آهي:

"چبرو هڪ سهڻو ۽ پُرڪشش پکي آهي. هو عقل ۽ سٺي اخلاق وارو آهي. ڪيس صبر جو مادو آهي ۽ بيحد ذهين آهي. پاڻ فيصلي ڪرڻ ۾ هوشيار ۽ تکو آهي. هي اسان جي سڀني يورپين ملڪن ۾ موجود آهي."

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ناروي جو پوٽو

آمريڪا وارا توڙي اسپين جا رهاڪو جتي جو ڪولمبس هو. سندس آمريڪا ۾ پهچڻ جي پنج سهين (500) ورسي وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي رهيا آهن. پر اتر يورپ جي هنن اسڪئنڊينيوين ملڪن، خاص ڪري ناروي وارن کي اها ڳالهه بنهه پسند نه آهي. هنن جو چوڻ آهي ته آمريڪا ڪولمبس نه پر هن پاسي جي رهاڪن (Vikings) ڪولمبس کان به گهڻو اڳ ڳولي لڌي هئي.

دنيا جي نقشي ۾ ڏسبو ته ناروي، آئيس لئنڊ ۽ ڪئناڊا هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو ويجهو آهن ۽ وائڪنگ ڪي گهٽ جهازي ته نه هئا. بقول اسان جي يونيورسٽيءَ جي نارويجن پروفيسر ڊال نيلسن جي: "ٻين ملڪن جي ماڻهن جهازراني ته شوق ۾ شروع ڪئي پر اسان ناروي جي ماڻهن لاءِ اها مجبوري هئي. سال جا ڏهه مهينا جنهن ملڪ کان ٻاهر نڪري هٿ پير هڻڻو پوي ٿو." ۽ نارويجن صدين کان پنهنجن ٻيڙن ۾ اوسي پاسي ڏي نڪري پيا هئا. ڪولمبس ته اسپين کان نڪتو ته هن لاءِ آمريڪا ڇڙ هڪ ڏورانهون ملڪ ٿي پيو. ۽ ان کي وڏي ڳالهه سمجهي ايڏي مشهوري ڏني جو سڄي يورپ ۾ واهه واهه ٿي ويو. وائيڪنگ لاءِ ته ڪئناڊا ۽ آمريڪا سڏ پنڌ تي هئا ۽ هو پئي آيا ويا ۽ هنن ان کي ڪا اهميت نه ٿي ڏني ۽ ليف ارڪسن نالي هن پاسي جو همراهه ڪولمبس کان به پنج سؤ سال پهرين آمريڪا ڳولي لڌي هئي.

ويجهڙائيءَ ۾ ناروي وارن جي ان ڪتاب: The Viking Discovery of America تي ڪيترن ئي اسپيني ۽ آمريڪن اهو اعتراف ڪيو آهي ته جڏهن هو ڪولمبس کي مشهور ڪرڻ لاءِ پنج سهين ورسي ملهائي رهيا هئا ته عين موقعي تي ناروي وارن ان قسم جو ڪتاب ڇپرائي سندن لئه خراب ڪئي آهي.

ناروي وارن جو چوڻ آهي ته اهو ڪتاب جنهن ۾ هنن پنهنجي همراهه کي آمريڪا ڳولڻ جو ڪريڊٽ ڏنو آهي. ڇپائڻ مان سندن مقصد اهو هرگز ناهي ته ڪولمبس جي فنڪشن ۾ ڦيٽاڙو وجهجي ۽ نه ڪنهنکي، ان مان، اسان جي خراب نيت سمجهڻ کپي ته اسان گذريل سال وائيڪنگ جهڙو هوبهو جهاز ناهي آمريڪا ۽ ڪئناڊا موڪليو هو جنهن ۾ ليف

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ارڪسن (Leif _ Eriksson) چڙهي پهريون دفعو آمريڪا ڳولي هئي. بهرحال ڪولمبس جي آمريڪا ڳولڻ تي ايڏا وڏا ڪاچ چو تي رهيا آهن جڏهن تہ آمريڪا هن ڪان گهٽو اڳ ارڪسن ڳولي ڇڏي هئي ۽ ان جا ڪيترائي ثبوت موجود آهن. ان وقت جي اڏيل گهرن مان هينئر بہ اٺ ڪن گهر نيو فائونڊلئنڊ (ڪئناڊا) جي اترهين ڳوٺ Land of Meadows ۾ موجود آهن ۽ ڪيترين هن پاسي جون لوهي شيون اتان مليو ن آهن جنهن جو Radio Corbora ذريعي جائزو تو ونجي تہ اهي اج ڪان هڪ هزار سال پراڻيون آهن.

”ها اهو ضرور آهي،“ هن پاسي جا نارويجن رهاڪو چون ٿا، ”ڪولمبس آمريڪا ڪي ڳولڻ بعد ان تي قبضو ڪري ويتو. اسان جي ارڪسن آمريڪا ڳولڻ بعد قبضو نہ ڪيو. ڪجھ عرصي لاءِ گهر ٺاهي ضرور رهيو جيڪو عرصو چئي نٿو سگهجي تہ ڏھ ٻارهن سال هويا سو بہ سؤ سال.“

هو چا چوندا آهن تہ اشتهاربازي بہ ڳالھ ڪي مشهور ڪر ي ٿي. پلي هن پاسي جي همراھ ارڪسن پهرين آمريڪا ڪي ڳوليو هجي جنهن جو ناروي جي ماڻهن ڪي هاڻ هوش آيو آهي پر سالن ڪان ڪولمبس بابت اخبارن، ڪتابن ۾ ايتري تہ ڳالھ هلي آهي جو ٻچو ٻچو آمريڪا ڪي ڪولمبس سان وابستہ ڪري ٿو. سئيڊن، ڊئنمارڪ، ويندي ناروي جي اسڪولي ڪتابن ۾ ڏسندؤ تہ اهو لکيل آهي تہ ڪولمبس آمريڪا ڳولي لڌي.

هونءَ نارويجن اها بہ صلاح ڏني تہ چو نہ وائيڪنگ جهاز جي ڪئپٽن ليف ارڪسن ۽ سئنتا ماريا جهازجي ڪئپٽن ڪولمبس جو گڏجي ڏينهن ملهايون تہ هنن آمريڪا ڪي ڳوليو هو. پر اسپيني ماڻهو ٻڌتر ۾ آهن تہ ائين ڪيئن ٿيندو. چو جو سوچڻ جي ڳالھ آهي تہ جڏهن اهو چيو ويندو تہ ارڪسن ۽ ڪولمبس آمريڪا ڳولي لڌي تہ سڀ ڪو پڇندو، ”چا ٻنهي هڪ ئي وقت ڳولي؟“ تہ جواب ملندو: ”نہ. ارڪسن اج ڪان هزار سال اڳ ڳولي، ڪولمبس ان ڪان پنج سؤ سال پوءِ ڳولي.“ اها ڳالھ ٻڌي اسان جي ڪئپٽن عاشق خان چيو جتي بہ اتي ٽئين جو بہ نالو هٽي ڇڏين.“

”اهو وري ڪير؟“ اسان پڇيس.

”اهو آئون. چو جو ڪولمبس بعد پنج سؤ سال رکي PNSC جو جهاز ”ايم وي نوابشاھ“ وٺي آئون بہ آمريڪا ويو هوس.

بهرحال هيءَ اهڙي سوپ آهي، جنهن ۾ اسپيني ۽ آمريڪن ٻئي ڪنهن ڪي ياڳي ياڻيوار

ٽيڻ ننڍا ڏين. هونءَ ناروي وارن جي پنهنجي رڏٽي ۾ بہ ڪجھ رولو آهي. اهو هن ريت تہ ناروي ۽ آئيس لئنڊ جيتوڻيڪ هڪ ئي قوم ۽ ملڪ آهي پر ارڪسن تي ڪنهنجو گهڻو حق آهي؟ ناروي وارن جو يا آئيس لئنڊ وارن جو؟ اهو ڪم ڪجھ ڪجھ ائين آهي جيئن ابوالڪلام آزاد تي ڪنهن کي فخر هئڻ کپي انڊيا کي يا پاڪستاني مسلمانن کي. يا نورجهان، ماستر چندر ۽ رونا ليلا جي راڳن تي ڪنهنجو حق هئڻ کپي انڊيا جو پاڪستان جو يا بنگلاديش جو. ارڪسن جو پيءُ جيتوڻيڪ ناروي جو هو پر پوءِ آئيس لئنڊ ۾ لڏي وڃڻ بعد ڪيس ارڪسن اتي ڄائو هو.

مون پنهنجي پوڙهي نارويجن پروفيسر کان ان مسئلي بابت کلندي پڇيو.

پاڻ ٽهڪ ڏئي ورائيائين: ”اسان توهان وانگر جوشيلا ۽ جهيڳڙالو نہ آهيون. ٿوري گهڻي جيڪا اسان جي کٽ قٽ هلي پئي اها بہ اسان هاڻ ختم ڪري ڇڏي آهي.“

”سر! اهو پيلا ڪيئن؟“ مون تعجب مان پڇيو.

”هائو. اهو هيئن جو اسان هاڻ اهو چئون ٿا تہ ارڪسن آئيس لئنڊ جي ڌرتيءَ جو پٽ هو ۽ اسان جي ناروي جو پوٽو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ناروي جي پوليس آفيسر لبنٰي علي

ناروي، سئيڊن، فنلئنڊ ۽ ڊئنمارڪ جهڙن اتراهين ۽ برفاني ٿڌن ملڪن ۾ اسان جا پاڪستاني، هندستاني يا بنگالي سلوني سپ ڪان آخر ۾ آيا ۽ انهن ۾ وڏو تعداد مزور طبقي جو هو. ڇو جو ٿورو گهٽو پڙهيل ڳڙهيل يا هٿ جي هنر واري ڪي ته آمريڪا، انگلينڊ يا ويندي عرب ملڪن ۾ به نوڪري ملي وئي ٿي. پر هن پاسي اهي ئي آيا ٿي جيڪي ڊاڪٽر، انجنيئر يا ڪٽي ڇنجي سائنٽسٽ يا ٽيڪنيشن نه هئا. پر پوءِ انهن پورهيتن پنهنجي ديس ۽ مائٽن کان پري رهي ههڙن ٿڌن ملڪن ۾ محنت مزدوري ڪري نه فقط غريب ڪٽنب جو پيٽ پاليو ۽ سار سنڀال لڌي پر پنهنجن ٻارن کي وٽ آهر سٺي تعليم ڏيئي، محنت ڪرائي سٺي عهدن تي پهچايو. هاڻ انهن جي ٻي پيڙهي (Generation) مقابلي جي امتحانن ۾ نمبر ڪٽي وڏن عهدن تي آهي.

انهن مان هڪ لبنيٰ عليءَ نالي پهرين پاڪستاني ڇوڪري آهي، جيڪا ناروي جي پوليس اڪيڊميءَ جي چار هزار اميدوارن مان ٽي سؤ فائينل ڪامياب ڪئڊٽن مان هڪ آئي آهي. سنڊس انٽرويوءِ فوٽو هتي جي هڪ رسالي ۾ آيو آهي.

"Norwegian Police Academy" جو ٽيسٽ تمام سخت ڇيو وڃي ٿو ۽ ان ڪان علاوه اميدوار جو پراڻو رڪارڊ پڻ جاچيو وڃي ٿو. لبنيٰ عليءَ پنهنجي انٽرويو ۾ ٻڌايو آهي ته، "مون ٽيسٽ تمام مٿئين ڪلاس ۾ پاس ڪيو ۽ منهنجو گذريل رڪارڊ پڻ شروع کان بهتر رهيو. مون اسڪول ۽ ڪاليج جي امتحان ۾ نمبر ڪنيا ۽ يونيورسٽيءَ جي تياريءَ واري سيمسٽر ۾ منهنجو Criminology سبجيڪٽ رهيو ۽ تاءِ ڪوان ڊو (Tai _ Kwaon _ Do) ۾ آئون ڳاڙهو بيلٽ رکان ٿي."

"پوليس اڪيڊميءَ مان گريجوئيٽ ٿيڻ تي مونکي پهريون سال اوسلو کان پنجويهه ميل پري هڪ ڳوٺ ۾ رکيو ويو. جتي مونکي ڳوٺ جي ماحول ۾ انهن جهڙو ٿي رهڻو پيو. فقط چند ماڻهن سڃاتو ٿي ته آئون شهر (اوسلو) جي ڇوڪري آهيان ۽ اها خبر ته اڃا به گهٽ کي هئي ته شهر ۾ ڳالهائجندڙ نارويجن زبان کان علاوه آئون اڙدو (منهنجي مادري زبان) ۽ انگريزي به ڳالهايان ٿي. پئٽرولنگ ڪندي يا پوليس اسٽيشن تي جڏهن به آئون ڪنهن سان ملان ٿي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تہ پوليس واريءَ جي حيثيت ۾ پهرين آهيان۽ عورت پوءِ.“

”جنهن وقت آئون ڊيوٽيءَ تي آهيان، اڪيڊمي ۾ آهيان يا پنهنجن ناروبجن ساهيڙين سان گڏ آهيان تہ منهنجي سوچ ۽ ڪم جو طريقو ناروي جي رهاڪن وارو آهي. گهر ۾ يا پنهنجن پاڪستاني هم جيڏين سان گڏ آئون پاڪستاني آهيان. اڪيڊميءَ ۾ پڙهائيءَ دوران هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ مونکي ڪا تڪليف نہ آهي. رمضان ۾ لنچ نہ کائڻ يا ڪڏهن بہ سوئر جهڙي شيءِ کي هٿ نہ لائڻ جهڙيون ڳالهيون، هتي جا ماڻهو هاڻ سمجهن ۽ قبول ڪن ٿا ۽ مون ڪنهن کي بہ اسان بابت پاڻ تي تنقيد يا چٿر ڪندي نہ ڏٺو آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# يورپ ۾ مسلمانن جو مسئلو

انگريزن جي ڏينهن ۾ ننڍي کنڊ جا ڪيترائي هندو سک، عيسائي انگلينڊ توڙي انهن ملڪن ڏي، جن تي انگريزن جو قبضو هو (مثال طور: ملايا، هانگ ڪانگ، ڪينيا، سائوٿ آفريڪا وغيره) لڏ پلاڻ ڪندا رهيا. مسلمان به نڪتا ٿي پر تمام گهٽ. خاص ڪري انگلينڊ ۽ اهڙن ملڪن ڏي ننڍي کنڊ جي مسلمانن گهٽ رُخ رکيو ٿي جتي اسلامي ماحول يا ڪلچر نه هو. عربن ۽ مسلمان آفريڪا جي ماڻهن ته يورپ، آمريڪا ڏي بنهه گهٽ رُخ رکيو ٿي.

اتر آفريڪا، ترڪي ۽ ننڍي کنڊ (هندستان، پاڪستان) جي مسلمانن يورپ ڏي گهڻي تعداد ۾ وڃڻ 1960ع ڌاري شروع ڪيو. جن ۾ گهڻا تڻا اتي جون نوڪريون ۽ وڏا پگهار حاصل ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا ۽ يورپ وارا به خوش هئا ته پورهئي لاءِ کين ماڻهو پيا ملن ۽ جنهن پگهار تي سندن يورپين ڀاري پوچي جهڙو ڪم نٿي ڪيو ان کان گهٽ تي هندستاني ۽ پاڪستانيءَ خوش ٿي پورهيو ڪيو ٿي. پرپوءِ 1973ع ۾ تيل جون قيمتون ۽ يورپ ۾ بي روزگاري وڌڻ ڪري فرانس، انگلينڊ ۽ جرمنيءَ جهڙن يورپي ملڪن ڌارين جي وڌيڪ اچڻ تي سختي شروع ڪري ڏني ۽ جيڪو آيو ٿي ان کي يورپ جي قوميت نٿي ڏنائون. بهرحال انهن مردن کي سندن زالن ۽ ٻارن سميت رهڻ ڏنائون ٿي جن کي نوڪريون مليون ٿي يا انهن شاگردن ۽ گهمڻ لاءِ ايندڙن کي هميشه لاءِ رهڻ ڏنائون ٿي جن مڪاني ڇوڪرين سان شادي ڪئي ٿي يا انهن لاءِ ڪنهن يورپين ذمو کنيو ٿي.

ستر واري ڏهاڪي جي آخري حصي تائين ڏسندي ئي ڏسندي مسلمانن جو ڳاٽيتو فقط فرانس ۾ پنجويهه لکن تائين ٿي ويو. اهڙيءَ طرح انگلينڊ ۾ پندرهن لک کن ۽ ڏهن لکن کان مٿي جرمنيءَ ۾ ۽ انهن مسلمانن ۾ سڀ ٻاهر کان آيل به نه هئا ڪيترائي مڪاني يورپي به مسلمان ٿيا. 1965ع تائين جتي فرانس ۾ فقط ڏهه مسجدون هيون اتي هاڻ هزار کان به مٿي آهن (نيوز ويڪ 27 جنوري 1992ع واري اشاعت مطابق) ۽ اجا ته Lyon ۽ Lille شهرن ۾ تمام وڏيون مسجدون تيار ٿيڻ تي آهن. انگلينڊ جي شهر براڊ فورڊ ۾، جتي ستر هزار مسلمان رهن ٿا. (زياده تر بنگالي ۽ پاڪستاني آهن)، چوٽيهه مسجدون آهن. سڄي يورپ ۾ سڀ کان

وڏي ۾ وڏي مسجد روم (اٽليءَ) ۾ مڪمل ٿيڻ تي آهي، جنهن جنهن پاڙي ۾ مسلمانن جي گهڻائي آهي اتي قرآن پڙهائڻ لاءِ مدرسا آهن ۽ مختلف مسلمان ملڪن جا ليڊر يورپي حڪومتن کي چئه چواڻ ڪري رهيا آهن ته مسلمانن کي سندن مذهبي ڏينهن تي موڪل ڏيو. جيئن شروع ۾ لکي آيو آهيان ته سئيڊن ۾ پهريون دفعو مسلمان ٻارن کي هن سال عيد واري ڏينهن موڪل ٿي. عرب ۽ ٻيون مسلمان حڪومتون جن جو هنن ملڪن سان گهڻو واپار ۽ واهپو آهي، ان ڳالهه تي به زور ڏئي رهيون آهن ته يورپ ۾ رهندڙ مسلمانن لاءِ ڏار ڪوس گهر ٺاهيا وڃن جتي اسلامي طريقي سان جانورن کي حلال ڪيو وڃي. آفيسن ۽ ڪارخانن ۾ نماز جي لاءِ بندوبست ڪيو وڃي، وغيره. شايد انهي ئي ڪري اسان جي هاسٽل جي ميس ۾ سوئر (هئم، بئڪن، پورڪ) جي رڌ پچاءَ ۽ Serve ڪرڻ تي بندش آهي ۽ يونيورسٽي توڙي هاسٽل ۾ نماز لاءِ هڪ ڪمري ۾ غاليچا ۽ جا نمازون رکيون ويون آهن. يورپ جي ڪن ملڪن مسلمانن جي انهن وڌندڙ Demands تي بيزاري به ڏيکاري آهي ته ڪيترا ملڪ ان تي عمل به ڪري رهيا آهن، جيئن مسلمان خاص ڪري عرب خوش ٿين. فرانس ۾ هاڻ انهن فوجين کي جيڪي مسلمان آهن حلال کاڌو ملي ٿو. ڪي ته اهو به چون ٿا ته هڪ ڊيموڪريٽڪ سوسائٽيءَ ۾ جهڙا ٻيا آهن تهڙا مسلمان. پر ڪن کي اهو سوچي خيال ٿئي ٿو ته بهرحال هاڻ هو سندن ئي ملڪ جا شهري آهن. سندن خيال نه رکبو ته هنن جي دل ۾ نفرت پيدا ٿيندي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# آفريڪا جا شيدي

هن ورلڊ مئرينٽائيم يونيورسٽي ۾ ايم ايس سي ڪرڻ لاءِ سيني ڪي ٻه سال رهڻو پوي ٿو. گذريل سال ۽ هن سال جا ڪل ٽي سؤ کن شاگرد ٿيندا جيڪي سؤ کن مختلف ملڪن ۽ ٻيٽن کان آيل آهن. اڳوڻي سوويت جي ٻه مختلف رياستن آذربائيجان، ليٽونيا، روس ۽ جارجيا جا ٻه شاگرد آهن.رومانيا، بلغاريا ۽ البانيا جا ٻه آهن. ايشيا جا ٻه پاڪستان، هندستان، سريلنڪا، بنگلاديش، انڊيا کان وٺي ملائيشيا، ٿائليند، فلپين، انڊونيشيا ويندي چين ويٽنام، برما جا آهن. آفريڪا جي دور درازيا بلڪل وچ ۾ ڦاٿل ننڍن ملڪن جا پڻ آهن جهڙوڪ: نائجيريا، نائيجر، گهانا، آئوري ڪوسٽ، سينيگال، ائنگولا، سوڊان، ڪينيا کان وٺي مالاوي، سيراليون، گئمبيا، موزمبق، تنزانيا ۽ برڪانا فاسو جا آهن. عرب ۽ آفريڪا جي مسلمان ملڪن ۾ يمن، اردن، مصر کان ايران، ترڪي، سعودي عرب جا آهن ته لبيا، موراڪو، الجيريا، کان موريطانيا، زئنزيبار ۽ ٽيونيشيا جا آهن.

ٻيٽن ۾ مئڊاگاسڪر ۽ مالديپ جهڙن هندي سمنڊ جي ٻيٽن جا آهن ته ڪيپ وردي، ٽرنيڊاڊ ٽوباگو جهڙن ائٽلانٽڪ سمنڊن جي ڪيٽرن ئي ٻيٽن جا آهن. اهڙيءَ طرح پئسفڪ سمنڊ جي فجي، سولومن آئليند، ٽونگا ۽ پاپائي نيوگني کان مارشل آئليندس تائين جا شاگرد آهن. ڏکڻ آمريڪا ۽ سينٽرل آمريڪا جو ته شايد ئي ڪو ملڪ هجي جنهن جو شاگرد ڪنهن سال هتي نه هجي: ارجنٽائنا، چلي، پيرو، ڪولمبيا، وينزوئلا کان وٺي اڪيڊار، ڪاسٽاريڪا، گئاٽمالا، نڪراگئا ۽ پاناما ۽ ميڪسيڪو تائين جا آهن.

انهن شاگردن ۾ ڪي مرد آهن ته ڪي عورتون. خاص ڪري ڏکڻ آمريڪا، آفريڪا ۽ فلپين ٿائليند پاسي جون عورتون گهڻيون آهن. اهڙيءَ طرح رنگ ٻه قسمين قسمين آهن. روس ۽ رومانيا جي ڳاڙهي ڪل وارن شاگردن کان وٺي ڏکڻ آمريڪا جي اسپيني نسل جي اڇي چمڙي وارا شاگرد، چين، ويٽنام ٿائليند جي پيلي رنگ جي چمڙي وارن کان وٺي اسان پاڪستان، هندستان ۽ ٻين وارن ملڪن جا ڪڻڪ رنگا ۽ ميرانجهڙا چوڏاري نظر ايندا ته آفريڪا کنڊ ۽ ائٽلانٽڪ ۽ پئسفڪ سمنڊ جا دانگيءَ جهڙي سخت ڪاري رنگ کان وٺي مينهن سان پريل ڪاري ڪڪر جهڙا ۽ ڳوڙهي ناسي ۽ سليٽيءَ کان وٺي سڙيل چاش جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

رنگ جهڙا ڏسڻ ۾ ايندا. ڪن جا چپ ٻولا. ڪن جا قراقري توپيءَ جهڙا وار گهنجدي، ڪن جو نڪ پڪوڙي جهڙو ڪي هيڪاندا ڊگها. ڪي بيحد ٿلها.

هر ڪاري رنگ جو شيدي ضروري ناهي ته آفريڪا جو هجي. ذڪڻ آمريڪا جي ڪن ملڪن (جهڙوڪ: گايانا، گريناڊا، ويسٽ انڊيز ۽ جميڪا جهڙن ٻيٽن جا به ڪارا آهن ته ويندي مصر، لبيا، تيونيشيا جهڙن مسلمان ملڪن جا به ڪارا آهن)

هي ڪاري ڪاري رنگ جي شيدي شاگرد ڪيترن جي نظرن ۾ خاص ڪري يورپ وارن ۽ مغربي پريس ڪي ائين لڳي ٿو ڄڻ هو نااهل ۽ نڪما آهن. بس ۾ يا رستي هلندي ڏسندو آهيان ته هتي جا سئيڊش باشندا هنن آفريڪن يا ڪارن کي ائين ڏسندا آهن يا پاسو ڪندا آهن ڄڻ قدرت کين نيچ ٺاهيو هجي. اسان جي يونيورسٽيءَ جون حبشي عورتون هتي جي گورين عورتن کان گس پنڌ ڪجهه پڇنديون يا ڳالهائڻ جي ڪنديون ته هوءَ اڌ اکريءَ ۾ جواب ڏيئي لنوائي ويندين. آئون دل ۾ سوچيندو آهيان ته هتي جي يورپي ماڻهن کي ڪهڙي خبر ته هي جيڪي ڪارا آفريڪن شيدي سنڌن شهر مالمو ۾ ڦري رهيا آهن ڪو تعليم بالغان لاءِ نه آيا آهن پر انهن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي ملڪ ۾ اهم پوسٽ تي آفيسر آهي جيڪا هن اعليٰ امتحان پاس ڪري حاصل ڪئي آهي، ۽ پنهنجي پنهنجي ڪم جو ماهر آهي. پوءِ ڪو سيڪريٽريٽ ۾ آهي ته ڪو بندرگاهه جو آفيسر، ڪو ڪئپٽن آهي ته ڪو مئرين انجنيئر، ڪو جنرل ائڊمسٽريشن ۽ سيفٽي ۾ پڙ آهي ته ڪو مئريٽائيم ايڊيوڪيشن ۽ ٽريننگ جو ڄاڻو ڪو قابل سرويئر آهي ته ڪو اعليٰ درجي جو نيول آرڪيٽيڪٽ انجنيئر.

مون ٿوري ئي وقت ۾ محسوس ڪيو آهي ته اهي آفريڪن ڪارا نه فقط پنهنجي پنهنجي ڪم جا ماهر آهن پر هنن کي عام معلومات ۽ دنيا جي معاشي ۽ سياسي حالتن جي پڻ Upto Date ڄاڻ آهي. سنڌن سوچ، ڪردار، اخلاق ۽ Action صاف سٿرو ۽ بي ڊپو آهي.

هيڏانهن اچڻ کان اڳ ڪئپٽن بشير وسطڙي پنهنجي ”گروپ“ جو فوٽو ڏيکاريو هو جيڪو هن سان گڏ هتي سئيڊن ۾ هو ۽ پوءِ ان ۾ بيٺل آفريڪن ۽ ڪارن لاءِ چيائين: ”اهي ڏاڍا Bold آهن. گورن يورپي پروفيسرن کان به اهڙا عقل وارا سوال ڪن ٿا جو سڀ دنگ رهجيو وڃن. پوءِ چاهي Seaman Ship جو مسئلو هجي يا شپنگ ايڪنامڪس جو .

مئريتائيم ليجسليشن جو هجي يا جنرل مئنيجمينٽ جو.“

ڏکڻ آفريڪا کنڌ جي ملڪن ۾ پئسفڪ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ٻيٽن جي هنن ڪارن سان رهڻ بعد ڪئپٽن بشير جي مٿئين ڳالهه جو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو. يونيورسٽيءَ ۾ لئبرري ۾ ٽي بريڪ ۾، هاسٽل جي ميس ۾ ٽوڙي ٽي وي روم ۾ سندن ڳالهين ۽ بحث مباحثو غور سان ٻڌي هنن جي سوچ، عقل ۽ Self Condfidence کي داد ڏيندو آهيان ۽ دل ئي دل ۾ چوندو آهيان تہ جيتوڻيڪ دنيا هنن جي چمڙيءَ جو ڪارو رنگ ڏسي هنن کي بيوقوف يا سادڙو سمجهي ٿي پر ائين ناهي. هنن کي ائين سمجهڻ وارا پاڻ غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهن.

رات مانيءَ مهل ان ٽيبل تي وچي وينس جنهن تي ڪجھ آفريڪن ويٺا هئا. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندا رهيا. آئون ماٺ ڪري ٻڌندو رهيس. اتي اڇي Racism جي ڳالهه نڪتي تہ ڪارن کي هر ڪو ماٺو گهٽ سمجهي ٿو. مون ڏٺو تہ ان بابت هو هڪ تہ To the Point ڳالهه ڪندا رهيا ۽ ٻيو تہ جيڪي دليل ڏيندا رهيا، اهي بيحد عقل وارا هئا. سندن ان بابت ڪيل ڪجھ ڳالهيون جيڪي هن وقت دماغ ۾ اٿم ڪجھ هن ريت آهن:

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکک وٽ محفوظ

# هر ڳالهه ۾ اسان جو ڏوهه

•ان ۾ ڪا ترِ جيتري به غلطي ناهي تہ فرعون ڪان وٺي جيڪي ڪجھ تواريخ جو رڪارڊ موجود آهي ان ۾ هر ان قوم جيڪا پاڻ ڪاري چمڙيءَ جي ناهي اسان ڪارن کي ذلت جي نگاهہ سان ڏٺو آهي. اڄ جي ماڊرن دور ۾، ويندي مغربي سوسائٽين ۾، ماڻهن جي اسان ڪارن لاءِ جيڪا راءِ ۽ رويو آهي ان مان جائزو لڳائي سگهجي ٿو تہ پنهنجي ملڪ ۾ رهندڙن ڪارن سان هنن جو ڪهڙو برتاءُ آهي. آمريڪا ۽ يورپ جا سڌريل ملڪ انسان ذات جي آزاديءَ جي هام تہ هڻن ٿا پر سندن ڪارن لاءِ برتاءُ ڇا آهي. اسان آفريڪن لاءِ تہ پوءِ جي ڳالهہ آهي پر انهن ڪارن لاءِ ڇا آهي جن جا پڙ ڏاڏا صديون اڳ آفريڪا ڪان لڏي آمريڪا، انگلينڊ ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ۾ اچي رهيا ۽ انهن جو اولاد هاڻ ان ئي ملڪ جو حصو آهن. هڪ مشرقي يورپ، رومانيا، روس يا اٽلي اسپين جهڙي ننگ ملڪ جو گوري چمڙيءَ وارو فقط ڏهہ سال اڳ آمريڪا ۾ آيل هوندو تہ بہ هو عزت جي لائق پوءِ ڀلي اندروني طرح چورين، ٺڳين ۽ ڪريل حرڪتون ڪندو رهي ۽ هوڏانهن صدين ڪان رهندڙ شيديءَ جو ڪارو اولاد حقارت جي لائق سمجهيو وڃي ٿو پوءِ اهو ڪارو ڀلي هڪ پڙهيل ڳڙهيل سائنسدان، رانديگر، ڳائڻو يا سوسائٽيءَ جو هڪ اهم حصو هجي. ٻيو تہ ٺهيو پر ويندي اتر آفريڪا جي ملڪن لبيا، تيونيشيا، الجيريا، موراڪو ۾ يا عرب دنيا ۾ هڪ ڪاري آفريڪن جي اها عزت ناهي، جيڪا اڇي يا ڪڻڪ رنگي عرب، مصري يا ايراني ترڪ جي آهي.

•انگلينڊ ۾ رهندڙ هڪ ڪاري لاءِ ڪا باعزت ۽ سٺي پگهار واري نوڪري ڳولڻ ائين آهي جڻ ڌرتيءَ تي جنت حاصل ڪرڻ. ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ کي ڪا نصيب ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن اهو ڪارو آفريڪن آهي تہ پوءِ تہ اهو ڪم ويتر محال آهي.

•ائٽلانٽڪ سمنڊ جي هن پار آمريڪا جي جيسي جئڪسن کي صدر جي لائق نہ سمجهيو ويو. پر ڊان ڪئيل پنهنجي ناتجربيڪاري ۽سياسي نابالغي جي باوجود وائيس پريزيڊنٽ ٿي ويو (۽ جارج بش جي غير موجودگيءَ ۾ صدر.) ان مان هرڪو سمجهي سگهي ٿو تہ جيسي جئڪسن کي ڪاري هجڻ ڪري موقعو نہ ڏنو ويو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

•۽ نہ فقط يورپ ۽ آمريڪا ۾ پر روس ۾ ڏسو جتي وڏي واڪ اهو چيو ويجي ٿو تہ سوشلزم ۾ ڪميونزم هر ماڻهوءَ کي برابر بنائڻ چاهي ٿي. پر اتي بہ ڪيترا اهڙا واقعا ٿيندا رهن ٿا جو اسان جي آفريڪي شاگردن کي ڪاري هجڻ ڪري مختلف طريقن سان تنگ ڪيو ويجي ٿو. روس جا نوجوان آفريڪن کي پولڙو سڏين ٿا. ڪيترا روسي ٽئڪسي ڊرائيور ”شيدي مسافرن“ کي پنهنجي ٽئڪسيءَ ۾ ويهڻ لاءِ نفرت سان انڪار ڪن ٿا ۽ روس ۾ پکڙنداڙ ايڊز جي بيماريءَ جو الزام آفريڪا کان آيل ڪارن شاگردن تي مڙهيو ويجي ٿو. ڪيترن روسي نوجوانن ڪارن کي تنگ ڪرڻ لاءِ ٽوليون (Gangs) ناهيون آهن. اهڙي گئنگ بہ سال ڪن اڳ Kiev شهر ۾ مالاوي (آفريڪا جي ملڪ) کان آيل ٻن شاگردن کي بي گناهہ ڪُهي ڇڏيو.

•1980ع ڌاري جڏهن ايڊز بيماريءَ جو خوف سڄي دنيا تي ڇانئجي ويو تہ هٽ ٺوڪين مغربي کوجنا ڪندڙن ان سڄي بڇڙائيءَ جي پاڙ لاءِ آفريڪا جي ڌرتيءَ کي بدنام ڪيو. آمريڪا جي سائنسدان اها کوجنا ڪئي تہ ايڊز بيماري هم جنس سان تعلق رکڻ سان ٿئي ٿي. پر جيئن تہ ڪين خبرهئي تہ آفريڪا ۾ هوموسيڪس کي ڪريل نگاهہ سان ڏٺو ويجي ٿو ۽ اها بڇڙائي آفريڪا ۾ نہ پر آمريڪا ۾ آهي، تہ هنن يڪدم ڪٽي پلٽو ڪاڏو ۽ آفريڪن ساوِن پولڙن واري ٿيوري ڪٽي پيش ڪئي ۽ پوءِ اوٽ پٽانگ جا تجربا ڪري ان ڳالھ تي لٿا تہ آفريڪن ايڊز بيماري هڪ هيٽرو سيڪس جي پيداوار آهي، يعني عورت ۽ مرد جي جنسي تعلقات مان پيدا ٿي آهي. هاڻ ڪانئن ڪو پڇي تہ چو مغرب جي ايڊز بيماري بنيادي طرح ڇوڪري بازيءَ جي پيداوار آهي ۽ هاڻ آفريڪن ايڊز عورت مرد جي تعلقات مان آهي تہ هو توهان کي ڪوبہ مطمئن ڪندڙ جواب نہ ڏئي سگهندا.

•اها ڳالھ سمجهڻ لاءِ ڪنهن ميڊيڪل جي ڊگريءَ جي ضرورت ناهي تہ ايڊز بيماري آفريڪا جي انهن ملڪن ۾ گهٽي آهي جيڪي مغرب کان ايندڙن ماڻهن لاءِ _ Tourist Spots (گهمڻ جا هنڌ) جهڙوڪ: ڪينيا، تنزانيا، زئمبيا وغيره جتي گهٽي کان گهڻا آمريڪن ۽يورپين وئڪيشن گذارڻ لاءِ اچن ٿا ۽ اتي جي حبشي عورتن سان هٽ چراند ڪن ٿا. توهان ڏسندؤ تہ آفريڪا جا ڳوٺ ۽ ٻهراڙيون جتي جي ماڻهن کي هنن مغربي ٽوئرسٽن سان ڪو واسطو نٿو پوي تہ انهن کي اهي بيماريون وڏن شهرن ۽ بندرگاهن ۾ رهندڙن کي گهٽ يا نہ برابر آهن. ان هوندي بہ اهو آفريڪن آهن جنهن تي هن بدڪاريءَ جو

داغ ٿاڦيو ويو آهي ۽ مغرب جا ماڻهو پنهنجن ڪُڌن ڪرتوتن جي سزا اسان شيدين کي ڏئي رهيا آهن ۽ سڄي دنيا ۾ آفريڪا کي بدنام ڪيو پيو وڃي.

•اولهه آفريڪا جي هڪ ملڪ جي شاگرد چيو: ”دنيا ۾ جتي ڪٿي عام طرح ڪاري چمڙيءَ جا ماڻهو ۽ خاص ڪري آفريڪن Racism جو شڪار رهندا اچن. پرڪجهه ملڪن ۾ هٿ کي رومال سان ڍڪي اسان کي پوندو ڏنو وڃي ٿو_ سونن ورقن ۾ زهر ڪائڻ ۾ ساڳي تڪليف ٿئي ٿي پر ڪو بي شرم ٿي اهو زهر ظاهرظهور ڏئي ٿو (جيئن ڪجهه عرصو اڳ چينين اسان جي آفريڪن کي ذليل ڪيو) ته اسان کي کپي ته ان جي جواب ۾ اسان به کين سخت موچڙو هڻون.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# اسان جي پنهنجن جو ظلم

•آفريڪي شاگردن سان چين ۾ ٿيندڙ ان جٽ جو قصو جنهن کي ان وقت اخبارن ۽ ٽي وي۽ وغيره تمام گهٽي Coverage ڏني هئي، منهنجي ڌيان تان لهي ويو هو سو پيرم ايسٽ آفريڪا جي هڪ شاگرد ياد ڏياريو ته چين جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ هڪ گڏيل ناچ راڳ جي دعوت ۾ ڪجهه چيني ڇوڪريون آفريڪي ڪارن شاگردن سان ڪجهه وڌيڪ ئي ويجهو ٿي ويون. جن تي مڪاني چيني شاگردن کي غيرت اچي ويئي ته ڪارن جي اها مجال جو سندن گڏين جهڙين ڇوڪرين سان فري ٿين. پوءِ ڪي ڏينهن چيني شاگرد نه فقط آفريڪي ڪارن جي ان گروپ جي مارڪٽ ڪندا رهيا پر جيڪو شيدي جنهن چيني شاگرد کي چين جي جنهن شهر ۾ نظر آيو ٿي ان کي موچڙا هنيائون ٿي. نتيجي ۾ ڪيترا آفريڪن شاگرد، جن کي چين حڪومت پنهنجين يونيورسٽين ۾ تعليم لاءِ گهرايو هو ملڪ ڇڏي ڀڄي ويا. ڪن پيڪنگ ۾ پنهنجي ملڪ جي سفارتخانن ۾ وڃي پناهه ورتي، ۽ ڪي مارون کائي پاڻ ڪٽائي اسپتالن ۾ وڃي داخل ٿيا.

•منهنجي پر ۾ ويٺل مٿين ڳالهه ٻڌائيندڙ آفريڪن شاگرد جوش ۾ اچي چيو: ”اهو سوچي انسان چريو ٿيو پوي ته توهان جوان ٿهيءَ جا آفريڪن نوجوان شاگردن کي اڪيلي سر يڪوسٽن سالن جي ڪورس لاءِ چين ۾ گهرايو ٿا ۽ ڪهڙو نوجوان (جيڪو ڪدڙو ناهي) ايترا سال صبري ڪري رڳو ڪتابن ۾ منهن وجهي ويهندو. اها انساني فطرت جي تقاضا آهي ته هن کي عورت جي دوستيءَ ۾ مزو اچي ٿو. پر ڇا چيني اها ٿا اميد رکن ته اسين آفريڪا جا ڪارا ڇوڪرين سان نه پر ڪتن ٻلن سان دوستي رکي وقت گذاريون. ڪنهن به صورت ۾ آفريڪن اهڙا ڪريل ۽ جهنگلي نه سمجهيا وڃن. سڀ ڪان وڏي ڏکوئيندڙ ڳالهه اها آهي ته اهي چيني جن کي اسان آفريڪن جا اها ڳالهه نٿي وڻي ته چيني ڇوڪرين کي ڇو ٿا Dating ڪيون، پاڻ جڏهن آفريڪا ۾ اچن ٿا ته پوءِ سندن جوان توڙي پوڙها آفريڪي عورت سان عيش ڪرڻ پنهنجو موروثي حق سمجهي، آفريڪي عورت راضي هجي يا نه. پر سندس مجبورين جو فائدو وٺي چند ٽڪا منهن ۾ هڻي پنهنجي حوس جي بک اجهائين ٿا.

•وقت اچي ويو آهي ته چين توڙي دنيا جي ٻين ملڪن کي اها ڳالهه وڻي يا نه وڻي پر اها

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

حقيقت قبول ڪرڻ ڪيي تہ آفريڪا ۽ ڪاري چمڙي وري قوم (Race) ڪي دنيا جي هن گولي تي ئي رهڻو آهي. اسين دنيا جو هڪ اڻوٽ حصو آهيون. ان ڪري اسانجو اهو حق آهي تہ اسان ڪي بہ بين جهڙي عزت ۽ (Courtesy) ڏني وڃي. ظلم جي ان رات جو هاڻ خاتمو ٿيڻ کپي. جنهن جي شروعات ۾ اسان کي زر خريد ٻانهو سمجهيو ويو ٿي. دنيا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ اسان کي جاهل سڏيو ٿي ۽ سمجهيو ٿي تہ ڪو اسين باندرن پولڙن وانگر وڻن تي رهون ٿا. دنيا کي اهو سمجهي وڃڻ کپي تہ اهي ڏينهن وري موٽي نہ ايندا جڏهن هنن اسان جي ڏاڏن، نانن کي چند سڪن ۾ وڪيو ۽ خريد ڪيو ٿي. جانورن کان بہ خراب حالت ۾ رکيو ٿي ۽ پورهيو ورتو ٿي.

•اسان اهو سمجهون ٿا تہ سڌريل ۽ ترقي يافتہ ملڪن جي ماڻهن سان ڪلهو ملائڻ ۾ (جيڪڏهن اسان ملائي سگهياسين تہ) صديون لڳي ويندي، پر اسان پُر اميد آهيون ۽ بي همت نہ ٿينداسين جو اسين ڄاڻون ٿا تہ جيڪي اڄ جا ملڪ پاڻ کي سڌريل سمجهن ٿا انهن کي پڻ، ان حالت تائين پهچڻ ۾ صديون لڳي ويون.

•اسان جو اهم مسئلو فقط اسان جي قيادت (Leadership) آهي. اسان ان حقيقت کي بلڪل لڪائڻ نٿا چاهيون تہ اسان کي پٺتي ڪرڻ ۽ ترقي جون راهون بند ڪرڻ ۾ سڄو ڏوهہ اسان جي ڪجهہ لالچي ۽ رڳو پنهنجو پيٽ پرڻ وارن اڳواڻن جو آهي. اسان جي ملڪن ۽ قومن کي هن حالت تائين پهچائڻ ۾ بين اڳيان گروي رکڻ ۾ هنن چند ماڻهن جو ئي هٿ اڇي جيڪو ڦريو ڳريو اسان کان ئي ووٽ وٺي اسان کي تباهہ ڪن ٿا.

•مثال طور: مونکي ڪو بيو ڪارڻ نظر نٿو اچي تہ هيتري تيل نڪرڻ بعد بہ اڄ نائجيريا ملڪ اهوئي غريب آهي. آڳرين تي ڳڻڻ جيترن ملڪ ۽ قوم جي دولت تباهہ ڪري ڇڏي آهي. ديس يا عوام ترقي ڪري يا نہ ڪري، پر کين هر حالت ۾ عياشي کپي. جيري خاطر ٻڪري ڪهڻ جنهن کي چئجي اسان جي ڪجهہ ڪميٽا صفت سردارن، اڳواڻن ۽ ڏاڍن مڙسن جو وهنوار ٿي ويو آهي. ولايت گهمڻ ۽ اتي دولت گڏ ڪرڻ لاءِ کين ڪميشنون سي ملن باقي ديس ڀلي گروي ٿي وڃي تہ ڀلي ٿي وڃي. پنهنجي وڏي جو ڪهڙو ويڇ طبيب. اسان جي پنهنجن مان ئي بنيل اڳواڻ لٽمار جي مال تي ٿلها ٿنيرا ٿيندا وڃن ۽ هوڏانهن لکين نائجيرين بک، بيروزگاري ۽ بيماريءَ جي حالت ۾ مهنگائيءَ جي گهاٽي ۾ پيڙجندا رهن ٿا. مون کي پڪ آهي تہ انگريز بہ تعجب کائيندا هوندا جڏهن هي اسان جي نائجيريا جي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سردارن، اڳواڻن، حاڪمن کي پنهنجي وطن جو پئسو لٽي لنڊن ۾ وڏن گهرن ۾ رهندو ڏسندا هوندا. چمڪندڙ وڏين ڪارين ۾ مانچسٽر، لورپول ۽ برمنگهام جهڙن شهر ۾ گهمندو ۽ عيش ڪندو ڏسندا هوندا. آئي وئي کي وڏيون دعوتون ڏئي پنهنجي لاءِ اهو مشهور ڪرڻ چاهيندا هوندا ته ”دل جا سخي آهيون.“ ڇا سندن بابي جي ملڪيت آهي جنهن تي ڏارين ملڪن ۾ ويهي سخاوت هلائين ٿا. ايترو پئسو جنهن مان هتي ڪنهن غريب جو سڄو سال گذر سفر ٿئي اهو آئي وئي بٺري، مالش ڪندڙ ڇوڪري يا شراب پيارينڌڙ هوسٽس کي ٽپ طور ڏيئي ڀهه ڀهه ٿين ٿا. آئون چوان ٿو ته قوم جو جي پئسو لٽيو ٿا ته ان کي فئڪٽرين، ڪارخانن جي روپ ۾ پنهنجي ئي ديس ۾ Invest ڪيو ته گهٽ ۾ گهٽ غريب غربو روزگار ڪمائڻ ڪي لڳي، پنهنجا ٻچا ته پالي سگهي. ساڳي وقت توهان کي به ڏکئي وقت لاءِ ڪجهه هٿ ۾ هجي.

•۽ رڳو نائجيريا جو اهو مثال ناهي. گهانا، گئمبيا، گني بسائو کان وٺي زائر زئمبيا ۽ زمبابوي تائين اهو حال آهي. بلڪ هر غريب ملڪ ۾ پهرين ته اسان جي پنهنجن جو ئي هٿ آهي. حق تي سائوٿ آفريڪا جا انگريز ڪلن ٿا ته شيدين کي آزادي ڏيئي هنن سان ظلم ٿا ڪريون. آزاديءَ جو مطلب جيڪڏهن اتي جي چند ڏاڍن مڙسن جي عياشي ڪرائڻي آهي باقي عوام کي قرضي، غريب ۽ ڏتڙيل حالت ۾ رکڻو آهي ته پوءِ ان مان ڪهڙو فائدو. پنهنجن جي ئي راڄ ۾ موزمبق، انگولا، تنزانيا، سينيگال ۽ مالاويءَ جي شيديءَ کان ته اهي شيدي هزار دفعا خوشحال آهن، جيڪي اسان انگريزن جي راڄ ۾ سائوٿ آفريڪا ۾ رهيا پيا آهن.

•اسان کي پنهنجي سيني اندر جاچي ڏسڻ کپي ته ڪٿي ڪنهنجو ڏوهه آهي. جتي ڌارئين جو آهي اتي ڌارئين تي الزام هڻجي، جتي پنهنجن جو آهي ته پهرين پاڻ کي ۽ پنهنجن کي سڌارجي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# يورپ جي ويڪ اينڊ

انگلينڊ ۽ يورپ پاسي هفتي جا پنج ڏينهن، ماڻهو وهٽن وانگر پورهيو ڪن، باقي ٻه ڏينهن ڇنڇر آچر پورهئي ۽ پڙهائيءَ جا پُور پاسيرا ڪري موڪل ۾ موجون ماڻين. جمعي جي ڏينهن جيئن ئي موڪل ٿيندي آهي ته اسڪولن توڙي آفيسن ۾ هڪ ٻئي کي خدا حافظ (باءِ باءِ) چئي موڪلائڻ سان گڏ Wish you a very happy weekend پڻ چون. پوءِ پلي ويڪ اينڊ (هفتي جي آخر وارا متيان ٻه ڏينهن) ڪمري ۾ ڪن ڪوٺيندي گذارين يا ميرا ڪچا ۽ گنجيون ڌوئيندي. هتي جي ماڻهن لاءِ ويڪ اينڊ اسان جي عيد کان ٻه وڌيڪ خوشيءَ جي اهميت رکي ٿي، سواءِ انهن چوڪرين جي جن کي ڪمپنيءَ خاطر ڪو بواءِ فرينڊ نه ملي سگهندو آهي يا انهن زالن جي جن جا مڙس رنڊل هوندا آهن يا ٻارڻ کين پادر هڻي گهر کان ٻاهر ڪيدنديون آهن.

رهيو سوال اسان جي عيد جي خوشيءَ جو ته اها شايد ڳوٺ ۾ رهندڙن لاءِ ته خوشيءَ جو باعث ضرور ٿيندي هوندي پر اها تهي جيڪا نه ڳوٺ جي آهي ۽ نه شهر جي. يعني جن جا ماءُ پيءُ ۽ ٻيا مائٽ مٽ ڳوٺ رهن ٿا ۽ پاڻ زال ۽ ٻارن سان گڏ شهر ۾ رهي نوڪري ڪن ٿا، مٿي جو سور هوندي آهي. عيد جي موڪل کان هڪ ٻه ڏينهن اڳ هي ڳوٺ ويندڙ همراهه ريل يا بس جي ٽڪيٽ وٺي سيٽ رزرو ڪرڻ پنيان ڊوڙندو آهي، پوءِ ڳوٺ وڃڻ لاءِ سامان هڻن ۽ ٻڳن ۾ بند ڪندو آهي . پوءِ آخري ڏينهن آفيس مان موڪل کان اڳ سهڪندو گهر پهچندو آهي ۽ گهر يا فليٽ کي تالو هڻي، رڪشائن کي ٻيهاريندو بس ۽ ريل ۾ ڌڪا کائي ڳوٺ عيد ملهائڻ لاءِ پهچندو آهي. بعد ۾ موٽندو آهي ته گهر ۾ ڪيترين شيون چوري ٿيل ملنديون اٿس. ڳوٺ ويندي ايندي رستي تي چولا، ٻن ڏينهن جو رکيل مائو ۽ ٻيو ڪجهه کائڻ تي، ڪيس نه ته ٻارن کي دست گهمرو ضرور ٿيندو آهي ۽ آفيس ۾ وڃڻ تي سندس باس بگڙيل ملندو آهي جو پاڻ آخري ڏينهن تي آفيس مان جلدي ڀڄي ويو هو يا ڳوٺان هڪ ڏينهن دير سان آيو آهي. هڪ طرف اهي پريشانيون ته ٻئي طرف ڳوٺ جي ڪيترن مائٽن جي ناراضگي ته هو ساڻن گهڻي دير نه مليو سندن ٻارن کي خرچي نه ڏنائين وغيره وغيره. بس هڪڙو مٿي جو سور هوندو آهي. جيڪو اسان جهڙا ڳوٺن جا شهرن ۾ نوڪريون ڪرڻ وارا هڪ ٻئي سان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سليندا آهيون ۽ پوءِ هفتي ٻن بعد وچي ڪجهه ٺاپر ٺينديي آهي.

هتي ڇنڇر آچر موڪل ٿئي پر ڇنڇر ڏينهن ڪجهه دڪان، مارڪيٽون، اسٽور کليل رهن. آچر ڏينهن اهي بہ بند رهن. آچر ڏينهن، خاص ڪري صبح جو يورپ جا وڏا شهر قبرستان جيان سانت وارا لڳن. رکي رکي ڪا بس لنگهندي آهي يا ڪو پوڙهو دل جو مريض ڪتڻ هيٺ ڪري واڪ ڪندو نظر ايندو آهي _ جڻ چار قل پڙهي پرواري قبرستان مان موٽيو هجي.

ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن تي اسان جي ميس بند رهي، سو ڇنڇر ڏينهن ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽيءَ جا اسين پرديسي رڌ پچاءَ لاءِ ٻاجي پتي، چانور، دال، مکڻ ميوو وغيره وٺڻ لاءِ سستن دڪانن ۽ مارڪيٽن جو رُخ ڪندا آهيون.اسان بہ خوش تہ ڇنڇر ڏينهن ڪيتريون شيون سستي اگهہ ۾ ٿيون وڪامن ۽ دڪاندرا بہ خوش تہ هو پنهنجو پاروٿو مال تازي ۾ ملائي ڪڍيو وٺن، جيئن پاڻ وٽ جمع بازار ۾ ٿئي ٿو ۽ پوءِ اهڙن سستن دڪانن جي ڳولا ۾ نہ رڳو اسان ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن جا غريب هوندا آهيون پر هتي جا يورپي، ويندي هن امير ملڪ سئيڊن جا بہ ڪيترائي همراهہ هيڏانهن هوڏانهن نظر ايندا آهن. فرق اهو هوندو آهي تہ اسين يعني پاڪستاني، انڊين، بنگالي، چيني وغيره خريداريءَ جي معاملي ۾ چالاڪ آهيون. ڍير مان ڪم جي شيءِ ڳولي وٺندا آهيون ۽ دڪاندار جي ٺڳي بيڪار ٿي ويندي آهي. ان ڪري هتي جا دڪاندار اسان جهڙن گراهڪن بدران پنهنجا سودا (خريداريءَ جي معاملي ۾) هم وطني وڏيڪ پسند ڪن ٿا. پر ڪي ڪي دڪاندار ۽ سپر مارڪيٽون ان اصول هيٺ پنهنجا اگهہ گهٽ رکن ٿا. جيئن گهٽي کان گهٽا گراهڪ اچن ۽ گهڻو مال وڪرو ٿئي. اهڙيءَ طرح سڀي ڏينهن ۾ دڪاندارن کي اوتروئي فائدو ٿئي، جيترو گهٽي اگهہ تي رکڻ تي حاصل ڪري سگهجي ٿو. سئيڊن جي هن شهر مالمو ۾ باست، OBS, Max, Ahlen سپر مارڪيٽون ۽ دڪان انهن مان ڪجهه آهن جن ۾ شين جا اگهہ شهر جي ٻين دڪانن کان گهٽ آهن ۽ مٿئين اصول تي وڪرو ڪن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# فقط برف سستي آهي

پر انهن سستن دڪانن ۾ به انگلينڊ، دبئي، سنگاپور جي مهنگين مارڪيٽن کان وڌيون قيمتون رکيل آهن. بقول اسان جي هڪ جهازيءَ جي اسڪينڊينيوئن ملڪن ۾ فقط برف ئي سستي ملي سگهي ٿي. يعني جهڙي مهنگائي سئيڊن ۾ آهي اهڙي فنلئنڊ ۽ ناروي ۾ به آهي. ان معاملي ۾ اڃا به سندن چوٿون ڀاءُ ڊئنمارڪ ڪجهه سستو آهي. سئيڊن جي جنهن شهر مالمو ۾ اسين رهون ٿا، ان معاملي ۾ ڀاڳ وارا آهيون جو ڊئنمارڪ جي گاديءَ جو هنڌ ۽ وڏو شهر ڪوپن هيگن سڏ پنڌ تي آهي، جتي سئيڊن کان سستائي آهي. مالمو (سئيڊن) ۽ ڪوپن هيگن (ڊئنمارڪ) جي وچ ۾ سمنڊ جوڪجهه حصو آهي جنهن ڪي ٽپائڻ لاءِ پاڻيءَ جون ڪيترين ئي سواريون آهن. هڪ ته SAS هوائي جهاز ڪمپنيءَ جو هوور ڪرافٽ (جيڪو اڌا هوائي جهاز اڌ پاڻيءَ جو جهاز سمجهڻ کپي) جيڪو ڪڌهن پاڻيءَ جي سطح تان اڏامندو ويندو آهي ته ڪڏهن پاڻي تي ترندو آهي. ان جي ٽڪيٽ سڀ ۾ گهٽي آهي. اوٽ موٽ جي اٽڪل تي سؤ ڪرونا _ يعني ٻارهن سؤ رپيا ڪن. ان ۾ امير ماڻهو چڙهن يا وري ڪمپنيءَ جي خرچ تي سفر ڪرڻ وارا. جيئن اسان ڪراچيءَ کان ايندي وقت ان ۾ آياهئاسين يا وري اهي جن لاءِ وقت تي پهچڻ اهم هجي، جو هي سڀ ۾ تکو هلي ٿو ۽ مني ڪلاڪ ۾ مالمو کان ڪوپن هيگن پهچائي ٿو.

هوور ڪرافٽ کان علاوه فيريون هلن ٿيون. هڪ ته ڊئنمارڪ جي ڪنهن ڪمپنيءَ جي آهي ۽ 29 ڪرونا يعني سوا سؤ رپيا ڪن هڪ طرفو وني ٿي ۽ ڪلاڪ ۾ ٻيءَ پر پهچائي ٿي. ان کان به وڌيڪ هڪ ٻي سستي فيري آهي جيڪا فقط ڏهه ڪرونا وني ٿي ۽ سو به اوٽ موٽ جا. يعني پنهنجا چاليهه رپيا ٿيا. اها ڏيڊ ڪلاڪ لڳائي ٿي پر اسان کي ٻيءَ پر پهچي کهڙو جهاز اڏاڻو آهي جو جلدي ڪريون. خريداري ئي ڪرڻي آهي. اڌ ڪلاڪ جي دير سان پهتاسين ته ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي.

”يار ڪمال آهي ڏهه ڪرونا يعني چاليهه رپين ۾ اوٽ موٽ جو سفر ته ڪراچيءَ، ڪلڪتي ۽ ڪولمبو جي حساب سان به سستو آهي. ڪراچيءَ کان حيدرآباد سرڪاري پيگل بس جو ڀاڙو به ان کان مٿي هوندو. هي هيڏي ساري فيري ايتري ڀاڙي ۾ هلائين ٿا ان مان

ڇا بچت ٿيندي هوندن.“ ڪئپٽن سليم حيرت مان پڇيو.

”ٻ ضروري ناهي تہ هر وقت مسافرن سان ٽپ هجي.“ مون چيومانس.

”پر جي هر دفعي پريل بہ هجي تہ بہ وڏ ۾ وڏ پنج سؤ ماڻهو ويهي سگهن ٿا. يعني پاڪستان حساب سان ويهہ هزار رپيا ٿيا ۽ ان مان هيڏي وڏي آفت جهاز جنهن جو اوٽ موٽ ٽن ڪلاڪن ۾ نہ فقط تيل سڙندو هوندو ۽ عملي جو پگهار مس ٿيندو هوندو. باقي فائدو ڇا ٿيندو هوندن.“ ڪئپٽن سليم چيو.

”ٻ ڪڏهن ڪڏهن تہ مقابلي ۾ اڃي اجا بہ ياڙو گهٽ ڪندا آهن. گذريل سال اونهاري ۾ پنج ڪرونا (ويهہ رپيا) بہ اوٽ موٽ جو ياڙو رکيو هئائون.“ اسان ڪان هڪ سال اڳ آيل پاڪستاني شاگرد علوي ٻڌايو.

”هونءَ پولش (پولينڊ جا رهاڪو) اهڙا بيوقوف تہ نہ آهن جو ائين ڪن ٿا.“ (هن سستي ياڙي وارين فيرين جا مالڪ پر واري ملڪ پولينڊ جا آهن ۽ هتي واپار ڪن ٿا.)

”اسان جي مئريتائيم ايڪانامڪس جي پروفيسر الدرلتن انهن جي اٽڪل بابت ٻڌايو پئي تہ ڪيئن هي پولش ماڻهو گهٽ ياڙي تي بہ ڪمائي ڪن پيا.“ هڪ ٻئي پاڪستاني شاگرد قاضي حميد ٻڌايو ”هو مسافرن جي ياڙي مان ڪمائڻ بدران جهاز ۾ ٺهيل هوٽل ۽ دڪان مان ڪمائين ٿا. سئيڊن ۾ شراب، سگريٽ، عطر وغيره تمام گهڻو مهنگو آهي. (سگريٽ جو هڪ پاڪيٽ هڪ سؤ رپئي جو آهي) هو اهو ستر رپئي ۾ وڪڻن ٿا تہ بہ هڪ پاڪيٽ تي ڪين ٽيهہ چاليهہ رپيا فائدو ٿئي ٿو جو فيريءَ وارا فئڪٽرين مان ڊيوٽي فري اگهہ تي ٽيهن رپئي مس خريد ڪن ٿا ۽ سئيڊن جو هر مسافر گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪارٽن تہ وٺي ئي وٺي ٿو. اهڙيءَ طرح شراب، بيئر، چاڪليٽ عطرءِ بيون شيون پڻ وٺن ٿا ۽ سراسري هر مسافر مان ڪين هزار رپيا ڪن فائدو ٿيو وڃي. ڪيترا سئيڊن جا رهاڪو ڊئنمارڪ وڃڻ جو شوق ۾ نہ، پر سمنڊ تي ٽن ڪلاڪن جو سير ڪرڻ ۽ سستو شراب ۽ سگريٽ وٺڻ لاءِ هن فيريءَ ۾ چڙهن ٿا ۽ واپسيءَ تي هنن کي ان تي ٽئڪس نٿو ڏيڻو پوي، جو سئيڊن جي قانون مطابق ولايت مان ٿي ايندڙ مسافر کي ويهہ هزار رپين جي خريداريءَ جي ڇوٽ آهي. پوءِ پلي ڪو آمريڪا، جپان يا آسٽريليا جهڙي ڪنهن ڏورانهين ديس ۾ ڇهہ مهينا يا سال رهي اچي يا سمنڊ جي هن پر، سامهون نظر ايندڙ ڊئنمارڪ کي فقط هٿ لاهي موٽي اچي. ٿيو تہ ولايت رٽرنڊ!“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# اسين سڀ دل جا مريض آهيون

جمع ڏينهن شام جو بي بي سي تان خبرون ٻڌڻ بعد ڪئپٽن سليم قاسم ۽ چيف انجنيئر راحت عزيز کان ٻئي ڏينهن ڇنڇر جي پروگرام بابت پڇيم:

”يلا سيڏو سلف ونڻ لاءِ سيان ڪٽي هلجي؟“

بي بي سي جون خبرون نائين کان ساڍي نائين تائين هلنديون آهن. ساڍا نَو رات هئڻ ڪپي پر هي ملڪ سئيڊن خط استوا کان ايترو تہ پري ۽ اتر ۾ آهي جو هتي ڏهين تائين اجا روشني هوندي آهي. يعني شام آهي ۽ اجا تہ ڏينهن وڌندو ويندو. ويندي رات جو يارهين تائين روشني رهندي ان بعد رات جي اونداهي ٿيندي. مالمو کان اجا متي تہ سئيڊن جا اهڙا بہ شهر آهن جن ۾ اونهاري جي وچ ڌاري، ڪيترا هفتا رات ٿئي ئي ڪانہ. ڏينهن رات سج هوندو آهي ۽ لڳاتار روشني هوندي آهي. بهرحال سمهڻ کان اڳ ٻئي ڏينهن جو پروگرام معلوم ڪرڻ ضرور هو.

”يار سيان هتان شاپنگ ڪرڻ بدران ڪوپن هيگن (ڊئنمارڪ) هليا هلون.“ ڪئپٽن سليم چيو.

”اهو بہ صحيح آهي. بنگالي، ايراني ۽ ملائيشيا جا تہ هرهفتي ڊئنمارڪ مان خريداري ڪريو اچن ۽چون ٿا تہ هر شيءِ جو اگهہ سئيڊن کان اڌ جيترو آهي.“ راحت عزيز چيو.

”پر فيري الائي ڪيڏي مهل ٿي وڃي؟“ مون پڇيو.

”هتان نائين بجي ڪٽي هلون. بنگالين پئي ٻڌايو تہ هر ڏيڍ ڪلاڪ بعد سستي وار ي فيري هلي ٿي. پوءِ جيڪا پهرين ملي ان ۾ هليا هلنداسين.“

ڪئپٽن سليم چيو.

”بلڪل صحيح آهي. پوءِ سيان نائين بجي صبح جو سڀ تيار هججو.“ مون چيو.

”يلا سيڪنڊ بيئر جي پاڪستاني همراهن کي ٻڌايون يا نہ.“ راحت عزيز چيو.

”ٻڌائينداسين سهي پر دعا ڪريو تہ ڪاشيءِ آڻڻ لاءِ نہ چون.“ مون چيو.

”واقعي. نہ تہ پنهنجو سامان ڍوئجي يا ٻين جو. قاضيءَ ڪکڙ دال ۽ نان آڻڻ لاءِ ٿي چيو.“ راحت عزيز چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”يار آئون تہ آهيان دل جو مريض اجا هن سال آپريشن ڪرائي اٿم. سو ڊاڪٽر بار کڻڻ لاءِ جهليو آهي.“ ڪئپٽن سليم اعلان ڪيو. ۽ مون کلندي چيو. ”دل جا مريض اسين بہ آهيون پوءِ ڪٺي ٻئي نموني سان. سو مهرباني ڪري سامان کڻڻ لاءِ مون کي ڏاهري ٽرڪ ڪمپنيءَ جو مزور نہ ٻڌائجو.“

”يار مجنون ۽ فرهاد جهڙا دل جا مريض تہ الائي ڇا ڇا پورهيا ڪندا هئا ۽ شڪستون سهندا هئا.“ ڪئپٽن سليم چيو.

”اهي ضرور ڪندا هوندا پر هنن کي مالمو ۾ اچي ايم ايس سي نہ ڪرڻي پئي هئي. بهرحال چرچو ڪونہ ٿو ڪريان. مونکي بہ ڊاڪٽر سامان کڻڻ کان جهليو آهي. توهان کي تہ ياد بہ هوندو تہ هتي اچڻ کان اڳ مهينو کن نيول اسپتال P.N.S Shifa ۾ پنيءَ جي ڪنڌيءَ ۾ سور کان مڪمل آرام هيٺ هوس.“

”يار مونکي پاڻ پٺيءَ جو سور (Back Ache) آهي.“ راحت اعلان ڪيو. ”آئون تہ ڪلاڪ ٻن کان مٿي هلي بہ نٿو سگهان.“

”يار اهو وري ڪيئن؟“ ڪئپٽن سليم ڪوڙو ثابت ڪرڻ لاءِ راحت کي چيڙايو.

”سچ. ڪوڙ ڪونہ ٿو چوان. جهاز جي ڊيڪ تي ڪري پيو هوس. ڪيترا مهينا سخت تڪليف ۾ هوس. هينئر بہ، خاص ڪري سيءَ ۾، سور ٿئي ٿو.“

”بهرحال اهو ڏنو ويندو. ڪجهہ پنهنجو سامان گهٽائي پنهنجن پاڪستاني يائرن لاءِ ڪٺي وٺي اچبو. في الحال ڊئنمارڪ پڪ هلبو.“ ڪئپٽن سليم چيو.

۽ آئون راحت جي ڪمري مان نڪرڻ وارو هوس تہ راحت چيو پنهنجا پاسپورٽ قابو رکجو جو ٻئي ملڪ ۾ ٿا هلون.

”پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ياد ڪري کڻجو.“ ڪئپٽن سليم چيو. هن پاسي جي ملڪن جي اها چڱي خواري آهي تہ دڪاندار ٿيلهيءَ ۾ سامان وجهي نہ ڏين. هر گراهڪ گهران ٿيلهي ڪٺي هلندو آهي. ان ڪري هرڪا پوڙهي يا نوجوان پنهنجي اوور ڪوٽ ۾ هڪ عدد پلاسٽڪ جي شاپنگ بئگ (ٿيلهي) ضروري وجهي هلندي آهي تہ متان اوير سوير ڪنهن دڪان مان ڪجهہ وٺڻو پوي.

”ٿيلهيون ڪٺي هلڻ سان گڏ هڪ ٻي بہ شيءِ ياد رکجو“ مون چتاءُ ڏنو مان. ”هڪ يا ٻہ عدد سئنڊوچون. خبر ناهي ڪنهن وقت موٽون ۽ جي هوٽل ۾ ماني کاڌيسين تہ باقي فائدو ڇا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿيندو.“

”دل ته چوي ٿي ته ٽرماس ۾ چانهه يا ڪافي به ڪٽي هلجي، جو هتي جي سستي هوٽل ۾ به چانهه جوڪوپ ڏهن ڪرونائن (چاليهه رپئي) کان گهٽ ناهي.“ راحت عزيز چيو ”ساڳي اسڪالر يا پگهار ۾ هتي جا ماڻهو اسان جي ملڪ ۾ خوب عيش اچيوڪن ۽ اسان سندن ملڪن ۾ بک مريو وڃون.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڊڪار (سينيگال) جي مائي ايمي

ٻئي ڏينهن پوري نائين بجي پنهنجن پنهنجن ڪمرن مان تيار ٿي فيري اسٽيشن ڏي ويندڙ بس جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. هلڪي هلڪي ٿڌ ٿڌ سان گڏ تکي هوابہ لڳي رهي هئي. جيسين بس اچي ۽ بس جي هيٽر اڳيان هلي ويهجي تيسين سيءَ ۽ هوا کان بچڻ لاءِ اوور ڪوٽ جا ڪالر مٿي ڪري کيسن ۾ هٿ وجهي، بس اسٽاپ جي پر ۾ ٺهيل دڪان جي ڇڙڪي جي اوٽ ۾ ٿي بيناسين. تيرهن ۽ سترهين نمبر جون بسون آيون پر اسان کي فيري اسٽيشن تي وڃڻ لاءِ 18۽ 20 نمبر جي ضرورت هئي. رستي تي آچر واري خاموشي نہ هئي پر ٿڌهن بہ موڪل ڪري ٽرئفڪ ۽ ماڻهن جي چرپر گهٽ هئي. ويتر سيءَ ۾ مينهن ڪري ماڻهن گهر ۾ گرم ٿي ويهڻ ۾ وڌيڪ عافيت سمجهي ٿي. ايتري ۾ سامهون، اسان جي هاسٽل کان اسان جي فلور (ٿي ماڙ) تي لاگوس (گهانا) جي رهندڙ ائلس ۽ چوٿين فلور تي ڊڪار (سينگال) جي رهندڙ مائي ائمي نمودار ٿي. هو بہ شاپنگ لاءِ نڪتيون هيون ۽ بس لاءِ اسان ڏي وڌيون. "ائمي! پاسپورٽ اٿئي؟ فقط ڏهہ ڪرونن ۾ توکي ڊئنمارڪ گهمائي اچان." مون ائمي کي چيو. ائمي جواب ڏيڻ بدران دستور موجب مرڪندي رهي. جواب هن کي هر ڳالهہ جو اچي ٿو پر وات ذريعي ٻئي تائين پهچائڻ ۾ هوءَ ايترو وقت لڳائيندي آهي جو تيسين يا تہ ان ڳالهہ جو ٽئي موضوع بدلجي ويندو آهي يا بس اچي ويندي آهي يا ڪلاس روم ۾ پروفيسر اچي ويندو آهي يا ٽي ويءَ تان خبرون شروع ٿي ويندي آهن ۽ ائميءَ جو جواب پاروٿو ٿي ويندو آهي يا تخليق ٿي ظاهر ٿيڻ کان اڳ مري ويندو آهي. پورچوگيز، اسپيني ۽ فرنيچ ڪالونين وارن آفريڪن شاگردن وانگر ائميءَ سان بہ ظلم آهي. يونيورسٽيءَ جي ۽ پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي بين الاقوامي زبان انگريزي آهي. جنهن ۾ ائمي صفا ڏڏ آهي. نتيجي ۾ انگريزيءَ ۾ ڪيل سوال جوجواب پهرين هوءَ پنهنجي مادي زبان ۾ سوچي ٿي. جيڪا آفريڪا جي سوين قبيلائي ٻولين مان ڪا هڪ آهي. پوءِ ان آفريڪي زبان جو فرينچ ۾ ترجمو ڪري ٿي جو پاڻ اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ فرينچ پڙهي آهي. ان بعد ان فرينچ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ٿي. هوءَ انگريزي پئرس ۾ اچي هڪ فرينچ ماستر کان سکي هئي ان کان علاوه هتي جي ڪورس شروع ٿيڻ کان ٿي مهينا اڳ هتي اچي هڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سئيڊش ماستر ڪان پڙ انگريزي سکي (جنهن حقيقت ۾ پهرين آيل انگريزيءَ جو به اڇو مٿو ڪري ڇڏيس.)

ائميءَ سان گڏ گهانا جي هلنڊڙ ائلس (Alice) جيڪا ائميءَ لاءِ انڊي جي لٽ جو ڪم ڏيندي آهي. انگريزيءَ ۾ چڱو ڀڙ آهي جو هڪ ته گهانا ۾ اسان وانگر انگريزي هلي ٿي ۽ ٻيو گهانا ۾ ايتريون ته آفريڪي ٻوليون عام مروج آهن جو گهانا وارا پنهنجو پاڻ ۾ به انگريزي ڳالهائين. ”اوپن مارڪيٽ ڪلي چڪي هوندي؟“ ائلس پڇيو.

”ها. پر ان لاءِ 17 نمبر بس هاڻ وئي آهي. اڄ موڪل ڪري ٻي بس ويهن منٽن بدران مني ڪلاڪ بعد ايندي. بهتر ٿيندو ته ڪنگس گاٽن واري بس اسٽاپ تان وڃي 17 نمبر بس وٺو.“ راحت ٻڌايس.

”توهان ڪونه ٿا هلو.“ ائلس پڇيو.

”اسان اڄ ٻئي هنڌ ٿا وڃون.“

ايتري ۾ 18 نمبر بس آئي اسان سان گڏ هي ٻئي پڻ چڙهيون. ٻيو نمبر اسٽاپ ڪنگس گاٽن جو هو. ڪيس ياد ڏياريوسين پر هو نه لهي سگهيون.

”نهيو اسين به توهان سان ئي هلون ٿيون.“ ائميءَ مس مس ڪو جملو ناهي وراڻيو.

”اسين ته ڊئنمارڪ پيا وڃون.“ مون ٻڌايومانس.

?”Realy“ ائميءَ تعجب ڪاڏو.

”ته هي جو مون توکان چوٽ ۾ پاسپورٽ جو چاچي لاءِ پڇيو. ۽ فيريءَ جي ٽڪيٽ فقط ڏهه ڪرونا آهي. ماڻهو هزارها خرچ ڪري ٻئي ملڪ ۾ ويندا آهن ۽ هتي فقط ڏهه ڪرونا _ يعني ڏيڍ آمريڪن ڊالر ۾ سئيڊن کان ڊئنمارڪ. ان بعد ڊڪار مان نڪرندڙ ڊيلي اخبار ۾ اها خبر اچي ويندي ته ائمي ڏيڍ ڊالر ۾ ڊئنمارڪ مان ٿي آئي.“

”۽ ڊئنمارڪ ڇو وئي ۽ ڪنهن سان وئي؟“ راحت کلندي پڇيو.

”يار هاڻ هن غريب سان چرچا نه ڪر. اهو ٿورو ئي اخبار ۾ ڇپائي ڪيس ذليل ڪبو ته هڪ پاڪستانيءَ سان گڏ ڊئنمارڪ مان سستي ڊبل روٽي وٺڻ وئي هئي. مون چيو.

ايتري ۾ بندرگاهه اچي ويو ۽ اسان بس مان لهي پياسين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هڪ پاڪستاني نوجوان

بندرگاهه ۾ هر نموني جي فيري ۽ هوور ڪرافٽ بيٺو هو. سستي واري فيري آخري نمبر تي هئي. ٽڪيٽن تي ويٺل عورت ٻڌايو ته هڪڙي صبح جو ساڍي اٺين وڃي چڪي آهي ۽ هاڻ ٻي ڪلاڪ کن بعد ساڍي ڏهين وينديءَ ۽ ان بعد ساڍي ٻارهين. ساڍي ٽين ۽ ساڍين ڇهين وينديءَ ۽ ساڳين وقتن تي سنڌن ٻي فيري ڊينمارڪ پاسي کان اچڻ لاءِ رواني ٿئي ٿي.

اسان ڏهه ڏهه ڪرونا ڏيئي ٽڪيٽ ورتي. اهو ملڪ جتي هڪ بس اسٽاپ کان ٻئي بس اسٽاپ جو ڀاڙو ٻه يارهن ڪرونا آهي. يعني صدر کان سعيد منزل تائين يا حيدرآباد جي پڪاڻ ڪالونيءَ کان ٻئراج ڪالونيءَ جو سرڪاري بس جو ڀاڙو چوئيتاليهه رپيا سمجهو اتي هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ، هيڏي وڏي پاٽيءَ جي پئسينجر جهاز (Ferry) ۾ ڏيڍ ڪلاڪ اوٽ ۽ ڏيڍ ڪلاڪ موٽ جي سفر جا فقط چاليهه رپيا ۽ اونهاري ۾ اچا ٻه گهٽجي پنج ڪرونا (يعني ويهه رپيا) ٿيڻ عجيب لڳي ٿو. پر اهي سستي ڀاڙي واريون سواريون، گهٽ اڳهه وارا دڪان، فقط اهي معلوم ڪري سگهن ٿا جيڪي هتي رهن ٿا. نه ته ڌارئين آيل مسافر کي ڪهڙي خبر. هو ته بندرگاهه جي منهن ۾ بيٺل هوور ڪرافٽ ۾ اوٽ موٽ جا اڍائي سؤ کن ڪرونا ڏيئي سفر ڪري ٿو. يا اهو هڪ ٻه ڏينهن هوٽل ۾ رهڻ وارو مسافر جڏهن هوٽل وارن کان پڇندو ته ڪيس هو وڏو ماڻهو سمجهي اوچي واري سواريءَ جو ٿي ٻڌائيندا. يا ان ڪري ٻه اوچي ۽ مهنگي سواريءَ جو ٻڌائيندا جو ان تي کين ٻه ڪميشن ملي ٿي. چاليهه رپئي واري سواري وارن جهازن جا مالڪ هوٽل جي مئنيجرن کي ڇا ڪيمشن ڏيندا. اهو ئي سبب آهي جو اسان جو هڪ سچاٽو همراهه جيڪو ٻه ڏينهن ڪوپن هيگن ۾ رهيو پر درياهه جي هن پار اسان وٽ مالموا اچي نه سگهيو ۽ بعد ۾ ڪراچيءَ مان وڃي خط لکيائين:

”يار اچڻ لاءِ دل ڏاڍو چيو پئي پر اڍائي سؤ ڪرونا ڀاڙو ڏئي پهچڻ مهنگو لڳو. هوٽل وارن کان معلوم ڪيم ته هنن جو ڪوپن هيگن (ڊينمارڪ) کان مالمو (سئيڊن) وڃي هلڻ لاءِ ان ئي سواريءَ جو ٻڌايو.“

هڪ دفعي سنگاپور جي هڪ هوٽل مئنيجر کي چيم:

”توهان يورپين يا آمريڪن کي پلي مهنگن دڪانن يا اوچين ٽئڪسين جو ٻڌايو جو

هنن وٽ پئسو آهي پر ايشيائي ملڪن جي ماڻهن کي ته سستا هنڌ ڳڻايو جنهن ۾ هنن جو پلو ٿئي."

"سائين اها ڳالهه ناهي. هڪ يورپين يا آمريڪن کي ڪنهن سستي ٽئڪسي، دڪان يا ماني کائڻ لاءِ ريسٽورنٽ جو ڳڻائي سگهجي ٿو پر هڪ ايشيائي همراهه کي نه. جو هو ان کي پنهنجي بي عزتي ٿو سمجهي. ڪيس ڪيسي ۾ پلي ڪجهه نه هجي. ڳوٺ ۾ سندس ٻار ٻچا زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن لاءِ به سڪي رهيا هجن پر پاڻ هر صورت ۾ پنهنجي لئه اتي يا هتي قائم رکڻ چاهي ٿو. پوءِ پلي ان لاءِ هو قرضي ٿي وڃي. يا ان خرچ لاءِ پئسو هٿ ڪرڻ لاءِ، پل هن کي چوري، رشوت يا ٻيو ڪو غير قانوني ڏنڌو يا غير اخلاقي ڪم ڪرڻو پوي."

مالمو جي بندرگاهه وٽ پهچي ڪئپٽن سليم چيو "ڊئنمارڪ هلي بئنڪ وغيره تان پئسا مٽائڻ بدران هتا سئيڊن مان Forex تان مٽائي هلون. بنگالي ڳڻائي رهيا هئا ته ائين صحيح رهي ٿو."

فيريءَ ۾ اچا وقت هوسو ڪئپٽن سليم اسان کان به سؤ سئيڊن جا ڪرونا وٺي مٽائڻ لاءِ ٻاهر نڪتو. تيسين اسان ڪنڌ وارين ڪرسين تي ويهي چوڌاري ايندڙ ويندڙ ٻيين مسافرن کي ڏسڻ لڳاسين ته ڪهڙي قسم جا ماڻهو ڊئنمارڪ ايندا ويندا رهن ٿا. گهڻي ڀاڱي هتي جا سئيڊش هئا جيڪي ٻارن سان موڪل ملهائڻ خاطر چڪر تي نڪتا هئا، يا چوڪرين جا ٽولا پنهنجين ساهيڙين سان گڏ هئا. يا ڪجهه ڇهڙا هئا جيڪي ڪم سانگي يا پنهنجن مائٽن مٽن سان ملڻ لاءِ نڪتا هئا جو هن پاسي هڪ ٻئي جي ملڪ ۾ اچڻ وڃڻ ائين سولو آهي جيئن پشاور جلال آباد (افغانستان) وٽ يا هيٺ ٿرپارڪر ۽ راجستان جي بارڊر وٽ مال چارڻ وارا ايندا آهن. شاديون مراديون به هڪ ٻئي سان عام جام ڪن ۽ تعليم لاءِ به هڪ ٻئي جي ملڪن ۾ ايندا ويندا رهن ٿا. بهرحال اهي ماڻهو ڊئنمارڪ ۾ اسان وانگر خريداريءَ جي مقصد سان نه وڃي رهيا هئا. جيڪي ان ڪم لاءِ وڃي رهيا هئا انهن جي هٿن ۾ خالي ٿيلها، ٻئگون ۽ ننڍيون ٽراليون هيون يا پلاسٽڪ جون ٿيلهيون سندن اوورڪوٽن جي کيسن مان ليئا پائي رهيون هيون ۽ اهي گهڻو ڪري ڏارين ملڪن جا هتي رهندڙ هئا. آفريڪن، عربن، پاڪستاني، هندستاني ۽ چين کي ته سندن رنگ ۽ منهن مهانڊي مان سڃاڻڻ سولو هو پر جيڪي سئيڊش ماڻهن جهڙا گورا هئا تن جي ڳالهائڻ جي لهجي يا افعالن ۽ ڪپڙن مان معلوم ٿي سگهيو ٿي ته هي پولينڊ، ايسٽ جرمني، البانيا يوگوسلاويا وغيره جا آهن. واپسيءَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تي انهن سيني جون خالي بئگون سيڏي سامان سان پرريل هيون ۽ فيريءَ جي ڪرسي يا ٽيبل هيٺان انهن کي رکڻ جي جاءِ نہ پئي ملي.

فيريءَ ۾ چڙهڻ لاءِ هڪ پاڪستاني نوجوان بہ نظر آيو. پر هپين وانگر سندس ڊگهن وارن جو جوڙو نهيل ڏسي اسان چيو تہ پڪ سک هوندو يا ڪو ہپيو. هونءَ رنگ اڇو هجيس ها ۽ قد ڊگهو تہ سندس افعالن مان کيس سئيڊش سمجهون ها جو وار ڊگها رکي چوٽيون ٺاهڻ يا ڪن ٽوپائڻ جهڙيون ترڙپايون اڄڪلهہ جي سئيڊش نوجوانن ۾ فئشن تي پيو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# لائيف جئڪيٽ ياد رکجو

هڪ عرب نموني جي فئملي آئي پر قدبت ۾ ڊگها ۽ رنگ ۾ ايترو ته صاف ڪير جهڙا هئا جو نوجوان زال مڙس ۽ انهن مان ڪنهن جي پوڙهي ماءُ ۽ سندن ٻارن جا ڳل سيءَ کان گلابي ٿي ويا هئا. راحت عزيز چيو ته عرب نٿا لڳن. ٿي سگهي ٿو ته يوگوسلاويه جا هجن جو ڪيترائي يوگوسلاويه جا مسلمان، اتي جي هنگامن کان پڇجي هتي سئيڊن ۾ سياسي پناهه وٺي رهيا آهن. بهرحال آهن مسلمان جو عورتن جي مٿي تي ٻوڪي (حجاب /روسري) ٻڌي پئي آهي.“

مسلمانن جي دنيا ۾ اهو خوب آهي ته ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ ٿائليند جي مسلمان عورت کان وٺي عرب دنيا ۽ آفريڪا ۽ روس جي مسلمان عورت چورس وڏي رومال کي ٽيڪو ڪري ان کي ائين ٻڌندي جيئن سڄو مٿو ڍڪجي وڃي ۽ اهو ڪپڙو بار بار هيٺ نه لهندو آهي.پر فقط پاڪستاني عورت آهي جيڪا سڪٽين وانگر پوتي (دوپٽو) اوڍي ٿي، جيڪو مٿي بدران ڳچيءَ ۾ لڙڪي ٿو ۽ جي مٿي تي آهي ته به بار بار هيٺ ڍرڪندو رهي ٿو يا اڌ گابرو مٿو ڍڪي ٿو. اها هڪ اهڙي ڳالهه آهي، جنهن کي مسلمان دنيا ۽ عرب جا ماڻهو گهٽ نگاهه سان ڏسن ٿا ته ان کي غير اسلامي طريقو سمجهن ٿا. هو اهوئي سوچين ٿا ۽ مٿي ڍڪڻ جو هي کهڙو اسلامي طريقو آهي. جيڪو پاڪستان ۾ رائج آهي.

فيريءَ ۾ ويهڻ لاءِ جيئن ئي ماڻهو اٿيا ته مٿين فئملي منهنجي پرسان هئي، ۽ مون کائنن سندن ملڪ جو پڇيو:

”عرب آهيو.“

”نه!“ همراهه نه ڪري، صحيح ٻڌائڻ بدران مونکي سوچڻ لاءِ وقت ڏنو.

”ترڪ؟ لبناني؟............ راحت چيس.

”نه. Any more guess“

”يوگوسلاوين؟“ مون چيو.

”نه.“

”چڱو ترس پلا هڪ ڀيو به نالو وٺڻ ڏي“ راحت عزيز مونکي چيو ته، هي يورپ جائي آهن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پر ملڪ جو نالو هن وقت دماغ ۾ نٿو اچي.

”البانيا؟ مون چيو.

”نه.“

”Ok you Tell us.“ (چڱو تون ئي هاڻ ٻڌاءِ.) اسان چيس.

”ڪرد آهيون.“

”توهان سان ملي خوشي ٿي. اسان به رات ئي توهان جون ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين ته عرب دنيا ۾ ڪرد تمام بهادر ۽ دلير قوم آهي. شايد ان بهادريءَ جي ڪري ئي انگريز ۽ يورپي خوش نه هئا ۽ ڪردستان کي هڪ طاقتور ملڪ ڏسڻ نه ٿي چاهيائون. ان ڪري، ويندي وقت ٽڪرو ترڪي حوالي، ٽڪرو شام ۽ عراق حوالي ۽ ٽڪرو ايران حوالي ڪري ويا. توهان جو ڪهڙي حصي سان تعلق آهي؟“

”اسين ترڪيءَ ۾ رهون ٿا. پر هاڻ هتي سياسي پناهه هيٺ آهيون. ٻه سال ٿيا ته ترڪيءَ مان ڀڄي هتي سئيڊن ۾ اچي رهيا آهيون. اجا هتي جي قوميت ۽ پاسپورٽ نه مليو آهي. ڪورٽ ۾ ڪيس هلي رهيو آهي. تيسين هتي جي حڪومت هتي رهڻ جي موڪل ڏني آهي ۽ مهيني سر سرڪاري ڀتو به ڏئي ٿي.“ هن ٻڌايو.

”پوءِ اڄڪلهه وقت سئيڊن وارن توهان کي رهڻ جي موڪل ڏني؟“ اسان پڇيس.

”نه ائين ڪڏهن به اچڻ نه ڏين. پولينڊ، جرمني ۽ ڊئنمارڪ کان ڦرندا ڦرندا، ننڍين ٻيڙين رستي سمنڊ اُڪري لڪي لڪي سئيڊن ۾ گهڙي پياسين ۽ هاڻ نٿا ڪڍي سگهن جيسين ڪورٽ ڪو فيصلو ڏئي.“

فيريءَ ۾ ويهڻ لاءِ ٽي چار وڏا هال هئا. هر هڪ ۾ پنجاهه کن مستطيل ٽيبلون رکيل هيون جن جي چوڌاري چارچار ڪرسيون هيون. اسان هڪ ئي ٽيبل تي ويهڻ چاهيو ٿي، جنهن لاءِ ڪابي پاسي دريءَ واري قطار جو هڪ ٽيبل ملي ويو ۽ سليم ۽ مون وڃي ان تي قبضو ڪيو ۽ خالي ڪرسيءَ مٿان ٿيلهو رکي ڇڏيو جيئن ان تي راحت عزيز ويهي سگهي جيڪو جهاز (فيريءَ) جي انجڻ، باٿ روم، ڊيوٽي فري شاپ ۽ ريسٽورنٽ جو جائزو وٺي ڏهن پندرهن منٽن بعد پهتو ئي مس ته فيري هلڻ لڳي. هن اچڻ سان مٿان سنهن ڪٻٽن ۾ رکيل لائيف جئڪيٽن ڏي اشارو ڪري چيو:

بس ڳڻو اهو ياد رکجو ته جهاز ٻڏڻ مهل لائيف جئڪيٽ مٿان ڪٽڻي آهي. هاڻ پلي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سمهي سگهو ٿا.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ماڻهو ولايت ۾ ڇا لاءِ رهي ٿو؟

مون ٽيبل جي تعريف ڪندي چيو: ”آئينده ڊئنمارڪ هلبو ته يونيورسٽيءَ ڪان مليل هوم ورڪ يا Assignment گهر ۾ ڪرڻ بدران هتي ڪٽي اچبي. ڪم به ٿي ويندو ۽ وقت به گذري ويندو.“

”يا خط ويهي لکبا يا ڪو رسالو مئگزين پڙهڻ لاءِ ڪٽي اچبو.“ راحت چيو.

”آپ پاڪستاني هين؟“ اسان کي زور زور سان اڙدوءَ ۾ ڳالهائيندو ڏسي اسان جي پويان ويٺل همراهه پڇيو. مڙي ڏٺم ته اهوئي ڇوٽين ڀڌل نوجوان هو جنهن کي ڪجهه دير اڳ فيريءَ لاءِ انتظار ڪندي ڏٺو هئوسين.

”ها. توهان ڪير آهيو؟“ سليم ڪانئس پڇيو.

”آئون به پاڪستاني آهيان.“

”پوءِ اچي اسان سان گڏ ويهه. ايڏانهن اڪيلو ويهڻ ڪان هتي خبر چار ڪندا رهنداسين.“ راحت کيس گڏ ويهڻ لاءِ چيو ۽ هو اڳهين ڪو آتو هو. پاڻ سان آندل بنهي ٿيلهن ۾ هٿ وجهي اچي اسان واري ٽيبل تي ويٺو. ٿيلها رکڻ سان، هڪڙي مان شيشي جي بوتلن جو آواز آيو. سليم کلي چيس:

”ڊئنمارڪ ڏي هر ڪو خالي ٿيلها کڻيو پيو وڃي. پر توهان پريل، خير ۾ ڪنيا آهن؟“

”آئون دراصل نزنس ڪندو آهيان. هتان سامان کڻي اوڏانهن وڪڻندو آهيا.“ هن ٻڌايو.

”موڪل واري ڏينهن تي شايد توهان اسٽال هڻنداآهيو؟“ مون پڇيو. ڪيترا پاڪستاني مڪاني ماڻهن سان گڏ، موڪل واري ڏينهن تي، رستن تي ٽيبل رکي ڪجهه نه ڪجهه سامان وڪڻندا آهن. خاص ڪري پاڪستان يا سنگاپور، دبئي، هانگ ڪانگ ڪان آندل سستو سامان ڪجهه فائدي تي وڪڻندا آهن.

”نه نه. دڪان نه اٿم. ڪميشن تي ڪئسٽ وڪڻندو آهيان. هانگ ڪانگ، تائيوان مان سستا گهرائي پوءِ هتي ڏهين ڪروني (ڇاليهه رپئي) وڪڻندو آهيان ۽ اهڙي طرح في ڪئسٽ تي اڌو اڌ فائدو ٿئيم. ڪڏهن ته ٻارهين تيرهين ۾ به وڪٽي ڇڏيندو آهيان. مڙيئي سؤ ڏيڍ سؤ ڪرونا روز ڪمائي وٺان. نوڪري ي ٽوڪري آهي. اها ڪانه ڪريان. سو سرڪار

طرفان ٽي چار هزار ڪرونا بيروزگاريءَ جو پيتو ملي ٿو ٻيو هيءَ ڪمائي. موج لڳي پئي آهي.“

سندس عمر پنجٽيهه، چاليهه سال کن ٿيندي ته نالو محبوب ٻڌايائين.

”هتي ــ يعني سئيڊن ۾ مونکي پندرهن سال ٿي ويا آهن پرهونءَ هن پاسي ويهن سالن کان آهيان. شروعاتي ڪجهه سال ڊئنمارڪ، فنلئنڊ ۽ پولينڊ ۾ رهيس.“

”تنهن جي معنيٰ تون ننڍي عمر ۾ ئي هن پاسي کان اچي نڪتين.“

”ها. آئون پندرهن سورهن سالن کن جو هوس ته ڊئنمارڪ ۾ آيس.“

”ڪيئن آئين؟“ مون پڇيومانس.

”ڊئنمارڪ ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ رهي ٿو. اجا به آهي ۽ بس هلائي ٿو. هن مونکي هيڏانهن گهرايو. ٽي مهينا کن رهيس پرڪم نه ٿي سگهيو. يعني وڌيڪ رهڻ جي ويزا نه ملي سگهي. گهٽو ئي لڪيس پر جهلجي پيس ۽ واپس وطن وڃڻو پيو. وڌيڪ ضد ڪيان ها ته وڏي ڀاءُ کي به ڪڍي ڇڏين ها جو هن جي ضمي تي ڊئنمارڪ آيو هوس.“

”پوءِ؟“

”پوءِ...... ها پوءِ...... ترسو سگريٽ دکايان ته سڄي اسٽوري ٻڌايانوَ ٿو.“

پاڻ اسان کي به سگريٽ آفرڪيائين. پر اسان مان ڪوبه سموڪر ناهي. سو ڪيس مهرباني چئيسين.

”يار آئون ته بيئر شيئر جو به شوق ڪندو آهيان. آخر ماڻهو والايت ۾ ڇو تو رهي.“

”تون پلي شوق ڪر ۽ ڪجهه کاڻو پيڻو هجي ته پلي ڪاءُ به. اسان جو فڪر نه ڪر. اسان هاڻ چڱيءَ طرح نيرن پاٽي ڪري گهران نڪتا آهيون.“ اسان ٻڌايس.

”تڏهن به ڪافي چانهه هلندي؟“

”نه ان جي به ضرورت ناهي. تون پلي پيءُ.“

سو پاڻ سگريٽ دکائي، سامهون اسٽال تان بيئر وٺي آيو.

”هتي بيئر مهنگو آهي ڏهه ڪرونا بوتل. آئون ڊئنمارڪ مان وٺي ايندو آهيان ڪڏهن تو ٻرڪ ڪڏهن ڪو بيو. فقط ڇهن ڪرورنا ۾ ملي ٿو ۽ خالي بوتل ڏيڻ سان ڏيڍ ڪرونا اجا به گهٽ ڪن ٿا. سئيڊن ۾ ته خالي بوتل کي ڪو پڇي ڪونه ٿو. هي ڏسو ٽيهه کن خالي بوتلون ڪٺيو پيو وڃان. هڪ پاڪستانيءَ جي دڪان تان وٺندو آهيان. پنهنجو گرائين به آهي ته يار به آهي، توهان هلندؤ ته توهان کي به زوريءَ ڪجهه پيئڻ لاءِ چوندو. شراب نه ته

چانهه، ڪافي ڪوڪا ڪولا. نه ته هنن ملڪن ۾ ته ڪو نلڪيءَ پاڻيءَ لاءِ به نٿو پڇي. پٽ پيءُ کي پيءُ پٽ کي نٿو پڇي. ايمان سان.“ ائين چئي هو ٺهڪ ڏيڻ لڳو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هتي ڪيئن آئين؟

”تون اهو ٻڌاءِ تہ هتي ڪيئن آئين؟“ راحت ياد ڏياريس.

”ها سچي اها ڳالھ اڌ ۾ رهجي وئي. سو پهرين دفعي ڪم نہ ٿيو ۽ موٽي لاهور هليو ويس. ۽ پوءِ ڇهہ مهينا رکي هڪ ايجنٽ جي معرفت سڌو فنلئنڊ ۾ آيس ۽ اتي جي فنس ڇوڪريءَ سان شادي ڪيم ۽ سال ڪن اتي ئي رهيو پيو هوس. مزو نہ آيو سو زال سان گڏ هتي سئيڊن ۾ هليو آيس.“

”ڇا زال بہ هن وقت توسان گڏ آهي؟“ راحت پڇيس، شايد اهو سوچي جو جنهن وقت هو فيريءَ لاءِ آيو هو تہ هڪ عورت سان ڳالهائي رهيو هو. جنهن لاءِ مون بہ سمجهيو تہ سندس زال هوندي. پر ان عورت لاءِ پوءِ بعد ۾ ٻڌايائين تہ هو ان سان ”دلپشوري“ ڪري رهيو هو. وقت پاس ڪرڻ لاءِ. بهرحال ان فنلئنڊ واري زال کي گار ڏئي ٻڌايائين:

”بس پوءِ هتي اچي هڪ ٻئي کي ڇڏي ڏنوسين.“ هن اهڙي اسٽائيل سان چيو جڻ لهڻ وارو بس اسٽاپ تي بس کي ڇڏي ڏجي يا بس مسافر کي لاهي ڇڏي.

”ڇئبو تہ اُن سان اِن لاءِ شادي ڪئي جيئن هتي رهي سگهجي.“ اسان چيس.

”هتي رهڻ جو اهوئي طريقو آهي. ٻين فلاڻن فلاڻن پاڪستانين بہ شروع ۾ ائين ڪيو.“ هن ٻيئر جو وڏو ڍڪ پريو.

”پوءِ هن فنلئنڊ واري زال سان ملاقات نہ ٿي؟“ اسان پڇيس.

”ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي آهي. هن ڪنهن ٻئي سان شادي ڪئي آهي. مون وري پوءِ پولينڊ جي هڪ ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. ان مان ڌيءَ بہ اٿم. هي ڏسو ان جي تصوير.“ هن پرس ۾ لڳل سندس زال ۽ ڌيءَ جي تصوير ڏيکاري جيڪا اٺن نون سالن جي ٿيندي.

”هي گذريل سال جي تصوير آهي. ڏهن سالن جي ٿيندي.“

”بس هڪ ئي ٻار اٿئي؟“

”ها بس. ان کانپوءِ اسان هڪ ٻئي کي ڇڏي ڏنو.“ هن ٻڌايو.

”ويري سئڊ.“ اسان افسوس جو اظهار ڪيو.

”نہ پارٽنر. هتي تہ ائين ٿيندو رهي ٿو. هنن ملڪن ۾ اها هڪ عام ڳالھ آهي. هن

حراميءَ مون سان ٻونگ ڪري مڙيئي شادي ڪئي هئي، جيئن سئيڊن ۾ رهي سگهي، ڇو ته ان وقت تائين مونکي هتي جو پاسپورٽ ۽ قوميت ملي چڪي هئي. مون سان شادي ڪرڻ بعد ڪيس جڏهن سئيڊن ۾ رهڻ جي اجازت ملي ته آهستي آهستي نخرو ڪرڻ لڳي ته هي به ڪپيم هو به ڪپيم. هن کي هن جون پيون ساهيڙيون ڇيرا وجهنديون هيون ته سندن مڙس ته هي به کين آٽي ڏين ٿا ته هو به. مون ته ڇيومانس ايترو آئون ڪٿان آٽيندس. توهان کي مان ڇا ٻڌايان هن پاسي جون عورتون وڏيون........ آهن. اسان کي هو گهٽ ذات ايشيائي سمجهن ٿيون ۽ اسان سان ته ڪڏهن به وفادار ٿي، هلي نه سگهنديون.“ هن ٻڌايو.

”صحيح آهي.“ راحت هن جي ڳالهه جي تصديق ڪري مونکان اکين جي اشاري سان داد گهُريو. ان ئي قسم جي ڳالهه لاءِ جنهن بابت صبح جو هاسٽل مان نڪرندي اسان جو بحث ٿيو هو. پاڻ ٻڌايو هئائين ته يورپي ڇوڪريون ڪڏهن به ڪنهن ايشيائيءَ سان گڏ رهي نه سگهنديون ۽ پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ ته مهيني ٻن کان مٿي رهي نه سگهنديون.

”نه اهڙو ته ڪو سائنسي سبب نه آهي جو ان کي حقيقت ڇئجي.“ مون ڇيومانس، ”رهي به سگهن ٿيون. آئون ڪيترا پاڪستاني ملئي، انڊين سنڌي، ڇيني ۽ سنگاپوري سڃاڻان جن جون زالون انگليند، آمريڪا، يورپ جون آهن ۽ هو ٺيڪ ٺاڪ رهي رهيون آهن. پاڪستان جي وڏن شهرن ۾ ته ڇا اسان جي ڳوٺ جي ڪيترن جون زالون جپاني، آئرش، آمريڪن ۽ برٽش آهن جيڪي هالا جهڙي ڳوٺ ۾ به رهن پيون. دراصل مرد تي منحصر آهي ته هن ڪهڙي قسم جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي ۽ منجهن ڪيتري قدر سمجهداري آهي.“

”اسان جي جهاز تي هڪ مصري عرب انجنيئر هو.“ راحت ٻڌايو. ”هن ڊئنمارڪ مان شادي ڪئي. ڪيس ان زال مان هڪ ڌيءَ به ٿي. ان بعد زال مڙس جو جهيڙو ٿي پيو ۽ هن زال کي ڪڍي ڇڏيو. ٻن سالن بعد مصري همراهه جي جهاز جو ڊئنمارڪ اچڻ جو پروگرام ٿيو. هن ڇيو ته ڪيس سندس ڌيءَ سان ملڻ جو ايڏو شوق هو جو جيئن ئي رات جو جهاز لڳو ته ان ئي وقت پنهنجي طلاق شده زال وٽ پهتو ۽ ڌيءَ کي ڏسڻ آيو آهيان. هن مٿان ئي ڇيس ته ڇا هي وقت آهي ٻئي کي ڊسٽرپ ڪرڻ جو. جنهن پيرين آيو آهين انهيءَ هليو وڃ. هاڻ طلاق بعد ڪهڙو واسطو رهيو اٿئي. سو اهڙيون آهن يورپي عورتون.“

”بهرحال اها ته هڪ طرفي مصريءَ جي واتان ڳالهه ٻڌي هن سان همدردي ٿيڻ لازمي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آهي، پر ڪو فيصلو قائم ڪرڻ لاءِ ٻي ڌر جي به ته ڳالهه ٻڌجي. هونءَ هتي جي ماحول موجب عورت ۽ مرد جا برابر حق آهن. جيڪا ڳالهه اسان ايشيائي ماڻهو اجا تائين ذهني طرح قبول نٿا ڪريون. ۽ نه وري اسان جي پاسي جون ايشيائي ۽ آفريڪي عورتون ويندي جپان ۽ روسي عورتون پنهنجا حق مڃرائي سگهيون آهن. ويتر اسان وٽ ايڪاناميڪلي طاقت صحيح طرح نه ورهائجڻ ڪري مرد اهوئي سمجهي ٿو ته عورت هڪ ٻانهي آهي. هن کي حڪم جوبندو ٿي هلڻ ڪپي. مرد پلي شراب، جوا ۽ اجايو خرچ ڪندو وتي، اخلاق توڙي مذهبي طرح سندس ڏيوالو نڪتل هجي ته به هو پنهنجو پاڻ کي گهر جو بي تاج بادشاهه سمجهي ٿو ۽ پوءِ ان تصور سان اسان جي هيرو جو هتي جو هيروئنن سان ٽڪر ٿئي ٿو ته ڪيس ڳالهه ڳري لڳي ٿي. خير ائين ته سڙا خراب ماڻهو جتي ڪٿي آهن هتي جون عورتون خراب آهن ته پاڪستان ۽ ٻين ملڪن ۾ پڻ سڻين سان گڏ خراب به هونديون. ٿورو يا گهڻو اسان جي ايشيائي عورت، هر ڏک درد قدرت طرفان پنهنجونصيب لکيل سمجهي مڙس جو موچڙي مار کي به اکين تي رکي صبرسان وقت ڪاٽي ٿي. پر هن پاسي جي عورت برابري چاهي ٿي. هوءَ يڪدم چئي ڏيندس ته You Son of a Gun تون ڪو آسمان ته نه لٿو آهيان جو جيئن توکي وڻي ائين ڪر. سڌو ٿي هل نه ته منهنجي زندگيءَ خراب نه ڪر. آئون به پنهنجو رستو ٿي وٺانءِ.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# بس طلاق ٿي سمجھو

ان وقت راحت وڏيڪ بحث نہ ڪيو هو. پرھاڻ جڏهن محبوب هتي جي عورتن خلاف ڳالهايو تہ هن اکين جي اشاري سان مونکي اهو ٻڌائڻ چاهيو ٿي تہ ڏس هي بہ ائين پيو چوي نہ.

مون کيس آهستي ”Gigo“ چيو. جيڪو ڪمپيوٽر جي هڪ ٽرم Garbage in Garbage out تان ڪنيو اٿئون ۽ ٻئاڪي ماڻهن لاءِ استعمال ڪندا آهيون. يعني محبوب جون ڳالهيون ائين ئي آهن منجهن ڪابہ گهرائي ناهي. منهنجي ان سگنل کي سمجهي راحت يڪدم ”اها ڳالھ آهي“ چئي مون کي Response ڏنو.

محبوب ان وچ ۾ بيئر جا هڪ بہ وڏا ڍڪ ڀري سگريٽ دُکايو. ”بس هاڻ سوچيم اٿم تہ پاڪستان مان وڃي شادي ڪري ايندس.“

”يلا اها پوليند واري زال اجڪلھ ڪٿي آهي؟“ اسان پڇيس.

”هتي ئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڏيءَ کي ڏسڻ لاءِ ويندو آهيان. کيس بلڊ پريشرٿي پيو آهي. انڪري ڪڏهن ڪڏهن وٺي دانهون ڪندي آهي.“ محبوب هن جي دانهن جي نقل ڪري، ٿهڪ ڏيڻ لڳو ”پاڳل آهي......“ هن گار ڏني.

”پوءِ نہ وڃيس.“ اسان چيس.

”آئون تہ نہ وڃانس پر وري پاڻ ئي فون ڪندي آهي تہ اچ. اچ مون تولاءِ هي پچايو آهي يا چوندي تہ تنهنجي ڏيءَ توکي ياد پئي ڪري. يا چوندي اچ ۽ اچي هتي ئي سمھ.“

”طلاق ٿي وئي اٿاوَ يا رڳو علحدگي؟“ اسان پڇيس.

”بس طلاق ٿي سمجھو. هتي شادي بہ ائين ٿيندي آهي تہ طلاق بہ ائين ٿي. هتي نہ ڪو قاضي، مولوي ملون آهيءِ نہ ان جي ضرورت پوندي آهي.“

”اهڙي تہ ڳالھ ناهي. هتي تہ ترڪي، پاڪستاني ۽ مصر پاسي جا ڪيترائي عالم دين ۽ مولوي پيا هلن.“ اسان چيس.

”پر حڪومت ان کي ضروري نٿي سمجهي ڪهڙو جوڙو شادي شده آهي ڪهڙو غير شادي شده. جيڪي زالون الڳ رهن ٿيون انهن کي سرڪار مهيني تي خرچ پکو ڏئي ٿي ۽

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي ٻار اتي تہ اچا بہ گهٽ ڏٺي ٿي. سو هيءَ اسان واري جوءِ بہ سرڪارمان ڪڍيو ويٺي آهي تہ مون مان بہ هينئر بہ ٻہ هزار ڪرونا ڏنامانس. جيڪي ڪمايان ٿو اهو خرچ ڪريو ڇڏيان. هڪ نہ ٻئي سال ورلڊ ٽوئر تي بہ ويندو آهيان. هينئر نيويارڪ مان ٿي آيس. جيڪو "من هٽا" مان ٿي آيو اهو ڇڻ پاس ٿي ويو. دنيا ۾ خطرناڪ شهر آهي."

"من هٽا نہ، پر مئن هٽن" سليم درستي ڪئي. "اتي ٽوليءَ ۾ نڪرڻ ڪپي."

"توهان آمريڪا ڏٺو آهي؟" هاڻ هن ڀيريون دفعو اسان بابت معلوم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. اسان کيس ٻڌايو تہ اسين جهازن جا ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر ٿي رهيا آهيون ۽ دنيا جا ڪيترائي شهر ڏٺا اٿئون.

"آمريڪا واپا رلاءِ ڏاڍو سٺو آهي. مونکي شئنل فائو جي عطر جو نقل ملي ويو ۽ هتي پنجين پنجين ڊالرن جو وڪيم. اتان فقط ڊالر جو وٺي آيس. سنگاپور بہ سٺو شهر آهي پر "جوبهارو" صفا گندو آهي. اتي ملئي ماڻهو پنن تي پت رکي کائين ٿا."

"جوبهارو نہ "جوهوربارو" ۽ اهي ملئي نہ پر ڏکڻ هندستان جا تامل آهن. انهن جو ڪلچر ۽ رسم رواج اهوئي آهي. اسان ٻڌايس.

"يار توهان منهنجي گهر ضرور ماني کائڻ لاءِ اچو. آئون توهان کي پنهنجي زال ۽ ٻين ساهيڙين سان بہ ملائيندس. مونکي خوشي ٿيندي توهان اچو."

"پر اسان کي ڪهڙي خبر تہ تنهنجي ائڊريس ڇا آهي."

پوءِ اسان کان پيپن وٺي ائڊريس لکڻ لڳو. پنج ڇهہ منٽن ۾ پنهنجو نالو مس لکيائين. جنهن مان لڳو تہ کيس لکڻ ڪونہ ٿو اچي ۽ پوءِ پنهنجو شناختي ڪارڊ اسان کي ائڊريس لکڻ لاءِ ڏنائين. "يار توهان منهنجي ضرور ماني کائڻ لاءِ اچجو." هن چيو.

"مهرباني. ہہ سال هتي آهيون ڪڏهن واندڪائي ملي تہ اچي نڪرنداسين." راحت چيس.

"آئون پلاٻيو بيئر وٺي اچان؟" هن پڇيو.

"پلي.........." اسان وراڻيس.

"پرمون وٽ ڪُلا پئسا نہ آهن هڪ ويهہ ڪرونا اڌارا ڏيندؤ."

اسان هڪ ٻئي جو منهن ڏسڻ لڳاسين. اسان ۾ سڀ کان وڏيڪ شريف ماڻهو سليم قاسم ڪان رهيو نہ ٿيو. پرس مان ويهہ ڪرونا ڪڍي ڏنائينس. جيڪي وٺي بيئر خريد ڪرڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

لاڳاپيو.

”وڏو ڪو ٻتاڪو آهي. هتڙ ۾ ليپس ڪجهه نه رکو گشا. جوٽس کي به پاڻ بکون ماريون هونداڻين تڏهن هن لتون هٽي ڪڍيو اٿس. هاڻ اهي ويهه ڪرونا هونئن ئي ڪونه ملندا، جو بي بوتل پيئڻ بعد رهيل هوش به هليا ويندس. ڪوپن هيگن پهچي چا اڏار قبوليندو. پر اهو آهي ته ويهن ڪرونائن ۾ جان چٽي. هاڻ اڏار موٽائڻ جي ڊپ کان پاڻ ئي غائب ٿي ويندو. نه ته هن ڪمبل مان سولي جان نه ڇٽي ها.“ سليم چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# عرب ۾ سستي مارڪيٽ گهوليندا وتن

ڪالهه آچر جو ڏينهن هو. صبح ساڻ سستي سامان جي مارڪيٽ ۾ ويٺو هو جيڪا جبرالٽر گاٽن جي بس اسٽاپ وٽ آهي. رات سمهڻ مهل ڪئپٽن سليم، راحت عزيز ۽ علويءَ سان اوڏانهن هلڻ جو پروگرام ٺاهيو هئوسين. ”صبح جو ذرا جلدي نڪرنداسين. جيئن نائين کان اڳ هتان هاسٽل مان روانا ٿي وڃون.“ علويءَ هڪ ڏينهن اڳهين سيني کي چتاءُ ڏنو.

”ٽَو لڳي اٺن منٽن تي هڪ بس پنهنجي اسٽاپ وٽان هلي ٿي، ان ۾ هلڻ جي ڪوشش ڪبي.“ ڪئپٽن سليم چيو ”نه ته پوءِ ٻي بس ٽَو لڳي چوٽيهه منٽن تي هلندي.“

هتي ڇنڇر آچر کان علاوه باقي ڏينهن تي بسون ڏهن کان پندرهن منٽن جي وقفي تي هلن پر آچر ڏينهن گهٽ ماڻهو هجڻ ڪري اڌ ڪلاڪ کن جو وقفو ٿئي. پر هر بس، هر اسٽاپ تي، هر ڏينهن، مقرر وقت تي پهچي، ۽ هر بس اسٽاپ تي، بس جو وقت لکيل هوندو آهي. وقت جي ايڏي پابنديءَ تي بسن جو پهچڻ ۽ هلڻ انگلينڊ، آمريڪا ۽ جپان ۾ به نه هوندو. ٿي سگهي ٿو هنن جي ايتري پابندي قائم رکڻ ۾ ان ڳالهه جو به هٿ آهي ته عوام تمام گهٽ آهي. بسن جي سهوليت ڪري، جن کي ڪارون آهن، اهي به بسن ۾ سواري ڪن ٿا. انڪري ٽرئفڪ جام ٿئي ئي ڪانه، ۽ ڊرائيور ان حساب سان بس کي ٿورو آهستي يا تکو ڪري، وقت تي بس اسٽاپ تي اچيو پهچائي. ڪراچي، رنگون، بئنڪاڪ، بمبئي، ڪلڪتي ۽ ڍاڪا جهڙن شهرن ۾، موت وانگر ڪنهن کي خبر ئي ناهي ته، هڪ اسٽاپ ڇڏڻ بعد، اها بس ٻي اسٽاپ تائين پهرين پهچندي به سهي! ٿي سگهي ٿو حادثي ۾، ڪنهن گوڙ گهمسان هڙتال ۾، رستي تي ئي ان کي ساڙيو ٻاريو يا اغوا ڪيو وڃي.

پاڪستان جي هن وقت آدمشماري 120 ملين آهي يعني ٻارهن ڪروڙ. هن کان اڳ ۾ ملائيشيا ۾ هوس، جيڪو ملڪ پکيڙ ۾ تقريباً پاڪستان جيترو آهي پر سندس آدمشماري ويهه ملين يعني ٻه ڪروڙ هجڻ ڪري ي تعجب لڳندو ته، ڪيتري گهٽ آهي ۽ هاڻ هتي سئيڊن ۾ ان کان به گهٽ آدمشماري نه فقط عجب جي ڳالهه آهي پر گهٽڻ مسئلن جو حل پڻ آهي. سئيڊن به پاڪستان جيڏو آهي پر، سندس آدمشماري فقط اسي لک آهي. ان کان وڌيڪ ماڻهو ته اسان جي فقط هڪ شهر ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا. سو دنيا جي ڪيترن ملڪن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي ترقيءَ جو راز سندن آدمشماريءَ ۾ آهي. بنگلاديش جو هتي رهندڙ هڪ همراهه چوندو آهي:

”سئيڊن حڪومت حوالي، فقط هڪ شهر ڪراچيءَ، ڍاڪا يا بمبئي، فقط هڪ سال لاءِ ڪري ڇڏيو ته وايون بتال تي وڃنس.“

بهرحال ٽوڪيو اوسلو هيلسنڪي ۽ اسٽاڪ هوم وانگر مالمو پڻ دنيا جو مهنگو ترين شهر آهي جتي بقول اسان جي هڪ ڪلُيگ آصف غيور جي (جيڪو ٻه سال اڳ هتان ايم ايس سي ڪري ويو)، ”سئيڊن جي ڪنهن شهر ۾ ونڊو شاپنگ ڪندي به ڏپ ٿو لڳي.“ پر اهڙن مهنگن شهرن ۾ به ڪٿي ڪٿي اهڙا هنڌ (ڪراچي جي ڪوڙي گارڊن ۽ موتن داس مارڪيٽ وانگر) آهن جتي جون شيون وني، هڪ يا ٻه هفتا نه پر يڪا ٻه سال آرام سان گذريو وڃن. هونءَ ته هي ملڪ اهڙا آهن جتي سعودي عرب جا عرب (جيڪي امير ترين چئي سگهجن ٿا ۽ پنهنجي ملڪ توڙي سنگاپور، ڪراچي، بمبئي جهڙن شهرن ۾ وڏي لئه سان پيا هلن.) اهي به هتي جهڙا غريب ۽ وائڙا وائڙا. وتن اسان جهڙن سان گڏ ڦرندا ۽ سستيون بازاريون ڳوليندا. هنن مارڪيٽن ۾ سستيون شيون ضرور ملن ٿيون پر ائين ناهي ته جنهن شيءِ جي ضرورت هجي اهائي ملي وڃي. جيئن پهرين ئي لکي آيو آهيان ته هتي جا ماڻهو اڪثر گهر بدلائڻ وقت پنهنجو سمورو سامان قلن مٽ ۾ ڪٽيو ڇڏين. ان ڪان علاوه هتي طلاقن جو تعداد به تمام گهڻو آهي ۽ نوان نوان جوڙا شادي ڪري، شوق مان نيون شيون وٺندا. ڪجهه ڏينهن / هفتن بعد رُسندا، طلاق ٿيندي ۽ گهر جو سمورو سامان وڪڻي پئسا اڌو اڌ ڪندا. جيئن ڪتابن ۽ اسٽيشنري وارو ڪپڙي جو دڪان کولڻ چاهي ٿو يا ڪپڙي جو دڪاندار جاين جي ايجنسي کولڻ چاهي ٿو پوءِ سندس دڪان جو سامان اهڙي مارڪيٽ ۾ ڪٺي اچي ٽيبل تي ڍير ڪندو آهي ۽ ڪافي سستي اگهه ۾ نيڪال ڪندو آهي. هيءَ مارڪيٽ فقط آچر ڏينهن هلي، سو به صبح جونائين بجي کان منجهند جو ٽين بجي تائين. پوءِ اسان جهڙا ضرورت جي سامان جي ڊگهي لسٽ پٽونءَ ۾ وجهي، هر آچر تي انهن شين جي ڳولا ۾ هوندا آهيون. ڪجهه ديرسان سهي پر سستي اگهه تي ملي ويندي آهي. جيئن ڪالهه تائين منهنجي لسٽ ۾ مهيني کن کان هي شيون درج ٿيل هيون:

1. ٿرماس.

2. پنچ مشين (ڪاغذ ۾ سوراخ ڪرڻ لاءِ. هتي جي فائيلن ۾ ڪاغذ وجهڻ لاءِ چار

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سوراخ ڪرڻا پون ٿا. جن جون مشينون ڪجھ وڏيون آهن ۽ هڪ ئي وقت چار سوراخ ڪن ٿيون)

3. وال ڪلاڪ.
4. بٽڻ ۽ سئي سڳو.
5. ٽوسٽر.
6. ڪپڙا ٽنگڻ لاءِ پلاسٽڪ جون ٽنگڻيون.
7. ليڪچر ٽيپ ڪرڻ لاءِ ننڍو ٽيپ رڪارڊر.
8. پلاسٽڪ جوخانن واري ٽري جنهن ۾ پنا رکجن.
9. تور جي مشين (Weighing _ Scale).
10. فيلڊ ٽرپ تي وڃڻ لاءِ ڦيٿن واري ننڍي بئگ.
11. ڪمپيوٽر جا ڊسڪيٽ رکڻ لاءِ باڪس، وغيره وغيره.

پوءِ اهي ضرورت جي سامان جون لسٽون هلڻ مهل بين ڪي پڙهائيندا آهيون. تہ جيئن سامان جي ڍير ۾، ڪنهن ڪي بہ ٻئي جي شيءِ نظر اچي تہ ان ڪي سڏ ڪري. سامان ٽيبلن جي مٿان ۽ هيٺ رکيل هوندو آهي ۽ اهڙا سؤ ڏيڍ سؤ ڪن ٽيبل هوندا آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# نيرن مسئلو ناهي

صبح جو سوير ئي منهنجي اک کلي. چنچر ۽ آچر ڏينهن ميس بند هوندي آهي ۽ سيني شاگردن کي ماني پاڻ ناهڻي پوندي آهي. چانهه ناهي دريءَ وٽ ويهي پيئڻ لڳس. صبح جا ست ڪن ٿي ويا هئا پر رستا خالي ئي خالي نظر اچي رهيا هئا. سئيڊن جي آدمشماري گهٽ هجڻ ڪري جتي ڪٿي گهٽ ماڻهو نظر اچن ٿا. ويتر سخت سيءَ ۽ موڪل واري ڏينهن تي ته ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نظر اچي ٿو. رڪي رڪي هن شهر مالمو جي سائي رنگ جي بس گذري ٿي يا ڪو ڪار وارو. سياري ۾ نوڙها ٿي ويل، ناسپاتين ۽ صوفن جي وڻن ۾ هاڻ نوان نوان پن ڦٽڻ شروع ٿيا هئا. هتي فل بهار جي موسم ايندڙ مهيني مئي، جون ۽ جولاءِ ۾ ٿئي. ان بعد وري سخت سيارو شروع ٿئي. هتي جو بهار، موسم جي لحاظ کان جهڙو سنڌ جو سيارو پر ساوڪ ۽ گل ڦلن کان خوب رنگين ٿئي ٿو. سامهون ناسپاتيءَ جي وڻ تي به مئنا جهڙا پکي (پر سندن کنين جو رنگ اڇو ۽ ڪارو آهي) ڏهاڙي جي Routine جيان صبح کان هينان ڪک پن چونڊي پنهنجي آکيري کي وڏو ڪري رهيا هئا. چار ڪن ڳيرا پٽ تي ٻولي رهيا هئا ۽ رڪي رڪي ڇهنب سان زمين ڪوٽي ڪو ڪينئون ياڪو داڻو ڪاڏائون ٿي. هتي جا ڳيرا، ڪبوتر توڙي ڪانگ ۽ ٻيا پکي پنهنجين سرڻين جيڏا وڏا ۽ ٿلها متارا ٿين ٿا. سندن جسم تي گهاٽا ڪنپ، ڪين هتي جي سرديءَ کان بچاءُ ڏين ٿا. ڪڏهن ڪاٿو ٽيمپريچر ۾ وسندڙ برف ۽ ٿڌي هوا ۾ سڄي رات پنن بنا وڻن تي هنن پکين کي ننڊون ڪندو ڏسي تعجب لڳندو آهي ۽ اها هنن پکين جي ايتري ئي ڏکي زندگي آهي جيتري اسان وٽ اونهاري جي ڇٽ ۽ چاليهي ۾. گذريل سال جي سخت گرميءَ ۾ جيڪب آباد، سبي پاسي ڪيترا پکي اُڏامندا مري ويا هئا.

بهرحال هتي جي ٿلهن ڳيرن، ڪبوترن کي اونهاري ۾ شاهه پنجو سلطان يا بادهم، بوبڪ هلي چڏجي ته ان ئي وقت گذاري وجن. ساڳي طرح سوپوديرو ۽ سانڏاڻ جا پکي سياري ۾ سئيڊن پهچڻ سان جيڪر سرڳواسي ٿي وڃن.

مون جلدي جلدي چانهه جو ٻيو ڪوپ ناهيو ۽ رب جا شڪر بجا آندا ته اڄا وقت پيو آهي ٻيو ڪوپ به نصيب ٿي ويو. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته خالي پيٽ تي نيرانو چانهه نه پيئجي. بلڪل صحيح چون ٿا. نه فقط اسان جي ڳوٺ هالا جي ڊاڪٽر خير محمد ۽ ڊاڪٽر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

يوسف جو چوڻ آهي پرهتي جا بہ ڊاڪٽر اهوئي چون ٿا. پر خالي پيٽ تي چانهہ پيئڻ جو نشو ئي ٻيو آهي. هڪ هتي جو دوست ڊاڪٽر جيڪو بيئر گهٽو پيئندو آهي تنهن پڻ اها ڳالهہ ڪئي.

”تون خالي پيٽ تي بيئر پي ماني پوءِ ڇو کائيندو آهين؟“ مون ڪانئس هڪ ڏينهن پڇيو.

”It gives me a Kick ائين سرور تو ملي. نشو تو ملي.“ هن چيو.

ڪلندي وراڻيومانس، ”اسان جهڙن مستري ۽ اديبن کي وري خالي پيٽ تي چانهہ اها Kick تي ڏئي.“

ٻيو ڪوپ چانهہ جو پي ويٺي Naval _ Architect جا انگي حساب ڪيم تہ اتي علوي اڌ گابرو تيار ٿيل ڪمري ۾ گهڙي آيو. (اڌ تيار ٿيل معنيٰ ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪوٽ مٿان اوورڪوٽ، مفلر ۽ ڪوهہ قاف جي ڪنهن جن جو ڇڏيل غيباتي توپ پائي اجا Snow _ man نہ ٿيو هو.)

”يار هي ڇا وينو ڪرين؟ هلڻو ناهي ڇا؟“ هن پڇيو.

”ها. بلڪل هلبو. اجا تہ ڪلاڪ پيو آهي“ مون پڇيو.

”تہ پوءِ تيار ٿي. هي موڪل واري ڏينهن يونيورسٽيءَ جو ڪم ڪرڻ جي بدسوٽي ڇو ٿو ڪرين.“

”آخر ڪرڻو تہ آهي نہ.“ وراڻيومانس.

”پر موڪل تہ آرام لاءِ ٿي ملي. باقي يونيورسٽيءَ وارا پنج ڏينهن ڇا جي لاءِ آهن؟“ علوي پڇيو.

”اخبارن ۽ رسالن لاءِ مضمون لکڻ لاءِ.“ ڪلندي وراڻيومانس.

پاڻ بہ وڏو ٽهڪ ڏنائين: ”يونيورسٽيءَ کي تو چڱيءَ طرح سجاتو آهي. چڱو جلدي نيرن ڪر تہ پوءِ ٿورو جلدي ڪٽي نڪرون.“

پنج ڏهہ منٽن ۾ تيار ٿيس. مون لاءِ نيرن ڪڏهن بہ مسئلو نہ رهي آهي. ڳهل ڪرڻ جي همت ۽ موڊ هوندي تہ آمليٽ بيضو زندهہ باد ۽ اها وڏي ۾ وڏي عياشي ٿي، نہ تہ ٿيون ڪوپ چانهہ جو ناهي منجهس ڊبل روٽي ٻوڙي کائيندي، چاليهہ پنجيتاليهہ سال گذري ويا آهن.

جلدي جلدي چانهہ ناهي نيرن ڪيم تہ ڪيپٽن سليم ۽ راحت عزيز جا بہ ٻاهر آواز ٻڌڻ ۾ آيا. سڀ سوڙهن جهڙن ڪوٽن، مفلر، ٽوپن ۾ شاديءَ جا ڳرا ويڙهيل هنڌ بستر لڳي رهيا هئا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

دريءَ جي ٻاهران لڳايل ٿرماميٽر ۾ ٽمپريچر ڏنم چار ڊگريون ڏيکاري رهيو هو. جلدي جلدي سئيٽر مٿان سئيٽر ۽ ڪوٽ مان ڪوٽ چاڙهي آئون ۽ انهن جهڙو هڪ ٽي ويس ۾ بس اسٽاپ ڏي هلڻ لڳاسين. رستي تي علوي ڪجهه ڳالهائڻ جي ڪئي. شايد ڪجهه پڇڻ ٿي چاهيائين پر سندس لفظ ٻه چڙ وات مان نڪرڻ بعد برف ٿيو ٿي ويا ۽ ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو. سخت ٿڌ ۾ وات کولڻ سان جيڪا ٻاڦ نڪرندي آهي رڳو اهائي نظر پئي آئي. ڪو جملو سمجهه ۾ آيو ٻه ٿي ته هر ڪنهن پڪائي ڪري جواب نٿي ڏنو. هھڙي سيءَ ۾ ٿڌي هوا ۾ گهڻو وات کولڻ معنيٰ نمونيا جو جهٽڪو لڳڻ.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڇمڙو ڇو سستو آهي؟

خريداريءَ جي ڊگھي لسٽ مان ڇگھيون شيون ملي ويون پر اهم شيءِ سئي ڌاڳو نه پئي مليو. ۽ هر ان عورت ۽ مرد ڪان اشارن سان يا ڊرائينگ سان سئي جو پڇيم ٿي، جنهن پنهنجي گھر جو سامان وڪيو ٿي. سئيڊن ۾ عام طرح سندن سئيڊش زبان ئي هلي ٿي جيڪا ايترو ئي گھڻو انگريزيءَ سان ملي ٿي جيترو ڪٽي ڇڇجي ته اڙدو يا سنڌي عربيءَ سان يا پارسيءَ سان ملي ٿي. پشتو جرمن ۽ روسي زبانن وانگر هتي جي زبان جو اُچار ڏکيو ڏکيو ۽ کهري نموني جو آهي. هتي پهچڻ ڪان اڳهين اهو سوچيو هوم ته سئيڊن پهچي هتي جي زبان سکڻ تي مغز ماري نه ڪندس جيئن بنگالي جپاني ۽ ملئي زبانون خاص طور ۽ ڪجھ ٻيون زبانون ٿوريون گھڻيون سکڻ جي ڪوشش ڪئي هيم. جيستائين ان ملڪ ۽ قوم سان واسطو رهي ٿو ته زبان ياد رهي ٿي پوءِ وقت سان گڏ آهستي آهستي وسريو وڃي. بنگالي ۽ جپاني ته هاڻ ڇگھيءَ طرح ڳالهائي نٿي سگھجي. پر ملئي به آهستي آهستي وسرڻ لڳي آهي. اهو به ڇگھو جو يونيورسٽيءَ ۾ چار ڪن ملئي ۽ به انڊونيشي شاگرد آهن جن سان ملئي ۾ ڳالھ ٻولھ ٿئي ٿي ۽ بنگالين سان ٿورو گھڻو بنگالي ڳالهائڻ لڳو آهيان. پر سئيڊش سکڻ لاءِ ان جي ڊڪشنري به نه پڇائي اٿم. پر ڪڏهن ڪڏهن اهڙن موقعن تي سئي سڀي جهڙن لفظن جي سئيڊش زبان معلوم ڪرڻي پوي ٿي.

مونکي ڪيترن دڪانن تان سُئيءَ جو معلوم ڪندو ڏسي هڪ هتي جي رهاڪو فلپينو منهنجي پاران دڪاندار کي سُئيءَ جو پڇيو ۽ پوءِ مونکي انگريزيءَ ۾ ٻڌايو ته سئي هتان نه ملي سگھندي. پاڻ وڏيڪ ٻڌايائين ته هوءَ فلپين جي آهي پر سندس مڙس سئيڊن جو آهي ۽ اٺ ڏهه سالن ڪان سئيڊن جي هن شهر مالمو ۾ رهي ٿي.

”ڇگھو پلا سُئيءَ جو سئڊش لفظ ٻڌاءِ ته آئيندي اهو وٺي پڇايان.“

”Noel نوئل.“ هن ٻڌايو ۽ پني تي لکي به ڏنو.

”ڇگھو هاڻ ڇُتئين. پاڻهي هٿ ڪندس.“ وراڻيومانس.

”يار سُئي جي اهڙي کهڙي ضرورت آهي. پاپي جڏهن ڳوٺان اچي ته ڪيس لکجانءِ ته ڪڻي اچي.“ علويءَ چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”ان جي اڇڻ ۾ اڃا مهينو ڏيڊ آهي. منهنجي ڪوٽ جو مٿيون ٻيڙو ڇڄي پيو آهي ۽ سيءَ ۾ حالت خراب ٿي ٿئي.“ مون ڪين ڪوٽ جو ڇنل ٻيڙو ڪيسي مان ڪڍي ڏيکاريو.

”منهنجي خيال ۾ قاضي حميد وٽ سُئي هوندي.“ علويءَ چيو.

”ڇو هن درزڪو دڪان کوليو آهي ڇا؟“ مون پڇيو.

”انگلينڊ جي هوٽلن ۾ رهڻ واري کي سُئي سڳي جو پاڪيٽ ڏيندا آهن. هو ٽي ڏينهن لنڊن ۾ رهي، ٽيون ڏينهن آيو آهي.“ هن ٻڌايو.

ان بعد اسان باقي بچيل هٽڙن جي قطار ڏسڻ ۾ لڳي وياسين. هڪ هنڌ اڇي ۽ ڪاري ڌاڳي جا ريل هئا پر سُئي نه هئي. نلهو ريل، سستو سستو ته به پنج ڪرونا يعني ويهين رپئي وڪيائين ٿي. ٽاول چادر ڪان رومال ڌاڳو _ هر اها شيءِ جيڪا ڪاٽن جي آهي هنن Scandinavian ملڪن ۾ مهنگي آهي. ٻارهوئي ٿڌ ۽ برف باري ڪري هتي ڪپهه جي پوک ته نه ٿئي پر ڪپهه مان شيون ناهڻ جون فيڪٽريون به نه آهن جيئن جپان، انگلينڊ ۾ آهن. جيڪي پاڪستان ۽ مصر جهڙن ملڪن کان ڪپهه ڌاڳو يا بافتي جهڙو سادو ڪپڙو وٺي ان کي بهتر جنس جو ٺاهي مهنگو ڪري يو وڪڻن ٿا. سو سئيڊن ۾ Volvo ڪار کان بوفر بندوقون (جنهن راجيو گانڌي کي سياسي مار ڏني) ته سستيون (۽ ڪميشن تي) ملي سگهن ٿيون. پر ڪاٽن جي شيءِ نه. ان ڌاڳن واري کان وري سُئي جو پڇي رهيو هوس ته ڀرين واري فلپين عورت به اتفاق سان ان دڪان تي اچي بيٺي.

”ڇو اڃا سُئي نه ملي؟“ هن پڇيو.

”بنهه اميد نظر نٿي اچي.“ وراٽيومانس.

”مون وٽ سُيون سوين پيون آهن پر آئون پري رهان ٿي. تون ليزا کي سڃاڻين؟“

”ڪير آهي؟“ مون پڇيو.

”هوءَ سيڪنڊيبيئر جي فلپينو شاگرد آهي ۽ توهان سان گڏ هينرڪ سمٿ هاسٽل ۾ رهي ٿي.“ هن ٻڌايو.

ميس ۾ بس ۾ به چار فلپين، ٿائيلينڊ ۽ڪوريا پاسي جون ڇوڪريون نظر ته ايندیون آهن تي سگهي ٿو ته انهن مان هڪ ليزا به هجي.“

ها هوءَ پنجين ماڙ تي ڪمري نمبر 517 ۾ رهي ٿي ۽ ويڪ اينڊ (ڇنڇر آچر) تي مون وٽ ايندي آهي. ڪالهه به تي وئي آهي. هاڻ ٻئي ڇنڇر تي گهر ايندي ته تولاءِ سُيون

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

موڪليندس.“

پوري ٻارهين بجي ڏاري ڪئپٽن سليم قاسم سگنل ڏنو ته هاڻ نڪرڻ کپي ۽ بس اسٽاپ تي هلي سوا ٻارهين واري بس جو انتظار ڪجي نه ته ٻي بس هڪ بجي ڏاري ايندي. اسان پنهنجي خريداريءَ جون ٿيلهيون کڻي ان چورس هال وري مارڪيٽ مان ٻاهر نڪتاسين. سئيڊن جي رواج موجب خريداريءَ لاءِ پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ماڻهو پنهنجي گهران ڪوٽن جي کيسي ۾ وجهي نڪرندا آهن جو هتي جي سپر مارڪيٽ مان هزار رپين کن جو سيڊو وٺ ته به ٿيلهين ۾ نه وجهي ڏيندا. پنهنجين آندل ٿيلهين ۾ سامان وجهي کڻو يا وري هڪ هڪ ڪرونا (چئين چئين رپئي) واريون ٿيلهيون وٺي سامان ان ۾ وجهو.

راحت عزيز پنهنجو خريد ڪيل سامان هڪ اڍائي فوٽ کن وڏي بئگ ۾ وجهي هلڻ لڳو.

”خير ۾. ڪيڏانهن ٻئي شهر ڏو وڃين ڇا؟“ مون پڇيومانس.

”مون گهران پلاسٽڪ جون ٿيلهيون آنديون ڪونه هيون. ڪجهه ٽانوَ اسٽيشنري ۽ ٻيو سامان ورتم جنهن لاءِ ٽي چار ٿيلهيون وٺيون پيون ٿي ۽ چار پنج ڪرونا خرچ اچي ها ان کان هيءَ سيڪنڊ هئنڊ بئگ ڏهين ڪروني ۾ ملي وئي. سو ان ۾ فائدو سمجهي ورتم.“ هن پنهنجو لاڄڪ ٻڌايو جيڪو سيني کي وڻيو ته ٿوري سامان لاءِ اهڙي بئگ هڪ شهر کان ٻئي شهر تعليمي ٽوئر تي وڃڻ لاءِ کپي ٿي ۽ اسان پاڪستان کان جن بئگن ۾ سامان آندو آهي اهي بيحد وڏيون _ ڪنگ سائيز آهن ۽ راحت ٻاڳ وارو آهي جو خبر ناهي کهڙي نياڳي جوڙي جي طلاق ۾ ڪيس اهڙي سستي بئگ ملي ويئي نه ته ڪاٽن جي شين کان به وڌيڪ مهنگيون چمڙي جون شيون آهن. پوءِ چاهي بوٽ ۽ پرس هجن يا بئگون ۽ بيلٽ. ان ڪري ته ڪراچيءَ ۾ صدر ڪوآپريٽو مارڪيٽ ۾ هن پاسي جي گورن انگريزن جي چمڙي جي جئڪيٽن، بئگن ۽ ٽوپين پنيان ڏمر هوندي آهي.

ان ڏينهن خبر ناهي اسان پاڪستانين مان ئي ڪنهن پڇيو: ”پاڻ وٽ چمڙي جون شيون سستيون ڇو آهن.“

ڪئپٽن عاشق اهڙي موقعي تي ڪلندي چرچي جي انداز ۾ جواب ڏنو:

”ان ڪري جو پاڻ مسلمان آهيون. ان ڪري پنهنجي ملڪ جي ته ڍڳي مينهن ڪايو چٽ ڪريو ڇڏيون، پر انڊيا جا وهٽ به هيڏانهن ڇڪي ڪايو ڇڏيون. ۽ پوءِ ظاهر آهي باقي بچن ٿيون انهن جون کلون. تان کي سُڪايو بوٽ، بئگون، بيلٽ ٺاهيو وڃا آهن.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هڪ بجي ڌاري هاسٽل ۾ پهتاسين ته پنهنجي ڪمري ۾ پهچڻ سان هيٽر جو سئچ آن ڪري چانهه لاءِ پاڻي رکي گرم ڪپڙا لاٿم. سيءَ ۾ هلڻ ڪري نيرن تي ڪاڌل ٻه روٽيءَ جا سلائيس ڪڏهن ڪا هضم ٿي ويا هئا. هاڻ چانهه پي منجهند لاءِ ڪجهه سوچڻ لڳس.

ڀاڄيون ۽ ميوا فقط ڇنڇر ڏينهن اوپن مارڪيٽ ۾ سستا ملندا آهن جيڪا هتي جي جمعي بازار آهي. دور دراز ڳوٺن کان هتي جا رهاڪو سئيڊن ۽ پولينڊ ۽ ٻين ملڪن کان لڏي آيل، هاري ناري ۽ باغائي پنهنجي زمين يور ۾ پوکيل ڀاڄي ميوا ڪٽي اچي پٽ تي ويهندا آهن. جن کان سياٽا ۽ اسان جهڙا گهٽ پئسي وارا هتي جا رهاڪو سڄي هفتي جي ڀاڄي ۽ فروٽ وٺندا آهن. پئسي وارا ته ڪنهن وقت ۽ ڪٿان به وٺي سگهن ٿا.

مون ڪجهه رڌڻ لاءِ فرج کولي جائزو ورتو. ڊبل روٽي، پنير، بيضا ۽ کير پيو هو. اڄڪلهه بصر جي داڳ تي رڌل شيءِ کائڻ تي دل چئي رهي هئي. مهيني کن پاڻ وٽ يا ميس ۾ اوباريل ڀاڄيون کائي اڄ چٽائي تي رهي هئي. چلهي جي هيٺان وارو خانو کولي ڏٺم، فقط ٽي بصر جون ڳنڍيون هيون. ٽي بصر جون ڳنڍيون هن ملڪ ۾ وڏي ڳالهه آهي جتي بصر، پٽاٽن ۽ صوفن جو ساڳيو اگهه ڏهه ڪرونا (چاليهه رپيا) سير آهي. بصر جو داڳ ڪري ان ۾ چا رڌي سگهجي ٿو. بيضائي آهن پر ڪا خاص Choice ته ناهي. پر بيضا ته هفتي جا پنج ئي ڏينهن، ميس ۾ نيرن تي ملن ٿا ۽ ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته چاليهه سالن جي عمر کان پوءِ هفتي ۾ ٽي بيضا کائڻ به گهڻا آهن ۽ اڄ وري بيضو کائڻ معنيٰ چهون بيضو کائڻ. صبح جو سوير اٿڻ ڪري ننڊ نه اچي رهي هئي. پر پڪ هيم ته خالي پيٽ تي ننڊ نه ايندي فقط ڦٿڪندو رهندس. پٽاٽا وٺڻ لاءِ ڪئپٽن سليم وٽ پهتس، جيڪو گذريل ڏينهن (ڇنڇر تي) هڪ سير بصر ۽ هڪ سير پٽاٽا وٺي آيو هو.

”يار مانيءَ جو ڇا ٿو ڪرين؟“ مون پڇيومانس.

”بس يار آهي اهو به روز جو مسئلو. خاص ڪري ڇنڇر آچر. ٻين ڏينهن تي گهٽ ۾ گهٽ نيرن ۽ رات جي ماني تي ميس ۾ نهيل نڪيل مليو وڃي.“

”ڇڱو ٻه يا ٽي پٽاٽا ڪڍاڻ ٿو. ايندڙ ڇنڇر تي اوپن مارڪيٽ مان آئون ڀاڄي وٺي ايندس ته ڏيندو ساڻ.“ مون سليم کي چيو ۽ سليم ٽڪ جو اظهار ڪري چادر تاڻي چيو:

مون کلندي چيومانس، ”ڇئبو ته اها اوڌر سروس چارج ۾ لٽ پٽ ٿي.“

سليم رڌ پچاءُ جي معاملي ۾ مون کان به سست آهي. مون هائوڪار ڪري ويهي پٽاٽا

ڪنيا ۽ ٻاهر نڪرڻ وقت چيومانس، ”هاڻ سمهي نہ رهجانءِ. ٿوري دير ويهي جاڳ، ۽ ريڊيو ٻڌ يا دعا ڪر تہ الله مونکي همت ڏئي جو ٻوڙ ڪائڻ لائق ئي رڌي سگهانءِ ۽ نہ هارڻ لائق.“

پٽاٽا ڪٽي ڪمري ۾ پهتس ۽ بصرن سان گڏ ڌوتم. ”گورن جي ملڪ ۾ هرشيءِ مهنگي آهي پر هر شيءِ جو هنن معيار تمام اوچو رکيو آهي. پيزن ۽ مڪئي جي سنگن کان بصر پٽاٽن تائين هتي جي هر شيءِ صاف ستري، بهترين ۽ سوادي آهي.“ مون بصرن ۽ پٽاٽن کي غور سان ڏسندي دل ئي دل ۾ سوچيو.

ايتري ۾ در تي ڪڙڪو ٿيو.

”ابا ڪير؟“ قاضي آهين ڇا؟“

”يار مين هون.“ ٻاهر راحت عزيز هو.

”توکي بہ پٽاٽا اڏارا ڪپن؟“ مون پڇيومانس.

”ها. مونکي بہ اهوئي هن وقت مسئلو اڳيان هو پر في الحال پاڻ سيني جو مسئلو قدرت طرفان حل ٿي ويو آهي.“ راحت چيو.

”ڪيئن؟“ مون پڇيو مانس.

”جوهر صاحب منهنجي ڪمري ۾ وينو آهي. صبح کان پاڻ کي ڳولي رهيو هو. هو پاڻ کي مانيءَ لاءِ وني هلڻ ٿوچاهي. هڪ ٻن ٻين دوستن کي بہ گهرايو اٿس.“

”بلڪل صحيح وقت تي آيو آهي. سڏ ڪر هن ٽئين درويش ڪئپٽن سليم بہ تہ هلي، متان سمهي نہ رهي.“ مون پٽاٽا بصر چلڻ بند ڪري ٻئي چنچر آچر لاءِ واپس ڪبٽ ۾ رکي ڇڏيا.

سئيڊن جي هن شهر مالمو ۾ رهندڙ ڪجهہ پاڪستانين مان جوهر زمان بہ هڪ آهي، جيڪو ڪافي عرصي کان فئملي سان هتي رهي ٿو ۽ سئيڊن جو پاسپورٽ اٿس ۽ هاڻ هتي جو ئي شهري سڏائي ٿو.

جوهر 1951ع ۾ پشاور ۾ ڄائو. سندس والد صاحب ميجر شير زمان خان ختڪ شروع کان آرمي ۾ رهيو. جنهنڪري جوهر کي پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ رهڻ جو موقعو مليو. پاڻ مئٽرڪ لاهور مان ڪيائين ۽ انٽر ڪراچي بورڊ مان. ان بعد بي اي (آنرس) ۽ ايم اي (ايڪانامڪس) سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين.

”سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم دوران ڪجهہ سنگتي ساٿي يا استاد صاحب جيڪي هينئر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٻه ياد هجنوَ؟“ مون ڪانئس پڇيو هو.

”سنجراڻي صاحب جو پٽ عزيز سنجراڻي منهنجو ڪلاس ميٽ ۽ سٺو دوست هو. آئون سندس ڳوٺ ۾ ويندو هوس ۽ هتي اچڻ بعد به ڪجهه سال خط و ڪتابت رهي، پر پوءِ هرڪو عمر وڏي ٿيڻ سان پنهنجن مشغولين ۾ بزي ٿيو وڃي. پر اجا به مونکي هو ياد آهي. اسان ڪجهه عرصو سول لائينس ۾ رهنداهئاسين ۽ قاضي عابد ۽ قاضي اڪبر جي ٻارن سان عليڪ سليڪ هئي. ان بعد لطيف آباد ۾ شفٽ ٿي وياسين. هن وقت مونکي چڱيءَ طرح ياد ناهي ته ڪهڙي هنڌ گهر هو پر قمر زمان شاهه صاحب جي بنگلي پرسان هو. استادن ۾ علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ جو پراڻو پروفيسر شوڪت عباس ياد اٿم ۽ ماهتاب چنه جن.“

”هتي سئيڊن ۾ ڪڏهن آيائو؟“

”سن 1975ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي ڪرڻ بعد آئون سڌو سئيڊن هليو آيس. منهنجيون ٻه ماسيون سئيڊن جي ٻي نمبر وڏي شهر گوٿابرگ ۾ رهنديون هيون ۽ وڏو پاءُ گوهر زمان به هتي ئي هو ان ڪري مونکي هيڏانهن اچڻ ۽ Settle ٿيڻ ۾ ڪا خاص درپيش نه آئي هئي.“

جو هر زمان ڪراچيءَ مان شادي ڪئي ۽ سندس زال نفسيه (جيڪا پڻ ٽيچر رهي چڪي آهي) جو وڏي ڀيڻ بلقيس طاهره اڄڪلهه ڪورنگي جي پي. اي. ايف اسڪول جي پرنسپال آهي. جوهر کي پنج ٻار آهن: زينت نون سالن کن جي ٿيندي ان بعد حسن، عاليه، دانيال ۽ آخر ۾ ڇهن مهينن کن جو محسن ٿيندو. جهنججي ڄمڻ تي هتي جي اخبار ۾ آيو هو ته جوهر زمان کي سئيڊن ۾ سڀ کان گهڻا ٻار آهن ۽ جنهن جو مختصر ذڪر شروع ۾ ڪري آيو آهيان.

جوهر چيو ”اوورڪوٽ وغيره نه ڪڍو جو در تان ڪٽي هلائوَ ٿو وري اتي ئي ڇڏي ويندو سانوَ.“

اسان جي هاسٽل کان سندس گهر جو رستو سڌوئي سڌو آهي. رستي تي اسان کيس ٻڌايو ته مهيني ٻن بعد اسان جون فئمليون اچڻيون آهن ۽ عارضي طرح هولما (Holma) ۾ ايم ڪي بي جا فليٽ بڪ ڪرايا اٿئون. هولما جو علائقو مالموجي وچ شهر کان ڇهه ست ميل پري ذڪڻ ۾ آهي ۽ ائين آهي جيئن ڪراچيءَ جي ڏوراجي سوسائٽي يا مسلم آباد يا حيدرآباد جي سٽيزن سوسائٽي. منجهس ايم ڪي بي وارن جا ڪيترائي فليٽ آهن جن ۾

گھڻو ڪري فارينر رهن ٿا. ايم ڪي بي ائين آهي جيئن ڊفينس سوسائٽي يا ميونسپل جو ادارو جيڪي سرڪاري يا نيم سرڪاري طرح فليٽ ٺهرائي پوءِ مسواڙ تي ڏين يا وڪڻن ٿا.

جوهر چيو: ”بهتر ٿيندو ته هولما بدران ڪنهن ٻئي هنڌ تي وٺو جتي يونيورسٽيءَ ڪي اچا ويجهو هجو ۽ پنهنجي ملڪ يا ايراني، بنگالي، انڊين، ملئي همراهن جي پاڙي ۾ رهڻ بدران سئيڊن جي ماڻهن واري محلي ۾ رهو ته اهو تجربو رهندو.

”يلا فرنيچر وارو فليٽ وٺجي يا بنا فرنيچر جي وٺي پوءِ فرنيچر پنهنجو خريد ڪجي؟“ مون جوهر کان پڇيو.

”بهتر ٿيندو بنا فرنيچر وارو گھر وٺو اهو سستو پوندو. باقي فرنيچر ۽ ٿانوَ ٿپا عام جام پيا وڪامن. آچر جي اخبار ڪٽي ڏسندؤ ته ڪيترين ئي فئمليون پيون لڏين پلاٽين ۽ وڃڻ وقت ڦلن مٺ ۾ سامان وڪڻن ٿا. پر جي توهان کي جلدي نه ملي سگھيو ته پلنگ بستر، ٽيبل ڪرسيون في الحال آئون ڏيندو سانوَ. ٿانوَ به مون وٽ ڪيترائي فالتو پيا آهن. توهان کان اڳ ۾ ظهير بابر ۽ آصف وارن به اهي استعمال ڪيا هئا. ٿانوَ ڪو گسن ته ڪونه ٿا.“

سئيڊن ۾ اچڻ بعد جوهر پهرين دڪان کوليو پر پوءِ دڪان بند ڪري هاڻ نيڪي جا ڪم ڪٽي ٿو. ڪٽي رستو ٺهرائڻ آهي، عمارت جي مرمت ڪرائڻي آهي، گاڏي وٺڻي ۽ وڪڻڻي آهي، بلڊنگ جي صفائي ڪرائڻي آهي ته جوهر کي تجربو به آهي ته ماڻهو به آهن جن ذريعي مختلف هنڌن تي مختلف ڪم ڪرائيندو رهي ٿو.

”دڪان مان مونکي گھڻو فائدو نه پئي ٿيو ۽ هر وقت پابند رهڻو پيو ٿئي،“ جوهر ٻڌايو. ”پر هنن ڪمن ۾ فائدو به آهي ته آزادي به. دراصل اڄڪلهه سٺي ڪمائي Services وڪڻڻ ۾ آهي. ڪنهن کي گھر جا نلڪا ٺهرائڻا آهن يا اليڪٽرڪ جي فٽنگ ڪرڻي آهي ته آئون حساب لڳائي ڪيس اُڪو ٻڌائيندو آهيان پوءِ انهن پئسن مان سامان به وٺان. پلمبر يا اليڪٽريشن به وٺي اچان ان بعد به ڪافي پڇيم.“

”پوءِ ماڻهو توکي ڪئين ڳولي لهن؟“ ڪئپٽن سليم پڇيس.

”آئون هر آچر تي ۽ هفتي جي هڪ ٻن ڏينهن تي اخبار ۾ اشتهار ڏيندو آهيان. به فون گھر ۾ اتم ۽ هڪ گاڏيءَ ۾. گھر فون اچن ته نفيسه (زال) نوٽ ڪندي آهي ۽ گاڏيءَ ۾ آئون. پوءِ انهن ماڻهن سان ملي ڪائنڻ ڪم جي نوعيت پڇي پنهنجو اگھ ٻڌائيندو آهيان.“

جوهر پاڻ تي ماڙ تي مسواڙ جي فليٽ ۾ رهي ٿو ۽ سندس گھر جيڪو هيٺ متي آهي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اهو بن فئملين کي مسواڙ تي ڏنو اٿس. رستي تي هن اهو گهر به ڏيکاريو جنهن جو هيئيون مسواڙي ايندڙ مهيني ۾ خالي ڪري رهيو آهي ۽ ان بعد ڪجهه مرمت ڪرائڻ بعد جوهر پاڻ ان ۾ شفٽ ٿيڻ چاهي ٿو.

”آئون فليٽ ٽن مهينن بعد ڇڏيندس. تيسين به مهينا مون وارو هيئيون گهر خالي رهندو. توهان مان ڪنهن کي اهي ٻه مهينا جا ءِ کپي ته بنا مسواڙ جي رهي سگهي ٿو.“ جوهر اسان کي چيو. سندس اهي ڳالهيون هتي ايندڙ هر پاڪستاني ساراهي ٿو. 1985ع کان وٺي فقط هن يونيورسٽيءَ ۾ جيڪي آيا آهن انهن سيني جي وات تي مالمو جي هن جوهر زمان جو نالو آهي يا مسعود ۽ ممنون جو. (جن جو ذڪر ڪنهن ٻئي هنڌ تي ڪبو.) پاڪستاني ته هتي ٻيا به گهٽائي آهن پر مٿين ٽن همراهن جي تعريف جا ڍڪ هر اهو پاڪستاني پري ٿو جيڪو هتان سئيڊن جي هن شهر مالمو مان ٿي وڃي ٿو. عيد نماز لاءِ مسجد تائين وٺي هلڻ ۽ واپس ڇڏڻ لاءِ به هنن کي فون ڪندا آهيون ته ملڪ وڃڻ لاءِ اڱوات اڏار تي ٽڪيٽ وٺرائي ڏيڻ لاءِ به هنن کي چوندا آهيون. هتي آيل هر پاڪستانيءَ جي هرڪم ۾ سچي دل سان مدد ڪرڻ ۾ هنن نيڪ انسانن جو جواب ناهي.

جوهر جو فليٽ ٽي ماڙ تي آهي. فليٽ ۾ گهڙڻ سان جڻ سئيڊن پنٽي رهجي ويو. پاڪستان جي ڪنهن شهر جي ڪنهن پاڙي ۾ اچي ويا هجون. ولايت ۾ به پاڪستانين جو گهر نگاهه، خوشبوءِ ۽ آواز مان پڌرو لڳندو. گهر ۾ چوڏاري نظر ڪبي ته مختلف سائيزن جا ننڍا وڏا ٻيبي سائيز غاليچا نظر ايندا. ڀتين تي سڄي ڪٽنب جا گروپ فوٽو ٽي وي، ريڊيو ۽ بخاريءَ مٿان براس ۽ اونئڪس پٿر جون شيون. اهو ته ٿيو ڏسڻ سان. سونگهڻ مان پاڪستانيءَ جو گهر ائين لڳندو جو مرچ مسالن جي سڙڻ جي ڌپ ايندي ۽ خاص ڪري توهان مهمان ٿي پيا وڃو ته توهان جي خاطر جيڪي به ڊش ٺهندا اهي تر تران وارا. جن ۾ بصر جو داڳ پيو ٿيندو، سائو مرچ گرم تيل جي ڪڙهيءَ ۾ پيو ڦٽڪندو ۽ ٽين چلهه تان مٿين سوين جي چاش ۽ مکڻ جي خوشبوءِ پئي ايندي. ان کان علاوه انڊيا، پاڪستان جي آچارن، سوپارين، ٻارهن مسالن وارن پانن جي رنگارنگ خوشبوءِ پئي ايندي. ان سون تي سهاڳ اهو ته هڪ ٻه اگر بتي پئي ٻرندي.

آوازن ۾ ائين پاڪستاني گهر لڳندو ته وقتو ٻي وقتو وي سي آر پيو هلندو ۽ انڊين فلم يا پاڪستاني ٽي وي ڊراموفل آواز تي پيو هلندو. ٽي وي جي ان آواز جي بئڪ گرائونڊ ۾ رکي

رکي ٻارن جون دانهون، ڪنهن جي ڪرڻ جو آواز يا ڪنهن ٿانَ ڀڄڻ جو آواز پيو ايندو. ۽ اهڙي طرح ماحول ۾ اسان بلڪل هوملي محسوس ڪندا آهيون.

ٿوري دير بعد جوهر جو پيو مهمان شبير نالي ٻه ٻارن سان چي ويو. شبير مالمو ۾ ٽئڪسي هلائي ٿو ۽ ڪيس سئيڊن ۾ رهي ڏهن سالن کان ٻه مٿي ٿي ويو آهي. شبير جي اچڻ سان اسان مانيءَ لاءِ اٿياسين ۽ ٽي وي‌ءَ تي وي سي آر ذريعي هلندڙ ڪمال جي پاڪستاني فلم ”انسان اور گدها“ ڏسڻ بند ڪري بوريچيخاني ۾ رکيل ٽيبل جي چوڌاري اچي ويٺاسين.

مانيءَ ۾ نفيسه ڀاڀيءَ تمام گهڻوڪٽي ڪيو هو. حليم، دهي بڙا، پينديي، گوشت ۽ ڪڪڙ جي ٻوڙ پٽ ۽ چانور.

جوهر چيو ته هو اڳواٽ اطلاع ڪري نه سگهيو هو جو ڊپ هئس ته متان اسان نه اچون ۽ سندس ماني ضايع نه ٿي وڃي.

ڪئپٽن سليم چيس: ”هو چا چوندا آهن ته داٽي داٽي تي ڪاٺڻ واري جو نالو لکيل آهي. اسان جي قسمت ۾ هيءَ ماني هئي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته اسان کي پٽاٽن ڪاٺڻ ۽ رڌڻ جي محنت کان بچايئي.“

ماني بعد صوف ڪائي اچي ڊرائينگ روم ۾ ويٺاسين پر جوهر جي رڙ لڳي پئي هئي ته ”نفيسه منو ڪونه ٺاهيو اٿئي چا.“

نيٺ نفيسه ڀاڀي مرڪندي اٿي، ڏهن منٽن ۾ سوبون ۽ ڪيڪ ناهي آئي.

راحت عزيز کي آهستي چيم، ”جوهر وارن کي وڏي دل ۽ وڏو مائڪرو ويو اوون آهي نه ته پاڪستاني ته جنهن تنهن ملڪ ۾ نظر اچن ٿا.“ اتڻ مهل جوهر چيو ته هاڻ شام ته هونءَ ئي ٿي وئي آهي. ڏهه منٽ ترسو ته چانهه پي پوءِ هلون. پٺاڻن واري ڪڙڪ چانهه پيئڻ بعد نه فقط اسان کي پر هاڻ جوهر کي ٻه ننڊ جا خمار اچي رهيا هئا.

اسان کيس واپس چڏي اچڻ جي تڪليف ڏيڻ بدران بس ۾ موٽڻ جو ارادو ڏيکاريو پر نه جوهر مڃيو نه سندس دوست شبير. نيٺ شبير جنهن کي شهر ڏي اچڻو هو، پنهنجي ٽئڪسيءَ ۾ اسان کي هاسٽل وٽ چڏي ويو. رستي تي هو سئيڊن جي ماڻهن بابت ٻڌائيندو هليو. خاص ڪري راتوڪي هڪ مسافر بابت جنهن لهڻ وقت پئسا نه ڏنا. شبير چيو: ”هونئن سئيڊن جا ماڻهو اهڙا آهن ڪونه. مونکي ڇهه ست سالن جي ٽئڪسي ڊائيوريءَ ۾ اهو پهريون همراهه مليو جيڪو بنا پئسن جي منهنجي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

لهڻ وقت مون چيو مانس: ”شبير صاحب پلا ميٽر تہ تون آن ڪيو ڪونہ. زباني ڪٽي ٻڌاءِ تہ بل گهڻو ٿيو.“

”يار ڇو ٿا شرمندو ڪيو. اها تہ مون لاءِ عزت جي ڳالهہ آهي جو منهنجي دعوت تي توهان منهنجي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺو.“ هن چيو.

”چڱو پلا ان لاءِ مهرباني پر هاڻ اهو ميٽو پوندي تہ تنهنجي ڇهہ ست سالن جي ٽئڪسي ڊرائيوريءَ ۾ هڪ نہ پر اسان بہ بنا ڀاڙي جي تنهنجي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺاسين.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پاڳل آهي

اڄ ايسٽر جي موڪل آهي. ڪرسمس ٻي جيڪڏهن عيسائين جي وڏي عيد آهي ته ايسٽر ننڍي عيد سمجهڻ کپي. جيڪا هتي سنگاپور ۾ چڱي خاص پئماني تي ملهائي وڃي ٿي. ايسٽر جمع ڏينهن ملهايو وڃي ٿو ۽ ان جمعي کي Good Friday سڏجي ٿو.

يارهين بجي ڌاري چيف انجنيئر راحت عزيز اچي در کڙڪايو. آئون به ڪافي دير کان پڙهائي ڪري رهيو هوس ۽ هاڻ ٿوري رسيس ڪرڻ جي موڊ ۾ هوس. راحت جو آواز ان وقت ياڳ وارن ملائڪن جو سمجهي يڪدم ڪتاب بند ڪيم.

”اڄ يار اڄ. ڪهڙي خبر چار آهي؟“ مون در کولي راحت کي اندر اچڻ لاءِ چيو. پر پاڻ اچڻ بدران هاسٽل جي ڏگهي ورانڊي ۾ ئي ويهڻ پسند ڪيائين. ان ڪري آئون به ٻاهر نڪري ويٺس.

”يار اڄ پلاري ڏينهن تي پڙهائي ڪري رهيو آهين.“ هن چيو.

”پلارو آهي ته عيسائين لاءِ جيڪي چرچ ۾ ويا آهن باقي هندو ٻڌ ۽ ٻيا سڀ امتحان جي تياري پيا ڪن. بهرحال ڪهڙي خبر چار؟“ هونءَ ڪنهن جي اچڻ ۽ ڊسٽرب ڪرڻ ۾ مونکي بيزاري ٿيندي آهي پر ان وقت آءٌ بڪ شڪ ڪرڻ جي سخت موڊ ۾ هوس. آيل شڪار کي وڃڻ نٿي ڏيڻ چاهيم. ڪير ڪيترو به اڪيلائي پسند هجي ۽ پنهنجو پاڻ کي ڪيترو به ڪتابن ۾ لکڻ پڙهڻ جهڙن ڪمن ۾ Self Occupied (مشغول) رکي ته به روزانو ڪي اهڙيون گهڙيون ضرور اچن ٿيون جن ۾ هڪ انسان ٻئي سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ چاهي ٿو.

”بس ڪا خاص خبر ناهي“. راحت چيو ”اهو پڇڻ آيس ته ٻاهر وڃين ته مون لاءِ ماکي وٺي اچجانءِ ته ڊبل روٽيءَ سان نيرن ڪريان. اڄ موڪل ڪري ميس ته هرگز نه کلندي. سڀان پرينءَ تي هونءَ ئي چنچر آچر جي موڪل آهي.“

وڃڻ ته چاهيان ٿو پر ٻڌو اٿم ته ايسٽر ڪري اڄ دڪان بند آهن. ڪنڊ تي جيڪا فلسطيني جي پيڍي آهي اها به اڄ بند آهي.“

اسان جي هاسٽل جي ٻاهران هڪ فلسطيني رفيوجيءَ جو ننڍڙو هٽڙو آهي، جيڪو هو موڪل وارن ڏينهن تي به کولي رکندو آهي. هرشيءِ جا اگهه سوا ڊيڍ هوندا اٿس جو گراهڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي ابتي ڪل لاهيندو آهي. پر بيا دڪان بند هجڻ ڪري، مجبوريءَ جي حالت ۾ ماڻهو هن وٽ به پهچي ويندا آهن. پر اڄ هن جو دڪان بند رکيو آهي، شايد سندس عيسائي پوڙهي محبوبا جي ڇوڪري تي، عرب ملڪن ۾ جيئن مڪاني عربن کي ٻاهران چار ماڻهو (آيا، ٻواءِ، ڪُڪ ۽ ڊرائيور) گهرائي پاڻ وٽ رکڻ جي اجازت هوندي آهي (جنهن کي هو اي، بي سي، ڊي ويزا سڏين ٿا) تيئن سئيڊش اڪيلين پوڙهين عورتن کي هڪ عدد ڪتي يا / ۽ هڪ عدد ڌارئين مرد کي پاڻ وٽ ٽڪائڻ جي اجازت آهي. ٻه سال رهائڻ بعد هن کي آٽوميٽيڪلي سئيڊن جي شهريت (پاسپورٽ) ملي وڃي. ان بعد هو ان قيد مان نڪرڻ چاهي ته به آزاد ٿي سئيڊن ۾ رهي سگهي ٿو. سو نه فقط هي فلسطيني سليمان، پر ڪيترن ئي مسلمان ملڪن جا همراهه هڪ عدد هتي جي پوڙهيءَ سان نڪاح يا بنا نڪاح رهيل نظر ايندا.

”پوءِ پلا ڇا ڪجي؟“ راحت مونکي خيالن جي دنيا مان ڪڍيو.

”دڪان ته بند آهن. ڇئين ته بس ۾ هلي چڪر هڻي اچون. موسم واهه جي ٿي وئي آهي.“ مون صلاح ڏني. پاڻ وٽ موسم واهه جي ٿي وئي آهي معنيٰ جهڙ ٿيو آهي يا بوندا باندي پئي ٿئي. پرهن پاسي _ خاص ڪري يورپ جي اتراهن ملڪن ۾ موسم واه جي تڏهن ٿيندي آهي جڏهن سج نظر ايندو آهي، اس نڪرندي آهي.“

”دل ته منهنجي به ڏاڍي چوي ٿي، جو ڪيترن ڏينهن بعد اڄ اس نظر آئي آهي ۽ ٽيمپريچر به پنجن جمان نَو ڊگريون ٿي ويو آهي.“ راحت چيو.

”ته پوءِ واروڪر. انڪان اڳ جو يورپ جي موسم اسان جو گهمڻ زهرڪري، جلدي شهر جو چڪر هڻي اچون. متان ڪو دڪان به کليل هجي.“

”پر منهنجي طبيعت صحيح ناهي. اڄ نه سيان هلنداسين.“ راحت وراڻيو.

ايتري ۾ منهنجي ساڄي پاسي وارا ٻه ڪمرا ڇڏي ٽئين ۾ رهندڙ ڪولمبيا جي اٿنا روزا سامهون ايندي نظر آئي. پاڻ جتي پوتيءَ ۾ هئي، يعني اوورڪوٽ مفلر ۾“ تنهنجي معنيٰ ٻاهران ٿيو پئي اچي.

”مائي اٿنا ڪر خبر، دڪان کليل آهن يا بند؟“ مون پڇيومانس. پر هن نه سمجهيو ۽ وائڙن وانگر نهارڻ لڳي.

”هاڻ وري آهستي تون پڇينس“، راحت کي چيم. ”هي ڏکڻ آمريڪا جا، اسپيني ڳالهائڻ وارا انگريزي ڏاڍو ڏکيو سمجهن ٿا.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

منهنجي چوڻ تي راحت هڪ هڪ لفظ الڳ الڳ چئي جملو پورو ڪيو.

”ڪجهه بند آهن پر اوپن مارڪيٽ جا ڪليل آهن، شايد.“ ائنا روزا جيئن تيئن ڪري جملو پورو ڪيو ۽ اسان سندس ڳالهه سمجهي، پر آخر ۾ اهو لفظ شايد (Perhaps) خبر ناهي ڇو ڳنڍيائين. ان اسان کي منجهائي وڌو. هونءَ ته هي اسپيني ۽ فرينچ ڳالهائيندڙ آفريڪي، جيڪو نئون لفظ سکندا آهن اهو ضرورت هجي يا نه، زور ڪري پيا ورجائيندا آهن- خاص ڪري هيءَ ائنا روزا ته ان ڪم ۾ هيڊ ماسترياڻي آهي.

”پوءِ تو ڇا ورتو؟“ راحت يا شايد مون ڪانئس پڇيو.

”مون ڪجهه ڪونه ورتو جو دڪان بند هئا.“ هن وراڻيو.

”پر تو ته چيو ته کلُيل آهن.“ اسان تعجب مان پڇيس.

”اوپن مارڪيٽ ۾ جهڙو ڪليل هئا.“ ائنا روزا جيڪا پاڻ ته هميشه وانگر منجهيل آهي، هاڻ اسان کي منجهائڻ لڳي.

”ڏس!“ مون آهستي آهستي انگريزيءَ ۾ جملو ٺاهي کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، ”اوپن مارڪيٽ ۾ ته پٽ تي يا گاڏن تي ڀاڄي ۽ ميوا رکي وڪڻندا آهن. تنهنجو مطلب انهن دڪانن سان آهي؟“

”اهي بند هئا. پاسي وارا ڪليل هئا.“ ائنا ٻڌايو.

”انهن تان ڊبل روٽي ۽ بيضا ملي ويندا؟“ مون پڇيو.

”ڪليل هوندا ته ملي ويندا؟“

”ڇا مطلب؟ تون ته چئين ٿي ته اهي ڪليل آهن.“ اسان چيس.

”چوان ٿي، پر مونکي پڪ نه آهي ته ڪليل هئا يا نه.“ ائنا چيو.

۽ هاڻ راحت وري ڪجهه پڇڻ وارو هوس پر ايتري ۾ هندستاني شاگرد (مسٽر وجئي هاندا) اچي ويو تنهن ائنا روزا جا اهي آخري لفظ ٻڌي، اسان کي اڙدوءَ ۾ چيو:

”پاگل هي سالي. سائيڪل جڏهن کان ورتي آهيس، هر وقت لوفرن وانگر هلائيندي وتي. هينئر به ان کي هلائي هِتان هُتان رلي آئي آهي. اوپن مارڪيٽ جي چوڌاري جيڪي فرنيچرن جا دڪان آهن انهن لاءِ سمجهي پئي ته ڪليل آهن. جيتوڻيڪ اهي به بند آهن پر انهن جون هميشه ٻرنديون رهن ٿيون، سو هيءَ سمجهي ٿي ته اهي کليا پيا آهن.“

”پڙهڻ ۾ڪيئن آهي؟“ مون وجئي کان پڇيو جيڪو ساڳئي سبجيڪٽ ۾ هن سان گڏ ايم

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ايس سي ڪري رهيو آهي. وجئي بمبئيءَ ۾ ڪنهن جهازران ڪمپنيءَ جو مئنيجر آهي. بيحد ذهين آهي ۽ پنهنجي ڪلاس ۾ نمبر ڪٽندو آهي.

”صفا چٽ آهي. جنهن کي Density، ماس ۽ واليوم جهڙيون شيون نٿيون اچن، اها چا هوشيار هوندي.“ وجئي ٻڌايو.

”اها ڳالهه ناهي.“ راحت چيو ”فزڪس ۾ سو موڳي آهي، اهو پاڻ به چوي ٿي ته هن نندي هوندي فزڪس نه پڙهي هئي. باقي حسابن ۾، ايڪانامڪس ۾ يا بندرگاهه جي ڪمن ۾ هوشيار آهي ۽ ايم ايس سي به ان ئي ڪم Ports & Shiping Admimistration ۾ ڪري رهي آهي.“

”پر پروفيسر ڪو سوال پڇندو آهيس ته جواب ڪان آڱوٺو ڪيڍي ويهندي آهي.“ وجئي راحت کي چيو.

”اهو پاڻ چوندي آهي ته کيس سڀ اچي ٿو پر انگريزيءَ ۾ جواب ڏيندي شرم ٿو اچيس. اسپينيءَ ۾ ڪو پڇيس ته خبر پوي.“ راحت ٻڌايس.

”آئون سمجهان پئي وجئي منهنجي ڳالا ڪري رهيو آهي.“ ائنا روزا آخرڪار ڪڇي.

”چوي ٿو تون صفاچٽ آهين.“ راحت چيس.

”اڙي پائي راحت! هي تون ڇا ٿو چوينس.“ وجئي چيو.

”وجئي جنهن ڪمپنيءَ جو مئنيجر آهي ان جي جهازن کي ڏسي رهنديس. رڳو منهنجي ملڪ ڪولمبيا جي ڪنهن بندرگاهه ۾ سندس ڪمپنيءَ جو ڪو جهاز داخل ٿئي ته Arrrest تي ڪرايانس.“ ائنا چيو.

”توهان سائوٿ آمريڪن جو ٻيو ڪهڙو ڪم. مڙيئي اهاني بهاني تي رشوت وٺڻي.“ وجئي ڪجهه چڙ مان چيو پر جلدي چوڻ تي ائنا سمجهي نه سگهي. ڳالهه جو ٽاپڪ بدلائڻ لاءِ مون وجئي کي مخاطب ٿي چيو.

”So Vijay! What is good News?“ ڪا سٺي خبر ٻڌاءِ.

وجئي پنهنجي مخصوصي انداز ۾ چيو: ”اڙي پائي هتي سئيڊن ۾ ڇا Good News ٿي سگهي ٿي، ها بس اهائي سٺي خبر آهي ته اڄ اس نڪتي آهي. موسم في الحال واهه جي ٿي وئي آهي.“ اهو چئي وجئي به پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. ائنا ڪجهه گهڙيون ان ڪان اڳ ئي رواني تي چڪي هئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# لوهه جا نه پر شيشي جا هجن

هونءَ ته اسان جهڙن ملڪن ۾ موسم تڏهن سٺي چئبي آهي جڏهن جهڙالو ڏينهن هجي، جو پاڪستان هندستان جهڙا ملڪ خط استوا جي ويجهو هجڻ ڪري سج جا ڪرڻا سڌا پون ٿا ۽ سخت گرمي ٿئي ٿي. پر هتي سيئڊن ۾ يا ناروي، فنلئنڊ ۾ اونهاري ۾ به اسان جي سياري واري سيءَ کان سخت سيءُ آهي. تڏهن به ڪالهه هتي جي هڪ سئيڊش پروفيسر جڏهن اسان کي سئيڊن جي موسم بابت پڇيو ته يمن جي مبارڪ يڪدم چيس:

”سر! توهان جي ملڪ ۾ اسان وانگر، نه سرءُ اونهارو ٿئي ۽ نه بهار سيارو. توهان وٽ فقط ٻه مندون ٿين ٿيون.“

”ڪهڙيون؟“ هن پڇيو.

”هڪ سيارو............ مبارڪ وراڻيس.

”ٻيو اونهارو چا.“ پروفيسر چيو.

”نه.“ مبارڪ درست ڪندي چيس، ”ٻيو حالت خراب ڪندڙ سيارو آهي.“

چئن موسمن جو تصور فقط ڪجهه خوش نصيب ملڪن ۾ آهي جن ۾ اسان جو ملڪ به هڪ آهي، نه ته ڪيترن ملڪن ۾ ته فقط هڪڙي موسم ٿئي. جيئن ملائيشيا ۾ ٻاروهوئي فقط مينهوڳيءَ جي موسم هلندي رهي ٿي. مينهوڳي ۽ جهڙ ڦڙ سٺي شيءَ آهي پر ٻاروهوئي اها ڪار لڳي رهي ته انسان فطرتاً بيزار ٿيو پوي ۽ ان شيءِ جو قدر ڪرڻ گهٽايو ڇڏي. ست اٺ سال يڪا اهڙي موسم ۾ رهڻ بعد، پاڪستان ۾ جڏهن پهريون سيارو آيو ته ان وقت احساس ٿيو ته قدرت اسان جي ملڪ تي يورپ ۽ آفريڪا، ملائيشيا، انڊونيشيا جهڙن ملڪن کان وڌيڪ مهربان آهي. پر شايد اسان ماڻهن ۾ افعال ناهي. ۽ چڱو جو ملائيشيا جهڙو مينهن نٿو پوي، نه ته اسان جا ڳوٺ توڙي شهر جيڪي سخت گدلا ٿي ويا آهن، انهن ۾ اهڙي مينهن ۾، ايترا ته جراثيم ۽ پوسل ٿئي جو بيمارين وڪوڙي وجن. رڳو ٻه ڏينهن مينهن ٿو پوي ته، ڪيترا نوان ٺهيل رستا ۽ سرڪاري عمارتون هيٺ ڌڄيو وڃن. سو جي ملائيشيا وانگر مهينو مهينو مينهن وسي ته خبر ناهي ڇا حشر ٿئي.

”سو راحت خان ٻي ڪهڙي خبر چار؟“ ائنا ۽ وجئي ته هليو ويو. پر راحت کي وڃڻ کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جهلڻ لاءِ ڪانئس سوال ڪيم.

”بس خبر وري ڪهڙي آهي. ڪڏهن ڪڏهن سخت بوريت ٿئي ٿي.“

”چو سيءَ جي ڪري.“ مون پڇيو.

”نہ سيءَ تہ ڪا نئين ڳالهہ ناهي. انهن لاءِ ضرور آهي، جيڪي پهريون دفعو هن پاسي آيا آهن. پاڻ تہ جهاز ۾ هن ڪان بہ وڏيڪ ٿڌ ۾ آيا هونداسين.“

”اها تہ ڳالهہ آهي. پهريون دفعو ٻاهر نڪري ڏٺوسين تہ اوڊيسا جي سڄي بندرگاهہ ۾ برف جو اچو ٿلهو تهہ ڄميو پيو هو. جهاز ڪي هڪ جيٽيءَ ڪان ٻي جيٽيءَ تي شفٽ ڪرڻ لاءِ جڏهن ٽگ بوٽ آئي تہ برف جو مٿيون تهہ ٽُٽندي آئي.“ مون اهي، هن ڪان ٿڌا ڏينهن ياد ڪري، سئيڊن جي هن سرديءَ مان گرمائش حاصل ڪئي. ائين جيئن ڪو گهر ۾ ويٺي گرميءَ جي ڏانهن ڪري تہ پيو سمجهائيس تہ شڪر ڪر. اهڙا بہ ماڻهو آهن جيڪي سڄو ڏينهن ٻاهر اُس ۾ پورهيو ڪن ٿا.

”واقعي! راحت ٿڌو ساهہ ڪٽي چيو ”لوهي جهاز تي ڪڏهن ڪڏهن سرديءَ جي اهڙي لهرمان گذر ٿيندو هو جو الله ڏئي پناهہ. گذريل سال جي ڳالهہ آهي. اسان ڪي اتي فن لئنڊ ۽ جرمنيءَ واري علائقي ۾ ڪي ڏينهن ڪاٽو ويهہ کن ڊگريون ٿڌ ملي. ڇا غضب جي سردي هئي. خلاصين تہ ٻاهر ڊيڪ تي نڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. آخر ماڻهو ڪيترا گرم ڪپڙا پائي لوهي ڊيڪ تي ڪم ڪري سگهندو ۽ ڪيتري وقت لاءِ؟ Fire Mains جي پائيپن مان پاڻي ڊرين ڪرڻ وسري ويو وال ون (Valves) سميت پائيپ ائين ڦاٽي پيا ڄڻ لوهہ جا نہ پر شيشي جا هجن. انجن روم ۾ ليوب آئل ۽ ٻين شين جو ٽيمپريچر قائم رکڻ مسئلو ٿي پيو هو.“

(ٿڌ ۾ هر شيءِ سُسي ٿي پر پاڻي ڄمڻ سان ان جو واليوم وڌي ٿو. نتيجي ۾ جيڪڏهن هن کي وڌڻ لاءِ جاءِ ناهي تہ جنهن شيءِ ۾ آهي ان کي ڦاڙيو ڇڏي.)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# کھڙي وٽ تي

اسان ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين ته نائيجيريا جي عارت ماپانڊوڪ اچي نڪتي.

”هاءِ“ هن ڪيڪاريو ۽ پوءِ منهنجي ڪمري جي سامهون واري 321 نمبر ڪمري ۾ رهندڙ گهانا جي شاگرديائي ايلس جو دروازو کڙڪايو.

”ڪانهي ڪا. چرچ ۾ وئي آهي.“ راحت عزيز چيس.

”ڪيڏي مهل وئي.“ عارت پڇيس.

”صحيح وقت ته خبر نه اٿم پر سندس ملڪ (گهانا) جو ڪئپٽن آرون ٽرڪسن به ان سان گڏ هو مونکان اڌارو ورتل ڪتاب ڏيندو ويو هو.“ راحت ٻڌايس.

آرون ٽرڪسن اسان پاڪستاني، هندستاني ۽ بنگلاديشي شاگردن ۾ مشهور آهي. مشهور ان ڪري جو شام جو ستين بجي يا نائين بجي جڏهن ٽي ويءَ تي بي بي سيءَ تان خبرون اينديون آهن ته مٿين ٽنهي ملڪن جا اسين موجود هوندا آهيون. سندس جنرل ناليج واقعي قابل داد آهي. باقي ٻيا آفريڪن شيدي توڙي ڏکڻ آمريڪا ۽ فارايسٽ جي ملڪن جا. بليرڊ راند کيڏڻ يا ٽي ويءَ جا ٻيا پروگرام ڏسڻ ۾ مست هوندا آهن. ويندي عرب به پنهنجيءَ ۾ مست هوندا. لبيا ۾ پلي چا پيو ٿئي. عراق ۽ موراڪو ۾ پلي چا پيو وهي واپري، قذافيءَ پوبان يو اين او ۽ آمريڪن لڳا پيا هجن. ياسر عرفات جو جهاز گم هجي، ڪردن مٿان بمباري پئي ٿئي، ڪنهن کي ڪو فڪر ناهي. نه اردني عربن کي، نه مصرين کي، نه سعودي عرب جي رهاڪن کي نه موراڪو ٽيونيشيا وران کي. ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي ته ڇا سڀ غم اسان ننڍي کنڊ جي رهاڪن لاءِ آهن. يا ڇا اسان Over _ Sensitive آهيون. جو پنهنجي ملڪ ۽ پاڙي اوڙي جي خوشيءِ غميءَ ۾ ته هيڪاندو گهڻو اظهار ڪيون ٿا پر ڏور رهندڙن سان به ڪونه ڪو ناتو رشتو ڳنڍيو هنن جو ڏک، درد، خوشي ۽ راحت پنهنجي سمجهون ٿا.

عراق جي صدر صدام حسين کي سُڏ نه سماءُ اسان وٽون هن پاران نعرا هڻندا. پاڙي ۾ ٽولا ٺاهي هڪ ٻئي سان وٽون بحث ڪندا ۽ پنهنجي ملڪ جون بسون ساڙيندا. ساڳي طرح ياسر عرفات به صدام وانگروتي اسان کان وڌيڪ هندستان سان همدرديون ڪندو ۽ اسان

آهيون سو چرين وانگر ”اسان جا مسلمان ڀائر _ هائي ڙي گهوڙا. هائي“ ۽ هي مسلمان ڀائر هر وقت چون ته اسين عرب ڀهرين آهيون ۽ مسلمان پوءِ ۽ وري عرب به گڏجن ٿا ته ڪويت، سعودي عرب، بحرين جهڙا امير، وڏيڪ هڪ ٻئي لاءِ ڀائپي جتائين ٿا. يمن جهڙي غريب ملڪ جي رهاڪوءَ کي اڇوت ڪريو ڇڏين.بهرحال سامهون ٻيٺل عارت کان پڇيم:

”ڪر خبر پٽاٽا رڌي ڇڏيئي؟“

پاڻ کلڻ لڳي. ڪيس ڪالهه يونيورسٽيءَ مان موٽڻ وقت چيو هوم:

“Wish you happy long week end and Cocking”

رڌ پچاءُ چو پيلا؟“ هن پڇيو هو.

”ان ڪري جو ڇنڇر آچر ته هونءَ ئي موڪل ڪري ميس بند آهي پر ايسٽر ڪري جمع به موڪل آهي.“ مون ٻڌايومانس. هن ان جي اميد نٿي رکي ته جمع کان ميس جي ماني بند ٿيندي.

”ڏاڍي ٻڏائي. مون وٽ به رڌ پچاءُ جو سامان ڪجي ويو آهي. پر اهو به سٺو جو معلوم ٿي ويو. هاڻ هاسٽل ۾ ڪتاب ڇڏي مارڪيٽ مان سيڌو وني اچان ٿي.“

۽ پوءِ هاسٽل تائين گڏ ايندي ڏک سور ورجائيندي رهي، جيڪي اسان سيني جا ساڳيا آهن: ”دنيا ۾ هن قسم جي فقط هڪ ئي يونيورسٽي ناهٽي هين ته، آئون چوان ٿي ته هتي هن سئيڊن جهڙي ملڪ ۾ چو ناهيائون. جتي جي هيڏي ظالم موسم آهي ۽ ان کان علاوه هن ملڪ ۾ مهانگائي اها آهي جو انگريز توڙي فرينچ، جرمن توڙي جپاني ۽ آمريڪن به هن ملڪ ۾ اچي مهنگائيءَ جون دانهون ڪن ٿا. سوچڻ جي ڳالهه آهي ته توهان ترقي پذير (Under Developed) ملڪن جي ماڻهن لاءِ اعليٰ تعليم لاءِ هيءَ يونيورسٽي ناهي، يعني ان ۾ گهڻائي ايشيا ۽ آفريڪا جي ماڻهن جي آهي ته پوءِ ملائيشيا، سنگاپور، مالٽا، هانگ ڪانگ جهڙن هنڌن تي ڪٽي ناهيو ها. سئيڊن کان ته انگلينڊ يا آمريڪا به سستو آهي.“ عارت چيو.

”شايد ان ڪري جو سئيڊن چاليهه سيڪڙو خرچ ڏئي ٿو. يونيورسٽي هاسٽل سميت.“ مون سندس ان پهلوءَ ڏي ڌيان ڇڪايو.

”آئون چوان ٿي ته ڇا ضروري آهي ته سئيڊن خيرات ڏئي. نه ڏئي ها. ڪي ٻيا ملڪ ڏئي وجهن ها. ۽ ٻي ڳالهه ته، باقي جيڪو سٺ سيڪڙو آهي اهوئي ايترو گهڻو آهي جو ايمان سان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پيو ڪو ملڪ هجي ته خوب خرچيون ها ته به بچي ها. هاسٽل ۾ رهڻ ۽ ماني ڪائڻ بدران هي پنج هزار ڪن ڪرونا (ويهه هزار رپيا) ڏين ٿا. پر هڪ بيڊ روم واري فليٽ جي به مسواڙ ٽي هزار ڪرونا (ٻارهن هزار رپيه آهي) ان ڪان علاوه فرنيچر ۽ ماني ٽڪي ڪيڏي مهنگي آهي. اهي پنج هزار ڪرونا نئروبي، اسلام آباد، ڪولمبو بمبئي جهڙي هنڌ ملن ها ته ڪيڏو سٺو ٿئي ها.“ عارت چيو.

”بلڪل صحيح ٿي چوين.“ مون سندس خيال جي پٺڀرائي ڪئي.

”۽ ٻي ڳالهه ته سئيڊن جيڪڏهن مدد پيو ڪري ته ڪو ڏوڪڙ اسان ٻارڻ سان نٿا ڪٽيو وجن. هرڪو ٻارڻ پنهنجي گهران به آٽي هتي پيو خرچ ڪري. سو سندس چاليهه سيڪڙو ته اتي ئي خرچ پيا ٿين، پر ٻين ملڪن ۽ ادارن طرفان باقي مليل سٺ سيڪڙو به اتي خرچ پيو ٿئي.“ هوءَ هاسٽل تائين اهي جوشيلا جملا ٻڌائيندي، پوءِ چيڙي ڪٽي بصر، پٽاٽا، ٽماٽا وٺڻ رواني ٿي ويئي هئي.

ٻارڻ نائجيريا جي مئرين اڪيڊميءَ ۾ انگريزيءَ جي ليڪچرار آهي. نائجيريا جي ئي يونيورسٽيءَ مان انگلش ۽ ايجوڪيشن ۾ ايم اي ڪئي اٿس. نائجيريا ۾ هونءَ به انگريزن جي حڪومت هئي سو اتي جا سڀ شاگرد سٺي انگريزي ڳالهائين پر هيءَ محترمه عارت (خبر ناهي مس آهي يا مسز) ته هيڪاندي سٺي ڳالهائي ٿي جو سندس سبجيڪٽ ئي اهو آهي. ٻارڻ عمر ۾ سڀ ڪان ننڍي ٿيندي پر ٿولهه ۾ سڀ ڪان گهٽي. گذريل سال جي ڪينيا جي هڪ شاگردياڻي خايومبي ڦيلي جيتوڻيڪ سيني ۾ آفت آهي پر بقول ڪئپٽن سليم قاسم جي ته جنهن رفتار سان عارت سُڄي رهي آهي، ٻئي سال جي آخر تائين ڦيليءَ جا به رڪارڊ پيجي ڇڏيندي.

”مس عارت تون چرچ ۾ نٿي وڃين؟“

”سوچيم پئي ته وڃان پر هتي جي سيني ڪليسا گهرن ۾ Service (واعظ) سئيڊش زبان ۾ ٿئي ٿو. سو نه ويس.“

”تڏهن به هلي وڃين ها. هتي جي ماڻهن سان ملي اڇين ها. يا هتي جا مڪاني ماڻهو ڪارين سان دوستي نٿا رکن؟“ مون پڇيومانس.

”صفا ٿڌا آهن. هتي جي موسم وانگر. ڪنهن چيو ته پهرين ويجهو اچڻ ڪان لنوائين ٿا. پر پوءِ دوستي رکن ٿا ته چڱي پنهنجائپ ڏيکارين ٿا.“ مس عارت چيو.

”خبر ناهي ڪڏهن دوستي رکڻ چاهيندا ۽ پنهنجائپ جو اظهار ڪندا،“ مون ڪلندي چيو. ”چا جڏهن ٻه سال پورا ڪري هليا وينداسين پوءِ آخري ڏينهن ايئر پورٽ تي اچي دوستي ڪندا ڇا؟“

راحت عزيز ۾ هيءَ ٻه ڪلڻ لڳي. راحت عزيز چيو ”پائي اسان سان ڳالهائڻ ته پري جي ڳالهه پنهنجو پاڻ سان به فري ٿي هتي جي ماڻهن ڪي ڳالهائيندي نه ڏٺو اٿم. بس ۾ رڳو تڏهن ڳالهائيندا آهن جڏهن چڙهندي يا لهندي سندن يا اسان جو ڪين ٽڪر لڳي ويندو آهي يا پير چيچي پوندو آهي. پوءِ پنهنجي زبان ۾ معاف ڪجو چون ٿا.“

”يا خبر گار ڏين ٿا ته ڪهڙي جنگل ڪان اسين ڪارا ڪوجها ۽ ڪٽڪ رنگا اچي نڪتا آهيون.“ مون راحت کي چيو ۽ پوءِ نائجيريا جي هن مس عارت کي سنجيدو ٿي چيو:

”ڳالهه ٻڌ. مونکي ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو آهي ته هنن يورپين اڇيان توهان آفريڪن يا اسين ايشيائي جڻ ڪا گهٽ قوم هجون. اسين ڪٽي ڪهڙيون به اوچيون ٽائيون ۽ ڪوٽ هئت پائي ”جينٽل مئن“ ٿي هلون، پر هنن جي پنهنجي لنڊي پتلون، ڍگهن وارن ۽ ڪنن ۾ والي پاتل هپي ٽائيپ همراهه ڪان گهٽ سمجهيا وڃون ٿا.“

”بلڪل صحيح ٿو چوين. ڪڏهن ڪنهن هتي جي ڇوڪري يا عورت سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان ته منهن کي ائين موڙو ڏئي، بهانو ڪري هلي ويندي آهي جڻ آئون ڪانئس خيرات گهرڻ ٿي چاهيان. يا مون سان ڳالهائڻ سان ڪيس ڪا بيماري لڳي ويندي.“

”ها واقعي،“ مون سندس ڳالهه جي تائيد ڪندي چيو “These are the facts of life.” اسان کي قبول ڪرڻ کپن.“

مون ڏٺو ته عارت ڪافي اداس ٿي وئي هئي ۽ هاڻ ايتري دير ٿي وئي هئي جو مون ٻه پنهنجي بڪ شڪ کي وڏيڪ قائم رکڻ بدران موڪلائڻ چاهيو ٿي. سو ڪلندي چيومانس.

”هتي جا ماڻهو پاڻ ڪان نفرت نٿا ڪن پر شرمائين ٿا.“

”ڪير ٿو چوي؟ اهڙا ته شرميلا نه آهن. ڏينهن ڏٺي جو وچ رستي تي اڌ اگهاڙي ڍريس ۾ ڇوڪرا ڇوڪريون هڪ ٻئي کي چميون ڏئي سگهن ٿا باقي اسان سان ڳالهائيندي نانگ ٿو ڪائين.“ عارت ڪجهه چڙمان ۾ ڪجهه ڪلندي چيو.

”ها ڪائين واقعي نانگ ٿو پر ڪين نانگ جي ڪائڻ جو ڊپ ناهي.اهو ڊپ اٿن ته متان اسان ڪين جهلي، ڪجهه ئي نه ڪائي ڇڏيون. آفريڪن بابت ته اهي ڳالهيون وڏن ڪان ٻڌيون

هونداڻون تہ مُني ديگ پاٽيءَ سان پري ان ۾ گوري يورپين ڪي پالڪ ميٺيءَ سان گڏ رڌي ڪائي ڇڏيندا هئا.“ مون ٻڌايومانس.

”ڪارو اٿن منهن ٿيو. اسان آفريڪن لاءِ ان قسم جون Phony ڳالهيون ڪتان تا آٽين. ڪالهہ يونيورسٽيءَ جا ڪاڪوس صاف ڪندڙ ينگياٽي چوڪري مونکي ٿي چوي تہ آفريڪا ۾ توهان وڻن تي رهندا آهيو؟“

اتي 319 نمبر ڪمري مان علويءَ منهن ڪڍيو:

”آهي چا؟ مونکي بہ تہ ٻڌايو ڪلاڪ ڪن کان ڪچهري پئي هلي.“

”ڇڱو بابا مونکي تہ ڏيو موڪل اور بهي غم هين زماني مين.“ مون موڪلايو. جو هاڻ ڪلاڪ کان وڌيڪ ويهڻ جي همت نہ هئي. مس عارت بہ هلڻ لاءِ هٿ لوڏي موڪلائڻ جي ڪوشش ڪئي:

”آئون بہ هلان ٿي. رات ننڊ ئي پوري نہ ٿي آهي. هاڻ ٿي وڃي سمهان.“

”ڪهڙي وڻ تي؟“ راحت عزيز پڇيو. پر هن ٻڌو ئي ڪونہ ۽ هيٺ پنهنجي ڪمري لاءِ گرائونڊ فلور ڏي رواني ٿي وئي.

# جيترو قاعدو اوترو فائدو

انٽرنيشنل مئريٽائيم آرگنائيزيشن (I. M. O) يونائيٽيڊ نئشن (U. N) جي هڪ اهم شاخ آهي. آءِ ايم او جو خاص مقصد سمنڊن کي گدلو ٿيڻ کان بچائڻ ۽ جهازي زندگيءَ ۾ گهٽي کان گهٽ حفاظت جو پهلو پيدا ڪرڻ آهي.

پهرين ائين هوندو هو جو سمنڊ کي هرڪو پهر اڇلڻ جو ٽوڪرو سمجهندو هو. جيئن اسان وٽ جهلم، چناب ۽ سنڌو درياه کي سمجهيو وڃي ٿو. هنگڻ، مُتڻ،ڪپڙا ڌوئڻ کان وٺي منجهن گهوڙا، گڏهه وهنجاريا وڃن ٿا، مُئل ڪتا، ٻلا اڇلايا وڃن ٿا ۽ ڪارخانن، فئڪٽرين مان نڪتل زهريلو گند ۽ تيزابيت سان ڀريل مادا هنن درياهن منجهه وهايا وڃن ٿا. ساڳيو حال بنگلاديش، برما ۽ انڊيا جي سرما، ڪرنا ڦلي، برهمپترا، گنگا جمنا ۽ اروادي ندين جو آهي. جيڪي ڪِن سن آيو درياهه منجهه اڇل. (نه ته جهوني جڳ ۾ فقط نيڪيءَ کي درياهه ۾ اڇلايو ويندو هو.) اهڙيءَ طرح جهازن وارا مٽين بلڪ ٽٽين ڪچرو، گندو تيل يا بنا ڪنهن جي جهل پل جي سمنڊ ۾ اڇلائيندا رهيا ٿي.

درياهه ته وري به ڪنهن ڪنهن ملڪ جي ملڪيت سمجهيا وڃن ٿا پر سمنڊ جو ڪو ڌڻي سائين نه سمجهيو ويو ٿي. هر هڪ ان کي بيدرديءَ سان استعمال ڪيو ٿي. انجڻين وارن جهازن جي شروعات ۾ ٿورو گهڻو ڪچرو يا ڪنو تيل اڇليو ويندو هو جنهن کي اٿاهه سمنڊ پنهنجي پيٽ ۾ جذب ڪري ڇڏيندو هو. ڪو خاص اثر نٿي ٿيو. پر سئيز ڪئنال بند ٿيڻ کان پوءِ جڏهن تيل کڻڻ جا جهاز ويهه ٽيهه ٽنن مان ڦري لک ٻن ٽنن جون آفتون ٿي پيون ته پوءِ ”جيڏو اٺ تيڏا لوڏا“ وانگر انهن مان ڪچرو به ان حساب سان اڇلائڻ لڳو ۽ پوءِ اماڪو ڪئڊيز ۽ ايڪسان والديز جهڙا ٽئنڪر ٻڏي پيا ته سڄي دنيا ۾ واويلا مچي وئي. عوام ۽ حڪومتن جون اکيون کلي ويون. هزارين ٽن ڪچرو ڏامر جهڙي تيل فرانس ۽ الاسڪا جي ڪنارن کي ڪارو ڪري ڇڏيو. ان جي اردگرد سوين ميلن تائين رهندڙ مڇيون، گانگٽ ۽ سامونڊي پکي مري ويا يا زهريلا ٿي پيا. جهاز هڪڙن جا، تيل وڪڻڻ وارا ٻيا ۽ خريد ڪرڻ وارا ٽيان ۽ نقصان وري وچئين چوٿين ملڪ کي رسي.

سمنڊ جهڙي وچ جي شيءِ لاءِ ڪو ته پوليس وارو هجي، جيڪو جهازن جي مالڪن تي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جهازن ٺاهيندڙن ۽ هلائيندڙن تي نظر رکي تہ بابا دنيا جا سمنڊ خراب نہ ڪريو. جهاز مضبوط ٺاهيو انهن کي هوشيار ماڻهن کان خيال سان هلرايو. جهازن جون لوهي چادرون ۽ گارڊر بيم مضبوط لوهہ مان ٺهرايو. ڪلڪتي ڪراچي ڪولمبو جهڙن ڳتيل بندرگاهن ۾ ڪاڪوس اڇلي ڪالرا، ٽائيفائيڊ جهڙيون بيماريون پيدا ڪرڻ بدران پنهنجي جهاز تي Sewage Plant هڻي ڪاڪوس ڪچري کي اتي ئي ساڙي ٻاري ڇڏيو. جهازن جون تيل هاڻيون ناديون ڌوئي ڪن ڪچرو وچ سمنڊ ۾ اڇلڻ بدران ڪنهن هڪ ٽانڪيءَ ۾ گڏ ڪري پوءِ بندرگاهہ ۾ ٽرڪن ذريعي ان تيل کي سمنڊ کان پري موڪلي ڇڏيو جتي ان کي صاف ڪري ڪم جي لائق بڻايو وڃي. يا اهڙي هنڌ تي اڇلايو وڃي جو انسان ذات توڙي هن ڌرتيءَ تي رهندڙ جانور، پکي پکڻ لاءِ نقصانڪار ثابت نہ ٿئي.

اهڙي طرح جهاز هلائيندڙ انجنيئرن ۽ نيويگيٽرن جو امتحان اڃا بہ سخت کان سخت ڪيو وڃي ۽ ملڪ جا اهي نوجوان چونڊيا وڃن جن جي جسماني توڙي ذهني قوت، گهڻي کان گهڻي هجي، جيئن طوفان ۾ ڏينهن جا ڏينهن جاڳڻ ۽ تڏ توڙي سخت گرميءَ ۾ ڊيوٽي ڪندي هنن جو هوش سالم رهي ۽ اهڙي ڪا غلطي ڪري نہ سگهن جيڪا ٻين جون زندگيون تباهہ ڪري.

مٿين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي دنيا جي ملڪن گڏجي انٽرنيشنل مئريٽائيم آرگنائيزيشن نالو ٺاهڻ جو ارادو ڪيو. 1958ع ۾ پهريون دفعو 23 ملڪن جي حڪومت ان کي لکت ۾ قبول ڪيو. اڄ IMO جا 136 ملڪ ميمبر آهن. سندن هيڊ ڪوارٽر لنڊن ۾ آهي جتي سمنڊ، جهازن ۽ جهاز هلائيندڙ جي انيڪ مسئلن تي نہ فقط سوچيو وڃي ٿو پر انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. مثال طور هن کان اڳ هر جهاز لاءِ ٻٽو ترو Double Bottom ضروري هو جيئن هيٺان ڪا وڏي شيءِ جهاز کي لڳي تہ ٻڏڻ کان بچي وڃي ۽ فقط هيٺيون ترو ناس ٿئي. پر هاڻ ڪيترا حادثا ٿيا آهن جن ۾ تيل ڪڻندڙ جهاز (ٽئنڪر ۽ سپر ٽئنڪر) هيٺان ڀڄڻ بدران پاسن کان چيراٽجي پيا آهن. تيل وهڻ ڪري سوين ميل سمنڊ ۽ ڪنارو خراب ٿي ويو آهي. اهڙن حادثن جي بچاءَ لاءِ اهو فيصلو ٿي رهيو آهي تہ هاڻ هن سال کان جيڪي بہ تيل جا جهاز لهندا انهن جو نہ فقط ٻٽو ترو هوندو پر پاسا پڻ بہ هوندا. جيئن هڪ جهاز ٻئي جهاز سان، جيٽيءَ يا برف جي ڇپ (Ice Berg) سان ٽڪرجڻ ڪري نقصان نہ ٿئي ۽ جهاز جو جسم چيرجڻ تي بہ تيل محفوظ رهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

دراصل IMO جو ڪم نج پوليس واري جو نہ آهي. آءِ ايم او مختلف مسئلن تي ماهرن ذريعي معلومات وٺي ميمبر ملڪن جي حڪومتن کي فقط آگاهہ ڪري ٿو تہ انسان، جهاز، سمنڊ ۽ اوس پاس جي ماحول (Environment) جي حفاظت لاءِ ڇا هئڻ کپي. پوءِ هر ملڪ جي حڪومت پنهنجي ملڪ جي جهازن جي مالڪن تي زور بار آڻي اهي قاعدا قانون مڃرائي ٿي. مثال طور هر جهاز لاءِ اهو ضروري آهي تہ ان ۾ جيترا ماڻهو سفر ڪن، اوتريون لائيف جئڪيٽون هجن. يعني هرماڻهوءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لائيف جئڪيٽ هجڻ ضروري آهي. جيئن جهاز جي ٻڏڻ وقت اڻ تارو بہ بچي سگهي. پوءِ جهازن جي مالڪن تي ٻڌل آهي تہ جي هو چاهين تہ هڪ ڪان وڌيڪ بہ رکي سگهن ٿا پر حڪومت طرفان هن لاءِ ضروري آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ماڻهوءَ لاءِ هڪ ضرور رکي. ان جي پورائي بنا هو جهاز هلائي نٿو سگهي.

ڪن ڪن ملڪن جي جهازن جا مالڪ قانون تي پورو نٿا هلن ۽ پنهنجي ملڪ جي واسطيدار عملدارن کي رشوت ڏيو هنن کي مات ڪرايو ڇڏين. پوءِ اهڙا بي قاعدگين وارا جهاز جڏهن ٻئي ملڪ ۾ پهچن ٿا تہ جهلجيو پون. هيلسنڪي، هئمبرگ جهڙن ڪيترن يورپي ۽ آمريڪي بندرگاهن ۾ آفريڪا ۽ ايشيا ملڪن جي حڪومت جا جهاز سزا طور ٻڌل نظر ايندا. جنهن مان توهان انهن ملڪن جي حڪومتن ۽ مالڪن جي رشوتخورين جو اندازو لڳائي سگهو ٿا. جهاز هلائيندڙن لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ تڏهن آهي جڏهن سندن ملڪ جي حڪومت ۽ ڊارئين ملڪ جي حڪومت سندن اڻ _ صحيح جهاز کي جهلي سگهي ۽ مالڪ کي نہ فقط جهاز حفاظت وارو بنائڻو پوي پر ڳرو ڏنڊ پڻ ڏيڻو پوي. جهاز هلائيندڙ ان ۾ ئي يقين رکن ٿا تہ جيترو قاعدو اوترو فائدو.

# ٻار پالجي يا ڪتو

هڪ سئيڊش عورت کي ڪڇ ۾ ڪتي کي ڪٺي رستو ٽپندو ڏسي راحت چيو:

”هتي جون عورتون ڪتا پالين ٿيون باقي ٻارن کان پڇن ٿيون.“

”ڇو ڀلا؟“ مون پڇيومانس.

”ظاهر آهي ته ڪتي پالڻ ۾ اها تڪليف ناهي جيڪا ٻار ڄڻڻ ۽ نپائڻ ۾ آهي. ڪتو ته مارڪيٽ مان ان ئي وقت پئسا ڏئي وٺي سگهجي ٿو. ٻار کي ته نوَ مهينا پيٽ ۾ سانڍڻو پوي ٿو. ان بعد ويم جا سور ۽ پوءِ نيپاج پنيان اوجاڳا ۽ خواري. ظاهري توڙي اندروني طرح عورت جي سونهن ئي ختم ٿيو وڃي. هتي جون عورتون ڪڏهن به نٿيون چاهين ته هنن جي سماجي زندگي اثر انداز ٿئي ۽ ٻار خاطر گهڻو وقت گهر ۾ گذارڻو پوي. هتي جون عورتون هالي ووڊ جي هيروئنن وانگر سنهيون، سهڻيون ۽ آزاد ٿي هلڻ چاهين ٿيون. هو هر گز نٿيون چاهين ته نوَ مهينا ڏڍري ڪيڏي هلن ۽ ٻار ڄمڻ بعد ان کي ٿڃ ڏين ۽ هنگائڻ متائڻ پنيان جهد پٽين.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ماڪوڙين جا ڪٽنب

سئيڊن جي هن سخت سيءَ ۾ هڪ فائدو ضرور آهي تہ مکيون، مڇر، منگهڻ، ماڪوڙين ۽ ٻيا جيت جڻيا نٿا ٿين. ڪهڙي مک يا مڇر کي پنهنجي زندگي پياري ناهي جو هيڏانهن رُخ رکي. ان ڪري کنڊ جي دٻي مٿان ڍڪ ناهي تہ بہ پرواهہ ناهي تہ ڪو ماڪوڙيون اچي وينديون. سچ لڳي مهل دري کولڻ سان مڇر يا ڏينهن جون مکيون نٿيون اچن. اسان جهڙن جي ملڪن ۾ ماڻهن، مکين ۽ مڇرن جو جڻ ٻارهوئي ميلو لڳو پيو آهي.

ملائيشيا ۾ مکيون سي نہ هونديون هيون پر ماڪوڙين جي ڇا ڳالهہ ڪجي. ڪئين قسمن ۽ رنگن روپن جون ماڪوڙيون هر هنڌ موجود هيون ۽ ڄا انهن جا لشڪر هئا. رڳو ڪلاڪ ٻن لاءِ کنڊ جهڙي شيءِ کليل رهجي وڃي يا ڪا شيءِ پٽ تي ڪري پوي. پوءِ ضروري ناهي تہ اها بسڪٽ ۽ چاڪليٽ جهڙي مٺي هجي، اتي ۽ ڳاڙهن مرچن تي بہ ماڪوڙين جا خاندان دعوتي ٿي ايندا هئا. ماکيءَ جهڙي مٺي شيءِ تي گهر ۾ رهندڙ تہ ڇا ڏور دور جون ماڪوڙيون پهچي وينديون هيون جن جون قطارون پري کان ئي گهر جي گيٽ ڏي اينديون نظر ايندڀون هيون.

سئيڊن ان آزار کان آزاد آهي. نہ ماڪوڙي مڇر ۽ نہ ڪو جيت جيٽو. ههڙي سيءَ ۾ برفاني رڇ بہ سورن سان ساهہ پيا کڻن. تنڌ جي ڪري، سئيڊن ۾ ڪابہ شيءِ بسڪيٽ پتاتو چپس کان وٺي لوڻ کنڊ تائين سوڪ ۾ خستہ رهي ٿي. اسان وٽ ـــ خاص ڪري ڪراچيءَ ۾، گهٽي گهم ڪري هڪ ڏينهن جا کليل بسڪيٽ ٻئي ڏينهن ڳلجهيو وڃن. بس پوءِ انهن کي صحيح رکڻ جو اهوئي طريقو آهي نہ پڙو کولڻ بعد ريفريجريٽر ۾ ئي رکجي. پر هتي سئڊن سڄو ريفريجريٽر لڳو پيو آهي. لوڻ جهڙي شيءِ کليل پليٽ ۾ مهينو رکي هجي تہ ان جو ڪٽوڪٽو ڏار نظر ايندو. ان ڏينهن ٽماٽا ۽ انگور سستا مليا، وٺي آيس پر ريفريجريٽر ۾ جاءِ نہ هئي. بلاڪيٽ ۾ ويڙهي بالڪني ۾ رکي ڇڏيم. بلاڪيٽ ۾ ان ڪري ويڙهيم جو بالڪني ۾ ريفريجريٽر کان وڌيڪ ٿڌ آهي. بلاڪيٽ ۾ ڍڪڻ سان واڌو بہ کن ٽيمپريچر ٿئي ٿو جيڪو ريفريجريٽر جي ڀاڄي واري خاني جو آهي. نہ تہ ٻاهر جو ٽيمپريچراڄڪلهہ ڪاٿوپنج (-5°c) آهي.

## ٽري مرنداسين

هڪ ڀيري ڏينهن وچ ۾ اهڙو آيو جنهن ۾ ٿورو سيءُ گهٽ ٿيو. ايتريقدر جو ڪلاس روم ۾ ڪوٽ لاهي ڇڏياسين. فقط سئيٽر ۾ فرحتي ويٺا هئاسين. پر رومانيا، آذربائيجان، روس ۽ جارجيا جهڙن ٿڌن ملڪن جي شاگردن جو سڪ ڦٽي پيو. ڇي گرمي آهي دريون کوليو. نيٽ بلڊنگ جي انچارج ڪي وڃي چيومانس. اهو هڪ خاص قسم جو اوپنر کڻي آيو ۽ هڪ ٻن درين جا ٿورا ٿورا انچ کن طاق کوليائين. جنهن مان اهڙي تہ ٿڌي هوا اچڻ لڳي جو مون تہ دعائون گهريون تہ ان ڪان پهرين وارو سيءُ سنو هو جو گهٽ ۾ گهٽ دريون تہ بند هيون ۽ ٿڌي هوا کان بچيل هئاسين.

دري کلڻ ڪري سيءُ ۽ تکي هوا مٿي ۽ پيرن کي برف ڪري ڇڏيو. روس ۽ رومانيا وارا تہ خوش ٿي پنهنجي لکڻ پڙهڻ ڪي لڳي ويا پر اسان جهڙن ايشيا ۽ آفريڪا جي گرم ملڪن جي رهاڪن جي حالت خراب ٿي وئي. ان ڏينهن پر ۾ ويٺل سعودي عرب جي شاگرد (ڪمانڊر يحيٰ جباري) ڪنجهندي منهنجي ڪن ۾ چيو: ”الطاف سئيڊن ۾ پاڻ ٽري مرنداسين.“

## وچ واريون نوجوان ڇوڪريون

هڪ ڏينهن هتي رهندڙ پاڪستاني همراهہ ممنون کي چيم:

”يار هتي جون پوڙهيون بس ۾ ڏاڍو سفر ڪن ٿيون. سڄو ڏينهن پيون لهن چڙهن.“

ان تي علويءَ چيو: ”اسان ڪان اڳ رهندڙ پاڪستاني شاگرد بدرمنير پڻ اهو ئي چوندو هو تہ بس ۾ رڳو اسڪول جا ٻار يا وري پنجاهہ سٺ سالن واريون پوڙهيون آهن وچ واريون نوجوان ڪٿي آهن.“

”بلڪل صحيح ٿا چئو“ ممنون چيو ”وچ واريون توهان کي بس ۾ ورلي نظر اينديون. هوڪاليجن، آفيسن يا دڪانن تي پنڌ يا سائيڪلن تي وڃن. هڪ تہ صحت کي صحيح رکڻ جي خيال ڪان ٻيو پئسي جي بچاءَ لاءِ.“

## بندروڊ جا خاص وڻ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

يورپ جي ڪيترن سڌريل ملڪن ۽ جپان، سنگاپور، وانگر هتي پڻ سائيڪل هلائيندڙن لاءِ ڌار رستو آهي ۽ سائيڪل هلائيندڙ جي نہ رڳو همٿ افزائي پر عزت افزائي پڻ ڪئي ويجي ٿي. ان سان نہ فقط حادثا گهٽجن ٿا پر دونهون ۽ گئس پڻ گهٽ ٿئي ٿي. هوا ۽ ماحول بہ صاف سٿرو رهي ٿو. نہ فقط انسانن جا ڦڦڙ پر وڻن ٻوٽن جا پن گل ۽ ٽاريون قدرتي رنگن ۾ نظر اچن ٿيون. ڪراچيءَ جي بندر روڊ تي بيٺل وڻن جي پنن وانگر دونهن جي تهه سان ڪارا نشان نظر نٿا اچن. ڪاربن ۽ مٽيءَ جي تهہ وارا اهڙا وڻ توهان کي ڪراچيءَ جي بندر روڊ کان علاوه دنيا جي شايد ئي ٻئي ڪنهن حصي ۾ نظر اچن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# پنهنجو پاڻ کي مشغول رکڻ جو مثال

هڪ ڏينهن يونيورسٽيءَ کان سوير موٽيس. بس ۾ منهنجي سامهون ويٺل پوڙهيءَ پڇيو:

”ڪهڙي ملڪ جو آهين؟“

”پاڪستان جو.“ وراڻيومانس.

”پاڪستان ۾ ته ٿڌ ٿئي ٿي پر اتر ۾ فقط جابلو علائقي ۾.“ هن چيو. سندس عمر ست ستر سال ٿيندي پر ڳالهائڻ ۾ جسم ۾ ڪڙي تڙي هئي. تمام سٺي انگريزي ڳالهائين پئي.

”تو پاڪستان ڏٺو آهي؟“ مون پڇيومانس.

”ها. پر تمام گهڻو اڳ. ويهه پنجويهه سال کن اڳ.“

”ڪهڙي سلسلي ۾؟“

”جيالاجيڪل فورم ۾ ڪم ڪندي هيس. منهنجو اهم سبجيڪٽ جاگرافي رهيو آهي. فرم وارن مونکي پاڪستان جي دوري تي موڪليو هو.“ هن ٻڌايو.

”توهان انگريزي تمام سٺي ڳالهايو ٿيون. ڇا توهين برٽشر آهيو؟“ مون پڇيومانس.

”نه. انگريزي زبان اسڪول ۾ سکيس. مڙس اسپين جو آهي سو سندس ملڪ جي زبان Spanish به سٺي اچيم ٿي ۽ هاڻ فرينچ سکي رهي آهيان.“ هن ٻڌايو.

تعجب مان ڪيس ڏٺم ته هن عمر ۾ جنهن کان پاڻ ”قبر ۾ پير لڙڪائي وهڻ“ واري عمر سڏيون ٿا، ان ۾ هيءَ نئين زبان سکي رهي هئي. ڇا مرڻ بعد منڪر نڪير فرينچ زبان ۾ کيس ”بان زوئر“ چئي اچي ڪيڪاريندا.

منهنجي تعجب کي هوءَ سمجهي وئي جيتوڻيڪ اهو سمجهي نه سگهي ته ڪهڙي ڳالهه تان تعجب کاڌم. هن سمجهيو ته مونکي شايد يقين نٿو اچي ته هوءَ ڪا فرينچ سکڻ پئي وڃي. سو پنهنجي پرس مان ڪتاب ڪڍي ڏيکاريائين.

“It is Surprising.” مون ڪتاب ڏسي چيو.”جڏهن ته توهان کي اڳهين ايتريون زبانون اچن ٿيون.“

”بس ائين ئي وقت پاس ڪرڻ لاءِ سکي رهي آهيان. گهر ۾ ويٺي ويٺي بور ٿيان يا گهٽيءَ ۾ نڪري اوڙي پاڙي وارن کي بيزار ڪريان يا پرائي پچار ۾ وقت خراب ڪريان ان کان بهتر

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

آهي تہ ڪنهن ڪرت ڪي لڳي رهان.“ هن وراڻيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پٽل ماري ويهڻ

ڪيترا اسان جا ديسي همراهه ولايت ۾ ٻه چار مهينا رهي ايندا آهن ته ڪائنن ڪرسيءَ کان سواءِ ويهڻو نه ٿيندو آهي. ڇي ولايت ۾ پٽ تي پٽل ماري ويهڻ جو موقعو ئي ڪٿي ٿو ملي، سو هاڻ اسان کي پٽ تي ويهڻ ۾ ڏکيائي ٿي ٿئي.

سئيڊن جي هن شهر مالمو جي مسجد ۾ عيد نماز تي هزارين يورپين کي نماز کان اڳ واعظ ٻڌڻ مهل ۽ نماز بعد خطبو ٻڌڻ لاءِ پٽ تي پٽل ماري ويهندو ڏسي يڪدم ڌيان ۾ آيو ته مسلمان چاهي غريب هجي يا امير، ننڍو نوڪر هجي يا وڏو آفيسر پر نماز مهل ته هن کي پٽ تي ئي ويهڻو پوي ٿو ۽ هي ترڪي، فرانس، جرمني، يوگوسلاويه ۽ سئيڊن جا يورپي گورا مسلمان به ته پٽل ماري پٽ تي ويٺا آهن. سوبه پتلون ۾، شلوار يا گوڏ ۾ ته وري به ويهڻ سولو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ولايت ۾ پاڪستاني ڪاڌا

عيد واري ڏينهن هتي رهندڙ پاڪستاني مسعود ضيغم جي سئيدش زال سَوين جو سئيت ڊش (مٺو) ناهيو جيڪو حميد قاضي مون لاءِ ۽ ڪئپٽن سليم لاءِ ڪٺي آيو جو اسان نہ وجي سگهيا هئاسين.

ڪئپٽن سليم چڪي چيو: ”پاڪستاني ڪاڌا بہ هتي ولايت ۾ واهہ جا لذيذ ٿين ٿا جو هتي هر شيءِ صاف ستري ۽ سٺي ملي ٿي.“

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ پاڪستاني مٺايون ۽ ڪاڌا پيتا ولايت ۾ ٺهيل هميشہ پاڪستان ۾ ٺهيلن کان سٺا ٿين ٿا. ڪوالالمپور جي برفي هجي يا براڊ فورڊ جو لڏون، جليبي، سنگاپور جي دال پوري هجي يا لنڊن جو نان قڙاتو. ٻاهر جي شين جي جواب ناهي. هونءَ ڪو زمانو هو پاڪستاني ولايت ۾ ويهي پاڪستان جي ڪاڌي ڪي ياد ڪندا هئا. پر هاڻ جڏهن کان پاڪستان ۾ مٿيءَ مليل اٽو سريل چٽا ۽ ڪني گيهہ واريون مٺايون وڪامڻ شروع ٿيون آهن، ولايت ۾ رهندڙ پاڪستانين پنهنجي ملڪ مان ڪاڌا ۽ مٺايون گهرائڻ کان توبهہ ڪري ڇڏي آهي. ڪاڌي ويو قليلي ۽ چناب جو پاڻي جنهن جي سڪ ۽ سواد ۾ اسان جي وڏن ولايت ۾ ويهي شاعري ڪئي. هنيئر هتان ولايت کان ڪو وطن وڃي ٿو تہ ٻيو ڏهہ نصيحتون ٿو ڪريس تہ ڪاڌي پيتي جو خيال رکجانءِ. ٿي سگهي تہ ٻارن لاءِ پاڻي بہ هتان ولايت ۾ مان ڪٺي وڃ.

”هونءَ ان ۾ ڪو شڪ ناهي،“ سليم چيو ”هتي ٻاهرن ملڪن ۾ هر شيءِ ايڏي اعليٰ قسم جي ۽ اوچي ملي ٿي جو رڌڻ بعد اها بيحد لذيذ ٿيو پوي. انڊونيشيا کان لونگ، ڦوٽا، ڪارا مرچ اهي اڇن ٿا جيڪي اعليٰ جنس جا آهن. افغانستان کان ڪابلي چولا اهي اچن ٿا جيڪي اوچي قسم جا آهن. پاڪستان ۾ تہ ڪڏهن ڪڏهن تاريخ موجب ڪير وٺبو تہ بہ اندران خراب نڪرندو جو صحيح طرح پئڪ ٿيل نہ هوندو. پر هتي ولايت ۾ مقابلي ڪري هر ملڪ سٺي ۽ اوچي شيءِ موڪلي ٿو. ٻيو تہ هتي خراب شيءِ وڪڻڻ وڏو ڏوهہ آهي، جنهن جي سزا سخت رکي وئي آهي ۽ ڪو بہ ڏوهاري ان کان بچي نٿو سگهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# روسي اسان جا مائٽ

پهرين ڏينهن ميس ۾ اسان واري ٽيبل تي جيڪو ٽيون همراهه وينو هو. ان لاءِ ڪئپٽن سليم کي آهستي چيم ته. پڇ ته اهو ڪهڙي ملڪ جو آهي.

پڇڻ تي همراهه ورڻيو.

”سابق سوويت ريپبلڪ U.S.S.R جو آهيان.“

پهرين ڪو ٻڌائيندو هو ته هو سوويت رو س جو آهي ته لنوائي وڃبو هو. هر روسي KGB جو ايجنٽ لڳندو هو. ڪنهن روسيءَ جو ويجهو وڃڻ معنيٰ پنهنجي پويان سي آءِ ڊي لڳرائڻ ۽ هونءَ به نندي هوندي مغربي رسالن ۽ اخبارن ۾ U.S.S.R بابت ايتري غلط پروپيگنڊا ٻڌل ۽ پڙهيل هئي جو دنيا جي هر خرابي انهن ۾ لڳي ٿي. هو خطرناڪ ۽ پاپي قسم جا ماڻهو لڳا ٿي. ڪڏهن اهو سوچيو به نه هو ته ڪو هنن وٽ به مذهب يا اخلاق آهي. ڪي مسجدون ۽ ڪليسا گهر آهن. سوويت ۽ روس جو مطلب هميشه ڪميونزم ۽ڪفر سمجهيو ويندو هو ۽ هاڻ ان جي اڌ کن رياستن آذربائيجان، ڪازقستان، تاجڪستان، ترڪمنستان وغيره جي رهاڪن جو ٻڌي لڳي ٿو ته اسان جا مائٽ ته آهن ئي هي. ڏسندي ئي ڏسندي اهو U.S.S.R جنهن جي پاڇي کان پري ڀڄبو هو ان جا آذربائيجاني يا ترڪمنستاني باشندا ابوجهه ۽ سادا لڳن ٿا. مولوي ۽ مذهبي لڳن ٿا. آخرڪار اِهي علائقي اهي ئي آهن جتان اسان جا ڪيترائي عالم، بزرگ، ولي، صوفي، مرزا قليچ بيگ کان قلندر شهباز تائين لڏي اسان جي سنڌ ۽ هند ۾ آيا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# وڃن مسلمان ٿيندا

ممنون صاحب کي هڪ ڏينهن چيم، ”سئيڊن کان پري ويٺل هرڪو ائين سمجهي ٿو ته سئيڊن اوگهڙ ۾ ته الائي ڇا آهن. ڇو جو صدين کان سئيڊن لاءِ اها چوٽي آهي ته _ Sex Free ملڪ آهي. بلڪ سئيڊن اوگهڙ جي علامت سمجهيو وڃي ٿو. پر هتي ته ڇوڏاري ڪابه اهڙي ڳالهه نظر نٿي اچي جيڪا ٻين يورپي يا آمريڪي ملڪن کان وڌيڪ هجي. هن کان وڌيڪ ڇوڪري ڇوڪريءَ جي ڇوماڇٽ انگلينڊ ۽ اسپين جي شهرن ۾ آهي. هن کان وڌيڪ ته بئنڪاڪ، چانگ مائي، پوسان، سيول ۽ بمبئيءَ ۾ بچڙائي نظر اچي ٿي.“

”بس ڏس نه. ماڻهن کي اجايو وهم ويٺل آهي. هتي هرڪو شراب سان پيو هلي. ٻين شهرن جو مثال ڇو ٿو ڏين. ڪراچي، دبئي ۽ لاهور جهڙن شهرن ۾ به اهڙي لوفرائي لڳي پئي آهي جو شل نه ڪنهن جي ماءُ، ڀيڻ يا نياڻي لنگهي. بمبئي، بئنڪاڪ ۾ ته وري به ڪنهن رنديءَ تي ڪٿي ماڻهو رمارڪ ڏين ٿا پر لنڊن، بارسلونا يا پئرس جي رستن تي اهو به نه آهي، ماڻهو پنهنجن زالن يا ساهيڙين سان گڏ لگهندي نظر ايندا. پر ڪراچيءَ جهڙي مسلمان ملڪ ۾ جتي سپ کان گهٽيون مسجدون، مولوي ۽ مذهبي ماڻهو رهن ٿا، شل نه ڪا اڪيلي عورت لنگهي. رستي جي ٻئي پاسي وارا به ان کي ڪائي وڄڻ وارين نگاهن سان ڏسندا. پرسان لنگهندي هر هڪ جي اها ڪوشش هوندي آهي ته ڪو گندو رمارڪ ڏيئي، پنهنجي اندر جي شيطان کي خوش ڪريان ۽ ذهني لست وٺان. اهو نه سوچيندا ته هن غريب عورت جي ڪيڏي دل آزاري ٿي رهي آهي.“ ممنون چيو.

”واقعي ممنون صاحب صحيح ٿا چئو. سئيڊن جهڙا ملڪ اخلاق ۾ وڃن سڌرندا ۽ اسان جهڙا ملڪ ڏينهون ڏينهن وڃن پستي ڏي ڪرندا.“ مون چيو ۽ پوءِ ڪجهه دير بعد يڪدم ٻي ڳالهه ياد آئي:

”ممنون صاحب! هڪ ٻي ڳالهه غور طلب آهي. اڄ کان پندرهن ويهه سال کن اڳ منهنجو هن پاسي جي Scandinavian ملڪن ۾ ڏاڍو اچڻ ٿيندو هو. مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي ته جتي ڪٿي دڪانن ۽ سئنيما هالن ۾ اگهاڙيون فلمون پيون هلنديون هيون. پورنو (اگهاڙو ڪتابن) جا دڪان به جتي ڪٿي نظر آيا ٿي ۽ بار، پب ۽ ڊسڪوٿي ته گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ هئا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هينئر ڪا اهڙي شيءِ نظر ئي نٿي اچي. ڇا اسان پوڙها ٿي ويا آهيون ان ڪري اهڙي ڪا شيءِ نظر نٿي اچي يا آهي ئي ڪانه."

"ڏسو ٿا ڪيڏي تبديلي آئي آهي. هاڻ توهان جهڙو ماڻهو هن پاسي جي ملڪن جو صحيح طرح قدر ڪري سگهندو جنهن گذريل زمانو ڏٺو هوندو. هينئر اهي سڀ پورنو جا دڪان بند ڪرايا ويا آهن. اگهاڙين فلمن جا دڪان ۽ سئنيما گهر بند ڪرايا ويا آهن. ڪجهه شراب خانا ۽ ڊانس ڪلب آهن پر انهن ۾ 18 سالن کان ننڍو نٿو وڃي سگهي. سڀ سڏا ٿيو پيا هلن. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ هوم ورڪ ايترو وڌائي ڇڏيو اٿن جو آچر (موڪل واري ڏينهن) کان علاوه ورلي ڪو ڏينهن ٻارن کي واندڪائي ملي ٿي." ممنون چيو.

"واقعي هنن پنهنجي ماحول ۽ معاشري ۾ وڏي تبديلي آڻي ڇڏي آهي." مون چيو.

"ٻين لفظن ۾." ممنون چيو "هي وچن مسلمان ٿيندا ۽ اسان جا مسلمان ڀائر بوتل ۽ ٻيڇڙائيءَ لاءِ وچن ٻئنڪاڪ ۽ بمبئي جون بازاريون مٿيندا."

# ٽي وي کي برقعو پارائڻ اجايو آهي

ائين به نه آهي ته ڪو سئيڊن ۾ هن پاسي جي ٻين ملڪن ڏي ڇوڪرو ڇوڪري ڇرچو پوڳ به نٿا ڪن. ائين به ناهي ته هتي جي ماڻهن کي بيوقوفن جي دنيا ۾ رهڻ لاءِ ٽي ويءَ تان ڪنهن عورت جو پاڇو به نٿا ڏيکارين ۽ جي ڪا عورت خبرون به پڙهڻ اچي ته ڪيس برقعو اوڍائي ٿا ويهارين. جيئن جيئن رات ٿيندي وڃي ٿي ائين اهڙيون فلمون ۽ ڳالهيون ۽ بحث مباحثا ٽي ويءَ تان هلائين ٿا جيڪي فقط بالغن جي ٻڌڻ لاءِ صحيح سمجهيا وڃن ٿا ۽ هفتي ۾ به ڏينهن اهڙا رکيا ويا آهن (آچر ۽ خميس رات) جن تي آڌي رات کان پوءِ هڪ بجي يا اڍا به دير سان ڪلاڪ ڊيڍ جي بنهه الف اگهاڙي فلم هلائين ٿا.

”ائين ڀلا ڇو آهي؟“ هنن جي هڪ ماهر نفسيات کان مون پڇيو.

”اهو ضروري آهي جيئن ڪو جي هرويرو اهڙي ٻيڇڙائي کان رهي نه ٿو سگهي ته پوءِ پنهنجي منهن وينو ڏسي. ان لاءِ هڪ ته وقت اهڙو ڏکيو رکيو ويو آهي جو اوستائين جاڳڻ ڏکيو آهي پر جي ڪو جاڳي به ٿو ته ٻڪ تيستائين ننڍا ٻار سمهي رهيا هوندا.“

مٿين ڳالهه کان علاوه هڪ ٻي به ان ۾ اوڪائي رکي وئي آهي ته اهو چئنل (Filmnet) جنهن تان ان قسم جون اگهاڙيون يا مار ڌاڙ واريون فلمون، هن پاسي جي ملڪن ۾ نظر اچن ٿيون، تيستائين نظر نه اينديون جيسين ٽي وي سان خاص قسم جو Decoder نه لڳائجي. ٽي وي جا مختلف بٽڻ دٻائڻ سان ٻيا چئنل: جهڙوڪ، مالمو ڊئنمارڪ 1، ڊئنمارڪ 2، بي بي سي، ڊسڪوري، M.B.C ۽ ٻيا نظر ايندا پر Filmnet وارو بٽڻ دٻائڻ سان اونده ئي اونده هوندي. ان لاءِ Decoder جيڪو ننڍي ٽيپ رڪارڊر جهڙو ٿئي ٿو مسواڙ تي وٺي سئچ ذريعي ٽي ويءَ سان لڳائڻو پوي ٿو. ان ۾ ڪئڪيوليٽر وانگر ڪئين انگ آهن. پوءِ خاص انگ دٻائڻ سان اهو

چئنل Filmnet نظر اچي ٿو. معنيٰ ڪنهن وٽ گهر ۾ Decoder پيو به هجي ته ان کي اهوئي استعمال ڪري سگهي ٿو جنهن کي ڪوڊ نمبر جي خبر هجي ۽ اهو ڪوڊ نمبر هر وقت بدلجندو رهي ٿو ۽ مسواڙيءَ کي مسواڙ ڏيڻ وقت ڪمپنيءَ کان پڇڻو پوي ٿو. اهي Decoder وڪامن نٿا پر مسواڙ تي ڏنا وڃن ٿا. ان ۾ اها به اٽڪل رکي وئي آهي ته ان جو نه

فقط ڪوڊ نمبر بدلايو وڃي ٿو پران Decoder ڪي ان نمبر تي دڪاندار ڪي سيٽ به ڪرڻو پوي ٿو جيئن اهو نمبر لڳائڻ سان Decoder تي وي‍ءَ جي ان سرڪٽ کي Energise ڪري سگهي. مطلب اهو ته ڪو جيڪڏهن چوري به ڪري وڃي ته مهيني پڻ بعد تي وي جي ان چئنل جي فريڪئنسي بدلجڻ سان ڪجهه به نظر نه ايندو. ۽ اهو ان ڳالهه جي به چيڪ آهي ته مسواڙي ڪائي نه وڃي ۽ خبر پوندي رهي ته Decoder بالغ جي ڪنٽرول ۾ ئي آهي.

ملائيشيا ۾ جتي پنجاهه سيڪڙو کان مٿي مسلمان آهن اتي به رات جو دير سان ڪجهه اوگهڙ واريون فلمون هلن ٿيون. هڪ دفعي اتي جي هڪ دانشور کان پڇيم:

”ههڙين فلمن جي ڪري ڇا ٻارن تي خراب اثر پوڻ جو انديشو ناهي جن جو ڪچو ذهن آهي.“

”ها. پر انهن کي منع لاءِ شام کان تي وي‍ءَ تي ياداشت پيا ڏيندا آهيون ته هي ٽائيم ٽيو آهي. ائين کان پوءِ ٻارن کي سمهڻ کپي. جيئن مائٽ ٻارن کي سوير ئي سمهاري ڇڏين، جيڪا ڳالهه ٻارن لاءِ به صحتمند آهي ۽ ٻي ڳالهه ته اسان ان ئي ڪري شام جو پنجين کان ائين تائين ٻارن کي سيئي پروگرام ڏيکاريو ڇڏيون. جيئن هنن جو تي وي ڏسڻ جو شوق پورو ٿي وڃي.“

۽ واقعي ان ۾ حقيقت آهي ته ملائيشيا جي ٻارن ۾ سوير سمهڻ ۽ اٿڻ جي تمام سٺي عادت آهي. تي وي وارن کي به شاباس هجي جو ٻارن جو پروگرام رات جو ڏهين بجي ڏيڻ بدران شام جو ئي ڏيو ڇڏين ۽ سياسي ۽ سرڪاري پروگرام حقيقت تي مبني ڏيڻ ڪري ماڻهو دير سان به ڏسي معلومات حاصل ڪن ٿا. ٻين لفظن ۾ اهڙن سرڪاري پروگرامن ۾ عوام کي الو گهٽ بڻائين ٿا.

هڪ ڏينهن ملائيشيا جي هڪ ملئي سياستدان کي چيڙائڻ لاءِ مٿيون (تي وي تان اڌ اگهاڙين ڊانسن ۽ فلمن جو) ذڪر ڪيم:

”سائين! هي ڇالاءِ ڇاهي. پارليامينٽ ۾ اڌ کان وڌيڪ توهان ملئي مسلمان آهيو. ملائيشيا جي تي وي‍ءَ تان هن قسم جا پروگرام بند ڇو نٿا ڪرايو؟“

ادا! ائين ڪرڻ سان ڪو خاص فائدو نه پر الٽو نقصان ٿيندو. پوءِ ماڻهو ملائيشيا جي تي وي ڏسڻ ڇڏي پر وارن ملڪن سنگاپور ۽ ٿائليند جي ڏسندا. جنهن ۾ ڪين هن کان وڌيڪ گندو ملندو ۽ ان کان علاوه انهن پر وارن يا ڏورانهن ملڪن جا چئنل ڏسڻ لاءِ طاقتور

ائنٽينائون هٽندا جن تي هر گهر جو خرچ ٿيندو. معنيٰ سڄي ملڪ جا ڪروڙها اربها رپيا اجايا ضايع ٿي ويندا ۽ مسئلو بہ ساڳيو رهندو. ان ڪان علاوه ماڻهو اگهاڙين فلمن جا ڪئسٽ وٺي ايندا ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ خبرناهي ڪهڙن ڪهڙن قسمن جا ڪئسٽ پيا وڪامبا. هر هڪ وي سي آر بہ وٺي ۽ جيڪو وي سي آر وٺي ٿو اهو تہ هڪ بدران وڏيڪ بہ فلمون ڏسي پنهنجو ذهن ۽ پئسو خراب ڪندو. ان ڪان بهتر آهي تي وي اسٽيشن ذريعي ڪنٽرول انداز ۾ هفتي جي ڪنهن هڪ يا ٻن راتين جو دير سان ڪجهہ ان قسم جون هلڪي ڦلڪي اوگهڙ واريون فلمون ڏيکاريون وڃن. جيڪي فقط اهي وڏا ڏسي سگهن جن کي هرو ڀرو ڏسڻو ئي آهي، ٻين لفظن ۾ گهر ويٺي ٻڪ ڏوڙ جو منهن تي هٽي ڇڏي. وچ شهر ۾ بني تي بيهي ڇو ڪارو منهن ڪري.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# گوشت جو حلال حرام جو مسئلو

اسان جي هاسٽل ۾ رهندڙ ٻه سؤ کن شاگرد جي ميس ۾ ماني پچائڻ لاءِ سئيڊش ۽ هڪ چيني بورچي آهي ۽ ماني کارائڻ Serve ڪرڻ لاءِ ٻه سئيڊش ڇوڪريون. هڪ پولش ڇوڪرو ۽ هڪ پاڪستاني طارق نالي، پنجويهن سالن جو نوجوان آهي. طارق کي سئيڊن ۾ رهي ٽي سال ٿيا آهن. پاڻ لاهور جو آهي هتي سياسي پناهه اچي ورتائين. ٻين غير قانوني طرح آيلن وانگر هن جو به ڪورٽ ۾ ڪيس هلندو رهيو. آخر ڪيس سندس فائدي ۾ ويو ۽ هتي جي حڪومت کيس سئيڊن ۾ هميشه لاءِ رهڻ جي هاڻ موڪل ڏني آهي.

ميس ۾ اسان کي نيرن تي ڪارن فليڪس، بيضي ۽ ڊبل روٽي سان گڏ ڪڏهن ترڪي پکيءَ جي گوشت جا سنها سلائيس ملن يا ڳائي گوشت جي سنهي قيمي جون لنيون جيڪي سنهي آنڊي ۾ پريل ٿين جنهن کي هن پاسي Hot Dogs چون ٿا. پهرين دفعي ترڪيءَ جي گوشت جو گلاب مايل رنگ ڏسي طارق کي چيم: ”آئون مسلمان آهيان.“

يورپ پاسي نيرن تي ٻئڪن يا هئم (سوئر جو گوشت) عام طرح واپرايو وڃي ٿو ۽ هاٽ ڊاگس ۾ به پاسي پورڪ (سوئر جو گوشت) وڌو وڃي ٿو. بلڪ هئم برگر (جيڪو پاڪستان ۾ ڳائي گوشت جو نهي ٿو) هتي سوئر جي قيمي مان نهي ٿو. سوئر جي ران واري گوشت کي Ham سڏجي ٿو جنهن جو قيمو ناهي بن جي وچ ۾ رکي هئم برگر جي نالي سان وڪيو وڃي ٿو يا ڊبل روٽي جي سلائيسن جي وچ ۾ رکڻ سان ان کي هئم سئنڊوچ سڏجي ٿو. اهو برگر جنهن ۾ ڳائي گوشت جو قيمو رکيو وڃي ان کي بيف برگر چئجي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح چڪن برگر يا فش برگر، خبر ناهي ڇو پاڪستان ۾ هر برگر جو نالو هئم برگرپئجي ويو آهي – ڪنهن گروهه جي شرارت ڪري يا اڻ ڄاڻائي ۽ بيوقوفيءَ ڪري. هڪ يورپي همراهه پاڪستان جي دؤري بعد مونکي اچي چيو: ”تون جو وتين اسلام اسلام ڪندو. تنهنجي پاڪستان جي ته اها حالت آهي جو جنهن ڳوٺ ۾ ويس اتي جي وڏيري پنهنجن هٿن سان شراب ٿي پيش ڪيو ۽ ڪراچيءَ ۾ هئم برگر عام جام پئي وڪيا. اسلام جي نالي تي پاڪستان ضرور ناهيو هوندؤ پر هاڻ اهو نه رهيو اٿانوَ. رڳو ڳالهيون ڪندا وتو.“

بهرحال طارق ٻڌايو ته اسان جي ميس ۾ شراب ۽ سوئر جي گوشت تي بندش آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”هتي يورپ ۾ جيتوڻيڪ هر شيءِ ــ شراب، سوئر عام هلي ٿو پر جيئن ته هن هاسٽل ۾ ڪجهه مسلمان رهن ٿا سو انهن جو خيال رکي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ۽ سئيڊن جي حڪومت اهڙين شين جي استعمال تي بندش وڌي آهي. هتي رڳو ڳائو رڍ، ٻڪريءَ جو گوشت يا ڪڪڙ مڇي ترڪي پچائي وجي ٿي. ويندي رڌڻ جو تيل يا مکڻ مارجرين به استعال ٿئي ٿو جنهن ۾ سوئر جي چربي نه هجي. باقي اهو آهي ته گوشت ايم. ڪي (Muslim killed) ناهي. اسلامي طريقي سان ان کي حلال نه ڪيو ويو آهي.“

”پوءِ؟“ مون پڇيومانس.

”بس سائين هڪ ٻن ڏينهن لاءِ جيڪي هتي اچن ٿا اهي ان کان به پرهيز ڪري سگهن ٿا پر جن کي هميشه رهڻو آهي يا وڏي عرصي لاءِ رهڻو آهي اهو ڇا ٿو ڪري سگهي. گناهه آهي پر جيترو ٿي سگهي وڏي ڏوهه کان پاڻ بچائي. سوئر ۽ شراب کي هٿ نه لائجي. باقي اهي جانور پڪي جيڪي پاڻ اسلام لاءِ حلال آهن انهن کي ڪائڻ مهل ڪلمو پڙهي ڪائي ڇڏجي.“

هڪ ڏينهن علويءَ چيو: ”آئون ته سڄو سال مڇي ڪائي بيزار ٿي پيو آهيان.“

”توهان ته وري به مڇي ڪائو ٿا.“ مون چيو مان. ”منهنجو ڇا حشر ٿيندو جو آئون ته پاٽيءَ جي ڪابه شيءِ مڇي پلو ڳانگٽ نٿو ڪائي سگهان جو الرجڪ آهيان.“

قاضي حميد چيو: ”مون ٻڌو آهي ته ڊئنمارڪ (پر واري ملڪ) ۾ هڪ به دڪان آهن جن تي حلال گوشت ملي ٿو.“

”يار ڪمال ٿو ڪرين هاڻ گوشت وٺڻ لاءِ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ اهو وڃي سگهي ٿو جنهن وٽ وقت ۽ اڻ ميو پئسو هجي ۽ جنهن وٽ اهي شيون آهن اهو ته هتي هُتي پرديس ۾ ڇو ڌڪا ڪائيندو وتي.“ مون چيو.

”منهنجو ته نوڪري جي سلسلي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڊئنمارڪ وڃڻ ٿيندو رهي ٿو.“ سترهن سالن کان هتي رهندڙ پاڪستاني جوهر زمان چيو ”۽ ڪڏهن ڪڏهن گوشت وٺي ايندو آهيان. پر سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڪنهن کي ڪهڙي ثابتي آهي ته دڪاندار فريزر مان جيڪو گوشت ڪڍي ٿو ڏئي اهو حلال به آهي يا نه.“

”بس پوءِ هن جي نيت تي مدار آهي.“ قاضيءَ چيو.

”اهو تڏهن ڪٽي ڇئجي جڏهن دڪاندار مسلمان هجي ۽ پاڻ ئي گوشت ڪنو هجيس.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جوهر چيو.

”گذريل سال جي ڳالهه آهي ته،“ جوهر زمان سان گڏ آيل هڪ ٻئي هتي جي رهاڪو پاڪستانيءَ چيو. ”سعودي عرب، جيڪو ڊئنمارڪ کان ڪڪڙيون ۽ ڳائو گوشت گهرائي ٿو. ان کي ڊئنمارڪ وارن هڪ ڪيپ ۾ ڳائي جي قيمي بدران سوئر جو قيمو موڪلي ڇڏيو ۽ پوءِ جڏهن خبر پئي ته وڏو گوڙ مچي ويو ۽ اخبارن، ٽي وين تي اچي ويو.

”سو جڏهن هي ايتري بي ايماني ڪري سگهن ٿا ته پوءِ گراهڪن سان ڪوڙ ڳالهائڻ ته هن لاءِ سولي ڳالهه آهي ته ڍڳي يا ڪڪڙ اسلامي طرح ذبح ٿيل آهي.“ جوهر چيو.

”پر مونکي عربن جي اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته ڪڪڙ، ڍڳي يا رڍ جو گوشت به ڊئنمارڪ کان گهرائين ٿا پر پنهنجي ويجهي مسلمان ملڪ پاڪستان کان نٿا وٺن. اهي چار پئسا به پلي گوري انگريز يورپيءَ کي فائدو ٿئي باقي پنهنجي پاڙيسري غريب ملڪ کي نه ٿئي.“ قاضيءَ چيو.

”غريب مسلمان پاڙيسري ملڪ کي پنهنجي ئي کائڻ لاءِ ڍڳيون، ٻڪريون ڪونه آهن. تڏهن ته اڱارو اربع گوشت بند رکيو اٿن. سو ٻين کي ڇا سپلاءِ ڪندو.“ علويءَ چيو.

”نه اها ڳالهه ناهي. عرب جي وٽن ته اسان ٻڪريون، رڍون آسٽريليا کان به گهرائي، ذبح ڪري ڪين گوشت موڪليون. ڪين به سستو پوندو ته اسان کي به فائدو ٿيندو.“ قاضي چيو.

”اهو ته صحيح آهي پر هو اسان جي ڪاساين، مڏن ڪپن ڪاتن، گندگي ۽ مکين کان وٺي گوشت جي Transportation تائين پلي پٽ واقف آهن،“ علويءَ چيو ”عرب انڊا آهن. ڏسن ڪونه ٿا ته ايمپريس مارڪيٽ ۾ جيڪي صبح کان شام تائين ڪڪڙيون وينا ڪُهن، نڪو وضو ڪن نڪو ڇا. پٽ جي پر ۾ پيشاب ڪريو وينا ڪڪڙين تي ڪات هلائين ۽ ذبح ڪرڻ مهل تڪبير به جهڙي پڙهي تهڙي نه. باقي سڄو ڏينهن گار جي رَئي لڳايو وينا آهن. اس کي تو ٻهن ڪي، اس کي تو مان ڪي..............

”۽ پوءِ ڪٽل ڪڪڙين ۽ ڍڳين مٿان ڪو ڏينهن ته ڪارين ٿلهين مکين جا انبار پيا آنا لاهيندا. جيسين ڪالو مڪراني گڏهه گاڏي ڪاهي اچي ۽ گوشت کي هوائي اڏي يا بندرگاهه تائين پهچائي. ان ڪليل گوشت تي رستي جي ڌوڙ ۽ مٽيءَ جي ڇَٽَ الڳ ٿيندي آهي. سو عربن کي جيڪڏهن دستن ۽ ڪالرا جو شوق هجي ته پلي اهو هٿ نوڪيو اسان جو اسلامي گوشت کائين.“

”هونءَ هتي سئيڊن جي ذبح گهر (Slaughter House) ۾ مون ڏٺو آهي“ جوهر ٻڌايو ”هڪ ته هر قسم جي جانور جو الڳ ذبح گهر آهي. رڍن جو الڳ ته ڍڳين جو الڳ. ايتري قدر جو هر هڪ جانور جا ڪپ ڪات به ٻئي تي نٽا استعمال ٿين ٿا. ڳالهه ته روزانو ان سلاٽر هاؤس کي مٿان کان هيٺ تائين گرم پاڻيءَ سان ڌوتو وڃي ٿو ۽ جانور کي اليڪٽرڪ شاڪ ڏيئي يا مٿڪو پيچي مارڻ بدران سير وجهن ٿا. باقي اهو آهي ته ڪاسائي مسلمان نه آهن جو سير وجهڻ مهل تڪبير پڙهن.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# روزو ۽ شراب

هڪ ڏينهن وائيس چانسلر طرفان اسان نون آيلن کي اسان جي هاسٽل جي ميس ۾ دعوت ڏني وئي. ڪڪڙ جا ڪوفتا (هتي ڪڪڙ سيني گوشتن کان سستو آهي) مڇي، ڳائو گوشت ۽ لئمب اسٽيڪ(رڍ جي گوشت جي تريل چاپ) سلاد، ڀاڄيون وغيره هيون.بوفي ٽائيپ ڊنر هئي. هر هڪ پنهنجي پسند جون شيون کڻي پنهنجن واقفڪارن سان ٽولو ٽاهي، ڌار ڌار ٽيبلن تي پئي ويٺا.هونءَ ماني ته هرڪو پنهنجي پنهنجي وقت تي اچي کائي ويندو آهي. يعني ڊنر جو ٽائيم پنجين کان اٺين تائين آهي. انهن ٽن ڪلاڪن ۾ جنهنکي جنهن وقت وڻي کائي سگهي ٿو. پر اڄ هڪ ئي وقت سڀ موجود هئا. مون ڏسڻ چاهيو ٿي ته ٻين ملڪن جا مسلمان خاص ڪري عرب ملڪن جا ڇا ٿا کائين. ڪنڊ واري ٽيبل تي چارئي سعودي عرب جا، ٻه موراڪو جا ۽ ٻه ٽيونيشيا جا گڏ کائي رهياهئا. سيني جي پليٽن ۾ ڪڪڙ جا ڪوفتا، ڳائو ۽ ريڍو گوشت هو. ايٽري ۾ يمن جو عرب مسٽر مبارڪ پليٽ ۾ ماني کڻي باقي عربن سان گڏ کائڻ لاءِ وڌيو. رستي تي مونکي ڏسي مونسان خيرعافيت ڪيائين:

“So Mubarak! How is Food?”مون پڇيومانس.

“صحيح آهي، پر مرچ مسالا گهٽ اٿس.” هن وراڻيو.

”هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ مبارڪ! هتي جي رڌل گوشت بابت ڇا خيال اٿئي؟“ مون پڇيومانس.

”او مسٽر الطاف! بس خنزير نه هجي، باقي اهي ذرا پرزا ڳالهيون ديس کان ٻاهر، خاص ڪري يورپ ۾ ۽ اهو به هنن اتر قطبي ملڪن ۾، ڪيستائين ڪير پنهنجي مرضيءَ جي ماني ماٽي سگهي ٿو.“ هن چيو ۽ وڃي باقي عربن سان ويٺو.

آئون ان ٽيبل تي اچي ويٺس جنهن تي اسانجا پاڪستاني ويٺا هئا.ڳالهاين ڪندي وري اهو حلال حرام گوشت جو عنوان نڪتو ته مون چيو:

”يار مونکي ته سمجهه ۾ نٿو اچي، بلڪ تعجب ٿو لڳي ته بنگلاديش، ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جا مسلمان ته ڍڳي ٻڪري ڪڪڙ ڪايو ويٺا آهن. باقي اسان پاڪستاني ڪنهن پڙهيل ڳڙهيل عالم کان پڇڻ بدران پنهنجو پاڻ ۾ ويٺا بحث ڪريون. ٻيو ته ٺهيو پر سعودي عرب، يمن ۽ موراڪو جا عرب به ويٺا گوشت کائين.“ مون چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”اهي تہ شراب بہ پيئن ٿا.“ علويءَ چيو.

”نہ يار ائين بنا خاطريءَ جي ڪنهن لاءِ ڪيئن چئجي. اسان تہ ڪين نہ ڏٺو آهي. بلڪ پنج وقت نماز ۽ روزا رکندي ڏٺو اٿئون.“

”جهڙا روزا ائمي ٿي رکي،“ راحت عزيز کلندي پير واري ٽيبل تي سينيگال (اولهہ آفريڪا) جي حبشڻ عورت ڏي اشارو ڪيو جيڪا پنهنجي ملڪ ۾ سي ايس پي ٽائيپ آفيسر آهي ۽ ڊڪار بندرگاهہ ۾ وڏي عهدي تي آهي،“ هوءَ مسلمان آهي، روزا رکي، ان بعد شام جو بيئر پيئندي هئي.“

”يار ائمي ڪا ماڻهو آهي جنهن جي مثال ڏيو.“ ڪئپٽن سليم چيو.

”هوءَ تہ پاڻ ئي ان گناهہ جو اعتراف ڪري ٿي تہ سوشل لائيف ۾ شراب جي عادي ٿي وئي ۽ انهي ڏينهن چيائين تہ نماز ۽ روزو الڳ شيءِ آهي ۽ شراب الڳ. ڇا شراب پيئڻ ٿي ان جي معنيٰ نماز روزي کي ڇڏي ڏيان؟ دعا ڪيو تہ هڪ ڏينهن شراب پيئڻ ڇڏي ڏيان ۽ انشاءَ الله ضرور ڇڏي ڏيندس.“ ڪئپٽن سليم ٻڌايو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# حبشي ديوَ آدم بو آدم بو ڪندو ايندو

آفريڪا جي ملڪن ۾ ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ جي ڀيٽن ڪان آيل شيدي شاگردن جي رنگ بابت لکيو اٿم ته سندن ڪارو رنگ تئي جي پٺ جهڙي ڪار ڪي وٺي سليٽي ۾ ڦلهير جهڙو ٿئي ٿو.

سينيگال جي ائمي ايڏي ته سخت ڪاري رنگ جي آهي جو بقول جاردن جي عرب شاگرد (چيف انجنيئر عبدالڪريم) جي ته ائميءَ جو ڪارو رنگ انفنٽي Infinity وارو ڪارو آهي. مئٿس ۾ انفنٽي جي نشاني لا محدود انگ لاءِ استعمال ٿيندي آهي. جيڪو سوچي سگهي ان ڪان به وڏو انگ. سو عبدالڪريم به ائميءَ جي ڪاري رنگ لاءِ مئٿس واري انفنٽي استعمال ڪندو آهي. يعني سوچ ڪان به وڌيڪ ڪارو رنگ اٿس.

ائمي پورٽس ائنڊ شپنگ ائڊمنسٽريشن ۾ ايم ايس سي ڪري رهي آهي. هفتي ۾ هڪ اڌ پيرڊ اهڙو ٿيندو آهي، جنهن ۾ هڪ ئي ڪلاس ۾ ويهندا آهيون. يا ڪنهن بين الاقوامي سيمينار ۾ اچي گڏ ٿيندا آهيون. هڪ ڏينهن وڏي هال ۾ ائمي اسان جي اڳين قطار ۾ ويٺي هئي. منهنجي پر ۾ ويٺل بنگلاديش جي شاگرد (ڪئپٽن فرقان) ائميءَ ڪي ڪا دير چتائي ڏسي مونکي اڙدوءَ ۾ چيو: "يار ائميءَ جو رنگ ڪوئل جهڙو ڪارو آهي باقي مُنهن جا نقش ڏاڍا سنا اٿس. اڇي هجي ها ته واٽ ويندن جو سر وڃائي ها."

"بس ان رنگ ڪان ته مار ڪائي وئي آهي." مون چيومانس. "اسان جي سنڌي جي هڪ شاعر امداد حسينيءَ جو ڪنهن چوڪريءَ جي اچاڻ ۾ سونهن تي هڪ شعر آهي جنهن جو مفهوم آهي ته هوءَ ويني آهي ته جڻ چوڏهينءَ جي چانڊاڻ لڳي پئي آهي. هن جي وجڻ ڪان پوءَ جڻ اوٽنيهه جي اونداهي..........

"۽ جي تو واري ان شاعر جي هيءَ پاڻ واري ائمي محبوبا هجي ها ته؟" ڪئپٽن فرقان منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

"اهوئي ته مان توکي ٻڌايان پيو ته پوءِ مجبوراً هن کي ائميءَ جي شان ۾ اهوئي ڪجهه چوڻو پوي ها ته ائميءَ جي موجودگيءَ ۾ چوڏهن چنڊن کي به گرهڻ لڳيو وڃن."

"پرهڪ ڳالهه آهي،" فرقان چيو "ائميءَ کي ڪپي ته پاڻ جهڙن ڪارن يا گهٽ ڪارن جي

پير ۾ ويهي. هاڻ هن يورپي گوري (رومانيا جي ڪئپٽن ڪاستروت) جهڙي اڇي ڪير جهڙي جي پرسان ويهڻ ڪري سندس ڪارَ هيڪاندي تکي لڳي ٿي.“

اسان ائمي ۽ ڪاسترو جا نالا لڳاتار وٺي رهيا هئاسين. پروفيسر جهڙوئي ليڪچر ختم ڪري ٻاهر نڪتو ته ائميءَ پنيان مڙي اسان کان پڇيو:

”What’s Matter?“ چا ڳالهه آهي. ڪئپٽن فرقان کلندي چيس:

”تنهنجي حسن جي تعريف ڪري رهيا هئاسين.“

”گشا پيا هٺون.“ ائميءَ روايتي نموني سان شرمائيندي چيو.

”يلا قسم ڪٺون چا؟ اهوئي چئي رهيا هئاسين ته “Black is Beautiful”. مون چيومانس.

”۽ وائيٽ“ ائميءَ جي پر ۾ ويٺل رومانيا جي ڪئپٽن ڪاستروت مونکان پڇيو. اسان کيس ڪو جواب نه ڏئي سگهياسين.

”ائمي هي ڪوڙ پيا ڳالهائينئي“، ڪاستروت ائميءَ کي چيو ۽ پوءِ اسان کي چيو ”ماڻهو جو رنگ هجي هڪڙو. يا ڪارو يا اڇو. توهان نندي ڪنڊ جي ماڻهن وانگر نه ته. نه اڇن ۾ ڳڻ نه ڪارن ۾ ڳڻ. نه گهوڙن ۾ ڳڻ نه ڳڏهن ۾ ڳڻ.“

”ائمي ڪاستروت توکي ڳڏهه پيو چوي.“ فرقان کلندي ائمي کي چيو.

”هاڻ نتايو نه. جواب ڏيو؟“ ڪاستروت چيو.

”ڳالهه ٻڌ ڪاستروت، “ مون کيس ڪنهن سنڌي افساني ۾ پڙهيل هڪ نقطو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪو شايد آغا سليم جو لکيل آهي. توهان ٻنهي کان وڌيڪ بهتر اسان ايشيائي آهيون. الله تعاليٰ جڏهن پهريون انسان ناهيو ته اهو ڪوري ۾ گهٽو پچي ڪارو ٿي ويو. ان کي آفريڪا کنڊ تي لاٿائين. ان بعد ٻيو جيڪو انسان ناهين اهو ڪچو رهجي ويو ان کي يورپ کنڊ مٿان لاٿائين. ان بعد ٽيون ٺيڪ ناڪ ٺهي ويو ان کي ايشيا مٿان لاٿائين.“

”چڱو ٺيڪ ناڪ پڃنڌڙ بنگالي ۽ پاڪستاني انسانو! ان خوشيءَ ۾ هلي ڪافي پياريو.“ ڪاستروت چيو.

”هلو.“ ڪئپٽن فرقان ٻنون کيسي مان ڪڍندي چيو ”ائمي تون به ڪافي پيئنديئن يا ڪير؟“

”چڏ يار ائمي سان چرچا، “ مون فرقان کي چتاءُ ڏيندي چيو ”ٻئي مهيني آفريڪا کان

سندس ديوَ جهڙو مڙس آدم بو آدم جو ڪندو اڇي رهيو آهي. ڪيس خبر پيئي ته سرنهن جا داڻا ڪري ڇڏيندءِ.“

”نه يار ائميءَ جي اچا شادي ڪئي ٿي آهي. اچا ته هوءِ ڪمسن آهي، نادان آهي، ڀولي ڀالي آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# عربي ڊريس ۽ سنڌي ٽوپي

۽ هتي جي هڪ وڏي هوٽل ”مالمو شيرٽن“ ۾ يونيورسٽيءَ طرفان اسان سڀني شاگردن، اسٽاف ۽ شهر جي واسطيدار ماڻهن کي ڊنر ڏني وئي. اسٽاف ۾ پروفيسرن جي سيڪريٽرين، ڪلارڪ چوڪرين کان وٺي صفائي ڪندڙ ڪئنٽين هلائيندڙ ۽ ٽيڪنيشن مرد ۽ عورتون پڻ هيون. سال جي شروع ۾ هن قسم جي غير رسمي دعوت ٿيندي آهي. جيئن هر هڪ کي ٻئي سان ملڻ ۽ فري ٿيڻ جو موقعو ملي. ڊريس جي ڪا پابندي نه هوندي آهي. گهڻو ڪري سڀ سوٽ ڪوٽ ٽائيءَ بدران پنهنجي قومي لباس ۾ ايندا آهن. فلپين جا شاگرد اڇي پرٽ واري اڇي شرٽ پائي آيا ته ملئي پنهنجي باجوڪرونگ ڊريس. آفريڪن جون ڊريسون ڏسڻ وٽان هيون. وڏيون ڊريون قميصون جن جي پاسن کان بوچڻ وانگر وڏيڪ ڪپڙو لڙڪي رهيو هو جيڪو هنن ورائي ڪلهي تي رکيو ٿي. سڀ کان ڏيان ڇڪائيندڙ ان تي پرٽ جو سنهو ڪم هو. ٽوپيون پڻ مختلف رنگن ۽ پرٽن جون هيون. تنزانيا جي شاگرد ڪامولا (Kamola) کان پڇيم:

”ان پرٽ واري قميص جي ڇا قيمت هوندي؟“

”تقريباً هڪ سؤ کن آمريڪن ڊالر (يعني اڍائي هزار رپيا.) وراڻيائين ۽ پوءِ پڇيائين، ”ڪيئن ٿو لڳان؟“

”او ويري سمارٽ! ڪئميرا نه ڪٽي آيس نه ته هن ڪلرفل موقعي تي توهان جا ڪجهه فوٽو ڪڍجن ها.“ جواب ڏنومانس.

پر ۾ وينل هڪ ايراني شاگرد کي چيم، ”هو جبن وارا پاڻ وارا عرب سڀوُرا اڃا نه پهتا آهن؟“

”ڇو؟“ هن پڇيو.

”ڏسجي ته جبن ۽ نوڙن ۾ ڪيئن ٿا لڳن.“ مون چيو.

”اهي ڪڏهن به پنهنجي قومي لباس ۾ نه ايندا.“ هن چيو.

”ڇو ڀلا؟“ منهنجي پر ۾ ان وقت ويٺل قاضي حميد پڇيو.

”بس ڏسجؤ وينا. سياڻا هوندا ته سوٽن ۾ ايندا.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿوري دير ٿي ته عرب ملڪن جا شاگرد اچڻ شروع ٿيا. جيڪي ڪجهه ان رات دعوت ۾ آيا سي سيئي سوٽ ڪوٽ (انگريزي لباس) ۾ آيا. ايرانيءَ چيو.

”ڏٺاوَ مون اڳواٽ چيو نه. عربن جو لباس هنن مغربي ملڪن ۾ اهڙو خراب خوار ٿي ويو آهي جو اهو لباس پائي هن پاسي گهمڻ معنيٰ پاڻ لاءِ پاڻهي لعنتاٽو ڪٽڻ.“ ايرانيءَ چيو.

قاضيءَ کي چيم، ”جڏهن کان دبئي، قطر جهڙين ننڍين رياستن جي عربن ۽ انهن جي لوفر ڊرائيورن عربي ڊريس ۾ ڪراچي ۽ ٺٽي کان بمبئي بئنڪاڪ تائين ۽ لنڊن پئرس کان فرئنڪفرٽ روم تائين بيوقوفي ۽ترڙپائيءَ جو اظهار ڪيو آهي، شريف عربن ان پنهنجي روايتي لباس ۾ نڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي.“

”جيئن اسان وٽ جيڪو گوري کل وارو يورپي اچي ٿو ته ان کي وڏو ماڻهو سمجهون ٿا. تيئن عربن وٽ تيل اچڻ بعد، يورپ پاسي جا ماڻهو هر جبي واري کي عرب سمجهي، اڳيان پوپان ٿيا ٿي. ويتر ڪجهه عربن انگلينڊ ۽ يورپ ۾ اچي اهڙا سنسني خيز سخاوت جا ڪم ڪيا جن کي اخبارن رسالن اهڙو رنگ ڏئي مشهور ڪيو جو هر يورپي عورت جي اها خواهش رهي ٿي ته هڪ عدد اهڙي عرب کي هٿ ڪجي جو پنهنجي شاهه خرچيءَ سان عيش ڪرائي ۽ هنن اڪا ڏڪا ڪجهه اهڙا ڪم ڪيا ٿي جو ڪنهن هوٽل ۾ ڪجهه ڏينهن رهڻ بعد پنهنجي رولس رالس ڪار وڃڻ وقت بئري کي ٽپ طور ڏئي ويو. ڪنهن عرب پئرس جي پنهنجي بنگلي ۾ هڪ فرينچ رنڊيءَ سان هم بستري ڪرڻ بعد صبح جو ڪيس اهو بنگلو تحفي طور ڏئي ڇڏيو. سڄي يورپ ۾ واهه واهه مچي وئي ۽ پوءِ ڪيترن غير عربن اهي عربن وارا جبا پائي هتي جي ڇوڪرين ۽ دڪاندارن کي خوب بيوقوف به بڻايو. نتيجي ۾ سڄي يورپ ۾ عربي ڊريس بيوقوفي، ترڙپائي، هٿ ڦار ۽ عياش هجڻ جي علامت بنجي وئي آهي ۽ هاڻ ڪو شريف ماڻهو ان ڊريس ۾ يورپ ۾ نظر نٿو اچي. گهران (پنهنجي ملڪ مان) نڪري به ٿو ته لنڊن، پئرس، روم جي هوائي اڏي کان هوٽل تائين پهچي پهريون ڪم ان ڊريس کي لاهي ڪٻٽ ۾ رکڻ جو ڪري ٿو.“ ايراني اهو چئي پيئڻ لاءِ ڪجهه کڻڻ ويو. قاضي ۽ آئون اچي دريءَ وٽ بيناسين. قاضيءَ چيو:

”عربن جي ڊريس جي هن پاسي ائين بدنامي آهي جيئن پاڻ وٽ اڄڪلهه سنڌي ٽوپيءَ جي آهي. هونءَ سنڌي ٽوپي ڳوٺ جو اهم ۽ باعزت ماڻهو پائيندو هو جيڪا ڪيس ڳوٺ جا ماڻهو ڪيترن ڏينهن جي محنت سان سنهو پرت پري ٺاهي قرب ۽ پيار جي نشاني طور ڏيندا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هئا. هاڻ هرڪو گرو گنجو دڪان تان ڏهين پندرهين ريئي واري ٽوپي وٺي مڇ کي وٽيندو هلي.“

”هڪ ڏينهن ايئرپورٽ تي ڪجهه ڳوٺائي دوستن کي ڇڏڻ پئي ويس. شام جا پنج ڪن ٿيا هئا. صدرڪان وٺي ٽرئفڪ جام هئي. پير پير ۾ ڏئي گاڏيون پئي هليون. فرلانگ ڪن ڪليو رستو مليو ٿي ته وري اڳيان جاءِ پئي ڏني. پر ٽرئفڪ جو اهڙو نمونو هو جو هرڪو ٿورو هلي وري اڳيان پويان ساڄي کابي کان گاڏين رستا پري ڇڏيا ٿي. ان ڳتيل ٽرئفڪ ۾ سوزوڪيءَ ۾ هڪ سنڌي ٽوپيءَ ۾ همراهه هارن مٿان هارن ڏئي سيني کي ڇتو پئي ڪيو. هر هڪ ان سوڙهه ۾ به پاسو ڪري ڪيس اڳيان پويان پئي ٿيو. هاليڊي ان هوٽل جي سگنل وٽ هن جي گاڏي اسان جي پويان اچي بيٺي. سگنل بند هو پر هن همراهه جو هارن مٿان هارن تان هٿ ئي نه کڄي. مون سان ويٺل همراهه چيو ته لڳي ٿو ته پنهنجي هوائي جهاز کان به پهرين هن جو جهاز ڇٽڻو آهي. بهرحال مٿي جي سور کان بچڻ لاءِ پنهنجي ڪار کي پاسيرو ڪيم ته جيئن اهو اڳيان ٿي مات ڪري. پر اڳيان وڃي وري هارن ڏئي ٻئي کي ڇتو ڪرڻ لڳو. سڄي ٽرئفڪ ۾ بيٺل گاڏين وارن جو ڌيان هن ڏي هو جيڪو ٽنڊ تي ٽوپي رکي سگريٽ جا ڪش به هڻي رهيو هو ته فل آواز تي ٽيپ رڪارڊر به ٻڌي رهيو هو ته هارن به وڄائي رهيو هو. منهنجي گاڏيءَ ۾ ويٺل هڪ ڳوٺائيءَ چيو اهڙن ماڻهن سنڌين کي بدنام ڪيو آهي. اڳيان رستو ليپي ڪونه پر هارن مٿان هارن ڏيڻ جي ٽرڙپائي بند نٿو ڪري.“

”بهرحال اهو هارن مٿان هارن وارو سلسلو هلندو رهيو. سنڌي مسلم سوسائٽيءَ جو سگنل، نرسريءَ جو سگنل، شهيد ملت روڊ وارو سگنل به آيو. هي همراهه ڪڏهن اڳيان ٿيو وڃي ڪڏهن پنيان. هارن جي اهائي ڌم. ڪارساز واري سگنل وٽ هن جي گاڏي بلڪل منهنجي پاسي کان اچي بيٺي، ”سنڌي هو“ مون پڇيومانس. ”نهين ملتان کا هون.“ جواب ڏنائين.

”ڇا تمام گهٽي جلدي ۾ آهين؟“ مون پڇيومانس.

”ها سائين. صاحب سمبوسا آڻڻ لاءِ چيو هو وسري ويا. روزي کولڻ کان اڳ پهچائڻا آهن نه ته دڙڪا ملندا.“

”ڪهڙو اٿئي صاحب؟“ مون پڇيومانس.

”فلاڻو جيڪو ڪسٽم ۾ آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اتفاق سان منهنجو اهو سچاٽو هو. ڪيس پنهنجو ڪارڊ ڏيئي چيم: ”پنهنجي صاحب کي ڏجانءِ تـه هي همراهه مليو هو ۽ تو جيڪي هارن ڏئي متي ۾ سور وڌو آهي ان کي لاهڻ لاءِ ائسپرو يا ساريڊان موڪلي.“

اهو ٻڌي پاڻ بـه شڪي ٿيو ۽ شايد ڪجھ خوف بـه ٿيس: ”سائين معاف ڪجو غلطي ٿي وئي..... “ وغيره.

ڪار ۾ مونسان ويٺل ڳوٺائيءَ ان وقت چيس، ” ڪجھ تـه شرم ڪر. رمضان ۾ هڪ تـه سگريٽ جا سوٽا هڻندو وڃين. پراها بـه ڏوڙيلي پاءِ. هارن وڄائي ڏيھ کي چتو بـه پلي ڪر. پر گھٽ ۾ گھٽ اها سنڌي ٽوپي تـه لاهي ڇڏ. تنهنجي انهن حرڪتن تي جيڪو ڪار وارو يا واٽهڙو سڙندو پچندو هوندو اهو سنڌين کي گاريون ڏيندو هوندو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڀه ۽ ڀه ڪيترا ٿيا؟

سئيڊن جي هن ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽيءَ ۾ قانون (Law) جا ڪجهه عنوان پڙهائڻ لاءِ فرانس کان پروفيسر ڪئپٽن ايڊگر گولڊ آيو. هو پئرس ۾ وڪالت ڪري ٿو ۽ گهڻو ڪري جهازن جي مالڪن جا ڪرمنل ڪيس ڪٽندو آهي. بين الاقوامي قانون موجب ڪنهن به جهاز کي سمنڊ ۾ تيل يا ٻيو گند ڪچرو اڇلڻو ناهي. ان ڏوهه جي سزا تمام ڳري آهي ۽ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جهاز جي مالڪ کي تمام وڏا ڏنڊ ڀري ڏيڻا پون ٿا ۽ جيل پڻ ڪاٽڻو پوي ٿو.

پروفيسر گولڊ چيو: ”جهازن سان تعلق نه رکو توهان ڪئپٽنن، انجنيئرن ۽ بندرگاهه وارن جو آهي پر اسان وڪيلن جو پڻ آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هر هڪ جو واسطو پنهنجي پنهنجي نوعيت جو آهي.“

ان بعد هن هڪ دلچسپ لطيفو ٻڌايو.

”ڪنهن حسابن جي ماهر کان پڇيو ويو ته ٻه ۽ ٻه ڇا ٿيندو؟

هو وڏي ٽيبيءَ ۾ پئجي ويو. ڪجهه دير سوچ ويچار ۽ ڪجهه سلائيڊ رول ۽ ڪئلڪيوليٽر کان ڪم وٺي وراڻيائين:

”فور ڊيسيمل زيرو زيرو (چارڏهائي ٻڙي ٻڙي ٻڙي) ٿيندو.“

اسٽاڪ ايڪسچينج جي ڪنهن همراهه کان ساڳيو سوال ڪيو ويو ته ٿهه پهه وراڻيائين:

”سون جو اگهه پيا پڇو يا چانديءَ جو؟ بهرحال ٻن ۽ ٻن جو جوڙ ٽن ۽ پنجن جي وچ ۾ ٿيندو.“

چيف سيڪريٽري کان جڏهن ساڳيو سوال ڪيو ويو ته وراڻيائين:

”وزير ڇا ٿا چون؟ (يعني منهنجو به اهوئي جواب آهي.)“

هڪ واپاريءَ کان پڇيو ويو ته وراڻيائين.

”جي مونکي ڏيڻا آهن ته ٻه واڌو ٻه ٽي. پر توکي ڏيڻا آهن ته ٿيندا پنج.“

۽ جڏهن وڪيل کان پڇيو ويو ته ٻه ۽ ٻه گهڻو ٿيندو؟ ته ٿهه پهه جواب ڏنائين:

”توهان گهڻو چاهيو ٿا ته ٿئي؟“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

يعنيٰ توهان ڪٽي ڌوهاري هجويا نہ پر وڪيل توهان جي ڳالهہ مڃاهين ڪري، توهان ڪي ڪيس ڪٽائڻ لاءِ توهان کي سچار بنائي ٿو.

پروفيسر ڳالهہ ختم ڪئي تہ هڪ ايراني ڪئپٽن اٿي بيٺو. ”سائين آئون ٻڌايانو تہ ٻہ ۽ ٻہ گهڻا ٿيندا؟“

”تون مهرباني ڪري ويهي رهہ،“ پروفيسر ڪيس هٿ جي اشاري سان ويهاريندي چيو ”مون کي خبر آهي تہ تون ڇا چوندين تون چوندين تہ جيڪو الله کي منظور هوندو.“

”هن جو جواب فقير وارو اٿانوَ“ منهنجي اڳيان ويٺل نائجيريا جي علي جمبا وراڻيو. ”ڪنهن فقير کان پڇيو ويو تہ ٻہ ۽ ٻہ گهڻو تہ جواب ڏنائين: ”چار مانيون.“ سو ايراني بہ چوندا تہ ٻہ ۽ ٻہ معنيٰ آمريڪا تي چار لعنتون.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# فنا ٿيندڙ اقليت

پروفيسر ايڊگر گولڊ هيليفئڪس ڪئناڊا جي ڊالموس يونيورسٽيءَ جو پروفيسر هجڻ سان گڏ ڪئناڊين مئريٽائيم لا ايسوسيئيشن جو صدر پڻ آهي. اسان وٽ سئيڊن ۾ وزٽنگ پروفيسر جي حيثيت ۾ سال ۾ هفتو ڪن پڙهائڻ ايندو آهي. پاڻ ست سالن جو شڪل شبيهه توڙي قدبت ۾ ٺاهوڪو همراهه آهي. اهڙي ئي ٺاهوڪي سندس قانون بابت معلومات آهي. سندس پڙهائڻ ۽ سمجهائڻ جو نمونو جملن جي ادائگي ۽ انگريزي زبان جي، هرڪو تعريف ڪري ٿو. پاڻ هن ڀيري هيٺين عنوانن تي گهڻو زور ڏنائين:

- بين الاقوامي سامونڊي قانون.
- Confict Resolution / Dispute Settlement.
- قانون جي شروعات. وغيره وغيره.

سندس دلچسپ ليڪچر ۾ سپ پند پهڻ ٿي ويندا آهن. وقت جو احساس نہ ٿيندو آهي ۽ رسيس جو وقت ئي وسري ويندو آهي. سگريٽ ڇڪڻ وارن کي البت ٿوري گهٽي آنڊ مانڊ رهندي آهي. ان ڏينهن ملائيشيا جي شاگرد (چيف انجنيئر ڏينورين) آذربائيجان جي چنگيز کي سگريٽ ڇڪڻ جو اشارو ڪري اٿڻ لاءِ چيو. سعودي عرب جي صالح الشهريءَ کنگهڪار ڪري ٿائلينڊ جي سوتي چائيءَ کي سگريٽ ڏيکاريو. نيٺ ايران جي شاگرد (ڪئپٽن شهريار) پروفيسر گولڊ کي ڳالهائڻ دوران چيو:

”سر! اسان مان ڪجهه بي چيني محسوس ڪري رهيا آهن.“

پوڙهي پروفيسر پنهنجي عينڪ اکين تان لاهي کيسي ۾ وڌي ۽ مرڪندي وراڻيو:

”مونکي ان اقليت (Minority) جي خبر آهي.“ ۽ پوءِ سيني ڏي مخاطب ٿي چيو: “Let Smokers to Smoke” اها دنيا جي Dying Minority آهي.“ (سگريٽ ڇڪڻ وارن جي قوم چاڻ تہ ختم ٿي).

ترڪيءَ جي حسن بقال نائيجريا جي عثمان کان سگريٽ اڌارو گهرندي چيو:

”في الحال تہ عيش ڪيون پوءِ ڏٺو ويندو.“ ۽ پوءِ سگريٽ دکائي ڊگهو سوٽو هٽي عثمان جي ڪنڌ تي هٿ رکي چيو:

”منهنجا ڪارا عثمان! پروردگار جا ٿورا مڃڻ کپن جو پاڻ سموڪر آهيون ۽ هڪ سگريٽ ڇڪڻ بعد سڄو ٿڪ لهيو وڃي ۽ وري تازا توانا ٿيو وڃون. سموڪر جي نہ هجون ها تہ هن چيف انجنيئر مظهراقبال (هن بنگلاديش جي شاگرد ڏي اشارو ڪيو جيڪو اهي رسيس وارا ڏهہ منٽ وراندي ۾ رکيل صوفا تي اڌ گابرو ٿي سمهي رهندو آهي) وانگر بيهوش ٿي پيا هجون ها.“

ان بعد حسن بقال چنگيز کي پاڪر پائي ترڪي زبان ۾ خبرون ڪرڻ لڳو. آذربائيجان جو هي چنگيز ۽ ترڪيءَ جو حسن پاڻ ۾ سٺا دوست آهن. پاڙيسري ملڪن جا آهن. ٻنهي جي انگريزي پوري پني آهي. ٻنهي جي مادري زبان ترڪي آهي. پر چنگيز کي روسي بہ اچي ٿي جو سندس ملڪ گڏيل روس ۾ هجڻ ڪري اسڪول ۾ روسي پڙهيو. سلطنت عثمانيہ جي ڏينهن ۾ روس جون اهي رياستون ترڪن جي هٿ هيٺ هيون. انڪري اڄ بہ آذربائيجان جي ڪلچر ۽ ماحول تي ترڪيءَ جو وڏو اثر آهي. بهرحال حسن بقال کي چنگيز تيمورلوو سٺو دوست مليو آهي ۽ ٻئي گڏ گڏ رهن ٿا. ٻئي يار ويس ۽ چرچائي پڻ آهن.

ترڪي ۽ پاڪستان جي دوستيءَ ڪري حسن ۾ آئون بنا ڪنهن تعارت ۽ تڪلف جي سڃاڻان ٿي وياسين ۽ حسن جي معرفت چنگيز بہ سنو سنگتي ٿي ويو آهي.

اهڙا سبجيڪٽ جن جي اسان کي اڳهين واقفيت هوندي آهي يا پڙهائڻ وارو پروفيسر بور هوندو آهي تہ اسان ٽئي ڄڻا ليڪچر هال مان پڇي ڪئنٽين ۾ وڃي چانهہ پيئندا آهيون. هڪ ڏينهن حسن بقال کي چيم:

”سائوٿ آفريڪا کان آيل تہ عجيب آهن. هڪ بہ پيرڊ نٿا گسائين. ڄڻ ننڍا ٻار هجن. اڄ سوچيم پئي تہ کين چوان تہ ايڏو بہ سنجيدو نہ ٿيو. جيڪي شيون پڙهيل اٿانوَ پيرڊن مان هليا اچو.“

متان اهڙو ڪڇو ڪم ڪيو اٿئي. اهي بيوقوف ائين ئي بيوقوف هجن. هينئر سؤ سوا مان پاڻ جهڙا ست اٺ اٿيو اچن ٿا ۽ ڪنهن کي خبر ئي نٿي پوي. سائوٿ آمريڪا جي هڪ ملڪ جو نڪرندو تہ ان پوبان نہ فقط سڄي کنڊ جي ملڪن جا شاگرد ٻاهر نڪرندا پر وچ آمريڪا جا بہ هليا ايندا ۽ پوءِ پروفيسر حاضري وجهڻ شروع ڪري ڏيندو ۽ پنهنجي آزادي ختم ٿي ويندي.“

”ڳالهہ تہ واهہ جي ڪئي اٿئي.“ مون حسن جي پٺي ٺپري.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”گذريل هفتي جهاز جي ڊيڪ جون ماپون ونٽيون هيون. ڪولمبيا جي شاگردياڻي ائنا روزا چيو: ”ڊيڪ تي مونکي سيءُ ٿو لڳي آءُ ڪانه ٿي هلان.“ ان بعد بولويا جي شاگرد بهانو ڪيو ان بعد برازيل, ان بعد وچ آمريڪا جي ملڪ ميڪسيڪو جي شاگرد بهانو ڪيو ان بعد گئاٽمالا, اڪيڊار, ڪاسٽا ريڪا ۽ ان بعد چليءَ جي شاگرد ( ڪمانڊو رڪاڊو) جڏهن بهانو ڪيو ته مون کيس ويهاري چيو: ”تون ته هلي ماپ ڪراءِ. توکي ڇو ٿو سيءُ لڳي. تون چلي ملڪ جو آهين جتي ٻارهوئي سئيڊن جهڙو سيءُ آهي.“ منهنجي ان چوڻ تي ڪڪو وڪو ٿي ترسي پيو نه ته ان بعد باقي رهيل ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن: ارجنٽائين, پيرو وغيره جا ته اٿيا ٿي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# جوتن جو خيال رک

چنگيز تيمورلوو جو هي سوشلسٽ ملڪن ڪان ٻاهر رهڻ جو پهريون موقعو آهي. هتي جي مهنگائيءَ جون ڏاڍيون دانهون ڪندو آهي.

”سگريٽ به مون ان ڪري گهٽائي ڇڏيا آهن جو هتي سئيڊن ۾ مهنگا آهن ۽ نه ان ڪري جو صحت خراب ڪن ٿا.“ چنگيز ٻڌايو ۽ پوءِ پنهنجي ٿلهي گول مٿول جسم ڏي اشارو ڪري چيو: ”سگريٽ منهنجي صحت ڪي پيلي به ڪيترو پيليندا.“

اسان جو پاڪستاني ساٿي ڪئپٽن سليم هتي اچڻ ڪان اڳ دل جي آپريشن ( Open Heart Surgery) ڪرائي آيو هو. ڪيس ڊاڪٽر واڪ لاءِ چيو هو. پر ٻاهر سخت سيءُ هجڻ ڪري واڪ جونالو ٿي نٿي ورتائين ۽ پوءِ خبر پيس ته جنهن ڪي مارجيرين سمجهي مهيني ڪان نيرن تي کائي رهيو هو اهو مکڻ هو. جنهن ڪان ڊاڪٽر جهليو هوس. پوءِ ته اچي ڊپ لڳس.

”يار هاڻ ته مونکي واڪ ڪرڻي ئي پوندي.“

”ڏاڍو سٺو.“ اسان چيس.

”پر يار ڪو مونکي ساٿ ڏئي ته هاسٽل ڪان يونيورسٽيءَ تائين پنڌ اچان وڃان.“ سليم چيو.

”آذربائيجان جو اهو ٿلهو چنگيز اٿئي. متان اهو پنهنجي چربي ڳارڻ جي موڊ ۾ هجي.“ مون چنگيز ڏي اشارو ڪري صلاح ڏنيمانس.

چنگيز پڇيو: ”مون لاءِ ڪار خذمت؟“

”سليم واڪ ڪرڻ چاهي ٿو ته ڪيس پنهنجي ساٿ جي ضرورت آهي.“ مون چيومانس.

”چو ٿو واڪ ڪرڻ چاهين؟“ چنگيز سليم ڪان پڇيو.

”آئون پنهنجي صحت جو خيال رکڻ چاهيان ٿو.“ سليم ٻڌايس.

چنگيز ڪا دير ٽيبيءَ ۾ پئجي ويو. ان بعد سگريٽ جو ڊگهو ڪش هٽي، سليم کي گرانٽڙي پائي وڏي پاٻوهه مان چيس:

”منهنجا دوست! سئيڊن جهڙي هن ذليل مهنگي ملڪ ۾ پنهنجن جوتن جو خيال رک.

توکي خبر ناهي ڇا تہ هتي بوٽ ڇڄڻ يا ترو گسڻ تي ڪيڏو خرچ اچي ٿو؟“

ءِ پوءِ اگر سان نڪ کي گهي توبهہ ڪندي چيو: ”منهنجي دل ڪمزور آهي. نہ ڄاڻ ڪنهن ڏينهن هلندي هلندي بوٽ ڇڄي پيو تہ منهنجي دل بيهي ويندي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# جهاز جا مالڪ فرشتا نه آهن

”دل ۾ نه ڪريو ته هاڻ ڪجهه آئون ڳالهايان. Law جا اجا ڪيترائي ٽاپڪ رهن ٿا. “ پروفيسر ايڊگر گولڊ چيو.

چنگيز چيس: ”يلي ڳالهايو. اسان سڀ سدورا آهيون. سگريٽ سو پيئون ٿا پر هڪ شڪ نه اٿئون. اها فقط ترڪيءَ جي حسن ڪي آهي. پر گذريل ٽن ڏينهن کان سندس گلو خراب آهي سو ڳالهائڻ جي همت نٿي ٿيس. ان ڪري ڪلاس ۾ سڪون چانيل رهندو.“

”سر! آئون ماٺ ۾ آهيان. ڳالهائڻ جي پِٽ فلپين کان آيل شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ آهي.“ منهنجي پر ۾ وينل حسن چيو. پروفيسر گولڊ ٻڏوا ڻ ٻڏو ڪري پنهنجو ليڪچر شروع ڪيو.

”......... ويندي سنو قانون بہ بيڪار آهي جيڪڏهن اهو چڱيءَ طرح Implement نٿو ڪيو وڃي..........“

ترڪيءَ جي حسن بقال مونکي نونٽ هٽي هڪ فلپينو شاگرد ڏي اشارو ڪيو جيڪو پنهنجي هم وطن شاگردياڻي (نيول آرڪيٽيڪٽ انجنيئر ڊيزيءَ) سان ڪسر پسر ڪري رهيو هو.

”ڏس سچو ڏينهن ڊيزيءَ سان ڳالهين ۾ پورو آهي.“

”هون.“ مون مختصر جواب ڏئي پنهنجو ڏيان ليڪچر ڏي ڏنو.

”اهو نياڳو ويچاري ڊيزيءَ کي پڙهڻ نہ ڏيندو.“ حسن بقال وري نونٽ منهنجي ڪک ۾ هٽي چيو.

”پوءِ پلا ڊيزيءَ لاءِ پاڻ لنيون ڪٽون چا؟ سندن ٿي ملڪ جي آهي.“ مون چيومانس.

”توهان ڪنهنجي پاران ڪورٽ ۾ وڙهندا آهيو؟“

نائجيريا جي جوليانا پروفيسر ايڊگر گولڊ کان سوال ڪيو.

”وڪيل لاءِ Clients سڀ برابر آهن. وڪالت جي ڌنڌي ۾ وڪيل ڪڏهن فرشتن جي پاسي هوندو آهي تہ ڪڏهن شيطانن جي. شروع ۾ ٻڌائي آيو آهيان تہ آئون جهازن جي مالڪن Ship Owners جا ڪيس ڪٽندو آهيان ۽ توهان کي تہ خبر آهي تہ جهازن جا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

مالڪ هميشه فرشتا نه هوندا آهن.“

# پورو ٿيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ



الطاف شيخ

نيول انجينئر

Altafshaikh2004@yahoo.co.uk

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com